

# جيل جي ڊائري

(۴- نومبر ۱۹۸۰ کان ۱۲ جنوري ۱۹۸۵ تائين)

بدر ابڙو

# جيل جي ڊائري

(۴- نومبر ۱۹۸۰ کان ۱۶ جنوري ۱۹۸۵ تائين)

## بدر ابڙو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

كتاب جو نالو : جيل جي ڊائري

ليکڪ : بدر ابڙو

پرنٽر : ابن حسن آفسٽ پرنٽنگ پريس - هاڪي اسٽيڊيم ڪراچي.

ڪمپوزنگ : ماجد ڀرڳڙي

پيسٽنگ : نظام انصاري

ڇاپو : پهريون

تعداد : 1500

سال : آگسٽ 1990

قيمت : 100/- روپيه


www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



# انتساب

انهن سڀني انسانن جي نالي، جن جي نالن کان بہ اڻڄاڻ آهيان، مگر انهن:

سونهن

سڳنڌ

هٿ

فن

زبان

سچ

پيار

امن ۽

انسان

جي آزادي، بقا، وقار ۽ ترقيءَ لاءِ پاتالن جا پنڌ ڪيا ۽ پوڄگيو.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

# پہ اکر

سچي ڳالهه تہ اها آهي تہ هن ڊائريءَ ۾ اهڙا ڪيئي اميج آهن جيڪي هڪ ڪان وڌيڪ پيرا لکيا ويا. اهڙا ڪيئي خيال ۽ ڳالهيون آهن جيڪي بنهه ذاتي نوعيت جون آهن. پڙهندڙن کي گهڻيون واقعا نظر نہ ايندا- گهڻين ڳالهين جو تسلسل نظر نہ ايندو. پر ڇا ڪجي؟ جن ڏکين حالتن ۾ ماڻهو لکي ٿو تنهن جو احساس ٻيو ڪو بہ نٿو ڪري سگهي. هيءُ خطَ. هيءُ احساسَ، هيءُ واقعا- هڪ اهڙي دور ۾ ماحول ۾ لکيا ويا جن ۾ اظهار ڪان وڌيڪ ان جي ڪميونيڪيشن تي سختي هئي. هن دور ۾ ڪيئي پيرا ڪيئي ڳالهيون لکي ڦاڙي ڇڏيم جو جهڙتيءَ جي تلوار سدائين مٿان ٽنگي پئي هوندي هئي. گهڻيون حقيقتون علامتي انداز ۾ بيان ڪرڻيون پيون. گهڻين ڳالهين کي لڪائڻ اهم هو. گهڻين ڳالهين جي اظهار ۾ قربتون گهٽجي وڃن ها (جن جو وڌڻ اسان لاءِ اهم هو). لکڻين جو گهڻو ٽڪو حصو ڪين محفوظ ڪرڻ واري عمل ۾ هيٺ مٿي ٿي ويو. ڳالهين ۾ تسلسل نہ هئڻ جو سبب قيد جو اهو روز ساڳيو وارو رينگڻ آهي جنهن ۾ نئين ڳالهه نئون احساس نئون واقعو ڪڏهن محسوس ٿيندو آهي. ان ڪان سواءِ جيئڻ گهٽي ننڊ جي موسم ايندي آهي، مينهوڳيءَ جي مند ايندي آهي يا سخت گرميءَ جو دور ايندو آهي- تيئن احساسن جي پرچي اچڻ جي بہ ڪا مند ٿيندي آهي جنهن جو ڪو بہ وقت ڪونهي. ڪڏهن ماڻهوءَ تي لکڻ حاوي ٿي ويندو آهي تہ ڪڏهن سوچڻ تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ بہ نہ ڪرڻ. بس دل چاهيندي آهي تہ نہ زمان هجي نہ مڪان، رات هجي نہ ڏينهن، نہ اڪيلائي هجي نہ ساٿ. خبر ناهي احساس جي اها ڪهڙي منزل هوندي آهي جنهن ۾ ڪجهہ بہ نہ هوندي بہ سڀڪجهہ هوندو آهي. ٻي خاص گذارش اِها آهي تہ غير سهڪاري حالتن سبب ممڪن آهي تہ ڪن ڪن واقعنَ جون تاريخون ڪٿي معموني هيٺ مٿي ٿي ويون هجن، جنهن لاءِ معافيءَ جي اميد اٿم.

بدر ابڙو

١.فبروري ١٩٩٠

ڪراچي



# مهاڳ

هيءَ دؤر دادا امير حيدر ۽ ڪلپنا دت وارو دؤر نہ آهي. بظاهر ايئن ٿو نظر اچي تہ سوشلزم ختم ٿي رهيو آهي. ممڪن آهي تہ اهو پئرس ڪميون وانگر ناڪام ٿيو آهي. مشرقي يورپ ۾ ڪميونزم لاءِ نفرت ايترو اُڀري رهي آهي جو پولينڊ ۾ ساليڊرٽي گورنمينٽ ناهي وئي ۽ ڪميونسٽ پارٽي اقليتي مخالف ڌر ٿي وئي، ديوارِ برلن ڪيرائي وئي ۽ امڪان آهي تہ اوڀر ۽ اولهہ جرمني هڪ ٿي وڃي. هنگري، بلغاريہ ۽ چيڪوسلواڪيا ۾ بہ ڪميونزم ذاهن ردِعمل ۾ ڪافي ڦيرو اچي ويو آهي. رومانيا ۾ تہ چائوشسڪو ماريو ويو ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ تي بندش وڌي وئي ۽ لاٿي وئي، چاڪاڻ جو رومانيا ۾ ڪميونسٽ پارٽي ايتري مؤثر نہ رهي آهي. خود روس ۾ هڪ گهڻ پارٽي نظام تي بحث ٿي رهيو آهي. مغربي پريس وارا آرمينيا، آذربائيجان، بائيلورشيا، ايستونيا، ليٽويا، لٿوانيا، جارجيا، قازقستان ۽ ڪرغيزيا، مالڊويا، تاجڪستان، ترڪمنستان، يوڪرين ۽ ازبيڪستان ۾ وڳوڙ جي نشاندهي ڪري رهيا آهن. آرمينيا ۽ آذربائيجان ۾ روس فوجي ڪارروائي بہ ڪئي آهي. رڳو اهو نہ پر ٻئي وڏي اشتراڪي ملڪ چين ۾، تائنامين اسڪوائر ۾ ڪوس ڪرائي آپيشاهي مسلط ڪئي وئي آهي. پر اها بہ آخر ڪيستائين هلندي؟ هن دؤر ڪيئي سوال اُڀاريا آهن. جن جا جواب اجا مستقبل جي ڊنڌلڪي ۾ آهن. ڇا اسٽالن مارڪسزم-لينِنزم ڪي اهڙو ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي جهڙو فرينچ انقلاب کي نيپولين هنيو هو؟ ڇا انقلاب جو دؤر ختم ٿي چڪو آهي ۽ تاريخ جي ارتقا ٺپ ٿي ويئي آهي؟ يا مشرقي يورپ ۾ ٻي جنگ عظيم ڪانپوءِ سوشلزم مڙهي وئي هئي ۽ انڪري اها عوام ۾ ايئن مقبول نہ هئي، جيئن روس ۽ چين ۾، ۽ مشرقي يورپ اهو طوق لاهي پنهنجي گردن خلاص ڪئي آهي؟ اهو تہ ظاهر آهي تہ روس ۽ چين جي ايترئي ترقي سوشلزم ڪانسواءِ نہ ٿي سگهي ها پر ڇا اُتي سوشلزم پنهنجو رول ادا ڪري چڪو آهي ۽ هينئر رڳو ڳچيءَ جو ڳٽ لڳي رهيو آهي؟ ايئن ٿو لڳي تہ صنعتي دؤر ۾ Command Economy بي معنيٰ ٿي چڪي آهي پر ان جي معنيٰ اها آهي ڇا تہ اسان پريزيڊنٽ بش واري آمريڪا ۽ وزيراعظم مارگريٽ ٿيچر واري انگلينڊ جو فرسوده اقتصادي نظام قبول ڪيون؟ اڳتي هلي پتو پوندو تہ روس ۽ مشرقي يورپ جي تبديلين جو چين، ڪوريا، ڏکڻ اوڀر ايشيا وغيره تي ڪهڙو اثر

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

پوي ٿو. اسان لاءِ ته اهو اهم سوال آهي ته افغانستان جو ڇا ٿو ٿئي ۽ برصغير ۾ سارڪ سمٽ تي معاهدي مطابق امن پائيدار رهي ٿو يا نه. سوشلزم جو تاثر ته ايشيائي ليڊرشپ تي به ڪافي رهيو آهي. شهيد ڀٽو، نهرو، ناصر، نڪروما، سوئيڪارنو وغيره سوشلزم کان متاثر هئا ۽ پنهنجي عوام تي پنهنجي خيالات جو پائنده تاثر ڇڏي ويا آهن. ٽين دنيا جا مسئلا اُتي ئي آهن جتي اڳ هئا ۽ سرمائيدارانه نظام اڃا تائين انهن جو حل پيش نه ڪيو آهي. ان ۾ شڪ ناهي ته هن وقت سوشلزم اها لڳن، اهو جذبو ۽ اها وابستگي پيدا نٿي ڪري جا جان ريڊ (JOHN REED)جي ڪتاب "ڏهه ڏينهن جن دنيا کي جهنجهوڙي ڇڏيو" (Ten days that shook the world)۾ ڏيکاريل آهي. اهو ٺيڪ آهي ته ڪنهن حد تائين مارڪيٽ- اقتصاديات جا اصول ثابت ٿي چڪا آهن ۽ ان حد تائين سرمائيدارانه نظرئي کي هٿي ملي آهي. پر پوءِ به ٽينءَ دنيا جا سياسي ۽ اقتصادي مسئلا حل طلب آهن. ستر واري ڏهاڪي جا نعرا ته هاڻي کوکلا ٿا لڳن پر پوءِ به ٽين دنيا جا انسان پنهنجي سياسي ۽ اقتصادي نجات لاءِ اڳي وانگر لڙي رهيا آهن. نيٺ انهن کي ڪو فلسفو ملي ويندو، جنهن ۾ اقتصادي ۽ سياسي آزاديءَ جو ميل ميلاپ هوندو ۽ هو سوشلزم کان ايڏو بيزار نه لڳندا، جيترو هاڻي مشرقي يورپ ۾ ٿيا آهن. اهو به اهم سوال آهي ته هتي جي ڪميونسٽ پارٽي هندستان جي ڪميونسٽ پارٽي وانگر، جمهوري نظام ۾ ٻين پارٽين وانگر رڳو هڪ پارٽي رهندي ۽ پرولتاري ڊڪٽيٽرشپ جي دعوا ڇڏي ڏيندي ۽ ان حالت ۾ ان جو پروگرام ڇا هوندو ۽ اها ماضيءَ جي تجربي مان ڪيترو سکندي؟ مان اهو به چئي چڪو آهيان ته هندستاني ڪميونزم کي کوٽبو ته اهو اندران گانڌي وادي نڪرندو. ڇا منهنجي هن نقطه نگاهه کي تاريخ سچو ثابت ڪندي؟ مشرقي يورپ ۾ ڪميونزم جي ترديد، ممڪن آهي ته هتي ايتري اثرانداز نه ٿئي ۽ اسان ۽ ڀارت جا رهواسي، جنهن واهيات ۽ نهايت خطرناڪ بنيادپرستيءَ جو مقابلو ڪري رهيا آهيون، ان مقابلي ۾ سوشلزم جو نظريو اسان کي وڏي هٿي ڏئي ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا لاءِ زهرهلاهل بدران ترياق ثابت ٿئي!

ان ۾ ڪوئي شڪ ناهي ته ١٩١٧ع کانپوءِ واري اشتراڪي دور ۾ به ڪافي چڱو ادب روس ۾ تخليق ڪيو ويو آهي. نه رڳو شولوخوف جا ناول Quiet flows the Don ۽ The Fate of A Man ۽ اليا اهرنبرگ جو (Fall of Paris) وغيره عظيم ناول آهن ۽ اساڪ ٻيبل جون ڪهاڻيون نهايت عظيم ڪهاڻيون آهن. ان ۾ به شڪ ناهي ته اشتراڪي نظام جي مخالف شاعر پاسترناڪ ۽ سولزي نٽسن ان دور ۾ عظيم ناول لکيا آهن. پاسترناڪ، آسپ مينڊلٽ سام ۽ ائنا اخمتووا جي شاعري به ان دور جي عظيم تخليق آهي. ٻئي ٽريبون زار توڙي ڪميسار، تخليقي ادب تي نهايت ڪڙي نظر رکندا هئا. جيئن آمريت جي دور ۾ پاڪستان ۾ رکي وئي هئي. آندري سنياوسڪي (Andrei Sinyavsky) جو ابرام ترٽز (Abram Tertz) جي نالي

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

سان اجا تائين نهايت چڱو لکي رهيو آهي. تنهنجو شاهڪار (Good Night) حال ۾ ئي ڇپيو آهي. هن کي روس ۾ ڇهه سال بيگار ڪئمپ ۾ رکيو ويو هو ۽ ان ڪانپوءِ هو ۽ سندس زال پئرس پهچي ويا هئا، جتي مٿيون ناول روسيءَ ۾ ڇپيو آهي. هنجو دوست يولي ڊينئل، جو به هن وانگر مغرب ۾ هڪڙي وڏي منڪر (Dissident) جي حيثيت ۾ ڄاتو وڃي ٿو، هن وانگر ڇهه سال روس ۾ بيگار ڪئمپ ۾ هو ۽ اُتي دل جي دؤري سبب مري ويو، انهيءَ به ڏاڍو چڱو ادب تخليق ڪيو آهي. ناول (Lolita) جو مشهور مصنف نبوڪوف، جو هن وقت آمريڪا ۾ رهي ٿو، هن چيو آهي ته جيڪڏهن بولشيوڪ اقتدار ۾ نه اچن ها ته هو جلاوطنيءَ ۾ نه هجي ها ۽ اهڙو چڱو لکي نه سگهي ها. ڪجهه سال اڳ روسي جلاوطن شاعر، براڊسڪي (Brodsky) کي پنهنجي شاعريءَ تي نوبل پرائز مليو، هنن اديبن ۾ هيمليٽ جي عقيده تقدير (Fatalism) ۽ ڊان ڪئگزاٽ جي آدرش واري طبيعت ملي ٿي. بدر ابڙي به پاڪستان جي قيدوبند ۾ رهي اهڙو چڱو ادب پئدا ڪيو آهي جو هونئن شايد مشڪل پئدا ٿي سگهي ها.

بدر ابڙو جو منهنجي گهري دوست جمال ابڙي جو پُٽ آهي، هن اها ڊائري سن ١٩٨٠ع کان ١٩٨۴ع ۾ لکي هئي ۽ اها هن جديد دنيا ۾ ايتريءَ اهميت جي حامل نه ٿئي ها، جيڪڏهن اها فقط خارجي حالات جو عڪس هجي ها ۽ ان ۾ ايتري داخليت نه هجي ها. خارجي طور به اسان جمهوريت جي اڃا ريک به مس ڏٺي آهي ۽ هڪ فلاحي مملڪت جي منزل اڃا دور آهي. پاڪستان جون رجعت پرست پارٽيون نئهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيون آهن ته جيتري به سياسي ۽ آئيني آزادي اسانکي ملي آهي، اها اسان کان کسي وڃي ۽ اسان کي وري ماضيءَ جي تاريڪيءَ ۾ ڌڪيو وڃي. بهرصورت اها اسانجي خوشنصيبي آهي ته پاڪستان جا سڀ ترقي پسند حلقا ان سياسي ۽ آئيني آزاديءَ جي مڪمل بحاليءَ تي متفق آهن.

هيءَ ڊائري آرٿر ڪوئسلر جي فرانڪو جي قيد ۾ لکيل ڊائريءَ وانگر نه آهي، جا هن پنهنجي ڪتاب Scum of the Earth ۾ ڏني آهي ۽ هن جي دور رس نگاهه کي يورپ جي جديد تاريخ ثابت ڪري رهي آهي، پر بدر جي ڊائريءَ ۾ به ڪوئسلر وانگر حقيقت نگاري بدرجها اُتم آهي ۽ جا بدر ابڙي کي هڪ حساس شاعر جي دل آهي ۽ جذبات جو انوکو اظهار آهي، اهو ته ڪوئسلر ۾ به نٿو ملي.

هر آمر کان وسريو وڃي ته هن کي مرڻو به آهي. هو تاريخ جا سارا سبق پيلائي ڇڏي ٿو. هلاڪو ۽ چنگيز جي انت تي غور نٿو ڪري ۽ پنهنجي لاءِ خودفريبيءَ جي دنيا ٺاهي ٿو، جنهن ۾ هن کي هر ظلم و ستم لاءِ جواز آهي. بزدل ۽ بي‌ايمان ماڻهو هن سان ها ۾ ها ملائين ٿا ۽ هن کي پنهنجي نقلي بهشت جا بدترين دوست ٿي ورائي وڃن ٿا ۽ هن جي خوشامد ۾ قوليا نٿا سمائين، پنهنجي من و سلويٰ لاءِ هنجو احسان جتائي نٿا ٿڪجن ۽ آمر جي وات جي گف کي ڪوثر ۽

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

تسنيمر جي ڪف آلود لهر سمجهن ٿا. آمر نهايت چالاڪ ۽ ترپناڪ ٿين ٿا، پر انت ۾ اهي نهايت بيوقوف آهن ۽ جڏهن موت انهن جي سر تي سوار ٿئي ٿو، تڏهن انهن جي مال ۽ دولت، سطوت ۽ اقتدار ڪنهن ڪاغذ جي محل وانگر ڍهي ڍير ٿي پون ٿا ۽ جهنم جي آڳ انهن کي جلائي انهن جي رک بہ اڏائي ڇڏي ٿي ۽ تاريخ ۾ اهي ڀوت پريت وانگر لڳن ٿا، جن پنهنجي دؤر جو ساهہ تہ مُٺ ۾ آندو هو پر مٽي ڪانپوءِ پاڻ بہ مٽيءَ جي مُٺ وانگر هئا. ڪيڙا انهن جي ڪفن ۾ چري پنهنجي اڳئين جنمر جي ڪئي تي پڇتائيندا هوندا ۽ چوندا هوندا تہ اها کهڙيءَ ڳالهہ جي سزا آهي جو هن ڪوڙي انسان جو لاش اسانجو رزق ٿي آيو آهي. ساري زندگي مونکي هر آمر کان نفرت ٿي رهي آهي پوءِ اهو هٽلر هو يا مسوليني، چليءَ جو پنوشي ۽ پاڪستان جو ايوب خان، يحيٰ خان يا ضياءالحق. دراصل انسانن وانگر قومون بہ پنهنجي ڪئي جو ڪيتو ڏينديون آهن ۽ انهن جي تاريخ ۾ اهڙيون عظيمر غلطيون هونديون آهن، جيڪي آمريت لاءِ جواز پيدا ڪنديون آهن. فرد وانگر قومر کي بہ تمام گهٽي دير سان سمجهہ ۾ ايندو آهي تہ پنهنجي ڪئي جو نہ ويج نہ طبيب. شروع کان پاڪستان جا ڪيئي حلقا چاهيندا رهيا آهن تہ هو تاريڪ ماضيءَ ۾ موٽي وڃن، وهمر پرستيءَ جي اوندهہ ۾ ٽاڪوڙا هڻن، هن جمهوري دؤر ۾ بہ پنهنجو ڪو اميرالمومنين چونڊين ۽ هڪ فرد واحد کي ڪروڙن انسانن جي تقدير حوالي ڪن. اسان لاءِ دوزخي فوجدار ڪنهن وقت ايوب خان، ڪنهن وقت يحيٰ خان ڪنهن وقت ضياءالحق جي روپ ۾ آيا ۽ پنهنجا هاڃا ڪري اوچا سر ڪپي ۽ شخصيتون پيچي پورا ڪري ويا. انهن آمرن انسانن ۾ بُزدلي، ڪميڻائپ، خوشامد ۽ بي حيائيءَ جا جذبا پيدا ڪيا. آمر، انسان ذات جا بدترين دشمن آهن. اسان جڏهن اتهن جا لاش ڪيڙن ماڪوڙن جي حوالي ڪيون ٿا تہ ڪيڙن ماڪوڙن تي ظلمر ڪيون ٿا. ها! قدرت کي ڪڏهن ڪڏهن ڪيڙن ماڪوڙن تي بہ رحمر تو اچي ۽ اها لاش جلائي رک ڪريو ڇڏي. آمريت جي مزاحمت ڪندي، ڪي ذوالفقار علي ڀُٽي وانگر شهيد ٿين ٿا، ڪي نذير عباسيءَ وانگر ۽ ڪي فاضل راهو وانگر. مون هميشہ ان موضوع تي سوچيو آهي تہ هنن کي شهادت ۾ ڇا ٿو نظر اچي. منهنجي آپيرا ”ڀڳت سنگهہ جي ڦاسي“ انهيءَ موضوع تي لکيل آهي ۽ ان ۾ آيل ڪردارن سک ديو جي من ۾ ڳمان ۽ راج ڳروءَ جي دل ۾ يقين ڏيکاري، مون ان مسئلي جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي، پر اڃا تائين ان مسئلي کي پوريءَ طرح مُٺ ۾ آڻي نہ سگهيو آهيان. منهنجو هڪ اردو شعر هو، جو منهنجي ڪتاب ” نيل ڪنٹ اور نيمر ڪي پتي“ ۾ ڇپيو آهي:

يہ نين سجل يہ پتلي پتلي هونٹ پيا ڪي امرت سي

هر گيان سي بهتر هوتي هين، هر ڌيان پہ جب ڇا جاتي هين

اها ڪهڙي سوچ آهي، ڪهڙي ڪيفيت آهي جا سجل نيڻن ۽ سنهڙن سنهڙن چپن تان روح پلي وجي ٿي ۽ ڪوڙا، ڦٽڪا، قيد، ڦاسيون پنهنجي لاءِ چوندي وئي ٿي؟ بدر ابڙي ان جو جواب پنهنجي حساب سان ڏنو آهي. نذيرعباسيءَ جي زال حميده جڏهن اردوءَ جي انقلابي شاعر ۽ منهنجي دوست ۽ سکر ۾ پاڙيسري مرحوم حسن حميديءَ کي نذير عباسيءَ جي شهادت ڪانپوءِ پنهنجي ڪيفيت ٻڌائي هئي. تڏهن حسن حميدي ايترو متاثر ٿيو هو جو هن ان تي هڪ طويل مثنوي لکي هئي، جيڪا ڇپجي چڪي آهي. حسن حميديءَ به هڪ ڪميونسٽ وانگر نذيرعباسيءَ جي شهادت کي ڏٺو آهي. نظم نهايت سهڻو آهي، پر منهنجو مٿيون سوال اُتي ئي آهي ۽ ان جو تسلي بخش جواب اُن نظم ۾ به نه آهي. اڳي ته چوندا هئا:

بنا ڪردند خوش رسمي به خاڪ و خون غلطيدن
خدا رحمت ڪند آن عاشقان پاڪ طينت را

(خاڪ ۽ خون ۾ ليٽڙيون پائڻ جي چڱيءَ رسم جو بنياد رکيائون، خدا، اهڙيءَ پاڪ فطرت وارن عاشقن تي شل رحمت ڪري)

پر جن جو اهڙيءَ رحمت ۾ اعتبار نه هجي ته انهن جي پاڪ طينت، عجيب پاڪ طينت آهي، جنهن کي صلي جي پرواهه نه آهي ۽ جا پنهنجو جواز پاڻ آهي. مان انهيءَ کي سمجهڻ چاهيان ٿو، چڱيءَ طرح سمجهڻ چاهيان ٿو، ڇو ته اها موت ۽ حياتيءَ جا اسرار مون لاءِ بنهه سلجهائي ڇڏيندي. ايئن ته نه آهي ته اها ڪيفيت فقط شهادت وقت محسوس ڪري سگهجي ٿي ۽ ايئن جيئري گرفت ۾ نه ايندي؟ شايد ان ڪري ئي مان شاهه عنايت تي آپيرا نه لکي سگهيو آهيان. ۽ پنهنجي دؤر جي نهايت عظيم شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي تي به آپيرا نه لکي سگهيو آهيان.

فخر زمان جي پنجابي ناول ”بنديوان“ ۾ جو ڪجهه آهي، مون لاءِ ڪافي نه آهي. ڇا رڳو انسانذات ۾ اعتبار ڪافي آهي؟ رڳو حسن، حق ۽ نيڪيءَ جي فتح ۾ اعتبار ڪافي آهي؟ پر جي اهڙو اعتبار ڪافي آهي ته ڇو ڪافي آهي؟ مون کي ياد اچي رهي آهي قادربخش نظامانيءَ سان ملاقات. هو ون يونٽ واري دؤر ۾ روسي سفارتخاني ۾ ڪنهن عهدي تي هو ۽ ڪراچيءَ ۾ هانگ ڪانگ هوٽل ۾ منهنجي دعوت ڪئي هئائين. هن کي رڪ جو اکيون هيون جي جڏهن مون تي کپي ويون هيون. ڪافي دير ڪانپوءِ هن ڇپر ڇنڀيا ۽ مونکان پڇيو ته ڇا مونکي اهو معلوم هيو ته آمريت جي ايتري مخالفت جا نتيجا ڇا هئا ۽ جي مون اهي ڄاتا ٿي ته مون پنهنجي تقديرڄاڻي واٽي ڇو قبول ڪئي هئي؟ مون هن کي ڪيئي سبب ڏنا، پر هو مطمئن نه ٿيو. مونکي رڳو ايترو چيائين: ”ڪاش! منهنجي جذبات ۾ به تو جيتري

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

تازگي هجي!” بدر ابڙي جي ڊائري پڙهي منهنجي هانوَ ۾ ساڳيا لفظ هُرڻ لڳا: ”ڪاش! منهنجي جذبات ۾ به هن جيتري تازگي هجي.“

مون به جوانيءَ ۾ دوستيون ڪيون آهن. جوانيءَ جا دوست ڏاڍا پيارا ٿيندا آهن ۽ بدر چواٿي، ”واقعي رت جي رشتن وانگر ڪي ٻيا به رشتا آهن، جن جو پنهنجو تقدس آهي.“ خاص ڪري جيل جا ساٿي ته ڏاڍا پيارا ٿيندا آهن. ١٩٧٠ع ۾ منهنجو جيل جو ساٿي فقط هڪ ئي هو، مرحوم رشيد ڀٽي. جو مونکي ايترو پيارو هو جو ماضي قريب ۾ مان هن جي موت تي اوڇنگارون ڏئي رُنو هئس. ٧٠ع واري جنگ وقت، اسين سکر جيل ۾ هئاسين ۽ جنهن وقت هندستان جا جهاز جيل مٿان لامارا ڏيندا هئا ۽ سائرن وڄندو هئو، اسان جيل جي ڪوٺيل ڪاهيءَ ۾ ٽپو ڏئي پاڻ لڪائيندا هئاسين. اُن وقت رشيد ڀٽي ڪاهيءَ مان اُٿي، جهاز کي ٻُجو ڏئي چوندو هئو، ”تو! اٿئي، پنهنجا به نٿو سڃاڻين!“ مون جڏهن رسول بخش پليجي کي رشيد ڀٽيءَ جي جنازي جي نماز لاءِ آيل ڏٺو هئو ته مون هن جي ڇاتيءَ تي مٿو رکي ايئن سُڏڪا ڀريا هئا، جيئن ننڍا ٻار روئندا آهن.

بدر جي جيل جا ساٿي ته گهڻائي هئا. امرلعل، جمال نقوي، جام ساقي، ڪمال وارثي، شبيرشر، سهيل سانگي وغيره، جي اڃا تائين بقيد حيات آهن ۽ پنهنجي نقطہ نگاهہ سان پنهنجي حساب سان نباهيندا اچن. هنن سان خيال جي نااتفاقي ته ٿي سگهي ٿي، پر هنن جي ڪمٽمنٽ ۽ اورچائيءَ ۾ مونکي فرق محسوس نه ٿيو آ. مون ڏٺو آهي ته جيئن عمر وڌي ٿي تيئن اڪثر انسانن جي روح تي ڪٽ چڙهي وڃي ٿي، انهن ۾ جوانيءَ واري تازگي نه ٿي رهي، هو گهڻو ڪري حرص و هوس جو شڪار ٿي وڃن ٿا ۽ جي انهن ۾ ڪنهن آدرش سان ڪائي لڳن رهي به آئي، ته زماني سازيءَ، تلخ تجربن ۽ مايوسين سبب انهن مان اڳي واري جذبات جي گرمي نڪري وڃي ٿي ۽ سنگدليءَ جي حد تائين دوستيءَ سان بي تعلقي ٿي وڃي ٿي. خصوصاً اڳيان دوست جڏهن دشمن ٿين ٿا ته ڏاڍا بُرا دشمن ٿين ٿا ۽ هر بُرائيءَ تي لهي اچن ٿا. ماڻهپو برقرار رکڻ، جذبات ۾ جوانيءَ واري تازگي ۽ گرمي ساڳيءَ طرح رکڻ، سچ، سونهن ۽ پيار سان لڳاءُ ۾ رتي ڀر فرق نه اچڻ ڏيڻ ۽ عمر جي زنگ کان پاسي رهڻ هر ماڻهوءَ جو مقدر نه آهي. اديب ۽ شاعر به انهيءَ معاملي ۾ نهايت ڪمزور نظر آيا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن مونکي هنن جو گهٽياپڻو ڏسي تعجب ٿيندو آهي ۽ سوچيندو آهيان ته ڇا هي اهو ساڳيو ماڻهو آهي، جنهن کي اڳي شير سمجهندا هئاسين، هن ۾ اها لومڙ واري چال ڪٿان آئي ۽ آسڪر وائلڊ جي Dorian Gray وانگر هن جو روح اهڙو قبيح ڇو ٿي ويو آهي. ۽ ڇا هي بلڊ پريشر جو مريض اهو ساڳيو انسان آهي، جو اڳتي ايتري تحمل، محبت ۽ رفاقت وارو هوندو هو. بدر جي جذبات ۾ تازگي ۽ گرمي ڏسي مونکي هن جي ڦوهہ جوانيءَ تي رشڪ ٿو اچي، شال اها روح جي تازگي هن سان نيبهہ رهي. اها وڃي ٿي ته باقي ماڻهو ماس جو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

لوٽڙو وجي ٿو رهي. شال انسان ۾ آزادي ۽ محبت جو تصور اٿين رهجي اچي، جيئن دودي کي ماڙيءَ تي روپا نظر ايندي هئي.

ڪم عمريءَ ۾ ئي بدر هڪ فلاسفر، شاعر، مصور ۽ انقلابيءَ جو ميلاپ آهي، هونئن ته هو هڪ سنگ تراش به آهي. قيد تنهائي، تشدد، نذيرعباسيءَ جي الوداعي هٿ لوڏ، سياسي ليڊر کي ڪارڪن جي پڪڙپڪاڙ ۽ ان جو آخري نتيجو (رفيق صفيءَ جي اکرن ۾، "جيڪڏهن امتحان اکرن ۾ هجي ها ته ٻڙي مارڪ ڪٽي ها.") جبار کي ڪوڙن جي سزا، صمد چرئي جو ڪردار ۽ ٻيون ڪيئي اهڙيون ڳالهيون ۽ مثال، آمريت جي دؤر ۾ پاڪستاني جيلن ۾ زندگيءَ جي نهايت چڱي حقيقت نگاري آهي. ڪيڏو نه هن سياسي قيدين ۾ آزاديءَ لاءِ انتظار ڏيکاريو آهي، پيپلزپارٽيءَ ۽ ٻين پارٽين جي ڪارڪن جون صعوبتون ڏيکاريون آهن ۽ انهن ۾ اها اميد ڏيکاري آهي ته ملڪ ۾ ڪائي تحريڪ اٿڻ واري آهي! ڪيئن نه جيل ۾ سڀ سياسي قيدي عدالتن ۾ اميد رکيو وينا هئا! مان اهو سارو وقت هائيڪورٽ جو مصروف ترين وڪيل هوس؛ هڪ پيري ڪنهن ملٽري ڪورٽ جي خلاف هائيڪورٽ جي جج ڪجهه جملا سختيءَ سان چيا ۽ ايڊووڪيٽ جنرل کي چيو ته هو ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر کي ٻڌائي ته اهي غلط ڳالهيون حڪومت کي برو نالو ڏينديون ۽ ٻي پيشيءَ تائين جو ڪجهه ملٽري ڪورٽ ۾ ٿي رهيو آهي، اهو ٿيڻ نه گهرجي. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ملٽري ڪورٽن جي توهين جي باري ۾ آرڊيننس پوري پاڪستان ۾ جاري ٿي ويو، جنهن موجب ملٽري ڪورٽن جي خلاف ڳالهائڻ لاءِ هائيڪورٽ جي ججن تائين به توهين عدالت جا مرتڪب ٿي پئي سگهيا.

جنرل ضياءالحق جيتري آئين جي بيحرمتي ڪئي، ان کي بار بار پنهنجي سهوليت مطابق ترميم ڪيو يا انجي تنسيخ ڪئي، اهڙي بيحيائيءَ سان ٿي ويءَ ٿي قانون ۽ آئين سان بيهودو مذاق ڪيو جو انسان جو ذهن ايتري شتر بي مهاري ۽ طوطاچشميءَ جو تصور به نٿو ڪري سگهي. روز C.M.L.A، ۽ صوبائي M.L.A جا آرڊر ۽ آرڊيننس ڌڙاڌڙ اچي رهيا هئا. جو وڪالت جو پيشو نهايت مشڪل ٿي پيو هو ۽ جڻ دل انگريز جي دؤر کي ساريندي هئي، جڏهن قانون کي ڪائي پائندگي هئي ۽ هيئن انڌ جي گهوڙي تي سوار نه هو. ابلاغ جي ذريعن مان اعتبار نڪري ويو هو ۽ جيل اندر يا جيل کان ٻاهر ماڻهو B.B.C ٻڌندا هئا ۽ رڳو ان جي خبرن تي اعتبار ڪندا هئا. آمريڪا جا رسالا، ٽائيم، نيوزويڪ وغيره ان وقت جنرل ضياء جا حمايتي هئا ڇو ته انوقت ڪميونزم جي ڊَپَ کان آمريڪا ٽين دنيا جي باري ۾ بدترين فوجي آمريتون اتساهيندي هئي، ۽ ويٽنام ۾ شڪست ڪانپوءِ ته جڻ ڇتي ٿي پئي هئي، پاڪستان جي باري ۾ ڪابه صحيح خبر نه ڏيندا هئا. روس جي رسالن تي پابندي هوندي هئي. پر اهي به هن راڪشس کي گهڻو ڪاوڙائڻ نه چاهيندا هئا. رفيق صفي ۽ بدر ابڙي جهڙا انسان "هم جو تاريڪ راهون مين ماري گئي" جو مثال

هٿا ۽ جڏهن ڪاٺيون ڪپي ويون هيون ته باهه ۾ پنهنجا هڏ ڀڃي وجهندا هٿا ته جيئن دونهي دکيل رهي.

هن ڊائريءَ جي خوبي ئي ان جي داخليت آهي. لينن جي انٽيليجنس جي سربراهه زرزينسڪيءَ جي جيل جي ڊائري پڙهي، ماٺهو ڪوئي تاريخي مواد حاصل ڪري ته ڪري باقي ادبي دستاويز جي حيثيت ۾ نهايت ئي بور ڊائري آهي. آرٿر ڪوئسلر لزبن ۾ فرانڪو جي قيد ۾ رهي جا ڊائري لکي سا ڪجهه وڌيڪ دلچسپ آهي پر ان ۾ به زياده تر خارجيت آهي. بدر ابڙي جي ڊائري انڪري نهايت دلچسپ آهي جو ان ۾ گهٽو ڪري هڪ حساس اديب جا پنهنجا پهرين جيل جا تاثرات آهن، جن جو نهايت مؤثر بيان ٿيل آهي. مون لينن گراڊ ۾ اهو جيل خانو به ڏٺو جتي زار جي زماني ۾ لينن جي ڀاءُ کي ۽ گورڪي ۽ ٻين انقلابين کي رکيو ويو هو، پر ان معاملي ۾ ضياء جي ڀيٽ ۾ زار بدرجها بهتر هئو ۽ افسوس جي ڳالهه آهي ته ڪنهن تشدد پسند زار تي ناڪام ئي سهي، حملو ته ڪيو. پر ضياء تي اهڙو حملو به نه ڪيو ويو ۽ جي ڪائي سازش ٿي ته اها دٻائي وئي ۽ ان جا صحيح تفصيل عوام جي ڏيان تي نه آندا ويا. سارو معاملو ڪنهن ازلي دهشتگرد حل ڪيو نه ته اجا تائين اسان ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسبا اچون ها. معلوم نه آهي ته هيءَ حڪومت ضياء جي دؤر تي هڪ وهائيٽ پيپر چو نٿي شايع ڪري؟ ڪيستائين ضياء جا حواري اقتدار جون ڪرسيون والاري ويهندا؟ ايڪيهين صدي اچي رهي آهي، انسان ڪائنات کي تسخير ڪندا ڪتان جو ڪٿي وجي ڪٿي پهتا آهن. هاٺي اها فوجي آمرن جي ڏئونس ۽ ڌانڌلي ختم ڪئي وجي. مان ڀانيان ٿو ته ٻڪونن ڪنهن حد تائين صحيح هئو ۽ اقتدار جي هوس دولت جي هوس ڪان بُري آهي ۽ انسان جي جبلت ۾ وڌيڪ شامل آهي.

مان هاٺي سمجهي سگهيو آهيان ته جمال ابڙو رٽائرمينٽ ڪانپوءِ فرصت ۾ چو نٿو لکي، دراصل جي منهنجو ڪوئي پُٽ بدر جهڙو لکي سگهي ها ته مان به لکڻ ڇڏي ڏيان ها ۽ هن جي تخليق تي قناعت ڪريان ها.

شيخ اياز

۵-فيبروري ۱۹۹۰ء

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

٣ سيپٽمبر ١٩٨٠ واري ڏينهن تي ملڪ جي هر ننڍي توڙي وڏي، سنڌي، اردو توڙي انگريزي هر هڪ اخبار ۾ ساڳي ليڊ ۽ تصويرن سان هڪ خبر ڇپي هئي:

## ملڪ دشمن جي خفيہ سيل جو انڪشاف:

وڏي تعداد ۾ تخريبي لٽريچر پڪڙيو ويو. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ مئجسٽريٽ جي نگرانيءَ ۾ ڪجهه گهرن تي ڇاپا. پنج ڄڻا، غلام شبير شر، احمد ڪمال وارثي، پروفيسر جمال نقوي، نذير عباسي ۽ سهيل سانگي گرفتار.

خفيہ سيل جو مقصد پاڪستان جي نظرياتي بنيادن کي ڊاهڻ ۽ ملڪ جي سلامتيءَ کي لوڏڻ هو. سرڪاري اعلان.

تخريب پسندن کي هڪ پرڏيهي ملڪ مان مالي امداد ملندي هئي. نازش امروهويءَ جي ذريعي ان ملڪ ۽ خفيہ سيل جي وچ ۾ رابطو هو. سيل جون سرگرميون سڄي ملڪ ۾ پکڙيل هيون. وڌيڪ تحقيق جاري آهي.

اسلام آباد- ٢٩ آگسٽ (ا پ پ- پ پ ا) اڄ هتي سرڪاري طرح اعلان ڪيو ويو آهي تہ هڪ خفيہ سيل جو پتو لڳايو ويو آهي جيڪو گذريل ڪيئي سالن کان اهڙو تخريبي لٽريچر تيار ۽ تقسيم ڪري رهيو هو جنهن جو مقصد پاڪستان جي نظرياتي بنيادن کي ڊاهڻ ۽ ملڪ جي سلامتيءَ کي لوڏي ڇڏڻ هو. تمام گهڻين ڪوشش ڪانپوءِ سرڪار تخريبڪارن جي هن خفيہ سيل تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي. ان سلسلي ۾ هڪ مئجسٽريٽ جي اڳواڻيءَ هيٺ سنڌ پوليس ڪراچي ۽ حيدرآباد جي ڪجهه گهرن تي ڇاپا هنيا جنهن جي نتيجي ۾ سائيڪلواسٽائل مشينون،

ٽائيپ رائيٽر، خفيه اخبارون، ’’سرخ پرچم‘‘ ۽ ”هلچل“ جا مسودا برآمد ڪيا ويا آهن. ان ڪانسواءِ وڏي تعداد ۾ پمفليٽ، پوسٽر ۽ اشتهار به مليا آهن. سيل جي ميمبرن ڏانهن جيڪي خفيه هدايتون ۽ خط وغيره لکيا ويا تن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستاني عوام جو حوصلو پست ڪرڻ ۽ پاڪستان جي مستقبل تي سندن اعتقاد لوڏڻ لاءِ هڪ منظم منصوبي بنديءَ سان سازش ڪئي وئي آهي. خفيه دستاويزن منجهان اهو به انڪشاف ٿيو آهي ته انهن تخريبي سرگرمين جون پاڙون سڄي پاڪستان ۾ پکڙيل آهن. هن خفيه سيل تي ڇاپي ۽ خفيه لٽريچر هٿ ڪرڻ دوران سيل جي ڪجهه ميمبرن کي گرفتار به ڪيو ويو آهي. انهن ۾ غلام شبير شر، احمد ڪمال وارثي، نذير عباسي، پروفيسر جمال الدين نقوي ۽ سهيل سانگي شامل آهن. پوليس جيڪو لٽريچر ضبط ڪيو آهي تنهن مان اهو انڪشاف به ٿيو آهي ته انهن تخريب پسند سرگرمين جي پرڏيهي ملڪن کان مالي امداد ڪئي ويندي هئي ۽ سازش امروهوي جيڪو هڪ غير ملڪ ۾ آهي سو گروهه ۽ هڪ ٻيروني ملڪ جي وچ ۾ رابطي جو ڪم ڪري رهيو هو. وڌيڪ تحقيق جاري آهي.“

۲۰ نومبر ۱۹۸۰

پيارا اطهر!

سدائين خوش هجين-

ڏاڍو عجيب پيو لڳيم جو توڏانهن هڪ نئين ماحول منجهان پيو لکان. اڄ ئي جيل پهچايو اٿن. سورنهن سترهن ڏينهن جي گمشدگيءَ توهان کي يقينن حيران ڪيو هوندو. اهي ڏينهن ڪيئن گذاريا اٿم، سو ڪنهن ٻئي ڏينهن ٻڌائيندس. في الحال بس ائين سمجهه ته مان پاڻ کي هن وقت آزاد پيو محسوس ڪريان. ذهني طور تي موت قبول ڪري چڪو هوس. شايد انهيءَ ڪري ئي جيئرو رهجي ويو آهيان.

منهنجي گرفتاري ڪيئن ٿي؟ ڇو ٿي؟ ۽ ڇا ڇا ٿيو؟ اهو هڪ ڊگهو قصو آهي ڪڏهن ملاقات ٿيندي ته ڳالهين ڳالهين ۾ ڪانه ڪا ڳالهه پئي ايندي ۽ ٻڌائيبي. بهرحال هيءَ چٺي ملڻ کان پوءِ توهان کي اطمينان ٿيڻ گهرجي ته مان خيريت سان آهيان. چٺي پهچائيندڙ همراهه آزاد ٿيندڙ قيدي آهي. گهٻرائجو نه، اڄڪلهه توهان کي به مون وانگر هر ماڻهو سي. آءِ. ڊي نظر ايندو هوندو.

سلام سڀني کي. بابا سائين ۽ امان کي پيرن تي هٿ.

تنهنجو

وارڊ بي - ۳/۱۸
۲۱ نومبر ۱۹۸۰

پيارا اطهر!

تنهنجي چٺڪڙي پهتي. ڇا ٻڌايان ته چڪر ڪهڙو آهي. ادا چڪر اهوئي ساڳيو آهي. يعني:

Captain is always right. If he is wrong follow the first line.

ادا پاڻ ڪان ائين نه ٿيو. ڇو نه ٿيو؟ ان جو جواب به مون وٽ آهي. جهڙي پوکبي تهڙي لڻبي ۽ جهڙي پالنا هوندي تهڙي چال ٿيندي. هڪ طرف ڌرتيءَ تي ٻج ڇٽيل آهن نفرتن جا، ٻئي طرف پاليندڙن سيکاريو پيار. ڇئه

مون وٽ مهمان ويٺل هئا ۽ مان تن سان صوفي تي ويهي ڪاروباري معاملن تي ڳالهائي رهيو هوس. وڏيڪ ٿلهي متاري شخص سيني جي ڇهرن کي اکين سان مهتيندي چتائي ڏٺو. ڪمري جي هڪ هڪ شيءِ تي نظر وڌي. مون کان رهيو نه ٿيو، اتي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيم ته زوردار رنب تي "ويهي رهه! توهان مان بدر جمال ابڙو ڪير آهي؟"

اڳتي وڌي پنهنجو تعارف ڪرايو مان. "ڳالهه ڇا آهي؟" ڪوبه جواب نه مليو. وڏيڪ ٿلهو متارو شخص سٽ ڏيئي ميز جي پويان روالونگ چيئر تي قبضو ڪري ويهي رهيو. هڪ پيرو سيني کي گهوري ڏنائين ۽ پوءِ ماتحتن کي حڪم جاري ٿيو "تلاشي وٺو!" "پر ڇو!؟" مون احتجاج ڪيو، "ڪير آهيو اوهان؟ ڇا جي تلاشي؟"

جواب مليو، "ماٺ ڪري ويهه! ٿوريءَ دير ۾ سڀ خبر پئجي ويندءِ..!" آفيس ۾ ويٺل هر شخص کي ٻاهر نڪرڻ کان منع ڪيو ويو.

پيارا بين الاقوامي قانون مونکي اها اجازت ڏئي ٿو ته مان ڪنهن به اجنبيءَ کي جيڪو مونکي اختيار نامون نه ڏيکاري تنهن کي پنهنجي گهر يا آفيس ۾ گهڙڻ نه ڏيان پر جنهن ملڪ ۾ قانون لولو لنگڙو هجي ۽ بنيادي حق ٿي معطل هجن اتي عوام، عوام نه رهندو آهي پر رڍون ٻڪريون ۽ آزاد غلام ٿي ويندو آهي. مان به مصلحتن چپ تي ويس. مون اهو به نٿي گهريو ته آفيس جي ماحول تي هراس ڇانئجي وڃي ۽ اهو به ڏٺم پئي ته سندن رويو ايترو ته سخت ٿي ويو هو جو سندن پيو قدم جسماني تشدد هجي ها. مون لاءِ بيو ڪوبه رستو نه بچيو هو تنهنڪري اسٽاف تي ڇانيل خوف جي لهر ختم ڪرڻ ڪاڻ کين هدايت ڪئي هئم ته پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويهي ڪم جاري رکن. هيءُ ماڻهو يقينن ڪنهن اسپيشل ٽيم جا هئا. ڪاڻئن، پڪ ڪرڻ لاءِ سندن سڃاڻپ پڇيم. ڏاڍو سخت ۽ رکو جواب مليو هئم، "تو لاءِ بس ايترو ئي ڪافي آهي ته اسان ڪنهن مٿين اٿارٽيءَ سان تعلق رکون ٿا."

بنا سرچ وارنٽ ۽ مئجسٽريٽ جي غير موجودگيءَ ۾ تلاشي جاري رهي. هر شيءِ اٿلائي ڇڏيائون. تقريبن سادي ٽين لڳي واندا ٿيا. ڪا شيءِ نه ڇڏيائون. آفيس جا سمورا ڪاغذ، ڪتاب، پاسپورٽ، ڊائريون سيني تي قبضو ٿي ويو. وڏيڪ ٿلهي متاري شخص فون رسيور کڻي ڪو نمبر ڊائل ڪيو ۽ "ڪامياب ڇاپي" جي رپورٽ ڏيندي چيو، It is over, sir! مون کي ايئن لڳو ڄڻ ڪو ننڍڙو نيپولين، نيپولين جو نقل ڪندي چوندو هجي،

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

”مون ڏنو، مان آيس، مون فتح ڪيو!“

ياڻو! تون چوندين تہ هيءُ خط، خط ناهي. پر يار اهو بہ تہ سوچ نہ تہ اهي سڀ ڳالهيون اسان جي چٺڻي پاسي روز ٿين ٿيون، ڪاٺئن نہ انڪار ٿو ڪري سگهجي، نہ لنوائي ٿو سگهجي. گهڻئي سوچيان ٿو تہ ڪي ٻيون ڳالهيون ڪيان، پر ڪا ٻي هجي تہ ڪيان! تو بہ وجهہ ڏنو آهي نہ اهو پڇي تہ ”آخر چڪر ڇا آهي؟“ خط جو انداز برابر ڪهاڻيءَ جهڙو لڳندو هوندءِ پر ڇا ڪجي؟ ڪهاڻي نہ سهي آتم ڪهاڻي تہ آهي.

سو، تلاشي پوري ٿي تہ حڪم ٿيو، ”هل!“ ڪاروباري مهمان ڪي بہ ڪٽي سوگهو ڪيائون. ويچاري گهڻئي صفائي ڏني پر اهڙيون چڙٻون ۽ ڌمڪيون مليس جو ياد ڪندو! اسٽاف جي سمورن ميمبرن جي چهرن تي هوائون اڏامي رهيون هيون.

”اچو“ ڏاڏي شرافت سان چيو ويو پر لهجي جو زهر ڪنهن ڪان ڳجهو ڪونہ رهيو هوندو. ”ڪيڏانهن؟ ڇو؟“ منهنجي ذهن ۾ ڦرندڙ سوال منهنجي زبان تي اچي ويا.

”توکي ڪوبہ اندازو ڪونهي؟“ توڪ ۽ حيرت مان پڇيو ويو هو.
”ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟“ مون پڇيو هو.

”واقعي!“ وڏيڪ ٿلهي متاري ’واقعي‘ کي ڇڪي ڊگهو ڪندي چيو هو.

”نہ سچاٽپ ڪرايوَ، نہ تلاشيءَ جو ڪارڊ ٻڌايوَ، نہ مونکي اهو ٻڌايو ٿو وڃي تہ ڪيڏانهن هلان.. هتي ڪهڙو وليءالله وينو آهي جيڪو ڳجهہ جي خبر ٻڌائيندو!“ مون ڏاڏي شرافت سان جواب ڏنو هو، ڇاڪاڻ تہ خبر هئم تہ مزاحمت جو نتيجو اگرو نڪرندو. تمام رکي لهجي ۾ چيائين، ”تون نذير عباسيءَ جي ڪيس ۾ گهربل آهين!“

”ڇو...؟“

”اها توکي اُتي خبر پوندي. تون وقت خراب نہ ڪر، توسان ايتري رعايت آهي تہ گهر اطلاع ڪري ڇڏ!“

مونکي اڄ تائين سندن ان مهربانيءَ جو ڪارڻ سمجهہ ۾ نہ آيو آهي. پر ان مهربانيءَ جو ڪو فائدو بہ تہ ڪونہ هو آخر مان پوري اسٽاف ڄڻي آڏو گرفتار ڪيو ويو هوس. اهو سڄو داستان توهان وٽ انهن بہ پهچايو هوندو.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

خير! مون مهربانن کان وڌيڪ معلوم ڪرڻ لاءِ پهرين سندن مهرباني مڃي ۽ تنهن کانپوءِ ”دوستيءَ“ ۾ صلاح گهري تہ، ”گهر ڇا ٻڌايان تہ اوهان ڪير آهيو ۽ ڪيڏانهن وٺي ٿا وڃو!؟“ پر مهربانن وڌيڪ مهرباني نہ ڪئي. جواب مليو، ”اسان نٿا ٻڌائي سگهون، تون جلدي ڪر.“ ان کانپوءِ مون گهر فون ڪئي هئي، تون گهر ۾ موجود ڪونہ هئين. اديءَ فون کنيو هو. مان کيس ڪجهہ بہ ٻڌائي نہ سگهيو هئم، سواءِ ان جي تہ مان نذير واري ڪيس ۾ گرفتار ٿي چڪو آهيان. اديءَ ڏاڍي گهٻراهٽ مان پڇيو هو ”ڇو؟“ انهيءَ ڇو؟ جو جواب ڪهڙو ڏجي ها!؟ ۽ ڪهڙو نہ ڏجي ها!؟ سوالن ۽ جوابن جون ڪيئي پڳل ٽٽل نشانيون ذهن ۾ چمڪاٽ ڪنديون گم ٿينديون هليون ويون هيون. هڪدم پوءِ، اديءَ هڪ ٻيو سوال بہ ڪيو، ڇيائين پئي. ”هلو.....!...ادا.... هاڻ ڇا ٿيندو؟؟؟“ مان جيستائين ان سوال جو جواب ڏيان ئي ڏيان مونکان فون ڦرجي ويو ۽ لائين ڊسڪنيڪٽ ڪئي وئي. انساني احساسن جي اُها ٽرَڦ منهنجا مهربان شايد ڪڏهن بہ نہ سمجهي سگهندا. ڇا تہ ٽرَڦ ۽ غير محفوظ هئڻ جو احساس هو انهن آخري لفظن ۾ تن جي پڙاڏن ۾- ڪاش! مان اهو فون نہ ڪيان ها ۽ اها دانهن نہ ٻڌان ها. سچ پڇين تہ ان دانهن هڪ وار تہ منهنجا قدم لوڏي وڌا هئا. پر پيارا سڄي وايومنڊل منجهان دانهون پيون اُڀرن، ماڻهو ڪيڏي ڪن لاٿار ڪندو! اهي دانهون ئي تہ آهن جيڪي ڏکويل انسانيت جي پاران چوٽڪاري لاءِ پهرين نينڊ ٻڌجن ٿيون.

تنهنجو

## لاڪ اپ

ڪلاڪ کن اڳ اطهر ڏانهن خط پئي لکيم. ڪافي ڏينهن کانپوءِ قلم ڪاغذ مليو آهي تہ ايئن ويهڻ مان مزو ئي نٿو اچي. ها! بہ ٽي ڏينهن ”هُتي“ بہ قلم ڪاغذ مليو هئم تہ ”اقرار نامون“ لکان. پر پلو ٿئي پٽائيءَ جو، واقعي هو رهبر ڪامل آهي، ڏکئي وقت جون واٽون، سڀ قلمبند ڪري ويو آهي. شايد اهڙي ئي ڪنهن موقعي تي چيو اٿس:

هوند ڪيان ايئن، جيئن ڪميٽي ڪانہ ڪري،
پر نالو سندو نينهن، وري وٺندي ڪانہ ڪا!

اها چوٿين نومبر جي شام هئي جڏهن هڪ نئون سلسلو شروع ٿيو ۽ زندگي هڪ نئين پنڌيءَ تي هلڻ شروع ڪيو. نئين پنڌيءَ مان منهنجي مراد

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

سوچ ڏارا جي وهڪري جي تبديلي نہ پر تجربن جي هڪ نئين سفر جي شروعات آهي. ٽيهريءَ جو گرفتاريءَ ڪانپوءِ منگهي پير جي واڳن واري تلاءَ جي پر ۾ هڪڙا پيا واڳون ڏٺم. سچ پچ مون سندن اکين ۾ واڳن وارا لڙڪ بہ ڏٺا. هيءَ جاءِ منگهي پير ٽاٽي جي پر ۾ هڪ خالي جاءِ هئي. ايس.ايچ.او مخدوم حيات ٽاٽي جو انچارج هو. ويچارو مون سان ڏاڍو سٺو هليو. پهرين پاٽي پياريائين، پوءِ مانيءَ جي ڪوڙي صلاح هنيائين. پوءِ مٺا ٻول ٻوليو، ”سائين! مونکي ڏاڍو ڏک پيو ٿئي توهان کي هٿ ڏسي. پر اسان جي مجبوري آهي. سائين! پنهنجي ڪيئي جو ٿو پوڳين. تون شريف ڪهراڻي جو فرد، هو ڪنگلا لوفر. غلط صحبت ۾ مارجي وئين. ڀلا ٻڌاءِ نذير عباسيءَ جي دوستيءَ مان توکي ڪهڙو فائدو!؟ توکي ساڻن دوستي رکڻ نہ...“ خبر ناهي هو ڇا ڇا چوندو ريو مگر مان سورنهن سترهن سال پوئتي ماضيءَ ڏانهن هليو ويس.

گورنمينٽ پرائمري اسڪول، پوءِ ميونسپل هاءِ اسڪول ٽنڊوالهيار- اسڪولن جا ڪلاس ۽ ميدان، شام ٿيندي ئي ٻارڙا ڪلب جي لئبريري، رانديون ۽ ڪلب جي تنظيم ڪاريءَ جا مسئلا. نذير، مان ۽ ڪيئي دوست- آه!! ڪيڏا نہ خوبصورت ڏينهن هئا! اسڪول، باغيچا، رانديون، ماروڻ، ٺهڪ، سڀ گڏجي سڏجي ڏٺوسون، ڪيوسون، سٺوسون- ڪيئن ٿو وساري سگهجي اهو سڀ ڪجهہ؟ ناممڪن.

۽ هاڻ هيءُ قرباڻتو واڳون منهنجي چڱائيءَ جون واتون مونکي ٻڌائي رهيو هو. اڃا بہ ڪلاڪ اڳ جڏهن هت پهچڻ کان اڳ مون جيپ ۾ ڪانئس منزل بابت پڇيو هو تہ جواب ڏنو هئائين ”پهاڙن جي هن پرا“ يقيني طور تي هن اهو جملو چئي مونکي ”پهاڙن جي هن پر“ ڪنهن لڪل ٽارچر ڪئمپ کان ڊيجارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

گرفتاري واري هنڌ کان هڪ ڪار استعمال ڪئي وئي هئي، تنهن مهل اتي بيون بہ ڪجهہ ”مشڪوڪ“ گاڏيون نظر پئي آيون ۽ ڪيئي اجنبي چهرا بہ، جن جون اکيون ”چاٻي“ واري سڄي ڪارروائيءَ کي تڪي رهيون هيون. پر جنهن مهل ڪار شهر جي ڪليل رستن تي پهتي تہ اڪيلي محسوس ٿي هئي. هوءَ شهر جي مختلف رهائشي علائقن ۾ مختلف بنگلن آڏو بيهندي، انتظار ڪرائيندي، اڳتي وڌندي پئي وئي. يقينن اهي بنگلا غيبي ادارن ۽ مختلف ايجنسين جي اعليٰ عملدارن جا هئا.

سج لهڻ مهل ڪار شهر جي پريل علائقن کي پوئتي ڇڏي نئين ڪراچيءَ ڏانهن وڌي جتي ڪار ڇڏي جيپ کنئي وئي هئي. ۽ جيپ نئين

تالي ۾ چابي گهمي وئي.

هيءُ لاڪ اپ هو. جنهن ۾ مونکان اڳ هڪ ٻيو قيدي بند هو. مونکي داخل ڪرڻ کان فوراً اڳ کيس ٻاهر ڪڍي، هٿڪڙيون لڳائي وراندي ۾ جافريءَ جي در سان ٻڌي ڇڏيائون. هدايتن موجب ڪنهن کي بہ مونسان ڳالهائڻ جي اجازت نہ هئي، نہ قيديءَ کي ۽ نہ ڪنهن سپاهيءَ کي. قيديءَ جي بيدخليءَ جو سبب مان هوس يا اهو يقين تہ مان هن سان ضرور ڳالهائيندس- سو، اهو امڪان ختم ڪيو ويو ۽ ٻين حڪمن تائين هر شئي جتي جو تتي ٻيهي رهي. هيڏ محرر خوش اخلاقي ۽ خيال رکڻ جون ڪوڙيون هدايتون وساري ڇڏيون.

رات جو تقريبا ساڍي ڏهين لڳي ٿاڻي جي طاقتور وائرليس جو آواز ڪن تي پيم. منهنجو Bio-data ۽ گرفتاريءَ جو اطلاع نہ ڄاڻي ڪهڙن غيبي ادارن ڏانهن منتقل ٿي ويو. هيءُ سڀ ڪجهہ شايد عجيب نہ هو. پر مان ڪيترو خطرناڪ آهيان! اهو سوچي کل اچي ويم. جلدئي ننڊ ڪٽي وئي، صفا بي هوشيءَ واري ننڊ.

۽ ان مهل تائين نہ جاڳيم جيستائين انٽيروگيشن وارن ڌونڌاڙي نہ اٿاريو.

## سورهن ڏينهن جو هڪ ڏينهن

روز صبح جو:
ماچيس جي تيلي ڪٽي ديوار تي هٽراڏو ٺاهيل ڪيلينڊر تي جوڙڻ (+۱) واڌو هڪ ڏينهن.

پورو جائزو:
هڪ هڪ ڪنڌ، ڇت، پٽيون، روشندان ۽ پڃري جو در.

هڪ ڪنڌ ۾:
ڪليل بدبودار ليٽرين، پر ۾ ڪليل غسل جي دِڪي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ٻي ڪنڊ ۾:

هڪ پلاسٽڪ جي پليٽ سيرون پيل، شايد سالن کان رکيل ۽ فقط رکيل. مٿانئس مٽيءَ جا تھ ڄميل.

ٽين ڪنڊ ۾:

ٽي ڪمبل، ٽنهي ۾ وڏا وڏا سوراخ، منگهڻ ۽ چرس جي ڌپ- ٻي انتها، مٿو ڦاڙيندڙ (منهنجو بسترو).

چوٿين ڪنڊ:

خالي-

لوهي در کان ٻاهر:

هڪ نالي، ناليءَ تي رکيل هڪ پراڻو مَٽ ۽ ان تي ڪنهن بلب جو پراڻو لوهي چينيءَ جو پيلو شيڊ (ڍڪڻ) ۽ ان جي مٿان هڪ ڇبو جستي گلاس، مَٽَ جو پاڻي هڪ ئي وقت پيئڻ لاءِ ۽ ليٽرين جي استعمال لاءِ بہ. جنهن کي ڀرڻ جي ڊيوٽي هڪ پنگيءَ تي رکيل. (پنگي قابل احترام آهي. قابل اعتراض ڳالهہ غير صحتمند طريقہ ڪار آهي.)

روشندان:

مٿن جهرڪين جون وِٺيون، بي حساب.

ڇت:

هڪ بلب، چوويهہ ڪلاڪ روشن. هڪ ڪُنڊو، سپاهين مطابق جنهن تي امرلال کي ڪيئي ڀيرا ابتو ٽنگي ڪُٽيو ويو.

ڀتيون:

مٿن لکيل بي حساب شعر ۽ قيدين جا نالا، ”جميل“- ”بادشاھہ“- ”شهنشاھہ“- ”دادا“- ”مُجبور قيدي“- ”فرمان علي“- هڪ ڪنڊ ۾ سگريٽ جي اجهاٽل ٽوٽي سان، ”امر“ شايد امرلال، ۽ روشندان مان ديوار تي اس جو سرندڙ پلئہ (منهنجي وندر ۽ گهڙيال) هڪ ديوار تي اڌورو شعر، ”نہ جاني ڪس گلي ۾ زندگي ڪِي شام هو جائي.“ هڪ پاسي، ڪنهن اڌوري آرٽسٽ جي ڪوشش: اسڪيچ ۾ هڪ ماٺهو شيخن جي پويان ڊيڪاريل.

ٻہ وقت ماني:

هٿ جي پليٽ تي ڍوڍو. ڍوڍي تي دال جي ڏوئي.

چوويهه ڪلاڪ:
مڪيون، مڇر، ڪيوليون ۽ ماڪوڙا ڇهتيل، ٻليون رات ۽ ڏينهن.

صبح ويل جهرڪيون، رات جو گدڙن جون اونايون ۽ ڏينهن ۾ ٻگهڙن جو گهيرو.

سوالن تي سوال: ”ٻيا ڪير آهن؟“، ”فلاڻو ڪٿي آهي؟“ ”فند ڪير ٿو ڏئي؟“، ”تنظيم ڪهڙي آهي؟“، ”هي ڇاهي؟“، ”هو ڇاهي؟“، ”--؟“، ”--؟“

۽ پوءِ ڌمڪيون ۽ سختيون.

باقي وقت:
ڳنڀير خاموشي، اڪيلائي ۽ سانت.

هر وقت:
ذهن ۾ هلچل، ڪنهن ٻه گهڙيءَ جسماني تشدد جي شروعات جو احساس، چت ۾ ٽنگيل ڪُنڊو. تصور ۾ امرلال ۽ ڪيئي ٻيا واري واري ابتا ٽنگيل - ڪُٽ ڪُٽان. پنهنجو پاڻ سان ويڙهه. دهني ڪشمڪش.

سپاهين جو اکيون:
هر وقت ڪتل.

پنڌ:
هڪ هڪ وک.
هڪ، ٻه، ٽي، چار، پنج، ڇهه، ست، اٺ، نو، واپس.
هڪ، ٻه، ٽي، چار، پنج، ڇهه، ست، اٺ، نو، واپس.
هڪ، ٻه، ٽي، چار، پنج، ڇهه، ست، اٺ، نو، واپس.
ساڳيو چڪر، ساڳي پنڌي- هر وقت.

ذهن۾ گردش:
جي لوڻ لڳين لائين!
جي لوڻ لڳين لائين!
جي لوڻ .... ....
جي لوڻ .... ....

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

## سول ڪورٽ ۾

٢٠- نومبر جو صبح ساڻ اوچتو ڪڙڪو ڪري دروازو کليو. لاڪ اپ ۾ مسلسل اڄ سورهن ڏينهن پورا ٿيا هئا. يڪي قيد تنهائيءَ ڪان ڪڪ اچي ويو هوس. تفتيش جو اٽڪٽ سلسلو جاري هو، ايئن پئي محسوس ٿيو ڄڻ ڪڏهن ختم نه ٿيندو. گذريل پيري پڇا لاءِ ڪجهه وڏيڪ ٿي آفيسر آيا هئا. جن ۾ محڪمه خفيه جو ڊي ايس پي مون سڃاتو. ٻه ٻيا چهرا، جيڪي سدائين هوندا ئي هوندا هئا، سي به موجود هئا. سپاهين جي واتان مون ڪيترائي ڀيرا ڪين ”ميجر صاحب“ چوندي ٻڌو هو. مٿن سدائين شڪ رهيم ته اهي آءِ-ايس-آءِ ۽ ايف-آءِ-يو جا آهن. ڊي-ايس-پي صاحب به تن آڏو مسڪين محسوس ٿيندو هو. هن ڀيري فوٽوگرافر به موجود هو.

سندن پڇا جو طريقو مڪمل نفسياتي هو. ماحول بدلائڻ ۾ ويرم ئي نه ڪندا هئا. خوف ۽ دٻاءَ کي دوستاڻي ماحول ۾، ۽ دوستاڻي ماحول کي اذيت گاهه ۾ بدلائڻ هڪ سيڪنڊ جي ڳالهه هئي. سو، ڳالهائيندي ڳالهائيندي اهڙو دڙڪو ڏيئي ويندا جو ان دڙڪي ۾ لڪل ڌمڪي روح ڪانداري ويندي هئي. ابتو ٽنگي مارڻ، هڏ گڏ ڀڃڻ، مائٽن کي گرفتار ڪرڻ، ڪين اذيت ڏيڻ، غير محدود عرصي تائين قيد تنهائيءَ ۾ رکڻ سان گڏوگڏ نذير عباسيءَ جهڙو حشر ڪرڻ تائين سڀ ڪجهه. اهي فقط دڙڪا نه هئا، مون ڄاتو پئي ته هو سيڪجهه ڪري سگهن ٿا ۽ ڪندا رهيا آهن.

سو، ٢٠- نومبر جو صبح ساڻ در کليو ۽ مان ڪُنڊيءَ ۾ ٽنگجڻ لاءِ پاڻ کي روز وانگر تيار ڪرڻ لڳس. دل تمام زور سان ڌڙڪي پئي. گذريل ڀيري هو چئي ويا هئا ته ”انهيءَ عمل مان لنگهي اچ ته پوءِ ڳالهائينداسون.“

ڏينهن ڪجهه ٿڌو هو، مان ٽاٽي جو ڦاٽل ۽ بدبودار ڪمبل ويڙهي ويٺو هوس، ان وقت تائين بدبوءِ نڪ ۾ ويهي چڪي هئي. چوويهن ڪلاڪن جي ساٿ ۾ ائين نه ٿيندو ته ٻيو ڇا ٿيندو؟

ٿالي کلڻ بعد هڪ سپاهي اندر داخل ٿيو. ”اُٿ!“ مان اٿي بيٺس. غير شعوري طور تي منهنجا قدم انٽيروگيشن واري ويران بنگلي ڏانهن وڌيا جتي انٽيروگيشن جو ڪمرو هو.

”سوئيٽر پاءِ.. پري هلڻو آهي!“ سپاهيءَ ڪجهه جلدي ۽ همدرديءَ

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۾ آهي تنهنڪري مونکي عدالتي تحويل ۾ موڪليو وڃي. مئجسٽريٽ ماٺ ٿي ويو، شايد هن کي مايوسي ٿي هئي. هن گهنٽي وڄائي ڪنهن ميجر سليم کي گهرايو. گهڙي پل ۾ اهو ساڳيو ميجر اندر داخل ٿيو جيڪو مان لڳ ڀڳ روز ڏسندو آيو آهيان. اڇي رنگ جي سلوار قميص، پورو پنو ٻت ۽ اکيون! سندس اکيون ڏسي مونکي هميشه ڪنهن نانگ جو تصور ايندو هو. سندس پويان ٿلهو متارو ڊي-ايس-پي ۽ مهربان واڳون انسپيڪٽر مخدوم حيات اندر داخل ٿيا. مئجسٽريٽ جي حڪم تي مونکي پنهنجي سڄي ڪٿ هڪ پيرو ٻيهر انهن جي سامهون ورجائڻي پئي، هو فقط مشڪندا ئي رهيا ۽ پوءِ مونکي حڪم ٿيو تہ ڪمري کان ٻاهر ٿي ويهان جو مئجسٽريٽ کي انهن عملدارن سان ڪجھ ڳالهائڻو هو (ميٽنگ ڪرڻي هئي).

ڏهن پندرهن منٽن کانپوءِ مونکي ٻيهر اندر سڏايو ويو ۽ خوشخبري ٻڌائي وئي تہ مونکي لاڪاپ مان آزاد ڪري سينٽرل جيل جي ڪشادي دنيا ڏانهن اماڻيو پيو وڃي. سپاهين هٿڪڙيون سنڀاليون ۽ سول ڪورٽ جون ڏاڪڻيون لٿاسون. مهربان واڳون پر مان لنگهندي عجيب لهجي ۾ چيو، "سائين مبارڪ هوا" پوءِ هو تڪڙو تڪڙو لنگهي ويو. پرائيويٽ نمبر پليٽ واري ڪار ڪيڏانهن ريل هئي، اسان کي ڊگهو انتظار ڪرڻو پيو. مس مس ڪار آئي ۽ ٿڪل جنگهن آرام ڪيو. ٺيڪ ان مهل مئجسٽريٽ ۽ ميجر سليم کي ڪورٽ جون ڏاڪڻيون لهندي ڏٺم. ٻئي هڪ ئي ڪار ۾ سوار ٿيا. اها ڪار يقينن ميجر سليم جي نہ پر مئجسٽريٽ جي هئي ڇاڪاڻ تہ مان ميجر سليم جي اڇي ڊاٽسن ڪيئي ڀيرا انٽيروگيشن بنگلي جي ٻاهران ڏسي چڪو هوس.

هو ٻئي هن ڪار ۾ ڪيڏانهن ويا؟ ڇو ويا؟ سڀڪجھ سمجھ ۾ اچڻ جهڙو هو. ٻئي ڄڻا هڪٻئي کي هٿ هٿن ۾ ڏيئي ڪنهن ڳالھ تي وڏا ٽهڪ ڏيئي کلي رهيا هئا. ان کان ٻي خبر تہ ملزم تي عدليہ ۽ انتظاميہ جي سنگت جا راز کلي چڪا هئا.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

# جيل ۾ پھريون ڏينھن:

سول ڪورٽ جو ”احسان“ ھو جو مان عدالت جي تحويل ۾ ورتو ويس ۽ ھن ريت غيبي ادارن جي آڏي پڇا، ذھني ڇڪتاڻ ۽ لاڳيتي تنھائيءَ کان آجو ٿيس ۽ دماغ جي رڳن کي ڪجھ آرام مليو.

پر اڄ بہ ذھن ۾ عجيب ڪشمڪش ھئي. جيل وڃڻ جو تصور بہ ڪو سٺو ڪونہ ھو. ذھني ڇڪتاڻ کان آجو ٿيڻ جي خوشي ۽ دل جي ڪنھن ڪنڊ ۾ تجسس بہ متضاد جذبا گڏجي پيا ھئا. عدالت کان جيل تائين سڄي واٽ جيل جو تصوراتي خاڪو اڀرندو ۽ ڊھندو رھيو. سوچيم ٿي تہ خبر ناھي اتي بہ ھروقت بند رکندا يا مارڪٽ ڪندا يا مشقت وٺندا.... ۽ نيٺ سينٽرل جيل ڪراچيءَ جو وڏو گيٽ نظر آيو.

ٽن سپاھين ۽ ھڪ آفيسر جي گھيري ۾ ڪارو گيٽ ٽپي اندر آياسون. داخل ٿيڻ شرط کابي پاسي ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ جي نالي جي تختي لڳل ھئي. ساڄي پاسي مٿي وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ. ساڄي ئي پاسي U.T.P برانچ ۽ کابي پاسي آمھون سامھون ٻيوڪمرو ملاقات جو ڪمرو ھو. اندرٽرائل UT برانچ ۾ رکيل تمام وڏي ميز جي پويان ويٺل ڪلارڪ جيل ريمانڊ وصول ڪري، رجسٽر ۾ نالو لکيو ۽ ھٿڪڙيون کولايون. واچ ھڪ. پيرو ٻيھر لاٿي وئي. کيسي ۾ رکيل پئسا نڪري ويا. انھن ٻن شين کانسواءِ مون وٽ ٻيو ڪجھ بہ ڪونہ ھو.

”بس وڃ!“ حڪم مليو.

”پر ڪيڏانھن؟ ڪھڙي پاسي؟“ ڪيڏانھن وڃان ھا؟

”ھن وڏي گيٽ مان اندر وڃ“ مين گيٽ جي اندر ھڪ ٻئي وڏي گيٽ ڏانھن اشاروڪيو ويو. گيٽ تي ٻيھر تلاشي ورتي وئي ۽ وڏي گيٽ جي ننڍي در مان اندر داخل ٿيس. پٺيان ننڍڙو در بند ٿي ويو.

عجيب وحشتناڪ دنيا ھئي اندر. ھڪدم ھيسجي ويس. ھاھوڪار لڳي پئي ھئي. ڪجھ سمجھ ۾ نٿي آيو تہ ڪٿي پھچي ويو آھيان. بلڪل سامھون اٺ ڪنڊي عمارت ھئي. جنھن تي وڏن اکرن سان -Main Kitch en لکيل ھو. ننگ ڌڙنگ عجيب وحشين جھڙا ماڻھو ڪو پاٽيءَ جا ڏول ڀري وڃي رھيو ھو، ڪو سونٽو ڦيرائي رھيو ھو، ڪو جنڊ پيھي رھيو ھو. ڪن جي مٿن تي ڳاڙھيون ۽ ڪن جي مٿن تي اڇيون ٽوپيون پيل ھيون. گھٽن جون

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ڏاڙھيون وڌيل، اکين ۾ چيپڙون، وات مان گِف ۽ زبان تي گار. ڪو مار ڏيئي رهيو هو، ڪو مار کان بچڻ لاءِ هٿ پير هلائي رهيو هو. سامهون ڪيئي سپاهي بيٺا هئا. ايئن ٿي لڳو تہ جڻ هن سڄي ماحول سان سندن ڪو واسطو ئي ڪونہ هو. هيءَ مارڪٽ، هيءُ بچاءُ، هيءَ هاهوڪار سڀ ڪجهہ ڪا رواجي ڳالهہ هئي.

منهنجي اکين آڏو يوناني ڏند ڪٿائن جا ڪردار ڦري ويا. ڊينائيڊز، اڪسيان، ٽينٽالس، ٽٽييس، سسيفس ۽ پاتال جو والي هيڊز. ايئن محسوس ٿيو جڻ مان بہ يوناني ديوتائن جي ٺاهيل زمين اندر پاتال جهڙي ڪنهن پاتال ۾ پهچي ويو آهيان ۽ تمام جلد هيڊز جو ڪو چاڙتو پنهنجو ڇهبڪ هوا ۾ ڦيرائيندو گهمائيندو مون تي حملو ڪري ڏيندو ۽ مان پاڻ کي بلڪل ايئن بچائيندس جيئن سامهون ڪو ’اڪسي يان‘ پاڻ کي بچائي رهيو آهي. مون کي بلڪل وسري ويو تہ مان لاڪ اپ کان سول ڪورٽ ۽ سول ڪورٽ کان جيل ۾ پهتو آهيان ۽ مان عدالت جي تحويل ۾ (محفوظ) آهيان.

مان گم سم هئس، ڪا خبر ڪونہ ٿي پئي تہ ڪيڏانهن وڃان. عجيب نفسا نفسيءَ جو عالم هو. پٺيان وڏي دروازي جو ننڍڙو در بند ٿي چڪو هو. رستو ڇڏي چپ چاپ هڪ پاسي بيهي رهيس. پر ۾ بيٺل هڪ داروغي کي احساس ٿيو تہ ڪو نئون انسان ”زيوس“ طرفان ڏڪاريلن جي پاتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي. هن پنهنجي نائب کي هڪل ڪئي ۽ هڪ ڳاڙهي ٽوپيءَ وارو، ڪنڌ ريل ۽ بي تحاشا وڏي ڏاڙهيءَ وارو گُڪو، وحشتناڪ اکيون ڪٽي مون ڏي وڌيو. ذري گهٽ قدم پوئتي هٽڻ لڳو هئم. هن پنهنجو لڪڻ گهمايو... پر نہ ڄاڻي ڇا ٿيس... هٿ بيهي ويس. اوچتو وحشتناڪ ڳاڙهين اکين ۾ انسانيت جي جهلڪ ايري آئي، ”ڪهڙو ڪيس اٿئي؟“ هن ڳالهايو. سندس آواز ڪنهن اهڙي پراڻي ٽيپ جهڙو هو جيڪا هلي هلي، گسي، سپاٽ ٿي چڪي هجي.

”سياست“ جواب ڏنم.

”اڇا..! اڇا...! هوڏانهن وڃ صوبيدار صاحب وٽ.“ وري ساڳيو لهجو.

مونکي پنهنجوخيال بدلائڻو پيو تہ هيءُ داروغي جو چاڙتو آهي. هو بہ بهرحال، زيوس جو ڏڪاريل هو. تنهنڪري هر سياسي قيديءَ کي هنيلو سسيفس سمجهڻ هن لاءِ قدرتي ڳالهہ هئي. سسيفس، جنهن يوگنا کان انڪار ڪيو ۽ هيءُ پاڻ، جنهن زيوس جو ڪونہ ڪو قانون قبول نہ ڪري ان جي پڇڪڙي ڪئي، پر سزا جي قانون کان انڪار نہ ڪري سگهيو ۽

بيهر تابعدار رعيت ۾ شامل ٿي ويو ۽ هاڻ هن پاتال ۾ پهتل بين باغين ۽ ڏڪاريل انسانن کي مارڻ جي پورهئي تي لڳايو ويو هو. مگر تنهن هوندي به هو پاڻ، نه ڪنهن سسيفس تي هٿ کڻي ٿو ۽ نه کٽڻ گهري ٿو.

پيٽ ۾ ساهه پيم. ذري گهٽ پاڻ کي گهليندو، چڪيندو صوبيدار وٽ پهتم ... ۽ سندس اجائي تفتيش شروع ٿي وئي. ”ڪهڙو ڪيس اٿئي؟“ هن پنهنجي خاص انداز، عظيم بيپرواهي ۽ شهنشاهي شان سان مون حقير مسڪين تي نظر وڌي.هن پنهنجي اڇي مڇي ۽ ڪپهه جهڙن شهپرن کي مينديءَ سان ڳاڙهو ڪيو هو ڇاڪاڻ ته ڪارو خضاب سندس ڇهري جي گهنجن کي لڪائي نٿي سگهيو. نظر وجهي، سگريٽ جو ڏگهو ڀرپور ڪش هڻي، جميل رک عظيم اسٽائيل سان ڇنڊيائين. سندس ڪردار جو لازمي جز يعني هڪ عدد ’ڪين‘ سندس ڪرسيءَ جي سهاري مالڪ وانگر عظيم اسٽائيل هڻي بيٺو هو.

سياسي ڪيس جو ٻڌي مزو نه آيس. ”ڇو تو ڪرين سياست؟ گهر ۾ سک نٿو مليوَ؟ وزير ٿيندين..... هان؟ ..... وڃي هوڏانهن ويهه.....“ مون چپ رهڻ کي ترجيح ڏني. ڇا ڪجي؟ اجنبي دنيا، اجنبي ماحول. ڪهڙي خبر ته هن نگريءَ ۾ ڪهڙو قانون ٿو هلي! ايتري دير ۾ پنهنجيَ ڇوڏاري ڪافي تعداد ۾ سلجهيل نوجوان محسوس ڪيم:

”ساٿي ڪهڙيءَ پارٽيءَ جو آهين؟ منهنجو نالو جاويد اختر آهي. هيءُ راشد رباني آهي..هي شفيق بلوچ ۽ هو سليم انصاري. اسان سڀ پيپلز پارٽيءَ جا آهيون..... ۽ پوءِ گهڻا ئي نوجوان ايندا ويا پر منهنجي لاءِ سڀ نوان. پڇيم، ”لطف پيرزادو هن جيل ۾ آهي؟“ جواب مليو، ”ها! لطف به آهي، امام بخش به ۽ امرلال به..... بس هو اڇن پيا، ڳڻتي نه ڪر!“

۽ نيٺ لطف، امام بخش ۽ تن سان رفيق صفيءَ کي مرڪندي ايندو ڏٺم. ٽڪ ئي لهي پيا. مون هڪدم پاڻ کي پاتال ماڻ نڪرندو محسوس ڪيو.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

# سچ ڏانهن

تون، ڪنهن اٽڪت سرهاڻ جيان سفر ڪندو، نہ ڄاڻي ڪتي ڪتي منزلون ڪندو، پنهنجي مهر هڻندو، هن وقت اسانجي ديس ۾ پکڙجڻ لاءِ ترسيل آهين ۽ تنهنجي نالي جي مشعل ڪٽندڙ لاتعداد انسان گهٽين ۾، رستن تي ۽ قيد خانن ۾ نظر پيا اچن.

* تون امن آهين، مايوس اکين لاءِ روشني آهين، تون ڪنهن اڇڙي پکيءَ جيان اڏامدو پيو وتين — ۽ ماري تنهجي ڪاڻ چار پکيڙي رهيا آهن.

* تون سڪرات ۾ پيل ڪروڙن انسانن لاءِ زندگيءَ جي خوشبوءِ آهين.

۽ مونکي خبر آهي تہ خوشبوءِ قيد نہ ٿيندي آهي.

* * *

۳ ڊسمبر ۱۹۸۰

”تنهجي ملاقات بند ڪئي وئي آهي!“ سپرنٽنڊنٽ گهنڊ وجهي چيو.

”ڇو.....؟“

”مٿان حڪم آيو آهي!“ هن آسمان ڏانهن آڱر ڪٽي چيو.

”مٿان..... يعني؟“ مون مٿي آسمان ڏانهن ڏٺو. سرڻ ڦيرا ڏيئي رهي هئي. ”مارشل لا وارن جو!“ سپرنٽنڊنٽ چيو.

انگريزي سرٽيون اپڪنڊ ڇڏي ويون آهن مگر ديسي سرٽيون زندگيءَ کي ڪنهن ڊور جو ڊونڊ سمجهي چيرڻ ڦاڙڻ ۾ رڌل آهن.

انگريزن وارو ”ڪارو پاڻي“ تہ قومي يادگار ۽ ميوزم ۾ بدلجي چڪو، مگر هيءَ بيٺاري في الحال ديسي سرٽين جي شڪار گاهہ آهي.

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

٥ ڊسمبر ١٩٨٠

ڪوليءَ ڪان ٻاهر وڻ هيٺ ويٺو آهيان. ۽ اڄهو هينئر هن جهرڪيءَ جي پيرڙن يا شايد چهنب مان ڇڏايل نرم ڇاري جهڙي سوٽليءَ جون تندون منهنجي جهوليءَ منجهه اچي ڪريون آهن.

جهرڪي سامهون وڻ جي ٽاريءَ تي ويٺي آهي ۽ مون ڏانهن ڏسي "چرڙ چرڙ" ڪري رهي آهي. دل تي چويم ته سوٽليءَ جون تندون ڪيس موٽائي ڏيان. پر خبر اٿم ته جيڪڏهن مان اٿيم ته هوءَ ڦڙڪو ڏيئي اڏامي ويندي ۽ مان نٿو گهران ته هوءَ مونکي اڪيلو ڇڏي هلي وڃي. سندس چرڙ چرڙ مان مونکي زندگيءَ جي ڀرپور امنگ نظر اچي رهي آهي.

سوٽليءَ جون هيءُ نرم تندون به ڪيڏيون بدنصيب آهن جن کي ڪنهن آکيري جو حصو ٿيڻ نصيب نه ٿيو ۽ نرم ڀڪيئڙن جي نازڪ بيدن ۽ ٻچن لاءِ نرم گدو ٻڻجي نه سگهيون.

***

٦ ڊسمبر ١٩٨٠

قيد ته ڪالهه به حقيقت هو جيڪا پاڻ وساري ويٺا هئاسون . اڄ خمار ۽ مستي جي عالم ۾ جڏهن پتين جو پاڪر پيو آهي ته محسوس ٿيو آهي ته مئه ڪدا به ڪيئي، ۽ هر مئه ڪدي جي ڪيفيت ئي پنهنجي!

عجيب ڪيفيت آهي، لڳيم ٿو ڪنهن وڏي مئخاني مان نڪري ڪنهن ننڍڙي مئخاني ۾ داخل ٿيو آهيان. گهٽ اُڃ ڪان وڌيڪ اُڃ ڏانهن سفر ڪيو اٿم يا وڏي قيد مان نڪري ننڍڙي قيد ۾ گهڙيو آهيان. ڪجهه ايئن ٿو محسوس ٿئيم ڄڻ مان ڪنهن ٻي جاءِ تي هوندي به اُتي جو اُتي آهيان. مقدار جو فرق آهي ڪيفيت جو نه.

***

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

لکان تہ پيو. پر منا تون چا جاڻين تہ لکڻ چاهي! اندر نپوڙجي ۽ وڃي رسيءَ وانگر ٿيو وڃي ٿو ۽ بار بار تنهن کي کولي بيهر نپوڙي رَسي ٿاهجي ٿي.

ڪيڏا نہ زهر جا ڍڪ ٿا پرجن! ڪيڏا نہ سيني تي چهڪ ٿا سهجن! ڪيڏا نہ سهارا! تشبيهون ۽ استعارا ٿا ونجن. ڪيڏا انڪار ۽ ڪيڏيون هاڪارون ڪرڻيون پون ٿيون. ڪيڏو جبر ٿو ڪرڻو پوي پنهنجو پاڻ تي! توکي کهڙو احساس تہ لامحدود سوچن جي اُيام کي قابوڪرڻ مهل ڪيڏا گُهٽا ڏيڻا ٿا پون ضمير کي!

پيارا! سڀون تہ جڙن ٿيون پر ٽڏهن، جڏهن من اندر ڦٽ مڙن ٿا ۽ مڙي مڙي من ئي ڦٽَ ٿي پوندو آهي.

* * *

٦ ـ ڊسمبر ٨٠

پيارا اطهر

ڪوشش ٿو ڪيان تہ توکي جيل جي ماحول بابت ڪجھ ٻڌايان. هيءَ هڪ ننڍڙي دنيا آهي. نہ، اهڙي ناهي جهڙي تنهجي تصور ۾ آهي. ها! قيد خاني جا ڪجھ حصا يقينن بلڪل تهڙا آهن جهڙا تنهنجي سوچ ۾ آهن.

تون تہ قيد خاني کي صحافت جي اکين سان ڏسڻ گهرندو هوندين جيڪو بيان ڪرڻ شايد مون لاءِ ممڪن نہ هوندو. پنهنجي انداز ۾ ابتو سبتو ۽ بي ترتيب پيو لکندس، ممڪن آهي تہ جيل جي ڪا صحيح تصوير تنهنجي ذهن ۾ اُڀاري سگهان. هت هر نئين ايندڙ کان پهريون سوال پڇيو ويندو آهي تہ، ”ڪچو آهين يا پڪو؟“ پڪو معنيٰ سزا ورتل ۽ ڪچو معنيٰ ”بنا سزا“ ..... سو، هن وارڊ ۾ مان ۽ راجا ”ڪچا“ آهيون، ٻيا سڀ پڪا آهن.

هن مهل رات جا ساڍا اٺ ٿيا آهن. بلب جي روشني مٺل آهي پر مان لکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. وارڊ ۾ ڇھ ڄڻا آهيون. مان، مختار (هڪ سرڪاري ملازم)، ملڪ سليم (هڪ واپاري) رشيد غني، ۽ ان سان گڏ جبار (پنهي تي هيرن ۽ قيمتي پٿرن جي سمگلنگ جو ڪيس آهي) ۽ ڇهون راجا عبدالحسن سينٽ پيٽرڪ جو شاگرد ۽ شهناز جو قاتل آهي. سندن تاريخ جاگرافي ڪنهن ٻئي پيري لکندس.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

مختار هينئر ريڊيو کوليو آهي. بي بي سي تان اردو سروس شروع ٿي آهي. اڄڪلهہ سڀ سياسي توڙي غير سياسي قيدي خبرون ڏاڍي شوق ۽ تجسس سان ٻڌي رهيا آهن، خاص ڪري پولينڊ واري ڇڪتاڻ ۽ هندوستان ۾ سياسي اُٿل پٿل. اُتي مختلف صوبن جي خودمختياريءَ واري تحريڪ ۾ اندرا گانڌيءَ جي ٻي چيني ۽ خاص ڪري سوويت يونين جي صدر برزنيف جي ايندڙ هفتي واري ڀارت جي دوري بابت ايندڙ تبصرا ڪافي ڏيان سان ٻڌجن ٿا. اڄڪلهہ برطانيہ جو شهزادو چارلس بہ هندوستان جي دوري تي آهي ۽ بي بي سي ان کي ڏاڍو ڪٽي رهي آهي ۽ ڇو نہ ڪٽيندي!؟؟

هر قيديءَ جوخبرن سان ايڏو شوق ڇو آهي؟ تنهن جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ ڪافي ڏکيرا سوال ٿا لڳن پر منهنجي خيال ۾ ان جا مکيہ ڪارڻ فقط ٻہ آهن. پهريون اهو تہ ماڻهو اونده ۾ رهڻ نٿو گهري. منهنجو مطلب آهي تہ اٽڪاٽائيءَ جي اونده ۾. هيءُ هنڌ، جاڻ جي ڪميونيڪيشن جي معاملي ۾ تہ هيڪاري ۽ چاٽي واٽي پيدا ڪيل کوٽ وارو هنڌ آهي. ٻيو ڪارڻ آهي "نجات جا اولڙا ڳولڻ ۽ اميدون قائم ڪرڻ". اها ڏاڍي عجيب ڳالهہ آهي تہ ٺپ غير سياسي ماڻهو بہ جيڪي ٻاهرين دنيا ۾ سياست ۽ سياسي ماڻهن کان نفرت ڪندا آهن سي بہ پنهنجي نجات سياسي هلچل ۾ ڏسندا آهن. اهوئي نقطو سندن ذهن کي سرڪار کان وڌ ۾ وڌ بدظن ڪندو ويندو آهي.

جيل ۾ ريڊيو رکڻ سخت ڏوهہ آهي پر هن وارڊ ۾ اڄڪلهہ هڪ ننڍڙو ڇئن انچن وارو ٽي وي بہ موجود آهي. جيڪو پريڊ واري ڏينهن (هر آچر) سيني ريڊين سميت "ڇپر" ڪرٽو پوندو آهي. هيءُ شيون جيل ۾ سمگل ڪيون ويون آهن. ٽي ويءَ جو مالڪ هيرن جي سمگلنگ جي ڪيس ۾ سزا ڪاٽي رهيو آهي (قيد بامشقت). ٽي ويءَ جي خبر جيل انتظاميہ کي لازمي طور تي هوندي پر ڇاڪاڻ تہ رشيد غني مالدار ماڻهو آهي ۽ هر عملدار کي "خوش" ڪري ٿو تنهنڪري.....

خير، ٽي وي سان ڪنهنجو بہ شوق نہ ڪونهي، خود اُن جي مالڪ جو بہ ناهي. هوئئن ئي وولٽيج ايترو گهٽ آهي جو ٽي وي اڪثر هلي نہ سگهندو آهي. وولٽيج جي گهٽتائيءَ ڪري بجليءَ جو استو (سمگل ڪيل) بہ ڪا خدمت ڪري نہ سگهندو آهي. سو چانهہ يا ماني ڪوسي ڪرڻ لاءِ روزانيون اخبارون ۽ جيل ۾ موجود وٽن جون سڪل ڏاريون وڌي ڀارڻ ڪبو آهي. پر جيئن تہ سڪل ڏاريون گهٽ ملن ٿيون تنهنڪري اخبارون ۽ پراڻا ڪپڙا وڌيڪ ٻرن ٿا.

گهرج، ايجاد جي ماءُ آهي. تنهنڪري، جيل ۾ هڪ خاص قسم جي چلهه ايجاد ٿي چڪي آهي. سئو سيڪڙو قيدين جي دماغ جو ڪمال! هن کي ”گُل“ چئبو آهي. ڇو؟ تنهن جي ڪنهن کي بہ خبر ڪونهي. پر هيءَ چلهه ڊالڊا جي خالي گول دٻي ۾ ٻہ سوراخ ڪڍي، تيارڪئي ويندي آهي ۽ منجهس ڪو ڪپڙو ڊالڊا جي گيهہ ۾ ٻوڙي ٻارڻ ڪبو آهي. هن ريت، گيهہ ديڳڙيءَ ۾ گهٽ ۽ ٻارڻ ۾ وڌيڪ خرچ ٿئي ٿو، پر اها مجبوري آهي.

جيل ۾، اڪثر شام جو بجلي بلڪل گم هوندي آهي، جيتوڻيڪ جيلن جي بين الاقوامي قانون موجب قيدين کي اونده ۾ رکي نٿو سگهجي. خير! اهو تہ جيل انتظاميہ جي ڪارڪردگيءَ جو مسئلو آهي. في الحال قيدين جو مسئلو: جڏهن بجلي نہ هوندي آهي تڏهن گيهہ ۽ ڪپڙي جي وٽ سان ڏيئو ٺاهي، روشني ڪرڻي پوندي آهي. اهڙي موقعي تي مختار چوندو آهي. ”ديا جلائو ڪہ روشني ڪم هئہ!“ ملڪ سليم موٽ ۾ جوندو آهي، ”جلائو. گهي کي چراغ جلائو!“ جنهن ڏينهن ڪاڻين سان چلهہ ٻرندي آهي، تنهن ڏينهن سيني جون اکيون لڙڪ لاڙيندڙيون آهن. پر ان مان هڪ فائدو بہ ٿيندو آهي. يعني، وارڊ مان مڇر ڀڄي ويندا آهن ۽ ڪافي دير تائين آرام سان سمهي سگهبو آهي.

مڇرن ڏنگي جسم سجائي ڇڏيو آهي. هينئر بہ لکڻ نٿا ڏين. سراسري طور هر اڌ سٽ لکڻ تي هڪ ڏنگ لڳي ٿو ۽ ڌيان جوستيا ناس ٿيو وڃي. جيل وارن جي مهربانيءَ سان هت خدا جي ٻي مخلوق بہ گهٽي آهي جن ۾ ذڪر لائق لکن جي حساب ۾ منگهڻ ۽ ڪروڙن جي حساب ۾ مکيون آهن. ممڪن آهي تہ منگهڻ بہ اوڏا ئي هجن.

ٻائو! وڌيڪ نٿو لکي سگهان. هن حالتن ۾ في الحال ايترو بہ گهڻو ٻائنج.

سلام سيني کي،

تنهنجو

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

٦ ڊسمبر ١٩٨٠

ساڍي پنجين لڳي، روز جيان قيدي ڪولين ۾ بند ٿيا ۽ سپاهي ٻاهر ڪمپائونڊ ۾ اڪيلا ٿي ويا. سچ لڳو، اونده ٿي ۽ ڪوليون ڏيئن جي ٽم ٽم ڪندڙ لاٽن سان جاڳڻ لڳيون. آوازن، زندگيءَ جو ڏس ڏنو، وقت اچا اڳتي رڙهي ويو. ڪي ڪوليون ننڊ پئجي ويون ۽ ڪي اوٻاسين ۾ هونديون.

ٿوري دير اڳ مون در جي شيخن ۾ هٿ وجهي تارن ڀريل آڪاس ڏانهن ڏسي رات جو مزو پئي ورتو. اندر، قيد روشنيون هيون؛ ٻاهر آزاد انڌيرو ۽ ان آزاد اونده جي ڇت ۾ آزاد روشنيون ٽم ٽم ڪندي ڪيڏيون نه وڻندڙ پئي لڳيون.

منهنجي نظر، هلڪڙي چانڊوڪيءَ ۾ اڪيلي ۽ اگهاڙي وڻ تي پئي. ڪيڏو نه ڏکارو وڻ هو مون سان هڪ نظر ملايائين ته منهنجو وجود ٻه ڏکوئي وڌائين. ڪيڏي نه حسرت هئي سندس اداس اکين ۾!

پراسرار فطرت ۽ چانڊوڪيءَ جي اٽپوري ئي سهي،وسندڙ اُجاڻ من ۾ اتساهه ڀريو ته جيڪر در ڀڃي ٻاهر نڪري، هر اداس وڻ کي ڀاڪر پائي تسلي ڏجي ۽ پوءِ......ڪو خوبصورت تصور ڪٽي ان تصور سان ڀري ڀري ٽائين پنڌ ڪجي.

نٽو چاٽان ته مان ڪيتري دير ان اداس ۽ اگهاڙي وڻ جي پويان آڪاس تي نظر ايندڙ زحل تڪيندو رهيو هوندس. هيءُ ڪيڏو نه ڏات ڏيندڙ منظر هو! اوچتو، ڪنهن مونکي ڏونڏاڙي وڌو ۽ خيالن جو تصور پور پور ٿي ويو. ”سائين! واپس اچ، واپس !“ سليم ملڪ پاٺيو هو ته مونتي مايوسيءَ جي ڳجهه حملو ڪيو آهي. چڙ ته ڏاڍي آئي پر.... هن يار منهنجو ڪيڏو نه سهڻو، اٽليپ، بي ملهه تخيل ڊانو ڊول ڪري مونکان منهنجي دنيا ڦري ڪنگال ڪري وڌو هو.

هن وارڊ ۾ رهڻ جي نقصانن مان هڪ اهو به آهي ته هتي ماڻهوءَ کي اڪيلائي نٿي ملي. ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾ به مزو آهي. شايد انڪري ته پنهنجن معاملن ۾ ٻين جي دخل اندازيءَ جي گهٽ ۾ گهٽ گنجائش جي اها اڪيلي صورت هوندي آهي، يا شايد اهوئي واحد ذريعو آهي جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي ذهني سطح تي پنهنجو ماحول جوڙي، ان ۾ ڪجهه گهڙيون رهي پاڻ کي پنهنجي پسند مطابق رکي ٿو.

واقعي! ماڻهو به ڏاڍي عجيب شئي آهي. ڪنهن به ڳالهه ۾ خوش

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ڪونهي. خود مون پاڻ چوٿين نومبر کان ويهين تاريخ تائين لاڪ ـ اپ دوران اڪيلائيءَ کان ڪڪ اچي لاڪ ـ اپ ۾ ايندڙ ٻلين کي هيرائي، اڪيلائپ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ آڌي پڇا لاءِ ايندڙ خوفناڪ ماڻهن کان ڊنل هئڻ جي باوجود سندن شديد انتظار ڪيو هو. ايترو انتظار شايد مون ڪنهنجو به نه ڪيو هوندو! ۽ هاڻ جڏهن هن مختصر وارڊ ۾ فقط ڇهن ڄڻن جي مختلف طبيعتن واري ماحول ۾ آهيان ته وري اڪيلائپ جي گهرج پئي ٿئيم .

* * *

اهو هڪ ڪنپ هو. ڪارو، سج جي روشنيءَ ۾ منجهس لڪل تڪو سائو ۽ ناسي شيڊ نظر ٿي آيو. سيني ان ڪنپ کي ڪارو سڏيو پر ڪين منجهس ٻين رنگن جي سهڻي ملاوت نظر نه آئي. سندن خيال ۾ هيءُ ڪنپ ڪانءَ جو آهي ۽ منحوس آهي. پر ڪنهن به ان کان انڪار نه ڪيو ته اهو ڪنپ هڪ پکيءَ جو آهي جنهن جي زور تي هو اڏامندو رهيو هو.

اسان سيني جا ڪنپ سرڪار جي خزاني ۾ جمع آهن ۽ انهن جي سهاري هوءَ عقاب جيان اڏامڻ گهري ٿي. پر اُٺ پکي پنهنجي جسم تي سموريءَ ڌرتيءَ جي ڪنين کي چنبڙائي به اڏامي نٿو سگهي، سندس ڪنيڙاٽين ۾ ايڊو بل آهي ئي ڪونه.

* * *

۷ ـ ڊسمبر ۱۹۸۰

صبح جا ساڍا ڇهه

پيارا اطهر

مان رات جلد ئي سمهي پيو هوس. صبح جو سوير تقريباً فجر جو اک کُلي ويندي اٿم. سبب ڏاڍو وڻندڙ آهي. هن وارڊ جي ڇت ۽ ديوارن ۾ ڪيئي پور آهن، جن ۾ جهرڪن ۽ جهرڪين جا ڪيئي جوڙا پنهنجا آکيرا جوڙي

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

وينا آهن. هيءَ سندن هڪ ننڍڙي آبادي آهي. هيٺ زمين ۾ جيت ۽ ماڪوڙا رهن ٿا، زمين تي اسان ۽ ديوارن ۽ ڇت ۾ جهرڪيون پنهنجي پنهنجي ننڍڙي آکهه سان. ٿورو سوچ تہ فطرت ڪيئن نہ پنهنجي هر مخلوق لاءِ گنجائش ڪئي آهي.

صبح جو سوير اٿڻ جو ڪارڻ جهرڪيون آهن. نہ ڄاڻي ڪيئن ڏسيئن خبر ٿي پوي تہ صبح جا چار وڳا آهن. بس، چار وڄندي ئي چون چون چرڙ چرڙ جو راڳ ڇيڙينديون آهن. ڪو مزو وڻندو آهي تہ ڪنهن کي سخت چڙ لڳندي آهي. کولي ۸ X ۱۱ فٽ آهي. هڪ ڪنڌ ۾ ننڍڙو پڱل ريڪ آهي جنهن جون بہ ٽنگون ڪونهن. ٻي ڪنڌ ۾ ننڍڙو ۽ گرو جارو آهي. ٻنهي ۾ استعمال جون نندیون وڏيون شيون رکيل آهن. پٽين تي بہ ٽنگٽيون آهن؛ جن تي هو نئن ڪپڙا ٽنگجن، پر اڪثر ڪري تن تي جهرڪيون ٺينگ ٽپا ڏينديون آهن يا چنهب سان پر صاف ڪري پنهنجو پنهنجو پٽڪڙو وجود ڏوٽينديون آهن.

اڄا تائين ٽوٽل نہ ڪليو آهي، تقريباً پندرهن منٽن کانپوءِ کلندو. رات بہ مڇرن کان بچاءُ لاءِ بتي ٻاري سمهڻو پيو هو. نہ ڄاڻي اڌي رات جو ڇا ٿيو هو.....! ننڊ ۾ سخت بي چيني محسوس ٿي هئي. عجيب ڪيفيت هئي. نہ سيءُ ٿي لڳو نہ گرمي، راتيون بہ سخت سياري جون آهن، ڪمبل بہ اوڍيل هئم. بي چيني ايتري وڌي وئي هئي جو ڇرڪ ڀري جاڳي پيس. جاڳڻ جي باوجود ڪجهہ نظر نہ آيو. جهٽ کان پوءِ احساس ٿيو تہ بجلي ڪونہ هئي ۽ مڇر ۽ منگهڻ اوندهہ ۾ شينهن ٿي پيا هئا.

ٿوري دير کان پوءِ ياد آيم تہ مون ڪجهہ دير اڳ خواب پئي ڏٺو. خواب ۾ مان لاڪ - اپ ۾ هوس ۽ هُو، پڇا جي دوران مونکي سخت ذهني اذيت ڏئي رهيا هئا اڄا تائين ذهن تي سخت دٻاءُ پيو محسوس ڪيان ۽ لونڊڙيون ڏنوي رهيون آهن.

اِجهو ٽوٽل کليو آهي. هاڻي زنداني زندگيءَ جون ٻيون ڪرتون شروع ٿينديون.

تنهنجو.

پيارا فقير

اڄ آچر جو ڏينهن آهي. هر آچر جي ڏينهن هن جيل جو سپرنٽنڊنٽ جيل جي ليفٽ ونگ،جنهن ۾ اسپتال، ڦيڪٽري ۽ ١٧ کان ٢٣ نمبر وارڊ آهن، جو رائونڊ ڪندو آهي. جيل جي اصطلاح ۾ ان کي "پريڊ" سڏيو ويندو آهي. تون تہ ڄاڻين ٿو تہ هر ڪاتي جو سربراهہ پنهنجي محڪمي جو بادشاهہ هوندو آهي پر جيل سپرنٽنڊنٽ بي تاج بادشاهہ هوندو آهي. چون ٿا تہ هيءُ سپرنٽنڊنٽ (ممتاز قاضي) پاڪستان جي سيني سپرنٽنڊنٽن کان وڌيڪ بهتر ۽ ٺڏو آهي ۽ هيءُ جيل ملڪ جي سيني جيلن کان وڌيڪ آزاد ۽ سٺو جيل آهي. پر هن ٿي ڊويزن (ونگ) ۾ رهندڙ هڪ قيديءَ جو پنهنجي تجربي جي روشنيءَ ۾ چوڻ آهي تہ هن سڄي دنيا ۾ هن کان وڌيڪ خراب جيل ڪٿي بہ ڪونہ ڏٺو آهي. اهو قيدي پروفيسر جوزف آهي. جڳ مشهور مافيا جو ميمبر ۽ بيلجم جو رهاڪو آهي. هيروئن جي سمگلنگ ۾ ٣ سال سزا پوري رهيو آهي. پروفيسر پراڻو پاپي آهي ۽ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ جيل بہ ڪٽي چڪو آهي.

سو، اڄ پريڊ جو ڏينهن آهي. انگريزن جي دور ۾ سپرنٽنڊنٽ جي رائونڊ جي موقعي تي سپاهين ۽ قيدين کان پريڊ ڪرائي ۽ سلامي ورتي ويندي هئي. ۽ هاڻ هوريان هوريان اهو رائونڊ فقط رائونڊ ۽ انسپيڪشن جي حد تائين وڃي بچيو آهي. انگريزن کي هندوستان ڇڏي بہ تہ ڪو عرصو ٿيو آهي.

پريڊ وارو ڏينهن قيدين لاءِ سخت ڏينهن هوندو آهي. صبح سوير کان ئي جيل جي مختلف ڊويزنن جي هڪ هڪ انچ جي صفائي ٿيڻ شروع ٿي ويندي آهي. ڪالهہ ڪجهہ قيدين هٿان ڪنيءَ ناليءَ مان بالٽيون ڀرائي جيل جي مختلف ميدانن جو ليپو ڪرايو ويو هو تہ جيئن اڄ ڌوڙ نہ اُٿي (اهو رڳو ڪالهہ ئي نہ ٿيو پر اهو هر هفتي جو معمول آهي).

جيل جي قانون مطابق ڪجهہ قيدين کان ڪنهن بہ قسم جو ڪم نٿو وٺي سگهجي، پر جيڪڏهن ڪو پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان ڪم ڪرڻ چاهي تہ ان کي اٺ آنا روز جي حساب سان اجرت ڏيڻي هوندي آهي. اها ڳالهہ صرف قانون جي ڪتاب ۾ لکيل آهي حقيقت ۾ ان جو ڪوبہ وجود ڪونهي. ڪو قيدي جيل انتظاميہ جي تحويل ۾ هوندو آهي ۽ ڪجهہ قيدي عدالتي تحويل ۾ هوندو آهي. پر هن پاتال جا قانون ٻيا آهن. هر لاوارث ڪجهہ قيدي بدترين ۽

ذلت وارو ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي ٿو. هن ڳالهه جو علم هاءِ ڪورٽ جي ججن کان وٺي هوم سيڪريٽري تائين سڀني کي آهي. پر ڪير ڪنهن وٽ ڪيئن ۽ ڪهڙي دانهن ڪري؟ نه ڪنهن وٽ سيءَ کان بچاءَ لاءِ ڪمبل ،نه پوري ماني، نه ڪا دوا ۽ نه ئي ڪو ٻڌڻ لاءِ تيار آهي.

مانيءَ جي ڳالهه نڪتي آهي ته اها به ٻڌندو هل! نيرن ۾ ”ڪانجهي“ ملندي آهي. هتي ڪانجهي، ان اڌ مانيءَ کي چئبو آهي جا ”سي ڪلاسين“ کي ملندي آهي، سا به اڌ ڪچي ۽ اڌ سڙيل. منجهند جو مانهه جي دال ۽ ڪڏهن ڪڏهن ”ڊيزل“ (ٻوڙ جي اهڙي سڙيل ڪاري ڊنڍ، جنهن جي تري ۾ ڇيڙ جهڙي ٻوٽي ليپي پوندي آهي) ملندو آهي.

ڳالهه پئي هلي ڪچن قيدين کان ڪم وٺڻ جي. سو، انهن کان ڪم وٺڻ جو سبب هڪ اهو آهي ته مزدورن ۽ ڀنگين جي اجرت بچائڻي آهي ۽ ٻيو ته جيل جي اسٽاف جي آمدنيءَ جو تمام وڏو ذريعو ڪچا قيدي آهن. تون ضرور پڇندين ته ڪيئن؟ ٻڌ! ڪو به انسان ڪڏهن به انسانيت کان ڪريل ڪم ڪرڻ ڪونه گهرندو آهي. تون جيڪڏهن انهن قيدين کي ڪم ڪندو ڏسين ته روئي پوندين. سندن بک کان بي حال جسم ڏسين ته تنهنجي نڙيءَ مان گرهه هيٺ نه لهندو. هيءُ ته ويچارا اهڙا مصيبت جا ماريل ۽ سماج جا لتاڙيل انسان آهن جن کي ڪو پڇڻ وارو به ڪونهي. جيل جو عملو مٿن اها مصيبت مڙهي ڪاٺن ان مصيبت کان جان ڇڏائڻ لاءِ رشوت گهرندو آهي. ان ئي عمل جي بنياد تي سندن اقتدار ۽ حيثيت کان مٿي حيثيت قائم آهي.

صبح کان وٺي هن وارڊ ۾ رنگ ٿي رهيو آهي. خبر اٿئي ڇو؟ آءِ.جي. صاحب جي پريڊ ٿيڻ واري آهي. رنگ ٿي رهيو آهي: رنگ ڇا آهي؟ بس سفيدي ۽ چونو: ٿورن پئسن جو سستو رنگ. مزدوري ته آهي ئي ڪونه. هي ڪچا قيدي ڪهڙي ڪم جا آهن؟ مفت خور. ترس! هڪ ٻي ڳالهه به ٻڌندو وڃ. هفتو کن اڳ قيدين منجهان چندي جي اوڳڙ ٿي هئي: چونو خريد ڪرڻ لاءِ. خبر نه آهي ته سرڪار طرفان مليل رقم جو ڇا ٿيو؟

سلام سنگت کي.

تنهنجو.

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۸ ـ ڊسمبر ۱۹۸۰

مان روز صبح جو اُٿي تنهنجو انتظارر ڪندو آهيان. جيتوڻيڪ مونکي خبر آهي تہ هنن ڏکين ديوارن کان اڳتي ڪجهہ پيون ديوارون بہ آهن. مونکي اها بہ خبر آهي تہ تون پاڻ بہ ڪنهن قيد ۾ ۽ منهنجي انتظار ۾ آهين. تنهنجو ۽ منهنجو 'انتظار' ئي اها سگهہ آهي؛ جنهن کي هو پيچڻ گهرن ٿا. پاڻ ٻئي ۽ پاڻ جهڙا سڀ اهو 'انتظار' ڪندا رهندا ۽ هڪ ٻئي لاءِ ڦتڪندا بہ رهندا؛ ان وقت تائين جيسين بيچڙاين جا اصول ٺهڪ ڏيئي ڏيئي، سڪرات جي هڏڪين ۾ تبديل نہ ٿي وڃن.

* * *

الائي ڇو اڄ ويٺي ويٺي جان بيز جا گيت ذهن تي تري آيا آهن. آمريڪي حڪومت مٿس بہ تہ پابندي وڌي هئي. هوءَ خوش قسمت آهي جو آمريڪا ۾ پيدا ٿيڻ ڪري مٿس غداريءَ يا بغاوت جو ڪيس نہ هليو. آمريڪي جمهوريت جو شان ئي پنهنجو آهي. آمريڪي نيگرو بہ هٿ وٺي پاڻ جڏا ڪم ڪندا وتن پوءِ ويٺا نڪسن، فورڊ ۽ ڪارٽر جهڙا اشراف ماڻهو گاريون کائين. محمدعلي ڪلي ويٽنامين کي مارڻ ڇو نہ ٿي قبول ڪيو؟ ۽ هيءَ جان بيز! تنهن کي ڪهڙو لاچار پيو جو عورت ذات هوندي انقلابي گيت ڳائي، چندا گڏ ڪري ويٽنامين ڏانهن پئي موڪليائين؟ گيت بہ ڳائيٺا هئس تہ ڪٽي ڊونا سمر جهڙا ڳائي ها!. هن تہ وٺي ڪميونسٽن جي عظمت جا گڻ ڳائڻ شروع ڪيا ها! ويچاري حڪومت بہ ڇا ڪري؟ مٿس فقط گيت ڳائڻ جي ئي پابندي تہ وڌائين،بيو ڇا ڪيائين؟ آمريڪا ۾ اظهار جي آزادي زنده آباد! جان بيز جا گيت پابندآباد!

* * *

۹ـ ڊسمبر ۱۹۸۰

سياڻي صبح جو منهنجي پيشي آهي. هن کان اڳ ۳ ڊسمبر تي هئي. في الحال ريمانڊن جو سلسلو پيو هلي. اڃا چالان پيش نہ ٿيو آهي. پر ايم.ايل.آر ۱۵ءِ ۱۸هيٺ ريمانڊ جاري پيا ٿين. سولن سڌن اکرن ۾ انهن نمبرن جي معنيٰ آهي، "تخريبڪاري ۽ غير قانوني پمفليٽن جي ذريعي ملڪ کي نقصان پهچائڻ" . ڏسجي تہ اڳتي ڇاڇا ٿو وڌي، ڪهڙا ڪهڙا نمبر وڌن ٿا ۽ انهن جي سولن سڌن اکرن ۾ ڪهڙي معنيٰ ٿي نڪري؟

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

قند فارس خانم گوگوش جو موت هيئن ٿيو هوندو تہ ڪيس فائرنگ اسڪواڊ اڏو ائي بيهارڻ ڏنيوءِ اکين تي پٽي ٻڌڻ جي ضرورت بہ محسوس نہ ڪئي وئي هوندي! محض اشاري سان گوليون سندس ڇاتيءَ ۾ گهڙي ويون هونديون! گولين جي ٺڪائڻ سان رت پڙڪا ڏيئي نڪتو هوندو! ڏکها اڇا جبا ۽ اڇيون ڪاريون ڏاڙهيون رڱجي ويون هونديون! گوگوش جو بت ڏرڪي ڪريو هوندو! ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ ٿيو هوندو پرمان صرف انهن گولين بابت سوچي رهيو آهيان جن کي خبر ناهي تہ اهي ڪنهنجي جسم ۾ گهڙيون! ڪاش گوليون انڌيون نہ هجن!

* * *

* * *

بي بي هاجرا تہ 'صفا مراوُ' جي وچ ۾ رڳو ست ڦيرا هنيا هئا مان تہ ڊوڙي رهيو آهيان پٽر جي دور ڪان........ ۽ خبر ناهي تہ ڪيستائين.......ڊوڙندو رهندس!

* * *

١٠ ـــ ڊسمبر ١٩٨٠

هن وقت اڌ رات آهي ۽ سوچ جو پکيئڙو اڏامي رهيو آهي . اڃا ڪا وٿي ملي ٿي ۽ پکيئڙو اڏامڻ شروع ڪيو ڇڏي. جيئن سڀ سوچين پيا تيئن مان بہ سوچيان پيو. ٻاهرين دنيا ۾ منهنجا دوست سڄي ڏينهن جي ٿڪ کان پوءِ سمهي رهيا هوندا. گهر ۾ بابا منهنجي باري ۾ سوچي فڪرمند هوندو ۽ امان ڪو وظيفو پڙهي رهي هوندي. امان جي ذهن ۾ يقينن اهو سوال ايري آيو هوندو تہ مون ماني کاڌي بہ هوندي يا نہ، ننڊ بہ ايندي هوندم يا نہ، مٿي ۾ سور تہ ڪونہ هوندم. ۽ مونکي يقين آهي تہ امان جي خيال ۾ مان سيءَ ۾ ڏڪي رهيو هوندس.

۽ هو "يار" (مهربان واڳونءَ جا مالڪ) پنهنجن معصوم ٻارن سان ستل هوندا يا ممڪن آهي تہ ننڊ قتل هجين ۽ هت جيل جا پهريدار هر پندرهن ويهن منٽن کان پوءِ ڏاڍي خاموشيءَ سان چڪر لڳائي رهيا آهن. اڌ قيدي ننڊ ۾ آزاد دنيا گهمي رهيا آهن، ڪي جاڳن پيا، ڪي سوچين پيا تہ ڪي بالڪل بي خبر ننڊ ۾ الوٽ آهن.

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

١١ ـ ڊسمبر ١٩٨٠

پيارا اطهر

اڳئين خط ۾ تو ڏانهن ٣ ڊسمبر جي پيشيءَ بابت لکيو هئم. توکي ياد هوندو تہ ان ڏينهن ١٠ ڊسمبر تي اسان کي ٻيهر پيش ڪرڻ جو حڪم مليو هو. يقينن سندن خواهش تہ اها هوندي آهي تہ قيدي ذهني طور تي هٿيار ڦٽا ڪري پيش پوي. پر جيئن تہ ان خواهش جي پورائي ايتري سولي نہ هوندي آهي تنهن ڪري هو قيدين کي بار بار پيش ڪرائي ذهني تسڪين حاصل ڪندا هوندا.

ڪالهہ مونکي ڊي.ايم.ايل.اي. هائوس پيش ڪيو ويو. اها ساڳي ڪاري بند لاري جنهن کي قيدي ڪُتا گاڏي چوندا آهن، خدمت لاءِ حاضر هئي. تقريباً پنجاهہ قيدي هئا. لاريءَ شهر جي رستن تي ڊوڙڻ شروع ڪيو ۽ سياسي قيدين نعرا هڻڻ شروع ڪيا. زندگي سان ڀرپور نعرا. ٽڳين جي ڦاهن لاءِ موت جا نعرا ۽ انساني وقار جي بحاليءَ لاءِ جنگ جا نعرا. غير سياسي قيدي ڊنل ۽ ماٺ ۾ هئا، ويچارو غير منظم ماڻهو!

لاري هاءِ ڪورٽ ۾ غير سياسي قيدي لاهڻ لاءِ بيٺي تہ عدالت جي عمارت کي ڏسي نعرن نئون رخ ورتو.

”هاءِ ويچاري ـ هاءِ ڪورٽ!“

”هاءِ، يتيم ـ هاءِ ڪورٽ!“

”هاءِ ڪورٽ کي ـ رها ڪيو!“

” قانون کي ـ رها ڪيو!“

ڪافي ٺهڪندڙ نعرا هئا. لاريءَ ۾ سياسي قيدين مان گهڻو تعداد ”جامع ڪلاٿ بس ڪيس“ وارن جو هو. تن ڪانسواءِ ٻيا سياسي قيدي ڪابي ڌر جا، پر ٿورڙا هئا. بس ڪيس وارا قيدي پيپلز پارٽيءَ جا ڪارڪن آهن. لاريءَ ڪين فريئر هال ۾ ٺهيل اسپيشل ملٽري ڪورٽ جي در تي لاٿو. سپاهين سندن گهيرو ڪيو ۽ لاري سفر جاري رکندي اڳوڻي ايم پي اي هاسٽل جي در تي بيٺي. اڄڪلهہ هيءَ هاسٽل ڊي.ايم.ايل.اي هائوس آهي. جنهن ۾ عدالت لڳائيندڙ ڪنهن بہ ميجر جي فيصلي کي سپريم ڪورٽ جي جج وٽ بہ چئلينج نٿو ڪري سگهجي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

قيدي گاڏيءَ مان لٿا. حراست ۾ ونڊرز ڪيترن ئي سپاهين هڪ ٻيڙي قيديءَ کي سڃاتو. هو، اگوڻو ايم.پي.اي هو ۽ پنهنجي قوم جو چڱو مڙس ٻ. ايتري وڏي عمر هئس جو پنڌ ڪرڻ سندس وس کان ٻاهر هو. اهو ايم.پي.اي سنڌ اسيمبليءَ ۾ پنهين ٻئنچن تي ويهي ننڊ ڪندو هو، فقط ووٽ ڏيڻ مهل هٿ اپو ڪندو هو. هڪڙا ڏينهن هئا جڏهن هو هن ئي بلڊنگ ۾ وڏي شان سان داخل ٿيندو هو ۽ اڄ قيديءَ جي حيثيت ۾ اُنهن ئي سپاهين جي تحويل ۾ داخل ٿي رهيو هو جيڪي ڪيس ايندي ويندي سلام ڪندا هئا.

مونکي ريمانڊ وڏي مليو. ريمانڊ وڌائڻ مهل سمري ملٽري ڪورٽ جو ميجر حفيظ الله فون تي ڪنهن دوست کان ٽئين ڪار جي بڪنگ واسطي پڇي رهيو هو. ريمانڊ تي لکيائين، ”پوليس جي تحويل لاءِ ١٧ ڊسمبر تائين ريمانڊ وڌايو ويو“ ميجر صاحب ڪا اها غلطي پوءِ ٺيڪ ڪرائي وئي ۽ ”پوليس“ جو اکري ڊاهي ”عدالت“ لکرايو ويو. ادا اسان جو ڪيس اهڙا قابل جج هلائيندا، نيٺ ٻه قانون سازيءَ واري عمارت ۾ گهڙڻ سان بندوق بازن کي ڪجهه نه ڪجهه قانون ته پاڙهي ڇاڙهي اچي ويو هوندو.

تنهنجو

١٢ــ ڊسمبر ١٩٨٠

پيارا اطهر

ياد نٿو اچيم ته ڪهڙي ليکڪ جو مضمون هو، پر ايترو ياد آهيم ته موضوع ماحول سان انيست جو هو. سندس چوڻ هو ته ماڻهو پاڻ کي ٻئي جي اک سان ڏسي ته پاڻ کي سمجهي سگهي ٿو ۽ ٻي ڳالهه ته هر فرد پاڻ کي تبديل ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو، جهڙو ماحول هجي پاڻ کي ان ۾ ضم ڪري ڇڏڻ ۾ کيس گهڻو وقت نه ٿو لڳي. ها، ياد آيم ڪنهن نصابي ڪتاب جو مضمون هو As others see us .

ماڻهو پنهنجي ماحول کي شايد عجيب محسوس نه ڪري پر ٻئي جي اک ان اجنبيت ۽ فرق کي هڪدم محسوس ڪري ٿي. جهڙي طرح پنهنجي ٻت تي لڳل خوشبوءِ ٻئي کي محسوس ٿيندي آهي ۽ مهاڻي کي مڇيءَ جي ڪڪاڻ محسوس نه ٿيندي آهي تهڙيءَ ريت فرد کي پنهنجي اندر آيل تبديليءَ

جي لڪا مڙئي گهٽ پوي ٿي جڏهن تہ ڊاريو (بيو فرد) ان تبديليءَ کي جهٽ محسوس ڪري هڪدم ردِعمل ڏيکاري ٿو.

مان اڳ ڪنهن خط ۾ لکي چڪو آهيان تہ مون پهرين ڏينهن پاڻ کي ڪبڙو اوپرو ڏٺو هو. پر هاڻ هوريان هوريان منهنجو ذهن هن ماحول جو ايتري حد تائين عادي ٿيندو پيو وڃي جو ماحول کان اجنبيت وارو سلسلو گهٽبو ٿو پائنجي. اهو چوڻ تہ ماحول مان گهُٽ گهٽجي وئي آهي، ڪوڙ ٿيندو. پر مان هِن گهُٽيندڙ ماحول ۾ ساهن جي اچ وڃ سان مانوس ٿيڻ لڳو آهيان. هاڻ بين وحشتناڪ قيدين جو دٻ دل ۾ باقي نہ بچيو آهي ۽ هو خود رحم جوڳا لڳي رهيا آهن.

مونکي، ماحول سان هوريان هوريان انسيت جو احساس امان ان مهل ڏياريو جڏهن هوءَ پيشيءَ واري ڏينهن تي ملڻ آئي. تنهن ڏينهن ترڙ تڪڙ ۾ مان بنا گرم ڪپڙن جي حاضر ٿيو هوس. امان پڇيو ”سوئيٽر ڪٿي ڇڏي آيو آهين؟“ ۽ مون بي خياليءَ ۾ چيو هو، ”گهر وسري ويو آهي.“ امان کلي ڏٺو ۽ مان سندس کلڻ تي وائڙو ٿي ويو هوس. پر جڏهن مون پنهنجو جواب پنهنجي ذهن ۾ ورجايو تڏهن احساس ٿيو تہ مان جيل کي لاشعوري طور گهر تسليم ڪري چڪو آهيان.

هڪ ٻئي پيري بہ مون امان جي آڏو اها ساڳي غلطي ڪئي هئي، تڏهن هن روئي ڏنو هو. سندس خيال هو تہ مونکي پنهنجو گهر ۽ ان سان وابستگيون وسري ويون آهن. پر مان ڪيس ماٺهو ۽ نئين ماحول سان انسيت وارو فلسفو شايد ڪڏهن بہ سمجهائي نہ سگهندس.

تنهنجو

۱۳ - ڊسمبر ۱۹۸۰

پيارا ساٿي

ڪالهہ لطف مهٽو ڏيئي ويو تہ منهنجين لکڻين ۾ ذات جي جهلڪ آهي. هو هتي بہ تنقيد کان نہ مڙيو. سنگتي جتي بہ هجن پنهنجين حرڪتن کان نٽا مڙن. اهاسئي علامت آهي. تنقيد ۽ خود تنقيديءَ واري عمل کي سدائين جيئرو رهڻ گهرجي. اصولي طور تي مون سندس تنقيد کي قبول ڪيو ۽ پنهنجي بچاءُ ۾ دليل ڏنم تہ پهريون پيرو جيل ۾ آيو آهيان ۽ آزادي، پوءِ پلي اها نالي ماتر ئي چو نہ هئي، وڃائي آيو آهيان. سو جيڪڏهن مونتي

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

مايوسي طاري ٿئي ٿي ۽ اُها لڪٽين ۾ بہ ظاهر ٿئي ٿي تہ فطري ڳالھ آهي. مان بہ انقلابي ڪردار تہ ڪونہ آهيان، جو جبل جهڙو سگهارو هجان. لطف اها تنقيد بہ ڪئي تہ جيل جي مسئلن تي قلم بنهہ نہ کنيو اٿم. مون اها تنقيد بہ اڏ قبول ڪئي آهي ۽ وڌيڪ ڪوشش جو واعدو ڪيو اٿم.

هن وقت تائين تہ مون ڪجھ خاص لکيو بہ ڪونهي. پر مون ڪوشش پئي ڪئي آهي تہ مان پنهنجي اندر جي محرومين تي ضابطو رکان. پر اها ڳالھ بہ ذهن ۾ اڀري ٿي تہ مونکي ڪجھ حقيقت پسند ٿي پوءِ لکڻ گهرجي. مان سمجهان ٿو تہ جيڪا ڳالھ لطف چئي سا ٺيڪ آهي. نيٺ بہ، مونکي ڪهڙو حق ٿو پهچي تہ مان پنهنجا محرومين سان پريل خيال ۽ جذبا ٻين جي مٿي ۾ هٽان، پر اهي خيال ۽ جذبا ڪو فقط منهنجا تہ نہ آهن. اهي جيل ۾ ايندڙ هر نئين قيديءَ جا احساس ۽ تجربا آهن. تنهنڪري مختصر اکرن ۾، اُهو سڀ ڪجھ هڪ قيديءَ جي نفسياتي پيچ ڌاهہ، اُٿل پُٿل ۽ ڪيفيت جو عڪس آهي، صرف منهنجو نہ. خود لطف بہ ٻڌايو تہ هو پاڻ بہ ان دور مان لنگهي آيو آهي، جيڪو مون لکيو آهي. مان انفرادي طور سيني قيدين جي سوچ جي نمائندگي تہ نٿو ڪري سگهان پر تڏهن بہ ڪجھ سيڪڙو قيدي يقينن ساڳي صورتحال مان لنگهي رهيا هوندا. هت هڪ ڏاڍي عجيب ڳالھ محسوس ڪئي اٿم تہ ساڳيو ماڻهو هڪ ڪلاڪ اندر ٻن ٻن ۽ ٽن ٽن قسمن جي ابتڙ ڪيفيتن مان لنگهي ٿو. مان بہ. پر خارجي دنيا ۾ راجا عبدالحسن، جبار، مختار ۽ سليم مونکي بلڪل پاڻ جهڙا لڳن ٿا. عبدالحسن تہ حدون اورانگهي ويو آهي. ڪنهن ڪنهن مهل تہ هو لڪي لڪي روئيندو آهي ۽ ٻئي لمحي تمام پُر اميد پيو لڳندو آهي. اڄ بہ اڌ ڪلاڪ اڳ هو رنو هو؛ مگر هاڻي مختار سان وڏا ٺهڪ ڏيئي موسيقي ۽ موسيقارن تي بحث پيو ڪري.

ڪير آهي جنهن تي ٿڪاوٽ ۽ مايوسيءَ جو حملو نٿو ٿئي؟ اها بي ڳالھ آهي تہ ڪنهن جي دل ڪمزور آهي ۽ ڪنهن جي مضبوط. پر جن جي دل مضبوط آهي مون انهن کي بہ پٽ ڏانهن منهن ڪري سڏڪا پريندي ڏٺو آهي. عجيب ڳالھ وري اها آهي تہ اِن جذباتي ڪيفيت کي بي عزتي ۽ گهٽتائيءَ واري ڳالھ سمجهيو ٿو وڃي ۽ ٻيا هن کي هوم سڪنيس جو مريض سڏيندا آهن، جيتوڻيڪ ڪلندڙن جي دل بہ اوتري ئي سٽي هوندي آهي جيتري گهر سان پيار ڪندڙ روئيندڙن جي. خبر ناهي ڇو خود پنهنجي اندر، فطرت ۽ ڪردار کان انڪار ڪري خول پاتا وڃن ٿا. انسان، بهرحال انسان آهي ۽ ان جا احساس، جذبا ۽ وابستگيون آهن، جيڪي هن کي ڏک ڏين ٿيون ۽ ردعمل ٿئي ٿو. خبر ناهي تہ سچ قبول ڪرڻ کي شڪست قبول

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

کرڻ جي برابر چو ٿو سمجهيو وڃي.

فرد، ڏک ۾ رد عمل جو ذڪر نڪتو آهي تہ قلم کي روڪڻ تي دل نٿي چويم.

هونئن، هر ماڻهو ۽ جو ردِعمل هڪٻئي کان مختلف ٿئي ٿو. پر هت ڪجهہ ماڻهن کي وقت، حالتون، مايوسي، غيريقيني صورتحال ۽ پوڳنائون اذيت پسند ڪري ڇڏينديون آهن ۽ پوءِ هو اڪثر هڪ ٻئي سان ٿيندڙ ناانصافيءَ تي مزاحمت ڪرڻ بدران ٽهڪ ڏيندا آهن. هڪٻئي جي همت وڌائڻ بدران پڇندا آهن ۽ هڪٻئي کي ذهني اذيت ڏيئي پنهنجي ڦٽڪندڙ من کي مطمئن رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جڏهن ڪو ڏکهي سزا وٺي ايندو آهي تہ اندر ۾ خوشي محسوس ڪندا آهن، فقط ان لاءِ تہ هو پاڻ وانگر ٻين کي بہ مجروح ڏسڻ گهرن ٿا.

هتي هڪ قيدي هو فيضياب. هونئن تہ وڏو فراڊ پر هت هڪ قيدي. اهو ڏيڍ سال کان قيدي هو، ۽ ٻن مهينن کان ضمانت تي آزاديءَ جي پرواني جي اميد سبب ذهني طور تي ٻن مهينن تائين ”پليٽ فارم“ ڪيفيت ۾ رهيو؛ يعني سندس ليٽ ٿيل ٽرين ڪنهن بہ مهل اچي سگهي ٿي (هن ڪيفيت کي محسوس ڪرڻ جي ضرورت آهي) جيل کان ٻاهر نڪرڻ جو تصور قيديءَ جي اندر ۾ سٽل، جذباتي ۽ زندگيءَ سان پيار ڪندڙ انسان کي هڪ لمحي ۾ ڊونڊاڙي اٿاري ڇڏيندو آهي. آس ۽ انتظار ۾ لنگهندڙ هڪ هڪ لمحو مٿس سال جيان ڳرو گذرندو آهي. ان ڪيفيت ۾ فيضياب روز صبح جو ٻاهر نڪرڻ جي اميد هيٺ سياري ۾ ٿڌي پاڻي سان وهنجي سهنجي تيار ٿي ماڙيءَ ۾ ’بيل آرڊر‘جو انتظار ڪندو هو. پر هر شام جو سندس ’ٽوئل‘ ٿيندو هو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو هو وري گوڏ ٻڌي غسلخاني ڏانهن ويندو نظر ايندو هو. ٻيا قيدي بدران ان جي تہ سندس ڪيفيت کي محسوس ڪري همدردي ڪن ها، مٿس کلندا هئا ۽ جنهن ڏينهن فيضياب سچ پچ وڃڻ لاءِ موڪلائڻ آيو تہ مونکي ڪيترائي قيدي اهڙا بہ نظر آيا جن اُتي هن سان هٿ بہ نہ ملايو. هڪ قيديءَ جي آزاديءَ تي ٻين قيدين جي ’برين واش‘ ذهن ڪو جذباتي ردعمل نہ ڏنو. پر هو آزاد ٿيندڙ قيدي ان ردِعمل کان لاشعوري طور تي واقف هو تنهنڪري هن کي ٻين جي چهرن تي ڪنهن بہ قسم جو تاثر ڏسڻ جي ضرورت نہ هئي.

تنهنجو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۱۳ ڊسمبر ۱۹۸۰

پيارا ساٿي!

تون بي.بي.سي کان تہ چڱيءَ طرح واقف هوندين پر "J.B.C" جهڙو اصطلاح تنهنجي لاءِ بلڪل نئون هوندو. جي.بي.سي جي معنيٰ آهي 'جيل براڊ ڪاسٽ'. تشريح هن ريت آهي تہ، جيل جي اندر يا ٻاهر جون اهڙيون خبرون جيڪي سئو سيڪڙو ڪوڙ تي ٻڌل هجن ۽ جيڪي ستن آسمانن کان زمين جي پاتال تائين وجود نہ رکنديون هجن ۽ جيل جي ماڙي يا ڪنهن بيرڪ يا وارڊ ۾ تيار ڪري جيل ۾ پکيڙيون وڃن تن کي جي.بي.سي. رپورٽ چئبو آهي.

اڪثر ڏاڍيون دلچسپ خبرون ايندريون آهن. مثال طور "جهڙتي ٽيڻ واري آهي"، "مارشل لا جي ٽيم جيل جو معائنو ڪرڻ واري آهي"، "صدر ضياء ڪي دل جو دورو پيو آهي"، "شهر ۾ بم ڦاٽو آهي" ۽ اهڙيون ٻيون. انهن خبرن کي پکيڙڻ جا بہ سبب هوندا آهن. پهريون سبب 'تفريح' آهي ۽ ٻيو سبب 'خوف پکيڙڻ' آهي. اهو جيل انتظاميہ جو هٿيار آهي. جهڙتي ۽ مارشل لا ٽيم جي معائني وارا افواهہ پکيڙي انتظاميہ غيرقانوني شيون هٽائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. بهرحال، J.B.C. ڏاڍي خطرناڪ بہ آهي. مثال، ڪو اها خبر پکيڙي ڇڏي تہ "فلاڻي کي فلاڻي اخلاقي ڏوهہ ۾ بند وارڊ ڪرڻ جي ڌمڪي ملي آهي" تہ ان 'واقعي' سان فلاڻي جي عزت خاڪ ۾ ملي ويندي آهي. هر طرف کان سوالن جي برسات ٿيندي: ڇا ٿيو؟ ڇو ٿيو؟ آخر ڇو؟ پوءِ ڇاهي فلاڻو پَل تہ ويٺو سچو ڏينهن ان جي ترديد ڪري. ترديد ڪڏهن بہ افواهہ جو اثر ختم ڪري نٿي سگهي.

اڳئين ٻيري سپرنٽنڊنٽ ۱۸ - نمبر وارڊ ۾ راجا کي پهريون ڀيرو ڏٺو ۽ حيران ٿي ويو. پنهنجي مخصوص گُٽي لهجي ۾ پڇيائين، "هي ڪير آهي؟" وارڊ انچارج حوالدار ممتاز سندس تعارف ڪرايو، "جناب! هيءُ راجا عبدالحسن آهي.... شهناز جي قتل ڪيس وارو ڪچو قيدي آهي."

"اڇا!.... اڇا.... هيءُ آهي.... پر هيءُ تہ صفا ڇوڪرو آهي .... هن کي هتان ڪڏي لانڍي موڪليو!" هن حڪم ڏنو ۽ راجا جي منهن جو پنو لهي ويو. (لانڍي ٻارن جو جيل آهي) سپرنٽنڊنٽ بهرحال سپرنٽنڊنٽ آهي، ڪير ٿو سندس حڪم کي ٽاري سگهي! وارڊر کي راجا تي رحم اچي ويو. هو سپرنٽنڊنٽ جو مطلب سمجهي ويو، "صاحب هي هتي خراب نہ ٿيندو، ٻارڻ لانڍيءَ ۾ خراب ٿي ويندو. هن وارڊ ۾ سڀ شريف ماڻهو آهن.... مون ٻارڻ هن

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ڪي هٿي رکيو آهي.” ڳالھ آئي وئي ٿي وئي پر راجا جي مصيبت اچي وئي. J.B.C پنهجو ڪم شروع ڪري ڇڏيو ۽ منٿن ۾ اها خبر سڄي جيل ۾ پکڙجي وئي تہ سپرنٽنڊنٽ کي شڪ آهي تہ راجا جي عزت کي خطرو آهي. ان ڏينهن ڪانپوءِ راجا گم سم آهي. ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ وارا گهٽا آهن ۽ هو اڪيلو. هن وقت صورتحال اها آهي تہ راجا مصلي تي ويٺو آهي ۽ هر هڪ کي J.B.C کان ڊپ لڳڻ لڳو آهي.

تنهنجو

هو چئي ويو... ١٥ ڊسمبر ١٩٨٠

۽ مان سندس احساس ميڙڻ لڳس...

هن چيو تہ”اڄ مان Abnormal آهيان...گهڙيءَ گهڙيءَ اهو احساس ٿو ذهن تي تري تہ هو... مونکي پنهنجي وڻ مان ٽاريءَ وانگر پٽي آيا آهن... ۽ چلھ ٻارڻ لاءِ مونکي ساڙيندا.... ۽ چاڪاڻ تہ مان ڪاٺيءَ جيان بي حرڪت آهيان... ۽ چري پري ٿو سگهان تنهنڪري ڊپ اٿم تہ ڪٿي چلھ جو ٻارڻ نہ ٿي وڃان...“

هن چيو، ”اٿين ٿو لڳي تہ هُو خرڪار آهن.... ۽ مونکي ڪنهن ٻار جيان اغوا ڪيو اٿن... مونکان بيگر وڻڻ جي انتظار ۾ آهن........“

هو چوندو ويو.... چوندو ويو ۽ مان سندس احساس ميڙي نہ سگهيس.

١٦ـ ڊسمبر ١٩٨٠

بي. بي. سي. تان بنگلہ ديش جي آزاديءَ جي نائين سالگرھ واري موقعي تي اولھ ۽ اوڀر پاڪستان جي ماضي ۽ حال تي تبصرو پئي آيو.صرف ان لاءِ تہ مونکي فيض احمد فيض جو غزل ياد ڏياري:

هم ڪہ ٺهرے اجنبي ڪتني مداراتون ڪے بعد
ڦر بنين گے آشنا ڪتني ملاقاتون ڪے بعد
ڪب نظر مين آئے گي بے داغ سبزہ ڪي بهار
خون ڪے دهبے ڌلين گے ڪتني برساتون ڪے بعد

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ايران ريڊيو تان ايمنسٽي انٽرنيشنل جي رپورٽ آئي آهي:

١. پاڪستاني سياسي قيدين تي فوجي عدالتن ۾ هلندڙ ڪيسن ۾ انهن کي وڪيل ڪرڻ جي سهوليت کان انڪار تي تشويش.

٢. ڪيترا قيدي جيلن ۾ تشدد جي ڪري مري ويا آهن. نذير عباسيءَ جو خاص طور تي ذڪر ڪيو ويو.

ڪلهه کان، بي بي سي راؤ رشيد پاران مارشل لاءِ جي جواز کي سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪيل چئلنج کي ڪٽي رهي آهي. هن ڪيس جي سماعت ٢٠ ڊسمبر تي ٿيندي. هيءَ، هن قسم جي ٽين يا چوٿين اپيل داخل ٿي آهي. قيدين جو خيال اهو ئي آهي ته هيءَ اپيل به خارج ٿي ويندي.

(۽ نيٺ سرڪار کي هڪ نئين آرڊيننس جي اوٽ وٺڻي پئي جنهن جي نتيجي ۾ سپريم ڪورٽ جي چيف جج ۽ ٻين ٻارنهن ججن استعفا ڏيئي ڇڏي)

* * *

صوبائي خودمختياري، اڪثر بحث هيٺ ايندي رهندي آهي. هر ڪو پنهنجي راءِ ڏيندو آهي پر ڪنهن ۾ به ڪو گهڻو اختلاف نظر نه آيو اٿم. ڳالهه لڳ ڀڳ سيني جي ساڳي هوندي آهي. سيني کي گهٽ ۾ گهٽ چئن قومن تي اتفاق آهي، پر قومي حقن تي منجهي ٿا پون. ٻولين تي پهچي علاقائي ٻولين جي ترقيءَ جي ڳالهه ته ڪن ٿا، پر قومي ٻوليءَ واري ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچين. ممڪن آهي ته سياسي ۽ غير سياسي اصطلاحن جو چڪر پيدا ٿيندو هجي؛ جيئن گهڻا يار قوم پرست ۽ محب وطن ۾ فرق نه ڪري سگهندا آهن.

هت سياسي بحث ايتري ئي نارمل ڳالهه آهي جيتري ٻاهرين دنيا ۾ غير سياسي ڳالهه ڪرڻ. ٻاهر ته ماڻهو سياسي بحث ڪندي پيا ڇرڪندا آهن پر هتي ته سائين، چئي ڪٽي بس ڪر. ڪنهن ڪنهن مهل ته ايئن لڳندو آهي ته اظهار جي آزادي فقط جيلن ۾ آهي.

هن وارڊ ۾ مونکان ٽورو اڳ قمر راڄپر، شاهه محمد شاهه، رسول بخش پليجو ۽ محمد حسين ڏنجي رهي ويا آهن. سليم ملڪ سان ڪافي بحث ٿيا اٿن. هو اڪثر سندن خيالن کي بنياد ٺاهي بحث شروع ڪندو آهي ۽ ٽڪجي پاڻ ئي بند ڪندو آهي. سليم هر بحث دوران هر هڪ کي احساس ڏياريندو آهي ته سنڌ سان ماٽيلي اولاد جهڙو رويو آهي. سندس دليل آهي ته

صرف سنڌ هاءِ ڪورٽ جا هٿ وڌيل آهن جڏهن ته قلم ۱۹۹ هيٺ باقي ٽنهي صوبن ۾ مارشل لا جي قيدين جون ضمانتون ٿي رهيون آهن. فقط سنڌ هاءِ ڪورٽ جا اهي اختيار به کسيا ويا آهن.

هاءِ ڪورٽ جي حوالي سان اڄ هڪ سنُو واقعو ٿيو آهي. انهيءَ واقعي جي ٽيڻ ۾ وڏو هٿ رفيق صفيءَ جو آهي. واقعو هن ريت آهي ته 'آچر' نالي هڪ قيديءَ کي، هڪ فوجيءَ جي قتل جي الزام ۾ اسپيشل ملٽري ڪورٽ موت جي سزا ٻڌائي هئي. صدر ضياء به سنڌس دستور موجب رحم جي درخواست رد ڪري چڪو هو ۽ سپ کان وڏي ڳالهه ته بليڪ وارنٽ به جاري ٿي چڪو هو. آچر جو ڪيس منڍ ۾ سول ڪورٽ ۾ هلي رهيو هو پر چاڪاڻ ته مقتول هڪ ريٽائرڊ فوجي آفيسر هو تنهنڪري مارشل لا اختياريءَ وارن ڪيس پاڻ ڏانهن چڪائي، ڪارروائي ڪري سزا ٻڌائي ڇڏي هئي.

رفيق صفيءَ، آچر طرفان رحم جي درخواست تيار ڪرائي هاءِ ڪورٽ موڪلي هئي جيڪا اڄ چيف جج ٻڌڻ لاءِ منظور ڪئي آهي. آچر جي سزا روڪي وئي آهي ۽ آچر ڪال ڪوٺڙيءَ کان ٻاهر نڪتو آهي. ان ڳالهه کان پاسو ڪندي ته آچر بي گناهه آهي يا نه: هن 'منع نامي' جي اهميت هيئن به آهي ته اهو فوجي عدالت جي هڪ فيصلي جي خلاف جاري ٿيو آهي. سنڌ ۾ هيءُ پهريون واقعو آهي ته اعليٰ عدالت جا روايتي حق کسجي وڃڻ کان پوءِ به فوجي عدالت جي فيصلي کي روڪيو ويو آهي. ممڪن آهي ته اڳتي هلي هيءُ ڪيس ٻين کي به فائدو ڏئي.

* * *

اڄ پڻ سارو ڏينهن انهيءَ انتظار ۾ گذري ويو ته ڇاڻ مارشل لا جي ٽيم ڇاپو هنيو. سرنديءَ وارا قيدي به سڄو ڏينهن قيدي ڪپڙا پائي هلندا نظر آيا..................

پر اها به .B.B.C جي رپورٽ نڪتي.

## ڏنڀ

رشيد غنيءَ جي چنگهن تي ڏنڀن جا نشان هئا. اهي ڏنڀ ڏيکاريندي سندس اکين مان لڙڪ ڪِري پيا. چيائين، ”سائين! سڀ ظلم سٺم. وساري به وِهان! پر هيءُ داغ نه جَسم تان ڊهندا؛ نه اُهي منظر ذهن تان ڊهندا جڏهن ڏنڀ پئي ڏنائون. نه سائين! هيءُ داغ هاڻي دل تي پئجي ويا آهن.“

## هڪ تصوير

وچ شهر ۾ چو واٽي تي هوا ۾ لڙڪي رهيو آهي؛ ڪڙڪي رهيو آهي هڪ هڏائون پڃرو. پڃري جي منڍيءَ تي چڙهيل ڪنٽوپ ٽڳڙيون تي ويو آهي. ڳچيءَ ۾ وڌل مضبوط ترڪڻي رسي جو سٽيپ سُڪي ويو آهي. هڏائين پڃري جا ٻئي هٿ پوئتي ٻڌل آهن ۽ ٻنهي پيرن جا آڱوٺا سوڪها ڪيل آهن.

آهي ڪو! جيڪو، هن تصوير کي عنوان ڏئي؟

هائو منهنجا سائين! ”جمهوريت.“ (مارشل لا جي دؤر ۾)

١٧- ڊسمبر ١٩٨٠

دنيا ڏاڍي سهڻي آهي. پر قيدي گاڏيءَ مان اندران ننڍڙين ڄارين جي وٿيءَ مان دنيا ڪنوار ڪان به وڌيڪ سهڻي نظر اچي ٿي. دنيا ڪنهن اهڙي پريتما جهڙي لڳي ٿي جيڪا ڪنهن جنم ۾ اوچتو وڇڙي وئي هجي ۽ هاڻ هن جنم ۾ ٻيهر سندس جهلڪ نظر آئي هجي. هڪ اهڙي پرپور جهلڪ جنهن ۾ اکيون نه وچڙن ۽ ذهني رابطو نه ٽٽي.

مون به دنيا کي ايئن پئي ڏٺو. نه ڄاڻي اڳئين جنم جون ڪيڏيون يادون تازيون ٿي ويون. وڇڙيل يادون، هر موڙ ۽ چئو واٽي تي انتظار ۾ بيٺل هيون. جيل جي چؤواٽي تي ٻه سال اڳ موٽر سائيڪل واري حادثي جي ياد....گرومندر وٽ سخت برسات جي هڪ شام ۾ ”اُهو“ انتظار.. ۽ هوءَ، سامهون واري ديوار تي ڇهه مهينا اڳ ڪيل چاڪنگ.

مان پنهنجي آجيان ۾ بيٺل هر ياد کي ذهن ئي ذهن ۾ هٿ لوڏي ڪيڪاري جواب ڏيئي رهيو هوس. تڏهن:

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

جناح جي مزار وٽان لنگهندي چوراهي وٽ گاڏي آهستي ٿي. فٽ پاٿ تي بيٺل ڪجهه ٻارن جي نظر قيدي گاڏيءَ ۽ تنهن جي ننڍڙين ڇارين مان ليئا پائيندڙ قيدين تي پئي. قيدين تي نظر پوندي ئي ٻارڙن رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون. "غنڊا...غنڊا...چور...چور..." سندن انهن آوازن سان منهنجي اندر ۾ ڪا شيشي جي ٺهيل شئي ڪري ڇڪنا چور ٿي وئي. پر جلد ئي مونکي پنهنجو ننڍپڻ ياد اچي ويو. مان به، ننڍپڻ ۾ جڏهن ڪا قيدي گاڏي ڏسندو هوس تڏهن منهنجي ذهن ۾ به اهي ئي خيال ايندا هئا، جيڪي اڄ ٻارڙن جي واتان ٻڌم. هاڻ مونکي ڪِل اچي وئي ۽ ٻار رحم جوڳا لڳا.... ائين لڳو ڄڻ اڄ کان پندرهن ويهه سال پوءِ هيءَ ٽرڪ وري اتان ئي لنگهندي ۽ انهن ئي ٻارن منجهان ڪو هن گاڏيءَ جي ننڍڙن ڇارين منجهان ايئن ئي شهر ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ انهيءَ ئي فٽ پاٿ تان ڪي ننڍڙا ٻار ساڳي معصوميت سان "چور...چور..." چئي چٿرون ڪندا ۽ هُن نوجوان جي ذهن ۾ به اهي ڳالهيون گردش ڪنديون جيڪي اڄ منهنجي ذهن ۾ به آهن. شايد اُهو ئي صحيح وقت هوندو، جڏهن فٽ پاٿ تي بيٺل اِهي ٻار فيصلو ڪري سگهندا ته غنڊو ڪير آهي ۽ شريف ڪير!

پر نه، مون ايئن ڇو سوچيو؟ ڇا اهو ممڪن ناهي ته اڄ کان پندرهن ويهه سال پوءِ اهڙيون حالتون ئي نه هجن جو ڪنهن نوجوان کي مون وانگر هن رستي تان لنگهڻ جي ضرورت محسوس ئي نه ٿئي، يقيناً.

• • •

## تو ڏانهن

مون ٻڌو آهي ته تون اداس آهين! پر ڇو؟ ڇا اهي ڳالهيون وسري ويئڻ جڏهن تون پاڻ چوندي هئينءَ ته ماڻهوءَ جو وجود صرف ان جي جسم تائين محدود نه هوندو آهي. ڇا اِهي اکر به تنهنجا ناهن ته 'پيار جا پکي هر ملاقات کي پنهنجي ذهن ۾ ائين محفوظ ڪري ڇڏيندا آهن جيئن ورڊس ورٿ جهنگلي گلن جي نظاري کي محفوظ ڪيو هو.'

سچ پڇين ته مون پنهنجي هر ملاقات کي ورڊس ورٿ وانگر محفوظ ڪيو آهي. ۽ ها! جڏهن قيد جا ڏک هاڻ ٻوساٽڻ لڳندا آهن تنهن مهل مان گهڙي ڪن اکيون ٻوٽي يادن جي گلن مان ٻيهر تازگي حاصل ڪري نئين سگهه وٺندو آهيان.

شايد توکي ياد ناهي تہ هڪ ڀيرو اڳي بہ تنهنجي اداسيءَ هڪ نئون بحث ڇيڙي ورتو هو. ۽ ان بحث جي پڇاڙي پاڻ ان جملي تي ڪئي هئي تہ ’اداسي ۽ ڊپ موت جا بہ پاڇا آهن.‘ مان توکي هڪ ڀيرو وري ياد ڏياريان تہ تو ڀيهر ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيڻ جو واعدو ڪيو هو.

تون ۽ مان ساڳئي دور جا ڀوڳيندڙ آهيون. جي تون مايوس ٿي ٿڪجي پونديئن تہ مان بہ مايوس ٿيڻ لڳندس. ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت پاڻ هڪٻئي کي بہ وڃائي ويهون! هِن دور مان توکي بہ لنگهڻو آهي ۽ مونکي بہ ۽ ٻين کي بہ لنگهڻو آهي. تون، مان يا ڪو ٻيو تاريخ جي وهڪري جي ڌارا کي تکو ڪرڻ ۾ ڀلي مدد نہ ڪري يا خواهش جي باوجود نہ ڪري سگهي پر تاريخ جو اهو ئي وهڪرو هر هڪ کي پاڻ سان گڏ ڪٽي نوان موڙ وٺندو اڳتي وڌي ويندو آهي. جيڪڏهن مان هن وقت پاڻ کي صليب تي ٽنگيل محسوس ڪيان تہ مونکي ڪير ٿو روڪي سگهي؟ پر صليب جو اهو احساس نہ غلط آهي نہ صحيح.

تاريخ ۾، تنهنجي يا منهنجي حيثيت معمولي انسان جهڙي آهي. جيئن مان، دنيا جي هزارن اديبن ۽ شاعرن جيان صدين کان پنهنجا احساس قلمبند ڪيان ٿو ۽ عتاب هيٺ اچان ٿو تيئن سڀ ماڻهو عتاب هيٺ اچن ٿا. اسان نہ عيسيٰ آهيون نہ منصور ۽ نہ ئي ڪو مصر جو هٿرادو خدا ڪو آخري فيصلو ڏيئي سگهي ٿو.

وقت، اڄ تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ هيءَ ديوار اِيئن ڪري ڇڏي آهي صرف انهيءَ ڪري تہ اسان امن، پيار ۽ آزاديءَ جي ڳالهہ ڪئي هئي. ڇا توکي انهن شين جي کهرج ۽ تلاش ناهي؟ ڇا تون هن گناهہ ۾ منهنجي ڀائيوار ٿيندينءَ؟



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۱۹-ڊسمبر ۱۹۸۰

اڄ ۱۹ ڊسمبر آهي، منهنجو جنم ڏينهن. مان پنهنجي زندگيءَ جا ستاويهه سال گهاري چڪو آهيان. ياد ٿو اچي تہ مون ٺئين هجري صديءَ جو پهريون ڏينهن لاڪ - اپ ۾ ڏٺو هو. هاڻ، پنهنجي زندگيءَ جو ٺئون سال سينٽرل جيل ڪان شروع ڪري رهيو آهيان ۽ شايد ٺئين عيسوي سال جو پهريون ڏينهن بہ هتي گذرندو. مونکي ڪڏهن بہ پنهنجي جنم ڏينهن تي پنهنجو ڏينهن ياد نہ آيو آهي، شايد اڄ بہ ياد نہ اچي ها پر اڄ صبح جو مونکي پنهنجي گهر ڀاتين وٽان سوکڙيون مليون آهن. رائيٽنگ پيڊ، اسڪيچ بوڪ، ربڙ پينسل، سانچو، قلم ۽ خوشبوءِ.

سوکڙين وٺڻ کان پوءِ اکين مان بہ لڙڪ ڪري پيا. ڏسڻ وارن سمجهيو تہ مونکي جنم ڏينهن تي قيد ۾ هجڻ جو افسوس آهي. نہ....بلڪل....نہ. پين کي ڪهڙي خبر تہ لڙڪن پٺيان ڇا آهي. اهي لڙڪ منهنجي پيارن جي پيار وانگر هئا، گرم ۽ تلخ. سچ پچ منهنجا اهي لڙڪ سندن پيار ئي هئا: جيڪي پاٽي ٻٽجي اکين مان نڪتا ۽ ڳل پسائيندا، ڇهري کي گرمي ڏيندا نہ ڄاڻي ڪيڏانهن هليا ويا.

سچ لهڻ کان اڳ، هڪ ٻيو تحفو مليو، بہ بيت. ۽ انهن بيتن منهنجي اندر ۾ سچ جو مچ ٻاري ڇڏيو. هيءُ تحفو مونکي ان هستيءَ ڏنو جنهن مونکي نديڻ کان سچ ۽ ڪوڙ جي فرق سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. سندس بيت منهنجي لاءِ سرٽيفڪيٽ آهن تہ مون سچ ڳولهي لڌو. مان پٽڪيل نہ آهيان.

اڄ قسم آهي سچ جو تہ مون مايوس ٿيڻ ڇڏي ڏنو.

مانائي ۽ مات، گهوڙا! مانائي ۽ مات!
ڪانهي مِنائي مات ۾، يارو مُني آهي مات
ڪڙائي سين ڪات، مانائيءَ جي مات کي.

سچ نہ وٽي سرڪار کي، جُوٺ نہ وٽي ربَ
سر سونهيون نيزي مٿي، اِيءَ حسيني حُبَ
پڙن جي پيڙا جي، دلير سهندا دَبَ
لِنبي نہ سگهيا لبَ، جمال آيو جلال ۾.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۲۰ ـ ڊسمبر ۱۹۸۰

مان مختيار سان شطرنج کيڏي رهيو آهيان. شطرنج، راند آهي ٻن قوتن جي وچ ۾.

هڪ طرف پيادا انسان آهن ۽ ٻئي طرف شيطان جا مهرا. بي شڪ راند ٺاهوڪي آهي، پر هاٿي انسان ماري سگهندو آهي ۽ شيطان پري تائين سوچي وار ڪندو آهي. راند کٽڻ لاءِ پهرين قلعي ٺاهڻ جي ضرورت آهي جيڪو هو اڳ ۾ ٺاهي چڪو آهي ۽ مان کليل ميدان تي بيٺو آهيان.

* * *

چار ڏيواريءَ اندر پنج نوان نوجوان نظر پيا اچن. سندن تعلق ”بي. ايس. او سان آهي. هو مظاهرو ڪندي گرفتار ٿيا آهن. مظاهري جو سبب، حميد بلوچ کي اسپيشل ملٽري ڪورٽ طرفان مليل موت جي سزا خلاف احتجاج جو اظهار ڪرڻ هو.

حميد بلوچ بابت هفتو کن اڳ بي. بي. سيءَ ٻڌايو هو ته بلوچستان هاءِ ڪورٽ سندس ڦاسيءَ وارن حڪمن خلاف Stay ڏئي چڪي آهي. حميد جو ڏوهه اهو هو ته هُن پنهنجي قوم کي اوُمان جي فوج لاءِ ڀاڙيتو ٽيڻ کان روڪڻ لاءِ هٿيار کنيو ۽ گولي فوجي ڪرنل بدران هڪ عام بلوچ کي لڳي. ان بلوچ جي شناخت به پڪي ڪونهي. عجيب ڳالهه اها آهي ته حڪومت چوي ٿي ته مرندڙ نوجوان فلاڻي جو پٽ آهي پر فلاڻو چوي ٿو ته منهنجو پٽ جيئرو آهي....

* * *

۲۱ ڊسمبر ۱۹۸۰

اڄ صبح جو ٽوٽل کلڻ شرط مينهن جون ڦڙيون پوڻ شروع ٿي ويون آهن.... ٿوري دير اڳ رشيد غني کوليءَ جي در وٽ مونسان گڏ بيٺل هو ۽ بارش جو مزو پئي ورتائين. زبردست رومانوي منظر هو. رشيد دل کان مجبور ٿي رڪارڊ پليئر کٽي در وٽ آيو ۽ پوري آواز سان کولي ڇڏيائين. لتا جو آواز ـ ۽ برسات! ڪو تصور ڪري ڏسي. گهڙيءَ کن ۾ لتا جو آواز وايو منڊل ۾ پکڙبو محسوس ٿيو، ”ساون ڪي جهولي پڙي .... تم چلي آؤ“

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

هن وقت منهنجي حالت ان پکيءَ جهڙي آهي جنهن کي پڃري ۾ بند ڪري صبح جي وقت ڪنهن باغيچي ۾ رکيو ويو هجي ۽ هو لوهي شيخن منجهان ٻاهر نڪرڻ لاءِ وٿي تلاش ڪندو هجي.

ٻه ڪلاڪ مينهن پيو آهي ۽ سڄي جيل جو ڪچو ميدان گپ ٿي ويو آهي. ڪولين جا دروازا کليل آهن پر اسان ٻاهر نڪري نٿا سگهون. دنيا تفريح ڪري رهي هوندي پر اسان جو قيد خانو وڌيڪ سوڙهو ٿي ويو آهي. هر هڪ قيدي خيالن ۾ ٻڏل آهي ۽ ڪيترين اکين نه ڄاڻي ڪنهن ڪنهن کي ياد ڪري آليون آهن. هو سڀ يادن کي وسارڻ خاطر اڄ ڳالهه ڳالهه تي ٽهڪ پيا ڏين، ڪوڪلا. دل وندرائڻ جي ڪوشش پيا ڪن ۽ ڪوڪلن ٽهڪن جو حساس ٽيڻ سان هڪ دم ماٺ ٿي وڃن ٿا. مختار ۽ ملڪ سليم شطرنج کيڏندي اڌ ۾ ڇڏي ويهي رهيا ۽ پنهنجن بسترن تي خاموش ويهي رهيا. پنهنجو پاڻ کي فريب ڏيڻ ۾ اڄ تمام ٿورا ڪامياب ٿي سگهيا آهن.

مينهن پنهجون ٻه ڪيترين ئي يادون ڇڏي ويو آهي. سيءَ ۾ يڪدم واڌارو ٿي ويو آهي. ڏينهن جو ٻه گرم ڪپڙن جي ضرورت محسوس پئي ٿئي. ٿڌي موسم ۾ گرم ڪپڙا ۽ جيڪڏهن مينهن هجي ته موسم آهر ڪجهه کائڻ جي خواهش ڪيئن نه پيدا ٿيندي؟ پر هيءَ آزاد دنيا ڪونهي فقط چانهه ۽ ڪافيءَ تي گذارو ڪرڻو پيو آهي.

سڄو ڏينهن ڪوليءَ ۾ ويهي ويهي ڪڪ ٿي پيا سون. ڏينهن ٻه چڻ رات هو، جو ڪوليءَ کان ٻاهر نڪري نٿي سگهياسون. بس ڪوليءَ جي در وٽ ويهي فطرت جُو نظارو ٿي ڪيو سين. ڪوليءَ جو دروازو اولهه ڏکڻ ۾ آهي ۽ برسات هوا جي ڪري ڇنڊي پاسن کان ڦري رهي آهي. دروازي جي ٻاهران ٻنهي پاسي پپيتي جا ماٺهوءَ جيڏا وڻ آهن ۽ سامهون پن ڇٽيل انب. در جي ساڄي پاسي تقريباً ڏهن ٻارهن قدمن تي نم جو هڪ ڇدو وڻ آهي.

بارش، ٿوٽل بند ٿيڻ کان ٿورڙئي اڳ ختم ٿي ۽ مان ڊگها ساهه کڻندو ٻاهر نڪتس. هن موسم ۾ ڪنهنجي دل چوندي ته اندر ويهي رهي. ٻاهر اندلٺ هئي. ايڏي صاف ۽ چٽي جو مون اڳ ڪڏهن نه ڏٺي. چون ٿا، اندلٺ امن جي علامت آهي ۽ ان جا رنگ بنيادي رنگ آهن جن سان ڪائنات جا هزارين رنگ جڙيا آهن.

اڄهو سپاهي خان چاٻين جو ڇڳو ڇڻڪائيندو پهتو آهي. تصور جي دنيا تي حقيقت غالب ٿي آهي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

٢٢ ـ ڊسمبر ١٩٨٠

جيجل!

اڄ دل تي چوي ته توسان ڳالهيون ڪريان. تون به ڪيڏي نه سهاڄهي آهين، تنهنجي دل ايڏي ته حساس آهي جو شايد ڪنهن فنڪار ۽ ڪلاڪار جي به نه هوندي. مونکي جيل ۾ ڏسي تو روئي ڏنو هو ۽ مان تنهنجا لڙڪ به اُگهي نه سگهيو هوس. مون سوچيو هو ته تون مونکي قيد خاني ۾ ڏسي آٿت ڏيندينءَ ۽ چوندينءَ ”پٽ! مڙد ٿي منهن ڏجانءِ؛ متان مونکي لڄي ڪرين!“ اهو ته چڱو ٿيو جو اُن وقت منهنجن هٿن ۾ هٿڪڙيون ڪونه هيون؛ نه ته شايد تنهنجي دل....!.. تنهنجي حالت ڏسي مان ڏڪي ويو هوس. تنهنجي پنيان اظهر بيٺو هو، هن جي اکين ۾ افسوس جي جهلڪ ۽ چپن تي مرڪ هئي. ننيڙي الميرا کي ڪنهن به ڳالهه جو احساس ڪونه هو ۽ هوءَ جيل جي سپاهين سان ننڍڙن هٿن سان اشارا ڪري کيڏي ۽ ٽهڪ ڏيئي رهي هئي.

جيجل! ممڪن آهي ته تون سوچين ته منهنجي ڪري توهان سيني تي پريشانيءَ جو وقت آيو آهي، توهان حق تي آهيو به ۽ ناهيو به ـ هيءُ ته هڪ تاريخ جو وهڪرو آهي جنهن ۾ هڪ ڏنهن ايئن اوس ٿيڻو هو. ڇا پوءِ حق ۽ ناحق تي سوچڻ اجايو نٿو لڳي؟ توهان ڏٺو ڪونه ته پنهنجي ملاقات دوران هڪ خوبصورت نوجوان اُتان لنگهيو هو، هن کي چوڏهن سال سخت پورهيئي سان سزا لڳي آهي؛ پر هن پنهنجي زندگيءَ تان هٿ ڪونه کنيو آهي، هن کي يقين آهي ته هڪ ڏينهن اڇو ۽ ڪارو پڌرو ٿي ويندو. توهان ڏٺو ڪونه پئي ته هو ڪيتري خود اعتماديءَ سان گهمي ڦري رهيو هو.

اهو سچ آهي ته قيد ۾ گذرندڙ هر نئون ڏينهن منهنجي يا هُنجي يا ڪنهن ٻئي جي زندگيءَ جو هڪ ڏينهن ڪُٽائي رهيو آهي، پر اُن سان گڏ نه فقط اسان جي قيد جو پر خود ”هنن“ جي زندگيءَ جا به هڪ هڪ ٿي ڏينهن گهٽجي رهيا آهن.

تنهنجي دل ۾ تورن ڏينهن کان پوءِ هر ماءُ وانگر منهنجي مٿي تي موڙ ڏسڻ جي آس هئي پر امڙ! ٻڌائي چوي ٿو:

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

سرتين سهج سنجهاءُ، تي ڪوڏ ورهائيا ڪپڙا
تڏهن منهنجي ماءُ، تي پهڻ آڇيا پب جا — (حسيني)

مان اڄ ڪوٺن ۾ آهيان ته سياڻي ٻاهر ضرور ايندس، امڙ هر رات ڪان پوءِ ڏينهن ايندو آهي، يقين رک ڏينهن ضرور ٿيندو.

تنهنجو

اسير پُٽ

٢٥ - ڊسمبر ١٩٨٠

هن وقت سمنڊ تي وير چڙهيل هوندي. سمنڊ جون ڇوليون ڪلفٽن جي پِترِيءَ سان ٽڪرائجنديون هونديون ۽ اُن ٽڪراءُ سان ڇوليون ڦڙا ڦڙا ٿي، پِترِي اُڪري، رستو پڄائينديون هونديون. بالڪل ايئن جيئن تنهنجي دل جا ادما، اڪين منجهان ڦڙا ڦڙا ٿي وهاڻو پُسائي رهيا آهن.

* * *

ڪالهه چوڏهينءَ جي رات هئي ۽
مان ڪوليءَ ۾ بند هئس.

* * *

هائو! مان ڪالهه تائين آزاد قيد ۾ زندگيءَ مان اتساهه وٺندو هئس ۽ اڄ ان ڪري بند قيد ۾ وڌو ويو آهيان ته جيئن اتساهه ختم ٿي وڃي. پر هن قيد مونکي زندگيءَ ڏانهن اتساهه جي حد وڌائي ڏني آهي.

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

اڪيلي رات جي سانت ۾ سڏڪندڙ هوائون ڪهڙي ديس ڏانهن وڃي رهيون آهن؟

* * *

پرهه ڦٽي، وهائو، ٽيڙو، ڪتيون، هير جو گهُلڻ، ڪجهه به ته نٿو وسري. نيٺ ته قفس جو دروازو کُلندو ۽ مان ٽڌڙيون هوائون پنهنجي جسم سان وچڙنديون محسوس ڪندس.

* * *

مان ڪو پکي آهيان ۽ اڏامندي اڏامندي خار دار تارن ۾ اٽڪي ڦاسي پيو آهيان. منهنجي جسم جو رت، ڦڙو ڦڙو ٿي منهنجن اڇن کنين کي ڳاڙهو ڪندو، تر ڪندو، خشڪ زمين جي سخت مٽيءَ مٿان دٻا دٻا ٿي گڏ ٿي رهيو آهي ۽ مان هڪ پيرو پيهر اڏامڻ ڪاڻ پنهنجي زخمي پرن کي ڇڏائڻ لاءِ ڦٽڪي رهيو آهيان.

* * *

مان به ته فطرت جو حصو آهيان! ڇا فطرت کي قيد ڪري سگهجي ٿو؟؟

* * *

شهيد! مونکي اڃا به ياد آهي ته اڳئين پيري جڏهن تنهنجو ڪيس ”خاص عدالت“ ۾ هلايو ويو تڏهن تو چيو هو، ”هيءُ ڪلارڪ آهن“ ۽ مونکي رفيق سومري جو ڪردار ”گوگيا پاشا وارو گولو“ به ياد آهي. جيڪو ريڪارڊ تي ڇپيل ڪُتي وانگر مالڪ جو آواز سڃاڻڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. پر هاڻي تون ٿي چئه ته ڇا انهن ڪلارڪن کي معاف ڪري سگهجي ٿو جن سچ جي ڇاتيءَ ۾ خنجر لاٿو آهي!؟

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

هر ڪو ٻاهر نڪرڻ ٿو چاهي. ڇا ٻاهرين دنيا واقعي هن ڪان مختلف آهي؟

٢٦ ـ ڊسمبر ١٩٨٠

اوهان سيني ڪان مان اڪيلو ڌار ڪيو ويو آهيان ۽ مون اڪيلي ڪان توهان سڀ. توهان کي گڏيل قيد مليو ۽ آهي مون کي قيد تنهائي.

***

۽ هو ڪجهه ڇڏي نٿا سگهن، سواءِ ڇچريل ۽ روئيندڙ انسانيت ۽ سوال جي نشانيءَ جي.

اميد ۽ مايوسيءَ جي صليب تي ٽنگيل، اڄ جو انسان ڪجهه نٿو گهري پر پرسڪون جيون.

***

هيڏي هراس ڪرڻ سان ڇا زندگي بيهي رهي؟ زندگيءَ کي ڪير بيهاري ٿو سگهي؟ زندگيءَ کي تہ ناگا ساڪي ۽ هيرو شيما ۾ ايٽم بم بہ ختم نہ ڪري سگهيا هئا. هائو! انسان کي ڇهو ڦڏو ٿاهي ويا، جنهن تي انسانيت رهندڙ دنيا تائين روئيندي رهندي.

۲۸ ـ ڊسمبر ۱۹۸۰

ستارن جي دنيا جوڪتاب مليو اٿم. ۳ ـ نومبر ڪولي پڙهيم. ان ڏينهن مان گرفتہ ٿيو هوس. لکيل آهي، "Good Day". لکڻ وينو آهيان چو تہ لکڻ جو وقت مقرر ڪري نٿو سگهجي. خبر ناهي ڪهڙي گهڙي ڪهڙي ڳالهہ ذهن تي تري اچي ۽ دل لکڻ لاءِ سٽ هڻي. هيءُ وقت تاس ڪيڏڻ جو آهي. اڄڪلهہ ڪولي بند ٿيندي ئي مغرب جي اذان ٿئي ٿي. اذان ٿيندي ئي سڀ الله جي آڏو گناهہ بخشائڻ ۽ آزاديءَ لاءِ ٻاڏائڻ اٿي ٻيهندا آهن. نماز ختم ٿيڻ شرط تاس جو اڌ ڪلاڪ ڪن جو دور هلندو آهي.

هن وقت سيئي منهنجي انتظارم ويٺا آهن. هيءُ سٽون لکڻ کان پوءِ مان بہ ساٿن شامل ٿيندم. نہ........نہ........مونکي بنهہ شوق ڪونهي. مونکي اهڙي ڪابہ راند پسند ناهي جنهن ۾ "قسمت" کي ڏوهہ ڏيڻ جو امڪان نظر اچي. مونکي راند ۾ شامل ٿيڻو آهي، صرف انڪري تہ پٽن جي ورهاست پوري ٿي سگهي. راند ڪانپوءِ مانيءَ جو 'پيرڊ' ٿيندو ۽ مانيءَ کان پوءِ سومهڻيءَ جو وقت ٿيندو. هر ڪنهن جي مرضي آهي تہ سومهڻيءَ واي بانگ کي سمهڻ جو الارم سمجهي يا سومهڻيءَ جي نماز جو. جبار، نماز پڙهي هڪدم بستري ۾ گهڙي سمهي پوندو آهي، چو تہ سندس چواڻي، "نہ تہ ڪولي کائڻ ايندي."

پيارا اظهرا!

شايد توکي ياد هجي تہ، ننڍي هوندي جڏهن پاڻ عيد جي موقعي تي ريل ۾ چڙهي لاڙڪاڻي هلندا هئاسون تہ گاڏيءَ جي درين مان منڊيون ڪڍي زور زور سان رڙيون ڪري گيت ڳائيندا هئا سون. ان مان هڪڙو گيت اڄ مونکي اوچتو ئي اوچتو ياد آيو آهي، " اسين ماٺهو ريل ۾، ڪارو ڪتو جيل ۾."

ان زماني کي پندرهن ويهہ سال ٿي ويا آهن. تڏهن انهن ٻاراڻن ٻولن جي ڪا معنيٰ سمجهہ ۾ ڪونہ ايندي هئي. اڄ انهن جي معنيٰ تي سوچيان ٿو تہ انساني خواهش ۽ ان جي علامتي بيان تي ڏاڍو پيار ٿو اچيم. ريل، سفر جي علامت آهي جنهن ۾ هيڏو سارو قافلو تمام تيزيءَ سان پنهنجي منزل ڏانهن وڌندو وڃي ٿو، جنهن ۾ 'اسين ماٺهو' يا 'عوام' سوار آهي. ٻئي طرف جيل

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن ۾ 'ڪارو ڪتو' موجود هئڻ کپي. ڪارو ڪتو مان مراد آهي، بدي يا بديءَ جون قوتون. يقينن، عوام بديءَ جي سمورين قوتن کي پنهنجي هٿن سان زنجير پارائڻ گهري ٿو يا گهٽ ۾ گهٽ اهڙي خواهش رکي ٿو.

مگر، اڃا تائين ايئن نہ ٿيو آهي. في الحال تہ "اسين ماڻهو جيل ۾ ڪارو ڪتو ويل ۾" وارو حساب آهي. نہ...... نہ ..... هرو ڀرو ايئن بہ ناهي، ريل ۽ ان جو قافلو منزل ڏانهن وڌي رهيا آهن. انهيءَ ريل ۾ پاڻ اڄ بہ سوار آهيون. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اها ڪا سپر ايڪسپريس ناهي جنهن ۾ سفر تکو ۽ سٺائو هجي.

جيل ۽ ريل ۾ هڪ ٻي بہ هڪجهڙائي آهي، جنهن جو مٿين علامت سان ڪو بہ واسطو ڪونهي.ريل جي مسافر ۽ قيديءَ ۾ گهٽ فرق هوندو آهي. ريل هلندي رهي ٿي. اسٽيشن تي بيهندي، مسافر لاهيندي، چاڙهيندي، هلندي وڃي ٿي. جنهن مسافر جي اسٽيشن ويجهي اچي ٿي سو وقت کان پهرين سامان ويڙهي سيڙهي، ڏاڪڻين وٽ اچي بيهي رهندو آهي. ساڳي طرح جيل جون اسٽيشنون ڪيلنڊر جا سال، مهينا ۽ ڏينهن آهن. قيدين کي پنهنجين پنهنجين اسٽيشن جي خبر هوندي آهي ۽ وقت سان هليا ويندا آهن يا سوار ٿيندا آهن. فرق رڳو ايترو آهي تہ هو ريل جي مسافرن جيان پنهنجي مرضيءَ سان سوار نہ ٿيندا آهي. ريل ۾ اڪثر بنا ٽڪيٽ وارا مسافر هوندا آهن. اهڙا بنا ريمانڊ قيدي جيلن ۾ گهٽ ۾ لاڪ اپ ڪمپارٽمينٽ ۾ وڌيڪ هوندا آهن.

ڪيترن مسافرن کي پنهنجي منزل جو علم نہ هوندو آهي. ساڳي طرح ڪيترن قيدين کي پنهنجي جيل ۾ هئڻ جو سبب بہ نظر نہ ايندو آهي. هو هر ايندڙ اسٽيشن (ڏينهن) کي پنهنجي امڪاني منزل سمجهندا آهن. پر ريل کين نا معلوم منزل ڏانهن ڪٿي لاڳيتو ڊوڙي رهي هوندي آهي.

تنهنجو



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ماحول ۾ ڪيڏو سناٽو آهي ۽ منهنجي ذهن ۾ ڪيڏو شور.... !!!!

* * *

ماحول ۾ ڪيڏو گوڙ آهي! سخت طوفان، ڪنوڻ جا ٺڙڪا ۽ گجگوڙ پر منهنجي ذهن ۾ اٿندڙ، اپرندڙ شور ۽ گهمسان آڏو ڪيڏي ماٺ!!!!

* * *

تنهنجيون پنل اکيون ۽ لڙڪن سان آلو چهرو ڏسي مونکي پرهه ڦٽيءَ مهل بنا ماڪ گل ياد اچي رهيو آهي.

* * *

پر.....!!!!

چنڊ، ساڳئي وقت تنهنجي اڱڻ ۽ منهنجي ڪوليءَ مٿان چمڪندو آهي.

* * *

سياسي ماحول ۾ ڪيڏي نہ خوفزده ماٺ آهي! اهو ڪيڏو نہ ڪڙو سچ آهي.

* * *

ساقي! اڄ تون بہ سنيري آءُ ۽ مان پي اچان ! پوءِ ڪيون مقابلو. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو تون پياري پياري ٿڪجي پوين ۽ مان پيئندي پيئندي بہ پياسو رهان !

* * *

جڏهن ورنديون ڪونجڙيون، هر هر ڪري هُلَ

تڏهن ملندا سون!

(اياز)

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۳۰ ـ ڊسمبر ۱۹۸۰

قيد خاني جو تصور ايترو پراڻو ناهي، جيتري انسان جي عمر. پر ايترو پراڻو ضرور آهي جيترو شايد انساني ذهن جي ارتقا جو بيو دور آهي، جڏهن هن دشمن کي مارڻ بدران قيد رکڻ کي ترجيح ڏني ۽ غلام ٺاهڻ شروع ڪيا. ۽ تڏهن کان ئي مخالف کي چيچلائڻ، ۽ ڪيس جانور جهڙو احساس ڏيارڻ لاءِ زنده رکڻ، بکون ڏيڻ ۽ ڪانئس ڪم وٺڻ جو سلسلو شروع ٿيو.

ان جو هڪ اوائلي مثال عربن ۽ عبرانين منجهان ملي ٿو جڏهن، هو دشمن کي قيد ڪري قيدين کي اونداهن کوهن ۾ وجهي ڇڏيندا هئا يا غارن ۾ وجهي انهن غارن جا منهن بند ڪري ڇڏيا ويندا هئا. حضرت يوسف عليہ السلام کي بہ سندس ڀائرن ساڳي طرح کوهہ ۾ وجهي ڇڏيو هو. بلوچستان ۽ سنڌ ۾ اهڙن خانگي قيد خانن جو وجود اڃا تائين آهي جتي، پنجاهہ پنجاهہ، سٺ سٺ سالن کان ماڻهو قيد هوندا آهن ۽ انهن جا مائٽ ڪين مئل سمجهي آسرو لاهي ويٺا هوندا آهن. مغلن جي دور يا شايد هر دور ۾ اهڙا قلعا، ڪوٽ ۽ اهڙي ئي مقصد جا بيا قيد خانا يا انهن ۾ قيد خانن جا حصا ٺاهيا ويندا هئا، جتي مخالفن کي بند ڪيو ويندو هو. دنيا ۾ ڪي تمام ٿورا قلعا اهڙا هوندا جن ۾ قيد گهر يا تشدد خانا نہ هجن. لاهور جو شاهي قلعو هجي يا خيرپور جو ڪوٽ ڏيجيءَ وارو قلعو. بنهي ۾ قيد خانا موجود آهن. ائين محسوس ٿئي ٿو تہ پراڻي وقت کان سياست، رياستَ ۽ جيل خانن جو ساٿ رهيو آهي ۽ رياست جي حاڪمن مخالفن کي چيپائڻ جو ڪم هر دور ۾ جاري رکيو آهي. مونکي ياد ٿو اچي تہ مهن جي دڙي جي پارليامنٽ هائوس ۽ ڦاسي گهاٽ جي وچ ۾ فقط هڪ ديوار آهي. چون ٿا تہ پنڊي جيل ۽ وزيرِ اعظم هائوس بہ آمهون سامهون آهن.

***

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

٣١ ڊسمبر ١٩٨٠

# سال جو آخري سج

اڻاهه اونداهين ۾ غرق ۽ گم ٿيندڙ سج کي پنهنجي موت تي افسوس ٿي رهيو هوندو. پر اڄ ڪنهن وٽ به سندس لاءِ افسوس جو هڪ اکر به ڪونهي. نياڳو. شايد ئي ڪو سندس سوڳ ۾ به لڙڪ وهائي.

سندس زندگيءَ جو باقي هڪ ڏينهن بچيو آهي ۽ پوءِ هو دفن ٿي ويندو ۽ هن ديس ۾ پنهنجي روشن اونداهيءَ جو داستان انسانن جي دلين ۽ تاريخ جي ورقن تي ڇڏي هليو ويندو. هو ١٩٤٩ جي سج کي به مات ڪري ويو آهي. نه ڄاڻي هو ڪيترن جوان ۽ گرم جسمن کي ٿڌو ڪري، ڪيترين زبانون خاموش ڪري ويو! ڪيترن جسمن تي ڏکيا ڪارا ليڪا ۽ ڏنين جا نشان ڇڏي ويو ۽ ڪيترن جسمن کي قيد خاني جي اونداهين ڪوٺين جي حوالي ڪري ويو. شايد هن کي اڃا به احساس نه هجي ته تاريخ ڪيس ڪارن اکرن ۾ ۽ ڪارين حاشين سان پاڻ وٽ محفوظ رکندي. هن جنهن ڏر جو ساٿ ڏنو تنهن تي ڪوڙ جو پاڇو پيل هو. ڪاش! ايندڙ سال جو سج ان جي انجام ۽ تاريخ ۾ حاصل ڪيل حاشئي مان سبق وٺي!

ان جي تپش ڪنهن ڏيئي کي ٻارڻ جي ڪم به نه آئي، ڪاش ان جي دل به هجي ها ۽ انسان ذات تي ڇڏيل، پنهنجي پاڇي جي اثر کي محسوس ڪري سگهي ها! سندس سڄو سال ڌرتيءَ کي گرهڻ لڳو رهيو مگر هو بي حس ٿي سڀ ڪجهه ڏسندو رهيو، ڪنهن به دل ۾ پيار جي گرميءَ کي محسوس نه ڪيائين. مائرن کان پٽ، ڀينرن کان ڀائر، سهاڳڻين کان چوڙيون ۽ ڪنوارين کان ارمان کسيا ويا.

هن جي تپش، جيڪا جيڪر زندگيءَ کي جلا ڏئي؛ تنهن جلائڻ شروع ڪيو ۽ جلائيندي رهي، تانجو سندس موت جو ڏينهن ظاهر ٿيو آهي. وقت ڪونه بيهندو، اهو ڏينهن به گذري ويندو، هو هليو ويندو. ان ڪانپوءِ ١٩٨١ جي سج جي آزمائش جا ڏينهن شروع ٿيندا ۽ تاريخ ۾ ضم ٿي ويندا.

* * *

پيارا !

مختيار جيل جو هڪ عام ڪردار آهي، ڪيترن کي ڪانئس چڙ آهي. هر ڳالهه ۾ اصول کي دخل ڏيندو آهي، هر ڳالهه ۾ قانون تي سخت عمل ڪندو آهي. پر سندس بدنصيبي آهي جو هو قانون تي عمل ڪرڻ جي ڏوهه

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۾ جيل ۾ آهي. ساڳئي ڪيس ۾ هاءِ ڪورٽ ڪان ضمانت تي آهي جنهن ۾ مارشل لا طرفانِ سزا ڪاٽي تقريباً پوري ڪئي اٿس. تون شايد اجا تائين سول ۽ فوجي عدالت ۾ فرق ڪي نہ سمجهي سگهيو آهين، جيڪڏهن مان هڪ قيديءَ جي اکرن ۾ چوان جيڪو سزا جا ڏينهن گهاري آزاد بہ ٿي چڪو آهي تہ "سول عدالت ۾ انصاف ٿيندو آهي ۽ فوجي عدالتون سزائون ڏينديون آهن"، تہ شايد تون ڪجھ سمجهي سگهين.

منهنجو موضوع عدالت نہ پر جيل جو هڪ ڪردار آهي. هو قانون جو ڏاڍو پابند آهي. پيو تہ ٺهيو پنهنجي گهر ڀاتين سان "ملاقات" دوران ويھ منٽ پورا ٿيڻ بعد ڪين واپس وڃڻ لاءِ چوندو آهي. سندس زال روئيندي روئيندي گهر ويندي آهي. سڀ قيدي هن کي پٿر دل چوندا آهن پر هو دل تي پٿر رکي چوندو آهي ، "اصول اصول آهي."

اصول موجب ملاقات جو وقت ويھ منٽ آهي. پر توکي ماڙيءَ تي ٽي ٽي ڪلاڪ بہ ملاقات هلندي نظر ايندي. شرط اهو آهي تہ تون ايتري دير ويهي سگهين. خير! هو "ملاقات" سان گڏ گهران آيل ماني ڪائيندو آهي پرجيل جي دال، ماني ۽ پيو راشن ضرور چکيندو آهي. سندس دليل آهي تہ هو قيدي آهي ۽ قيد جي ماني کائڻ، هر پڪي قيديءَ لاءِ قانون آهي.

نتيجي طور ذهني اذيت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ ذهني اذيت کي Isolation ڪيڏي وندرائيندو آهي. هيءَ راند تاس سان کيڏي ويندي آهي ۽ فقط هڪ ڄڻو کيڏندو آهي. اهڙو رانديگر اڳتي هلي نفسياتي مريض ٿي پوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ ٻي راند جو انجام هڪ رانديگر جي فتح ۽ ٻئي جي هار تي ٿيندو آهي پر هن راند جو انجام آس ۽ نراس تي ٿئي ٿو. پتا، هڪ خاص انداز ۾ رکڻ کان اڳ رانديگر پنهنجي ذهن ۾ اهڙو سوال رکندو آهي جنهن جو جواب "ها" يا "نہ" ۾ اچي، تنهن ڪان پوءِ راند شروع ٿي ويندي آهي. اڪثر ڪري هيءَ راند فقط  قيدي کيڏندو آهي ۽ وقت کي Kill ڪندو آهي. پر مرضيءَ خلاف ملندڙ هر جواب کانپوءِ مٿس مايوسي طاري ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ کيس اها بہ پڪ هوندي آهي تہ تاس ۾ قسمت لکيل ڪونهي، پر اُن کي ڇا ڪجي تہ هو قيدي هوندو آهي. اڪثر هن راند جو قيدين تي ايترو اثر ٿيندو آهي جو هو ذهني دٻاءُ هيٺ اچي ويندا آهن ۽ ڪن حالتن ۾ خودڪشي بہ ڪري وجهندا آهن.

تنهنجو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۱ – جنوري ۱۹۸۱

پيارا ساجد!

رات جا ٻارنهن لڳي پنج منٽ ٿيا آهن. هڪٻئي کي نئون سال مبارڪ چئي بسترن ۾ گهڙي ويا آهيون. ريڊيا ۽ ڪيسٽ ريڪارڊر ڪليل آهن. اداسي، اميد، شرارت ۽ امنگ جا گڏوچڙ جذبا - چپن تي مشڪ، اکين ۾ ماٺ. هرڪو هڪٻئي کي پڙهي رهيو آهي.

ڪيسٽ رڪارڊر تي ٽيڪ ٻارهين لڳي ”ساون کے جهولے پڙے..... پوري آواز سان وڳو ۽ هاڻي ٻارنهن لڳي پنجن منٽن تي ” ڪوئي تو رهتا هئہ سانسون مين.....“ وڄي رهيو آهي.

سليم ملڪ ڪجهه جيئرا پکي گهرايا آهن. هو بازار مان پکي خريد ڪري، هر سال جي پهرين ڏينهن آزاد ڪندو آهي. گذريل سال ٻہ طوطا اڏايا هئائين، پر پاڻ قيد ٿي ويو. هن سال ٻنير اڏائيندو. ٻنير، پاڻي جي ڪناري جو پکي آهي ۽ ٻوڙن ۾ رهندو آهي. هو صبح جو آزاد ضرور ٿيندا پر منٽن ۾ گهات ۾ ويٺل سرٽين جو کاڄ ٿي ويندا. ٿلهي روايت جي حد تائين تہ ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي پر مونکي ائين ٿو لڳي تہ چڙ نئين سال جي موقعي تي سرٽين لاءِ ٻنيرن جي نرم ۽ مزيدار گوشت جي دعوت ٿي رهي آهي. ڪن لاءِ تہ پکي مڙئي پکي آهي، پراسان لاءِ سرڻ ”شڪاريءَ“ جي علامت آهي ۽ ٻنير ”امن“ جي.

پکين جي آزادي، گرفتاري ۽ وڪرو ٻہ رسم ۽ رواج جو هڪ حصو ٿي ويو آهي. ڪلهہ شهر جي بازارن ۾ اهڙن پکين جا اڳهہ آسمانن سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا. طوطا ۽ ڪبوتر تہ ختم ٿي چڪا هئا. هاڻي ٻنيرن جو وارو آيو هو. واپارين ۽ آهيڙن جا افعال تہ ڏس! هو آزاد پکين کي فقط ان ڪري گرفتار ڪن ٿا تہ جيئن سندن آزاديءَ جو وڻ ۾ وڻ اڳهہ تي سودو ڪجي. قيدي پکين جو جيڪڏهن ڪو خريدار اچي ويو تہ سندن نصيب جي موٽ چئجي پر جيڪڏهن نہ تہ پوءِ ڪجهہ ڏينهن پڄاڻان سندن بي جان جسمن کي هڪ هڪ ڪري پڃري مان ٻاهر ڪڍي ڪنهن گند جي ڍير تي اڇلائي ڇڏيو ويندو. اها اٿئي ڪنهن جي آزاديءَ جي اجرت ۽ هنجو قدر!

تنهنجو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۵ ـ جنوري ۱۹۸۱

اڄ پنجين جنوري آهي ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي سالگرهه جو ڏينهن. ٻن ٽن ڏينهن کان ٻڌو پئي ويو تہ پيپلزپارٽي طرفان پنجين جنوريءَ تي جلسن جو بندوبست ڪيو ويندو. ان سلسلي ۾ سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ دعوت نامن جو ذڪر بي بي سيءَ بہ ڪيو هو پر يڪدم پوءِ خبر آئي تہ پيپلزپارٽيءَ جا تقريباً چاليهہ پنجاهہ ورڪر ۽ ليڊر گرفتار ڪيا ويا آهن. جن ۾ ارشاد راؤ، مسرور حسن ۽ ٻيا شامل آهن. راؤ تي نسبتاً وڌو الزام هنيو اٿن تہ هن غير قانوني اخبار "مساوات ابوظهبي" پئي ڇاپي. پي پي جي ورڪرن ۾ سخت بيچيني آهي ۽ هنن پنهنجن ذريعن سان کين تلاش ڪرڻ شروع ڪيو آهي تہ ڪير ڪير ۽ ڪٿي ڪٿي گرفتار ڪري رکيو ويو آهي. پر راؤ ۽ مسرور بابت کين اڃا تائين خبر ناهي پئي. کين شڪ آهي تہ ڪنهن خفيہ ڪيمپ ۾ هوندا ۽ مٿن تشدد تي رهيو هوندو.

اڄ صبح جو جيل ۾ سالگرهہ جي سلسلي ۾ قرآن خواني تي آهي جنهن تي جيل انتظاميہ ڪو قدم ڪونہ کنيو پر منجهند جو ۳ ـ لڳي مقرر ڪيل جلسو ڪرڻ نہ ڏنو ۽ پي پي ورڪرن کي ٻين جيلن ڏانهن منتقل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني اٿن. هيءُ جلسو بيرڪ ۲۳ ۾ ٿيڻو هو، جيڪو هاڻ ڪارڪنن اٽڪل ڪري شام جو ٽوٽل ڪانپوءِ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.بيرڪ ۲۳ جو ٽوٽل ۱۳ ڄڻا آهي پر حوالدارن کي منٿ ميڙ ڪري سياسي شعور رکندڙ قيدين جو ٽوٽل اتي ڪرايو ويو آهي. متوقع ٽوٽل چاليهہ پنجيتاليهہ جو آهي. شريڪ ٿيڻ وارن ۾ پي پي جي ڪارڪنن کان سواءِ رفيق صفي، ملڪ قاسم ، لطف، امام بخش ۽ ٻيا ڪيترائي آهن.

تازو گرفتار ٿيل چاليهہ پنجاهہ ماڻهن منجهان ويهن پنجويهن جي اچڻ جي توقع آهي. گهڻو ممڪن آهي تہ باقين کي ٻاهران ئي ڇڏيو وڃي. بيرڪون خالي ناهن. ممڪن آهي تہ هاڻ هر هڪ ڪوليءَ ۾ ماڻهن کي هڪ ٻئي مٿان سٽيو وڃي.

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

# شاهہ عنايت شهيد سرسري عدالت ۾

۷ - جنوري ۱۷۱۸ع بمقام ٺٽو.

نواب اعظم خان: ٻڌاءِ تو بغاوت ڇو ڪئي؟

شاهہ عنايت: آن روز ڪہ تو سنِ فلڪ ذين ڪردند

آرائشِ مشتري ز پردين ڪردند

اين بود نصيبِ ما ز ديوانِ قضا!

مارا چہ گنہ، قسمت ما اين گردند

(جنهن ڏينهن خدا آسمان کي گردش جو حڪم ڏنو، مشتريءَ کي ستن نندڙن جي جهرمٽ سان سينگاريو، خدا جي عدالت ۾ منهنجو اهو ئي نصيب مقرر ٿيو. ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ؟ منهنجي قسمت ۾ ايئن لکيل هو.)

شيخ محمد رضا: دوست بيدار بشو، عالم خواب است اينجا

حرف بيهوده مگو پاع حساب است اينجا

(دوست ننڊ مان سُجاڳ ٿي، بيهوديون ڳالهيون نہ ڪر، هيءَ حساب جو وقت آهي.)

شاهہ عنايت: در ڪوئے نيڪ نامي ما را گزر نہ دادند

گر تو نمي پسندي، تغير ڪُن قضارا

(مونکي نيڪناميءَ واري گهٽيءَ ۾ گهڙڻ نہ ڏنو ويو جيڪڏهن توکي ڳالهہ نٿي وڻي تہ فطرت جو قانون مٽائي ڇڏ)

اعظم خان: نيڪ آهي تہ پوءِ مصيبت لاءِ تيار ٿي وڃ!

شاهہ عنايت: البلاءِ للولاءِ ڪاللهب للذهب

اعظم خان: تو پاڻ کي ڇو بدنام ڪيو ۽ مصيبت جو شڪار ٿئين؟

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

شاهہ عنايت: عاشق چہ کند گر نہ کَشد بارِ ملامت

باهيچ دلاور سپرِ تيرِ قضا نيست

(عاشق ملامت جو بار نہ کڻي تہ پيو ڇا ڪري؟موت جي تير کان بچاءُ جي ڍال ڪنهن بہ بهادر وٽ ناهي)

اعظم خان: هاڻ تون قتل ٿيڻ وارو آهين اجائي ڊيگهہ مان ڪهڙو فائدو؟

شاهہ عنايت: هرگز نہ ميرد آنکہ دلش زندهہ شد ز عشق

ثبت است بر جريدهء عالمہ دوام ما

(جنهن ماڻهوءَ جي دل عشق سان زنده آهي ڪڏهن بہ نہ مرندو آهي. اسان جي ابديت جي مُهر ڪائنات جي طرفان لڳل آهي.)

اعظم خان: تو وقت جي حاڪم جي اطاعت ڇو نہ ڪئي؟

شاهہ عنايت: ما مُريدان رو بہ سوءِ ڪعبہ چُون آريم چُون

رُو بہ سوءِ خانہ خمار دار، و پير ما ـــــ

( اسان مريد پنهنجو منهن ڪعبي ڏانهن ڪيئن ڪيون جڏهن تہ اسان جي پير جو رخ مئخاني ڏانهن آهي.)

اعظم خان: هاڻ پنهنجي خواهشن جي ناڪاميءَ تي ڏک ڇو تو ڪرين؟

شاهہ عنايت: من ازان دَمہ کہ وضو ساختمہ از چشمہء عشق

چار تڪبير زدمہ يڪسره بر هر چہ کہ هست

(جيڏي مهل مون عشق جي چشمي تان وضو ڪيو تنهن ويل هستيءَ جي هر شيءِ تان هٿ کنيو اٿمہ.)

اعظم خان: هن گستاخ کي قيد خاني ۾ وجهي ڇڏيو!

شاهه عنايت: ساقيا بر خيز و درده جام را

خاڪ برسر ڪُن غم آيام را

(ساقي! اٿ ۽ منهنجي هٿ ۾ جام ڏي ۽ زندگيءَ جي ڏکن کي دفن ڪر.)

سر قلم ٿيڻ مهل شهيد جو آخري پڙهيل شعر:

رهايندي مرا از قيد هستي

چو پيمو دي پيا پي جام مي را

جزاڪ الله في الدارين خيرا!

نوٽ: هيءُ سمورا شعر اصل ۾ حافظ شيرازي جا چيل آهن.

## هڪ مجسمو

۱۷ جنوري ۱۹۸۱

انصاف جي ديويءَ اکين تان پٽي لاهي ڇڏي آهي. ڪيس پنهنجي سر تي اگهاڙي تلوار چمڪندي نظر پئي اچي. نراڙ تي پگهر جون بوندون آهن، قلم جي چنهب مڙيل ۽ مَس مٿل ماڻهو جي جسم ۾ جميل رت وانگر قلم ۾ خشڪ ٿي جمي وئي آهي. ديويءَ جو ساهميءَ وارو هٿ ڍڪي رهيو آهي. ساهميءَ جي ڪماني چبي ٿي وئي آهي، تور ڏسيندڙ ڪانٽو پڳل آهي ۽ پلڙا هيٺ مٿي آهن. هڪ پلڙي ۾ سڄي دنيا جا ماڻهو آهن ۽ ٻئي پلڙي ۾ لوهه جون گوريون آهن. پويون پلڙو هيٺ آهي.

* * *

• ڪيئي نوان چهرا جيل ۾ وارد ٿي چڪا آهن ۽ ڪيئي نڪري چڪا آهن. هن وارڊ مان - ملڪ سليم وڃي چڪو آهي، رشيد ۽ جبار ٽن ڏينهن کان پوءِ ويندا. راجا جي ضمانت جا بهتر امڪان پيدا ٿيا آهن. مختيار ٻه ڏينهن پيو ڳٽي.

* * *

* * *

• ١٥ـ جنوري تي منهنجي پيشي هئي پر ”ڪورٽ“ نہ وئي ڇو تہ شهر ۾ ڪجھ جلوسن جي ڪري سڄي ڪراچيءَ جا پوليس وارا هٿن ۾ ڏنڊا ۽ مٿي تي لوهي ٽوپلا پائي ڊيوٽي ڏيئي رهيا آهن. عام طور تي ”مارشل لا ڪورٽ“ ڪنهن بہ صورت ۾ اماڻي ويندي آهي پر هن ڀيري اها بہ نہ وئي. خبر ناهي تہ هيءُ ڪهڙي نوعيت جا جلوس آهن ـ اخبارن تي سينسر آهي. ڪوبہ پتو نٿو پوي.

* * *

• اڄ سڄو ڏينهن رماند لاءِ ڌڪا کاڌا آهن. ڪابہ فوجي ڪورٽ رماند ڏيڻ لاءِ تيار ڪونہ تي. ايم. پي. اي هاسٽل کان،مسلم جيم خانو ـ مسلم جيم خاني کان پيرن پيادو فريئر هال اسپيشل ملٽري ڪورٽ نمبر ٢ تائين ڊوڙي ڊوڙي مون واري گارڊ بہ ٿڪجي پئي ـ سڄو وقت فوجي سرڪار کي گهٽ وڌ ڳالهائي نيٺ بنا رماند جي جيل پهچائي پنهنجي جند ڇڏائي اٿن.

* * *

• عوامي نوعيت جون سموريون جايون يعني اسپورٽس ڪامپليڪس، ڪلبون، پارليامينٽ هائوس، هاسٽلون ۽ ثقافتي ادارا پنهنجي حيثيت بدلائي عوام مٿان ٽنڪا، ڦاهيون، ڏنڊ ۽ قيد مڙهي رهيون آهن ۽ نشرياتي ادارا مڪمل امن جو ڍنڍورو ڏيئي رهيا آهن.

* * *

١٨جنوري ـ ١٩٨١

## بددعا

ڪاش! تون شاعر تي پوين ۽ ڏڪويلن جي خشڪ اکين ۾ ويرانيءَ سان گڏ ٽانڊا بہ ڏسي سگهين ۽ تنهنجي ننڊ ڦٽي پوي.

* * *

سسيفس جي پوڳنا اندر لڪل سگهاري احتجاج کي شايد تو اجا تائين محسوس نہ ڪيو آهي جو تون پاتال جي قانون جي خلاف مزاحمت کان انڪار ڀيو ڪرين.

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

سائين مرنا جو يڪتارو نہ ٻڌڻ منهنجي قيد جو حصو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو بار بار ڦِٽُ سُڪائي ۽ چڪائي ٿو. آهي ڪو اَهڙو ويج جنهن جي دوا سَائين مرنا جي يڪتاري وانگر روح ۽ ضمير کي نچ ڪري سگهي!؟

* * *

چمڙا هر رات چرڪندا آهن پر سج هر روز اپرندو آهي.

* * *

ڇا ڪا، اونداهي ـ دوست ۽ روشني ـ دشمن قوت اهڙي بہ آهي جيڪا سج کي گولي هڻي سگهي؟

* * *

اڄ شايد ٻاهرين دنيا ۾ ڪجهہ ٿاپر هئي. "مارشلا ڪورٽ" جي روانگي واري لسٽ ۾ منهنجو نالو پهتو. ماڙيءَ ۾ روانگي رجسٽر مٿان جهڪيل ڪلارڪ نالو ورتو: "بدر جمال!" ـ مون اڳتي وڌي نالو لکايو. هن ٻيو نالو ورتو، "امرلال!" ـ مون ڏاڍي اپھرائي سان مڙي ڏٺو، مرڪندڙ نوجوان، سنهڙو سڪل، اٽيا وار، وڏا شهپر ۽ ڪرائيءَ ۾ پاڻ کان ٻُري هٿڪڙي.

"توهان امر لال آهيو؟" مون ڪانئس پڇيو هو. مرڪي ڪنڌ لوڏي هاڪار ڪندي مون ڏانهن آڱر ڪڍي پڇيائين، "بدر؟"ـ

چاچي يوسف (حوالدار) جنهن شايد غور سان پئي ڏٺو، تنهن کان رهيو نہ ٿيو، "ڇو، هڪٻئي کي نٿا سڃاڻو؟" اسان ٻنهي کِلي ڏنو. امر چيو، "هاڻي سڃاڻپ ٿي وئي آهي."

امر ۽ منهنجي هيءَ پهرين ملاقات هئي. امر کي بند وارڊ ۾ رکيو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ سرڪار جي نگاهہ ۾ هو تمام ڏنگو ۽ خطرناڪ آهي. سياسي نوجوانن اڳ ڪافي ڪوشش ڪئي هئي تہ امر لال کي بند وارڊ مان ڪڍجي پر ڪاميابي نہ ٿي هئي.

ڪورٽ رواني ٿي. سڄو ڏينهن ڏڪا ڪائي موٽي آياسون، رماند نہ مليو. هن ڀيري اسپيشل اسڪواڊ هيٺ اسان ٻنهي کي ملير ڇانوڻي موڪليو ويو. پهرين اسانجو خيال اهو بيٺو هو تہ امر ۽ مون تي شايد الڳ ڪيس هلندو ۽ پروفيسر جمال نقوي ۽ ٻين دوستن کي ڌار چارج شيٽ ڪندا. پر جڏهن ملير ڇانوڻيءَ ۾ ڪرنل يوسف رماند وڌائي ڏيڍ ڪان اڳ گارڊ انچارج کان

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

پڇيو تہ ٻيا ڪٿي آهن؟ تڏهن پنهنجي پهرين خيال کي رد ڏنوسين.

ٻي پيشي ٢٠ تاريخ تي آهي.

٢٠ جنوري ـ ١٩٨١

اسان ٻنهي کي ويگن ۾ سوار ڪيو ويو. ڏهہ ٻارنهن سپاهي ۽ هڪ آفيسر اسان جي گارڊ هئي. هٿڪڙيون اڳ ئي ويگن ۾ رکيون ويون هيون. ويگن سينٽرل جيل مان نڪري، شهيد ملت روڊ تان ٿيندي، ڊرگ روڊ تان لنگهندي، هوائي اڏو پوئتي ڇڏي، لانڍي ٽپي، لانڍي جيل جي لوهي ڪاري در وٽ اچي بيٺي.

مون ۽ امر هڪٻئي ڏانهن ڏٺو. هيءَ ڪا پرولي ڪونہ هئي. هِن Chain جا ٻيا يعني ڪامريڊ جمال نقوي، احمد ڪمال وارثي، غلام شبير شر ۽ سهيل سانگي هن جيل ۾ رکيا ويا هئا. جيڪڏهن نذير عباسي شهيد نہ ٿئي ها تہ اڄ اسان ٽين وانگر سندس بہ استقبال ڪيون ها!

گارڊ انچارج ٻڌايو تہ جام ساقيءَ کي بہ هن ڪيس ۾ شامل ڪيو ويو آهي. امر، خوشيءَ ۾ ذري گهٽ ٽپ ڏنو ـ چيائين، ”واهہ جي خبر ڏني اٿئي لالا، الاهي سال تي ويا آهن ملاقات ٿئي!“ وري مونکي چيائين ”شهيدن جو قافلو وڃي پيو وڌو ٿيندو!“ امر پاڻ کي ”شهيد“ چوندو آهي. پر اهو نالو مٿس انسپيڪٽر مخدوم حيات رکيو هو ڇو تہ سي آءِ ڊي وارن ڪيس اطلاع ڏنو هو تہ امر جي آزاديءَ واري مهم ۾ شاگردن امر جي شهادت جو خدشو ڏيکاريو آهي.

ٿوري دير ڪانپوءِ جام ڪانسواءِ ٻيا سڀ سخت پهري ۾ وڏي لوهي در مان ٻاهر نڪتا. اڳيان شبير ۽ ڪمال هڪ هٿڪڙيءَ ۾، پويان پروفيسر ۽ سهيل ٻي هٿڪڙيءَ ۾. سندن چهرن مان خوشي پئي بکي ـ جڏهن سندن نظر ويگن ۾ ويٺل اسان ٻن تي پئي تہ سندن ريڪائون اچا گهريون تي ويون. سچ پچ تہ سيني لاءِ اهو تمام جذباتي منظر هو. هڪٻئي کي زندهہ ڏسي خوشيءَ جي اڇيھ حد ۽ نذير عباسي جي شهيد ٿيڻ جو صدمو ـ سيني جي اکين مان لڙڪ ڪري پيا. واقعي! رت جي رشتن وانگر ڪي ٻيا بہ رشتا آهن جن جو پنهنجو تقدس آهي.

”جلدي ڪيو! جلدي ڪيو!“ گارڊ انچارج سخت لهجي ۾ حڪم ڏنو. شبير شر گهوري ڏنس پر چپ ٿي ويو. سيني کي ويگن ۾ سوار ڪيو ويو. هاڻي، ٽئين منزل ملير ڇانوڻي هئي. ويگن جا ڦيٿا چرڻ سان گڏ ڳالهين

جو اٽڪت سلسلو شروع ٿي ويو. ”ڇا ڇا ٿيو؟“ اهو سڀ ڇو ٿيو؟“ ”ڪنهن ڇا ڪيو؟“ ڪنهن ڇا ڇيو؟“ — ۽ هاڻي ڇا ڪجي؟“

ڇانوڻي اچي وئي، ڳالهين جو سلسلو نہ ڪٽو. ڪا بہ ڳالهہ پوري نہ ٿي پرگهٽئي ڳالهيون ٿي ويون. خبر پئي تہ اسان ڇهئي ڄڻا هڪ ٻئي کان ڌار ڌار آهيون. ڪنهن جو بہ ڪنهن سان مناسب رابطو ڪونهي. لانديءَ وارا تہ تمام ڏکين حالتن ۾ آهن. بلڪل قيد تنهائي اٺن ۽ چوويهہ ئي ڪلاڪ ڪولي بند آهن. پر تنهن هوندي بہ سندن حوصلا مضبوط آهن. مٿن تشدد بہ ٺيڪ ٺاڪ ٿيو آهي. پروفيسر جهڙي بيمار ماڻهوءَ کي بہ نہ بخشيو اٿن. سندس گوڏا ونجي ويا آهن. نذير تي ٿيل تشدد جي تفصيل جي ڪنهن کي بہ ڪا خاص خبر ڪونہ هئي. شبير پئي ٻڌايو تہ آخري پيرو هن نذير کي شهادت کان هڪ ڏينهن اڳ ڏٺو هو. ان ڏينهن ڪيس روز وانگر ڏندا پيڙين ۽ هٿڪڙين ۾ سيل مان ڪڍي ڪنهن ٻئي پاسي وٺي ويا هئا. هو بلڪل ٺيڪ ٺاڪ هو. شبير ٻڌايو تہ نذير کي شايد اهڙي نوعيت جي ڪنهن حادثي جو احساس هو تڏهن تہ هن ويندي ويندي هٿ لوڏي اهڙي نموني خدا حافظ ڪيو هو جنهن مان ڪنهن پراڻهين پنڌ جو نياپو ٿي نڪتو.

ويگن فوجي بيرڪن جي وچ ۾ بيٺي پهرين سيني قيدين کي هٿڪڙيون لڳيون، پوءِ لهڻ جو حڪم مليو. ڪرنل يوسف پنهنجي تمام شاندار آفيس ۾ بند واردن مان گهرايل قيدين کي هڪ نظر ڏٺو. سيني کان نالا پڇيا، تڪليفون ٻڌيون ۽ ۲ - فيبروري تائين رماند ڏيئي بند واردن ڏانهن موڪلي ڇڏيو.

۲۱ — جنوري ۱۹۸۱

# ليڊر

هو ملڪ جو پهرين جوڙ جو سياست دان آهي. نالي ۾ ڇا رکيو آهي. سمجهڻ وارا پاڻهي سمجهندا. هو ۱۹۸۰ جي آخري ڏينهن ۾ هتي آيو آهي. اها خبر باهہ وانگر سڄي جيل جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکڙجي وئي هئي ۽ رات جو بي بي سيءَ سڄي ملڪ ۾ پکيڙي ڇڏي. هو خوش آهي تہ سندس ليڊري چمڪي اٿندي. ممڪن آهي تہ ايئن ٿي بہ پوي. هو لاهور جو وڪيل آهي ۽ ملڪ ۾ نئون سياسي اتحاد ٺاهڻ واري عمل ۾ سرگرم آهي. اهو اتحاد مهيني ڏيڍ ۾ ٿهي ويندو. پر ڪيترو فعال ٿيندو ان جو في الحال اندازو نٿو لڳائي سگهجي. ٻاهرين دنيا ۾ اهي سياستدان سٺيون تقريرون ڪندا آهن. پريس ڪانفرنس ۾ صحافين کي گوهي ڏيئي نڪري ويندا آهن - پر اڄ سياسي

ڪارڪنن ڪانئس بلڪل ايئن آڏي پڇا ڪئي آهي جيئن عدالت ۾ جوابدار ڪان ٿئي.

نوجوانن جا سوال ڏاڍا جاندار هئا. يعني، ”ڇا توهان ان اتحاد ۾ سامراج دشمن ڌرين کي شامل ڪندا؟“، ”ڇا اهو اتحاد عوامي هلچل هلائيندو؟“ ”ڪٿي اهو اتحاد فقط چهري جي تبديليءَ لاءِ ته نٿو ٺاهيو وڃي؟“ هن سمورن سوالن جا ابتا سبتا جواب ڏنا هئا - سيني جي چهري تي بي اطميناني پکڙجي وئي - سندن خواهشن جي منزل گهٽو پرانهين هئي. هيءَ ڪچهري ڪا عوامي عدالت هئي جنهن ۾ نوجوانن سندس بخيا اڌيڙي ڇڏيا جن کي هو سبي نه سگهيو. پر هو خوش آهي ته ڪنهن سندس اوگهڙ نه ڏٺي. هو سيني جي نظرن ۾ بلڪل اگهاڙو ٿي ويو هو. رفيق صفيءَ جي اکرن ۾، جيڪڏهن امتحان لکت هجي ها ته ٻڙي مارڪ کٽي ها!

٢٢ – جنوري ١٩٨١

ماحول ۾ گنڀيرتا آهي، جبار بستري تي اونڌو ليٽيو پيو آهي. سندس اکين مان لڙڪن جي قطار مسلسل وهي رهي آهي. جسم مڇيءَ جيان ڦٿڪي رهيو اٿس. رکي رکي اندر مان گرم ٻاڦ جهڙي آهه نڪريو وڃينس - اکيون آسمان ڏانهن ڪري چوي ٿو ، ”ڪهڙي گناهه جي سزا پيوڏين مالڪ!“

هو مستقل ڊائزاپام جون گوريون کائي رهيو آهي. جبار اڄ جو سڀ ڪان وڌيڪ پوڳيندڙ آهي ۽ ٻيا سندس تڪليف گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ڇاڪاڻ ته ان کان وڌيڪ هو ڪجهه به ڪري نٿا سگهن. هڪ هٿن تي مالش پيو ڪري، ٻيو پيرن تي، هڪ مٿي تي زور ڏيئي رهيو آهي، هڪ زخمن جي ٽاڪوڙ ڪري رهيو آهي، پندرهن ڦٽڪن جا چمڙي اکڙيل نشان سندس سٿرن تي اڀري آيا آهن، جن ۾ صبح ٽائين پونءِ پرجي ايندي، ڪوليءَ کان ٻاهر هڪ شخص تمام پريشان ڦري رهيو آهي. سندس نصيب ۾ به جبار جهڙي پوڳنا لکجي آئي آهي.

٢٦ – جنوري ١٩٨١

مجموعي طرح هن جيل ۾ سياسي قيدين جو تعداد تقريباً نيهه آهي. جيڪو گهٽبو ۽ وڌندو رهي ٿو. هتي قيدي, P.P.P, NSF, SNSF, M.L, PSF, ۽ ٻين پارٽين ۽ تنظيمن جا ڪارڪن به شامل آهن. پر ٿوررڙن

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ڏينهن ڪان پوءِ هتي سياسي بحث ٿيندا ڇاڪاڻ تہ ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ ڪافي سياسي گرفتاريون ٿيون آهن.

***

اڄ جي اخبارن ۾ چيئرمين ماؤ جي بيوه لاءِ موت جي سزا بابت خبر ڇپي آهي، جيل جي سياسي حالتن ۾ ٿوري دير تبصرو رهيو ۽ پوءِ ماٺ ٿي ويئي. تبصري جو گهڻو تڻو حصو موت جي سزا تي عملدر آمد ۾ ٻن سالن جي ڪوتاهي ۽ بعد ۾ عمر قيد ۾ تبديلي جي سببن تي ٻڌل هو. پر اهو تبصرو ٿوري ئي وقت ۾ سيني کي ايئن وسري ويو ڄڻ اها خبر ڇپي ئي ڪونہ هئي حقيقت ۾ جيل جي ماحول تي پاڪستان جي سياسي حالت، مارشل لا ۽ عدالت جي رويي جو ايترو اثر ۽ اونو آهي جو باقي ٻي سموري عالمي سياست سرسري نظر ڪانپوءِ نظر انداز ٿيو وڃي.

٢٦ـــ جنوري ١٩٨١

## تو ڏانهن

ڪالهہ هڪ دوست گلاب جا ٻہ گل تحفي ۾ ڏنا ۽ مونکي تون ياد اچي وئينءَ. توکي خبر آهي تہ مان ڪاٻہ اڪيلي شيءِ ڏسي نہ سگهندو آهيان. ڪي ٻہ شيون: ٻہ پکي، ٻہ انسان، ٻہ وڻ، ٻہ گل يا ٻہ ڪجهہ ٻہ. پوري ڪائنات جي مثاڻ آهن،ڪي ٻہ ٻہ شيون. ڪالهہ بيرڪ جي ٻاهران گهاٽي وڻ جي هڪ ٽاريءَ تي ٻہ پکي ويٺا هئا. ڪافي دير تائين. ۽ ..... مان ڪين ڏسي خيالن ۾ گم ٿي ويس. نہ ڄاڻي ڪيڏي مهل هو اڏامي ويا تہ ٻہ مان خالي ٽاريءَ تي ڪيتري وقت تائين ڪين پيار ڪندي محسوس ڪندو رهيو هوس.

اڄ هن بيرڪ جي ديوار جي پور ۾ نهيل آڪيري ۾ فقط هڪ جهرڪ نظر پيو اچي. هو شام کان اڪيلو آهي ۽ رکي رکي چرڙ.....چرڙ پيو ڪري. ۽ مان چرڙ چرڙ ڪرڻ بدران تو ڏانهن لکي رهيو آهيان. ڪيڏي نہ يڪسانيت آهي اسان ٻن ۾!گلاب جا ٻہ گل پر ۾ رکيا اٿم. رکي رکي سندن سرهاڻ محسوس ٿوڪريان. توکي شايد خوشبوءَ جي سندرتا جو احساس نہ هجي پر اها مونکان پڇ. هيءُ قيد خانو آهي جتي چئني طرفن فقط مٽي آهي، پٿرن جون پتيون ۽ لوهي دروازا آهن. مان گهڙيءَگهڙيءَ گلن مٿان پاڻيءَ جا ڇنڊا پيو هڻان. مان نہ ٿو چاهيان تہ گل سڪي وڃن ۽ منجهن سرهاڻ جهڪي ٿي وڃي. پر ائين مان ڪيستائين ڪري سگهندم، نيٺ اهي گُل سڪي ويندا ۽

سرهاڻ جهڪي ٿي ويندي، پر اها بہ خبر اٿم تہ گلاب پيا ڦٽندا، سرهاڻ پئي پکڙبي. اهو نسل ۽ ان جو سلسلو ڪڏهن بہ ڪٽڻ جو نہ آهي. پر خوشبوءِ وري مون وٽ ڪڏهن ۽ ڪيئن ايندي؟ اها سوچڻ جي ڳالھ آهي.

***

٢٧ ــ جنوري ١٩٨١

• لطف ۽ امام بخش شام جو تقريباً پنجين لڳي آزاد ٿي ويا.

***

• امر لال کي بند وارڊ مان ٻاهر ڪڍي اسپتال ۾ رکيو ويو آهي.

***

• پيپلز پارٽيءَ جي مساوات ڪيس جا پڪڙيل، هاڻ جيل پهچڻ شروع ٿي ويا آهن. هن وقت تائين فقط هڪ آيل هو، اڄ بہ چٽا پيا آيا آهن. پنتي اڃا ويھ پنجويھ آهن جن ۾ خاص ڪري مسرور حسن، منظر عالم، ارشاد راؤ ۽ وهاب صديقي آهن. سندن مٿان اهو ساڳيو ڪيس آهي جيڪو اسان تي آهي يعني ايم ايل آر ١٥، ١٨ ۽ ٧٧. ظاهر آهي تہ سندن ڪيس بہ اسپيشل ملٽري ڪورٽ ۾ هلندو. (پر ايئن نہ ٿيو. ارشاد راؤ کان سواءِ ٻيا دمشق وڃي نڪتا ۽ راؤ تي سمري ٽرائل ٿيو)

٥ ــ فيبروري ١٩٨١

نئون سياسي اتحاد M. R. D جي نالي سان ٺهي رهيو آهي. ملڪ قاسم ان جو اُچار "مرد" ڪيو آهي ۽ چوي ٿو 'Mrd will march in march.'

٢٥ ــ فيبروري ١٩٨١

مان وارڊ - ١٨چڏي، ١٧ وارڊ جي ٻيو نمبر ڪوليءَ ۾ آيو آهيان. هن وارڊ ۾ ڇھ ڪوليون آهن. پهرينءَ ۾ رفيق صفي، ٻيءَ ۾ مان، چوٿينءَ ۾ پيپلز پارٽيءَ جو سميع منير آهي جنهن جي هڪ سال واري سزا ختم ٿيڻ تي آهي. هو مٿئين طبقي جو فرد آهي. حٿي سنز خاندان سرمائيدارن جي دنيا ۾ چاتل سڃاتل آهي. پر جس هجيس تہ هو ٻين وانگر معافي وٺي نڪرڻ کي ترجيح نٿو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ڏئي. اها ٻي ڳالھ آهي تہ ڪابي ڌر جا نظريا رکندي بہ ذهنيت سرمائيدارن واري اٿس. پنجون نمبر ڪوليءَ ۾ صمد نالي هڪ قيدي آهي. خون جي ڪيس ۾ عمر قيد اٿس. بنھ اڪيلائي پسند آهي. صفا آخري ڪوليءَ ۾ بيلجم جو رهاڪو آهي. پاڻ پروفيسر آهي ۽ جيالاجي ۾ پي ايچ ڊي اٿس. هيروئن جي سمگلنگ ۾ ٽي سال ٽيپ وٺي آيو آهي. سندس سزا جا اڃا ست اٺ مهينا ڪن باقي آهن. عام قيدي ڪيس اڇي چمڙي وارو هئڻ ڪري انگريز چوندا آهن.

وقت گذرندو پيو وڃي. چوٿون مهينو پورو ٿيڻ وارو آهي. وقت جي رفتار تيزيءَ سان حالتن جو نقشو مٽائي رهي آهي. جڏهن مان جيل ۾ آيو هئس تڏهن مايوسيءَ جي پيلاڻ پکڙيل هئي ۽ هاڻي اميد جا ڪرڻا تمام روشن آهن. ملڪ ۾ ڪا تحريڪ اٿڻ واري آهي.

جيل مان ڪيترا پراڻا قيدي نڪري چڪا آهن ۽ ڪيترا نوان چهرا نظر پيا اچن. سليم ملڪ، رشيد غني، جبار، لطف، امام بخش ۽ ملڪ قاسم وڃي چڪا آهن. بقا محمد دراني، پيپلز پارٽيءَ جا محمد حسين ڏنجي، منظر، بشير، بي ايس او ۽ مهاجر اسٽوڊنٽس ۽ ٻين تنظيمن جي ڪارڪنن سميت فتح محمد پيٽي ۽ ٻيا ڪيترا نوان چهرا آهن.

ڏنجي روز صبح جو وارڊ مان نڪري مختلف بيرڪن جا چڪر لڳائيندو شام جو موٽندو آهي ۽ روزانو وارڊ ۾ سندس واپسيءَ وقت منهنجو ڪانئس سوال هوندو آهي، ”ڏنجي صاحب ملي؟“ جواب ڏيندو آهي، ”نہ..... اچا رستي ۾ آهي.“ مختار ڪنڊ ڪٽي پڇندو آهي ”ڇا؟“ جواب ملندو، ”پارٽي لائين“. سڀ ٽهڪ ڏيئي ساڏي ڇهين واري پي پي سي ڏانهن ڏيان مٽائي ڇڏيندا آهن. اهو سڀ ڪجھ معمول آهي. اڄڪلھ پي پي سي سياسي سرگرمين کي گرم رکڻ ۾ رڌل آهي. بقول ڏنجيءَ جي ”پي پي سي لائين ڏيئي رهي آهي.“

رات جا سوا ڏھ ٿيا آهن. ٿوري دير اڳ رفيق صفيءَ پنهنجي بيرڪ مان سميع منير ۽ مونکي رڙ ڪري سڏ ڪيو. اهو بہ هڪ عجيب طريقو آهي تہ هر قيدي پنهنجي پنهنجي ڪوليءَ جي در سان لڳي بحث ڪري، ڇاڪاڻ تہ رات جو سڀ بند آهن. رفيق پڇيو پئي تہ فرخنده بخاريءَ جي رٽ تي هاءِ ڪورٽ جو فيصلو اسان پڙهيو آهي يا نہ. هو خوش آهي تہ ٻين صوبن جي هاءِ ڪورٽن پهريون ڀيرو سرڪار جي خلاف فيصلو ڏنو آهي تہ هاءِ ڪورٽ جا اختيار وسيع آهن. فرخنده بخاريءَ جو ڪيس هاڻي سپريم ڪورٽ ڏانهن ويو آهي. ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي. دراصل فرخنده جي رٽ مارشل لا دفعہ ١٩٩ جي

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

خلاف آهي. جنهن تي سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪار جي حق ۾، بلوچستان ۽ پنجاب جي ڪورٽن سرڪار جي خلاف فيصلو ڏنو آهي. ڏسڻو آهي تہ سپريم ڪورٽ ڪهڙو فيصلو ٿي ڏئي.

بي بي سي ڪيترين گرفتارين سان گڏ پهريون ڀيرو ايم آر ڊي طرفان ڪراچيءَ ۾ هنگامي جي خبر ڏني آهي تہ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ هڪ فوجي جيپ کي باهہ ڏني وئي. ان ۾ هڪ ميجر هنگامي جي تحقيقات لاءِ آيو هو. جيڪڏهن اهو سلسلو ڪجهہ عرصو هلندو رهيو تہ سرڪار کي ڪافي پريشانيءَ کي منهن ڏيڻو پوندو.

ٽيون نمبر ڪوليءَ ۾ موجود قيدي بار بار منهنجو ڌيان ڀيو مٽائي. جيتوڻيڪ هو ستل آهي تہ بہ مان پريشان ڀيو ٿيان. هو تمام زور سان کونگهرا ڀيو هڻي، ايڏيءَ بيدرديءَ سان جو ڪنهن ڪنهن مهل تہ ڇرڪ ڪڍرايو ڇڏي.

وقت گذرندو ڀيو وڃي. آهستي آهستي گلوب جو دونهون پکڙجندو ڀيو وڃي. گلوب جا وڪڙ سڙندا، رڪ تي ڪرندا پيا وڃن. مڇر گم ٿيندا پيا وڃن. ڪنهن ڪوليءَ مان ريڊئي تان خبرن جو آواز ڀيو اچي. ٿون بڌائي ٿي تہ بي بي سي جي ورلڊ سروس آهي. هر هڪ کي اونو آهي، هر ڪَنُ پنهنجي مطلب جي خبر جهڻڻ ڪاڻ ريڊئي سان سنگت ڪيو ويٺو آهي. ڪوليءَ کان ٻاهر ورانڊي ۾ ڪڏهن هڪ ۽ ڪڏهن ڪيترائي ٻلا گڏجي نڙين منجهان عجيب آواز ڪڍي رهيا آهن. ڪنهن ڪنهن مهل پاڻ ۾ وڙهي ٿا پون ۽ سيني جي ننڊ حرام ڪريو ڇڏين.

گلوب جا وڪڙ سڙي رڪ تي ڪري رهيا آهن. ڪَن، عالمي خبرن کي جهڻڻ لاءِ آتا ۽ رڌل آهن. وقت گذري رهيو آهي. جيل جو وڏو دروازو هڪڙن قيدين کي ڪڍي، سندن خالي جايون پرڻ لاءِ سدائين وانگر تيار آهي! لطف پيرزادي جي اکرن ۾ ”جيل هڪڙن، کي اُلٽي ڪري ڪڍي ٿو ۽ ٻين کي جهٽ هڻي ڳهي ٿو.“

٢٧ــ فيبروري ١٩٨١

ڪاش! ايئن ٿئي تہ ٿون منهجين اکين سان اچڙن پکين جي اڏار هڪڙو ڀيرو ٿي ڏسين ـ ۽ ڳجيهن جيان ماس پٽڻ ڇڏي ڏين.

* * *

ٻڌو! او يوناني ڪيوپڊ ۽ هندوستاني ڪامديو ـ ٻڌو! منهنجي ريت

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

اوهان پنهي ڪان اتم آهي. مان فاني آهيان پر لافاني پريت جو پرچارڪ آهيان.

اوهين لافاني آهيو پر توهان پنهي جي ڪرت فاني آهي. پيار اندر جو اڌمو آهي ۽ پنهنجي جان تي کيڏڻ آهي.

او ڪيوپڊ! او ڪامديو! ڇا اوهان به ڪڏهن ڪو پيار ڪيو آهي يا فقط ديوتائن جي حڪمن آهر تير ڇڏيا آهن؟

• • •

شاهه جهان برداشتي چرس جو اڌ سگريٽ پي زور زور سان رڙيون ڪري ڳائي ٿو:

”زندگي اور ڪُڇ بهي نهين، تيري ميري ڪهاني هئه.“

مونکي ڪل اچي ٿي وڃي، ”۽ اهي اڌائي ٽي ارب ماڻهو جن جون اکيون ڪويا ۽ بت هڙٻاٽيون آهن، تن جو ڇا ٿيو شاهه جهان خان!؟“

شاهه جهان خان احتجاج ڪندي چوي ٿو، ”اهڙيون ڳالهيون نه ڪر سائين! دل کي بي آرام نه ڪر سائين!“

٢٨ ـ فيبروري ١٩٨١

جام ساقي حيدرآباد ۾ ڊگهي قيد تنهائيءَ ڪانپوءِ اڄ هتي ٽرانسفر ٿي آيو آهي، ڪيس بند وارڊ ۾ رکيو اٿن ـ

٢ ـ مارچ ١٩٨١

۽ نيٺ ڪيس جي شروعات ٿي. جيل جي چارديواريءَ اندر بند ڪمري ۾ ٢٨ فيبروريءَ ڪان سمري آف ايويڊنس رڪارڊ ٿي رهي آهي. في الحال شبير ۽ ڪمال تي سئو سيڪڙو ڪوڙيون شاهديون هلي رهيون آهن. جام کي بند وارڊ مان ڪڍي وارڊ ٢٢ ـ ٢٣ ۾ رکيو اٿن. قيد ۾ هيڏا سارا ماڻهو ۽ هيڏي ساري آزادي هن اٽڪل ٻن سالن ڪان پوءِ ڏٺي هوندي.

• • •

ڪالهه جيل ۾، ايم آر ڊي پاران پمفليٽ تقسيم ٿي رهيا هئا ـ انهن جي مطابق اڄ ”احتجاج جو ڏينهن“ آهي. پرگرام مطابق وڪيل ڪورٽ جو بائيڪاٽ ڪندا ۽ سينسر شپ خلاف احتجاج جو اظهار ڪندي شهر جي چوڪن تي اخبارون ساڙيون ويندئون.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

***

منهنجي چوڌاري پکڙيل هر شئي، جيڪا موجود آهي - جنهن کي مان محسوس ڪيان ٿو ۽ جنهن کي محسوس نٿو ڪري سگهان، جيڪڏهن ان سان منهنجي وجود جو ڪو لاڳاپو آهي ته ڇا اهو سڀ ڪجهه مان نه آهيان؟

٣ - مارچ ١٩٨١

سمري جي شروعات ٿي. لنچ بريڪ ٿيو. اڄ ڊي ايس پي برني نظر اچي رهيو هو - مونکي يقين هو ته اڄ منهنجي خلاف شاهدي هلندي. پر اوچتو هو هليو ويو. سندس نائب ٻڌايو ته وائرليس تي شهر جي ڪنهن حصي ۾ هنگامي جو اطلاع پهتو هو، سو اوڏانهن هليو ويو.

***

بي بي سي ۽ ريڊيو پاڪستان پي آء اي جي بوئنگ - ٧٢٠ جهاز اغوا ٿيڻ جي خبر ڏني. منجهس ١٣٢ مسافر ۽ عملو آهي. جهاز اغوا ٿي ڪابل پهتو آهي. هائجيڪرن پاڪستان ۾ سياسي قيدين جي رهائي جو مطالبو ڪيو آهي.

***

وڪيلن ۽ ڊاڪٽرن جي هڙتال ڪالهه ٿي ۽ اخبارن کي به سڙڻ نصيب ٿيو، ملڪ جي صورتحال ۾ ڪافي ڇڪتاڻ محسوس پئي ٿئي.

٤ - مارچ ١٩٨١

## جيل ۾ ڪيس جي سماعت

ڪراچي ٣، مارچ (پ ر) سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي باني جام ساقي، سنڌ يونيورسٽي جي شاگرد ۽ فيڊريشن جي قائم مقام مرڪزي صدر امر لال، اردو سائنس ڪاليج جي پروفيسر جمال نقوي، ممتاز صحافي

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

سهيل سانگي، ٽريڊ يونين ليڊر ڪمال وارثي، ٽي وي فنڪار شبير شر ۽ ممتاز سنڌي اديب بدر ابڙي جي خلاف ڦهرين مارچ ۱۹۸۱ کان هڪ خصوصي فوجي عدالت ڪيس جي ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي - مٿن حڪومت جي خلاف سرگرمين جو الزام آهي. انهن الزامن هيٺ کين موت جي سزا ڏيئي سگهجي ٿي. ڪراچي سينٽرل جيل جي حدن اندر قائم ڪيل خاص فوجي عدالت هن ڪيس جي ڪارروائي بند ڪمري ۾ هلائي رهي آهي.

("امن" ڪراچي ۴ - مارچ ۱۹۸۱)

* * *

اڄ چوٿين مارچ آهي. ۱۹٦٨ واري شاگردن جي تحريڪ نئين موڙ تي پهتي آهي.ان ئي سلسلي جي ڪڙيءَ هيٺ اڄ ٻه ملڪ جي آزادي پسندن تي تخريب ڪاري ۽ غداريءَ جي الزام هيٺ ڪيس هلي رهيو آهي. ڪراچي سينٽرل جيل جي حدن ۾ ڪارروائي معمول موجب شروع ٿي ۽ غير معمولي طور بند ٿي ويئي. عدالت جي ميجر سهيل ٻڌايو ته ڪيس ڪجهه ڏينهن لاءِ ملتوي ڪيو ويو آهي. هُن ڪجهه وڌيڪ چوڻ تي گهريو پر چئي نه سگهيو. ٿي سگهي ٿو ته ڪيس جي ملتوي ٿيڻ جو واسطو هائجيڪنگ سان هجي. ممڪن آهي ته هن ڪيس ۾ ملوثن جا به نالا هائيجيڪرن ورتا هجن. بهرحال، ڏسجي ته حقيقت ڇا آهي؟

۵ ــ مارچ ۱۹۸۱

صبح تي ڇڪو آهي. موسم تمام وٽندڙ آهي، ڏينهن جهڙالو ۽ هوائون هلي رهيون آهن. هوائون جسم کي وٺي رهيون آهن. ڪالهه کان جيل ۾ هڪ نئون جسم: پنهنجي جسم جي ٽاڪوڙ ڪري رهيو آهي. هو سياسي قيدي آهي ۽ جسم جي ڪجهه حصي تي فالج جو هلڪڙو حملو ٿيو اٿس.

نالو باري خان اٿس، ٻڌجي پيو ته جهاز اغوا ڪندڙ ٽيپوءَ جو ياءُ آهي. مٿس فالج جو حملو پوليس لاڪ - اپ ۾ تشدد ۽ ذهني ڇڪتاڻ جي ڪري ٿيو آهي. هُن ٻڌايو پئي ته سندس سڄو خاندان ۽ ويجها توڙي پري جا مائٽ سڀ جا سڀ گرفتار آهن. شايد سندس ذهن تي انهن جي ڪري اثر پيو آهي. هو پنهنجي هڪ اک تي گهڙي گهڙي رومال ڦيري رهيو آهي. فالج جو اثر سندس اک تي به آهي: اها پوري طرح بند نٿو ڪري سگهي.

سڄي رات اسپتال جي پنجين نمبر بيڊ تي پاسا ورائيندي گذري اٿس.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۸ ـ مارچ ۱۹۸۱

هائجيڪرن جون موڪليل لسٽون بار بار تبديل ٿي رهيون آهن. تعداد ۾ نالا گهٽ وڌ پيا ٿين. جيل ۾ تيزيءَ سان پـ رايا تيار ٿيا آهن. هڪ راءِ جام ساقيءَ جي آهي تـ ”ڪنهن بـ قيديءَ کي جلاوطن نـ ٿيڻ گهرجي.“ جڏهن تـ ٻي راءِ سميع منير جي آهي تـ ”سيني کي ٻاهر نڪري قيد کي خيرباد ڪرڻ گهرجي“. رفيق صفي چوي ٿو تـ، ”سميع منير جهڙي ڪروڙپتيءَ کي ڇاهي ٻاهر نڪري لنڊن ۾ مائٽن سان ٽڪي پوندو، ٻي موت تـ غريب ڪارڪن مرندا.“

جام جي سختيءَ سان انڪار تي انتظاميہ ڪانئس لکت ۾ پڇيو تـ، ”ڇا تون هائيجيڪرن جي مطالبي تي دمشق وڃڻ لاءِ تيار آهين؟“ جام ان سوال جو لکت ۾ جواب ڏنو آهي تـ، ”هائجيڪر دراصل عوام جي ڇوٽڪاري لاءِ اهي جتن پيا ڪن تنهڪري پنجاهہ سؤ ماڻهن کي زوريءَ جلاوطن ڪرڻ بدران فقط انهن ڇهن سٺن جنرلن کي مسافرن جي آزاديءَ جي بدلي ۾ اماڻي ڇڏڻ گهرجي جن ملڪ جا اٺ ڪروڙ ماڻهو يرغمال ڪري ڇڏيا آهن“

۱۱ ـ مارچ ۱۹۸۱

بي بي سي، ماسڪو ريڊيو ۽ آل انڊيا گذريل ٽن ڇئن ڏينهن کان جام ساقي ۽ ڪراچيءَ جي جيلن ۾ قيد ٻين ڪميونسٽن جي طرفان لاڳيتي مزاحمت جون خبرون ڏيئي رهيا آهن. اسان حيران آهيون تـ ڪين روزانو اهي اطلاع ڪيئن ٿا پهچي وڃن! ماسڪو ريڊيو تـ جام جي لکت ۾ ڏنل جواب جو بـ ذڪر ڪيو آهي.

۱۲ ـ مارچ ۱۹۸۱

رفيق صفي سکر بدلي ٿي ويو. ايئن ٿو لڳي تـ جڻ اڄ مان ٻيهر گرفتار ڪيو ويو آهيان ـ جڻ، جنهن جيل مان آئون آزاد ٿي چڪو هوس: اڄ ٻيهر ان ۾ موٽي آيو آهيان ـ مان جيل جي اجنبي دنيا ۾ اڪيلو آيو هوس ۽ صفيءَ مونکي ساٿ ڏنو. هن مونکي ظلمات جي اونداهين ۾ جيئڻ جو ڍنگ ڏسيو آهي ـ مان ڪيس ڪڏهن بـ وساري نـ سگهندس.

صفي بـ ڪو جنم جنم جو ڏوهاري آهي ـ سندس تازو ڏوهہ هائجيڪرن جي مطالبي تي دمشق وڃڻ واري فيصلي جي مخالفت ۽ جام جي راءِ جي حمايت ڪرڻ آهي. سندس سکر ڏانهن بدليءَ جو انڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڪارڻ ناهي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۱۳ ــ مارچ ۱۹۸۱

اڄوڪو ڏينهن بہ ڪو ڏينهن آهي. سڄي دنيا جون اکيون دمشق واري هوائي اڏي جي رن وي تي ڪنٽرول ٽاور کان اڌ ميل پري بيٺل هوائي جهاز ڏانهن آهن، جيڪو گذريل ۱۱ ـ ۱۲ ڏينهن کان پنهنجي پيٽ ۾ ۱۰۲ مسافر يرغمالي ڪيو بيٺو آهي. ايشيا کان آمريڪا تائين سيني جا ڪن ريڊيو سان لڳل آهن.

هائجيڪر جهاز کي هفتو اڳ ڪابل کان اڏائي دمشق پهتا آهن. عورتون ۽ ٻار آزاد ڪيا اٿن ـ جهاز ڪيترائي اغوا ٿيا آهن پر هن جهاز جو اغوا اسان جي لاءِ ڪيترو اهم آهي اُن جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ اسان جو ڪيس بيهجي ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪيس جي Chain ۾ موجود ستن منجهان ڇهن جا نالا مطالبي واري لسٽ ۾ شامل آهن، جن کي سرڪار رد ڪري ڇڏيو آهي. بهرحال، اڄ مان دنيا جي اُن قيد خاني منجهہ آهيان جتان ڪيترا قيدي، ان جهاز جي اغوا سبب آزاد ٿي رهيا آهن يا شايد جلاوطن ٿي رهيا آهن. جيل انتظاميہ جي چوڻ مطابق سڄي ملڪ جا چونڊيل اهڙا قيدي جيڪي رها ڪيا ويندا، اڄ رات جي ڪنهن حصي ۾ هن جيل ۾ پهچندا ۽ پوءِ ڪُل ۵۵ قيدي شام لاءِ روانا ٿيندا.

هن لمحي ڪراچي جيل کي بين الاقوامي حيثيت ۾ ياد ڪري سگهجي ٿو ـ آزاد يا شايد جلاوطن ٿيندڙ قيدي هن وقت منهنجين اکين جي آڏو ڦري رهيا آهن. پريشان پريشان ۽ اداس. سيني قيدين جلاوطن ٿيڻ کان انڪار ڪيو هو پر قيديءَ جي اقرار يا انڪار جي ڪهڙي حيثيت آهي! بس، توري طاقت استعمال ڪري، هٿ رسين سان ٻڌي جهاز ۾ اڇلائي ڇڏڻ جي دير آهي هو، دور دڳن رانگر وٽاڻن مان هڪلي ڪڍيا ويندا.

ڪين ٻاڻ سان ڪجهہ بہ کڻي وڃڻ جي اجازت ڪانهي سواءِ جسم تي پاتل ڪپڙن ۽ پيرن ۾ پيل بوٽ جي. هو سڀ، رياستي ڏاڍ جي گهاٽي ۾ پيڙجندڙ باقي قيدين کان موڪلائي رهيا آهن. اکيون لڙڪن سان ڀريل، ڀريل آواز، ڏڪندڙ هٿ ۽ ڌڙڪندڙ دليون. هو ٻاڪر پائي، سڏڪندا سڏڪندا هڪ ٻئي کان ڌار پيا ٿين.

صبح کان وٺي آسمان تي گهاٽو جهڙ آهي. سج ڪَني ڪڍي، سڄو ڏينهن ڦڙ ڦڙ رهي ۽ اُن ڦڙ ڦڙ ۾ سياسي قيدين جي اکين منجهہ ڇلڪندڙ پاڻي. جيلرن ۽ حوالدارن جي ٻچ ٻڪ. قيدي، تڏهن بہ پنهنجن نہ تبديل ٿي سگهندڙ سياسي نظرين تي سختيءَ سان بيٺل. تڏي موسم تڏهن بہ گرمي،

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

هر طرف گپ تڏهن بہ هلچل.

ٽوئل بند ٿي چڪو آهي. علي حيدر شاهہ ۽ غلام قادر جتوئي سان پوري ڪچهري ڪري نہ سگهيم. هو ڪالهہ رات جو اڍائي لڳي حيدرآباد جيل ڪان هتي آندا ويا هئا ۽ کين بند وارڊ ۾ رکيو ويو هو. صبح جو ۹ بجي کين اتان ڪڍي، جيل ۾ آزاد ڇڏيو ويو هو پر تڏهن بہ ..... ملڻ وارا تمام گهٽا هئا ۽ هو فقط بہ.

ٿوري دير بعد هيءُ سڀ روانا ٿي ويندا ۽ دنيا جون ريڊيو ۽ ٽي وي اسٽيشنون سندن رواني ٿيڻ جون خبرون دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پکيڙي ڇڏينديون.

۲۰ ـ مارچ ۱۹۸۱

ڄام ساقيءَ کي ۱۷ تاريخ ٽرانسفر ڪري ڇڏيو اٿن. خبر آئي آهي تہ ڪيس لکت ۾ ڏنل بيان جي سزا ۾ ڏنڊا بيڙيون هٽي بند وارڊ ڪيو ويوآهي.

۲۵ ـ مارچ ۱۹۸۱

ڇا چيئہ! سوچڻ ڇڏي ڏيان تہ ٻاهر بہ ڪا دنيا آهي! عجيب ماڻهو آهين! سوچڻ بہ ڪا ڇڏي ڏيڻ جي شئي آهي. نہ پيارا ٻاهر جي دنيا بابت سوچيندي مان ڪڏهن بہ نہ ٿڪبس. ڇا ڪڏهن پوپٽن بہ باغ کي وساريو آهي. ٻاهر تہ هزارين گلن جهڙا ماڻهو اسان کي پنهنجي ويجهو نہ ڏسي اداس آهن. ڇا توکي اُهي ٻيڏڙيون عورتون، پيرسن مرد، نوجوان ۽ انهن سيني سان ننڍڙا ساٿي ياد نہ آهن جن سان پنهنجو رت جو ڪوبہ رشتو ناهي پر هو سپاهين جا گهيرا ٽوڙي، قيد خاني جي داروغن سان جهيڙا ڪري، اسان کي آشيرواد ڏيڻ ۽ پيار ونڊڻ ايندا آهن.

***

اڄ وري هن شهر مان هڪڙو پکي پرڪو ڏيئي اڏامي ويو. هڪڙو ئي پل نظر آيو ۽ پوءِ آڪاس جي اٿاهہ فضا ۾ ٽڏين هوائن ڪيس پنهنجيءَ آغوش ۾ سموئي ڇڏيو. پرڪهڙي خبر تہ هو وري ڪڏهن ساڳئي ماريءَ جي اڇلايل ڄار ۾ ڦاسي پوي..... ۽ ٻي انت هوائن جي دائري ۾ اڏامڻ جون حسرتون ڪٽي ٻيهر موٽي اچي. اهو سلسلو شايد اُن وقت تائين هلندو جيستائين اِهو ڄار ٽڪجي نہ وڃي يا شايد جيستائين ماريءَ کي موت نہ اچي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

بدر! منزل جي آرزوءِ ۾ حيات
بارها قافلن ۾ گذري آ.

(بدر قريشي)

• • •

٨ ـ اپريل ١٩٨١

پنجن مهينن کانپوءِ ننڍڙي الميرا ٻه ملاقات تي آئي. مونکي جيل جي اندرين وڏي گيٽ مان ملاقات روم ڏانهن ايندو ڏسي، پري کان ننڍڙيون ننڍڙيون ٻانهون پکيڙي ڊوڙندي آئي... ڊوڙندي ٽاپو ڪاڏائين.. ان کان اڳ جو پٽ تي ڪري پوي يا ڌڪ لڳيس ۽ مونسان ملڻ وساري روئڻ لڳي، اڳتي وڌي ڪيس هنجھ تي کنيم، کٽي چمڻ لڳس. سندس ننڍڙين ٻانهن مونکي ياڪر پائڻ گهريو پر هوءَ فقط چمبڙي تي سگهي. گهڙي ترسي چيائين، ”ماما هيٺ لاهيو...“ ۽ لهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. ڪيس هيٺ لاٿم.

ڊوڙندي وئي ۽ چليءَ ۾ هٿ وجهي هڪ صوف ڪڍيائين. وري ڊوڙندي ويجهو آئي، ٻنهي ننڍڙن هٿن ۾ صوف جهلي مون ڏانهن وڌائي چيائين، ”ماما شوف کائو...“ مٿس ڏاڍو پيار آيم. صوف وٺي ڪيس ٻيهر کنيم هُن اِهو صوف واٽ ۾ ايندي مهل منهنجي لاءِ خريد ڪرايو هو، سندس خيال هو ته ماما خوش ٿيندو.

ملاقات ختم ٿي ته سڀ وڃڻ لڳا... هوءَ بيهي رهي.... ”ماما تهان نٿا هلو؟؟“ هوءَ گهٽو ڳالهائڻ سکي ويئي هئي... مان ڪيس فقط ٻه ٽي اکر ڳالهائيندو ڇڏي آيو هئس. مان ڪيس ڪوبه جواب ڏيڻ جي قابل نه هئس. بس ايترو چئي سگهيس ته، ”سپاٽي ايندس“. هوءَ هٿ لوڏيندي هلي ويئي ۽ مان نه چاٽي ڪيستائين سندس ننڍڙو هٿ هوا ۾ لڏندو محسوس ڪندو رهيس ۽ سندس ڏنل صوف باوجود ڪوشش جي، کائي نه سگهيس.

• • •

۱۰ــ اپريل ۱۹۸۱

# قيديءَ جو انٽرويو.

”تنهنجو نالو ڇاهي؟“

”منهنجو نالو.......“ هن ڪان نالو وسري ويو هو، پر سڀ هن کي مجيب چوندا آهن، ڇو تہ هو بنگالي آهي.

”توکي خبر آهي تہ اڄ ڪهڙي تاريخ آهي؟“

”خبر ناهي!“ هن ٻئي هٿ ٻڌي جواب ڏنو ۽ پوءِ هٿ هيٺ ڪري ڇڏيا.

”سال؟“

”رات جو ڪو پهر آهي! “ وري ٻئي هٿ ٻڌي جواب ڏنائين. (هن وقت شام جا چار ٿيا آهن)

”جيل ڪڏهن آيو آهين؟“

”گهڻا ڏينهن ٿي ويا...“ وري هٿ ٻڌي جواب ڏنائين (هو ڪيئي سالن کان قيد آهي)

”ڪهڙي ڏوهہ جي سزا ملي اٿئي؟“

”ياد ناهي!“ هن وري ٻئي هٿ ٻڌا.

”گهر ڪٿي اٿئي؟“

”کلنا ۾! “ هن هٿ ٻڌي، ڪنڌ ڪنيو. اکين ۾ چمڪ اڀري مري وئي. ڪنڌ جهڪي ويس. (هن ماڻهوءَ تي جاسوسيءَ جو الزام آهي. چون ٿا مٿس سخت تشدد ٿيو هو)

* * *

زندگيءَ جو باغ ڏاڍو وسيع آهي. ان مان تون ڪيڏا بہ گل پٽي ڇڏين، هر نئون ڏينهن نون گلن جي خوشبوءِ سان واسيل هوندو. سرهاڻ ڪڏهن بہ نہ مرندي آهي. هڪ گل وري وري پيدا نہ ٿيندو آهي ۽ هر انسان وري وري جنم نہ وٺندو آهي. پر اهو انسان ئي ڪهڙو جيڪو پنهنجي اڪيلي زندگيءَ ۾ بہ خوشبوءِ، انساني حقن ۽ خود پنهنجو بہ احترام نہ ڪري سگهي.

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

مان پنهنجي ضمير جي عدالت کان پوءِ ئي پاڻ کي ڪنهن ٻئي جي آڏو جوابدار سمجهان ٿو. مون پاڻ کي ضمير جي عدالت ۾ سرخرو ڏٺو آهي. منهنجي ضمير مونکي آزاد ڪري ڇڏيو آهي، باقي فيصلو آءٌ ايندڙ وقت تي ڇڏيان ٿو. تاريخ جا ورق دستاويز ٿيندا ۽ ايندڙ نسل منهنجي ضمير جي فيصلي جي توثيق ڪندو. مونکي ان جو ايترو ئي يقين آهي جيترو مادي جي وجود جو.

***

دنيا جو بور ترين شخص امرلال آهي جنهن کي شاعري سمجهڻ لاءِ وقت ڪونهي پر هر وقت سياسي ڪتابن ۽ پمفلٽن لاءِ.

٢ ــ مئي ١٩٨١

ساٿي! منهنجي خلوص تي شڪ ڪري منهنجي دل ڀڃي وڌي اٿئي ــ پر مان تڏهن بہ تنهنجي قربانيءَ کان اتساهہ وٺي ان کي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪندس.

***

عيسيٰ کي اول ڪنڊن جو تاج پارايو ويو، تنهن کان پوءِ صليب ڏني وئي.

١٥ ــ مئي ١٩٨١

نہ نہ! تون نٿو سمجهي سگهين. نہ نہ! تون سوچي بہ نٿو سگهين. نہ نہ! تنهنجي تخيل جي قوت بہ ايڏي سگهاري ناهي جو تون ڄاڻي سگهين تہ سرهاڻ کان سڪايل انسان جي دل ڪيئن ڪومائجي ويندي آهي. تون اهي احساس سمجهي ئي نٿو سگهين جيڪي ڪنهن اهڙي هنڌ جنم وٺندا هجن جتي خوشبوءِ جي تصور جو ذريعو نہ هجي. تون ڇا ڄاڻين ان وقت* دل جو ڦٽڪڻ جڏهن مينهن ڦڙن لاءِ جسم ۽ چانڊوڪيءَ لاءِ اک سڪندي هجي! جتي نہ ساز هجي نہ سنگيت پر فقط، انهن کان ڇنل آواز ۽ آڱريون. نہ نہ! تون نہ ٿو سمجهين سگهين ساز ۽ آواز جو وڇوڙو. پر شايد تو ٻڌو هجي بنا آڱرين جي ڇرندڙ ساز ۽ ان جو بي آواز درد.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۱۸-مئي۱۹۸۱

* مان ڪنهن اهڙي جاء تي آڪيرو ٺاهڻ گهران ٿو جتي ڪڏهن بارود ڦاٽڻ جو امڪان نہ هجي.

* نفرتن جي اَڏيءَ تي هڪ پاسي ساون پنن جي ڍيري ۽ ٻئي پاسي موتئي جو اڇو ڪنڌ پيو آهي.

* شام ٿي چڪي آهي. آڪاس، رڻ پٽ وانگر حياتيءَ جي هلچل کان وانجهيل ٿو لڳي. ڇا اڄ ڪوبہ پکي آکيري ڏانهن واپس نہ ويندو!؟؟

* ڪتاب، بوڪ شلف جي شيشي مان جهاتيون پائي رهيا آهن؛ سيئي چپ چاپ، اداس ۽ اوٻاٽڪا. بوڪ شيلف جي ڇاتيءَ تي تالو آهي. ڪتاب روئي رهيا آهن، مس وڙڻي رهي آهي ،اکر ڌهي رهيا آهن. شلف اڃا بند آهي.

* خبر ناهي ڪهڙي شاعر چيو هو تہ، ”بندوق ڏاڍي طاقتور آهي ڇاڪاڻ تہ اُها انسان کي ماري سگهي ٿي ۽ هر ان ذهن کي قتل ڪري سگهي ٿي جيڪو سوچڻ جي صلاحيت رکندو هجي.“ پر بندوق ڏاڍي ڪمزور آهي ڇو تہ اها ڪنهن نہ ڪنهن انسان جي هڪ معمولي آڱر جي محتاج آهي ۽ اها بہ بندوق بازن جي پل آهي تہ سوچ گوليون کائي مري ويندي آهي. هوءَ تہ گولي کائڻ کان پوءِ اڃا وڌيڪ ۽ ڏاڍي تيزيءَ سان پکڙجي سگهاري مادي شئي جو روپ وٺندي آهي. سوچ جيڪڏهن هڪ ڀيرو اڏامي وڃي تہ ان کي ماري نہ ٿو سگهجي. هوءَ اڏامندي رهندي، ان وقت تائين جيستائين دنيا جي گولي تي هڪ بہ انسان جيئرو آهي. سوچ اڏامي چڪي آهي ۽ معاملو بندوق جي وس کان ٻاهر نڪري ويو آهي.

۲۱ — جون ۱۹۸۱

ڪوليءَ جي پٺئين پاسي چند ڪرڙيل ٿو لڳي تڏهن تہ ماحول ۾ ايذي اڃاڻ آهي. ڪاش هن مهل چانڊوڪيءَ جي ٿڌاڻ پنهنجي ٻت تي محسوس ڪري سگهجي ها، يا گهٽ ۾ گهٽ چانڊوڪيءَ ۾ پنهنجو پاڇو ڌرتيءَ تي ڏسي سگهجي ها!

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۲۲ ـــ جون ۱۹۸۱

فطرت بي چين آهي. مسلسل متحرڪ، ۽ مان انجو حصو آهيان. جيڪڏهن فطرت کي هٽرادو طرح روڪيو وڃي تہ اها بيچينيءَ جي انتها کي ڇهڻ لڳندي. جيڪڏهن فطرت جي سيني ۾ دل پيدا ٿي پوي تہ اها منهنجي صورت وٺندي. اڄ شهر جي هر دروازي ٿي مگٽو بيٺو آهي ۽ هر ڪو پنهنجون ڪوتائون ساميءَ جيان مٺ ۾ پورڻ تي مجبور آهي. هن سڀي شهر جا سمورا ساز ڇوڙ واٽن تي آڏا ابتا پيگا پيا آهن ۽ علم ۽ فن جا ڪتاب فوٽپاٿن تي پيا آهن. ۽ مان! پنهنجي بي چين ڪلا جي ناممڪن تسڪين لاءِ ڪنهن اهڙي ساز کي ڳولهيان پيو؛ جنهن تي نئين دور جي موسيقي ڪمپوز ڪري سگهجي. منهنجي ڪلا بي چين آهي پر مان ڪيس سڪون ڏين بدران ڪنهن ساز تي اچا وڌيڪ بي چين ڪرڻ جي سنبت ۾ آهيان.

ڇا مان سدائين جلندو رهندس! ڇا منهنجي دل سدائين ڦٽڪندي رهندي؟

۲۳ ـــ جون ۱۹۸۱

پندرهين صدي هجريءَ جو پهريون سال ۽ نندڙو علي بابا پنهنجي پهرين سالگرهہ قيد خاني جي ملاقات واري ڪمري ۾ ملهائڻ آيو.

سندس ڪچڙو ذهن موڪريون پتيون ڏسي گم سم ۽ پريشان هو، گهڙيءَ کن ۾ چپ ڪڏي روئڻ لڳو. ترت ئي نرم ڪيڪ مٿان ٺهيل رنگين گل کيس ريجهائي ورتو ۽ دنيا جي سڀ کان قيمتي شئي سندس مرڪ (جنهن لاءِ فلسطيني شاعر محمود درويش پنهنجي اڌ زندگي ڏيڻ لاءِ تيار آهي) موٽي آئي ۽ قيد خاني جون موڪريون پتيون پٽڪڙن هٿن ۾ جهليل گل کي حسرت ۽ رشڪ جي نگاهہ سان ڏسڻ لڳيون.

پٿر جي ديوارن پنهنجين محرومين تي روئڻ گهريو...پر روئي بہ نہ سگهيون.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

١٧ ـ آگسٽ ١٩٨١

اقوام متحده کي ٻڌايو ويو آهي تہ ماريطانيہ ۾ هن وقت هڪ لک غلام آهن. ماريطانيہ ١٩٦٠ ۾ فرانسيسي بيٺڪيت کان آجي ٿي، پر اڄ تائين ماڻهوءَ جي آزادي هڪ سوال آهي. اضافي ڳالهہ اها آهي تہ غلاميءَ خلاف مهم هلائيندڙ بين الاقوامي تنظيم جي جنرل سيڪريٽريءَ جو چوڻ آهي تہ ماريطانيہ جي اقتصاديات جو آڌار غلاميءَ تي آهي تنهڪري غلاميءَ جي خاتمي سان ملڪ جي معيشت بہ تباهہ ٿي ويندي.

٢١ ـ آگسٽ ١٩٨١

جي تون سمجهين ٿو تہ، احساس جي شدت مايوسيءَ جو حملو آهي تہ تون غلط آهين، احساس جي شدت زندگيءَ جو احساس ۽ مايوسي موت جو ٻيو نالو آهي هڪ جذبو زندگيءَ لاءِ تڙپ ۽ ٻيو اُن کان ٽڪا وٺ آهي.

* * *

پنائي!

معاف ڪجانءِ! پر اڄ دل ٿي چوي تہ تنهنجي رسالي کي ٽڪنڪيءَ سان ٻڌي ڏاڍا ٽڪا هڻان. ايڏا ٽڪا هڻان ايڏا ٽڪا هڻان جو ان بي رحم احساس جي ڏنگ جي باهہ جهڪي ٿي وڃي جيڪو تنهنجي رسالي جي سٽ سٽ سان اندر ۾ پنيٺ ڪري ايري ٿو، جيڪو سَوري وجود کي ٽڙڪائي ساڙي ٿو.

تنهنجو قسم پنائي! تنهنجي رسالي مونکي ڏاڍا ڏک ڏنا آهن. مان ڏاڍو لڇيو آهيان، وڍيو آهيان. جي آڏو هجين ها تہ ڏسين ها تہ تنهنجي رسالي جي هڪ هڪ سٽ جي بي رحم سچائي، احساس ۽ اظهار جي شدت ڪيئن ڪٽي ۽ ڪنهن ڪنهن کي مڏين ڪاتين سان ڪٺو آهي.

پنائي قسم اٿئي! يا تہ مونکي ان سگهہ جي هزارين پتي ڏي يا ان سگهہ جو ڏس ڏي جنهن سان تو پنهنجو پاڻ کي ۽ رسالي جي پڻ کي پنهنجي تخيل جي لهسائيندڙ جيءَ کان بچايو آهي.

مان حيران آهيان تہ اهي ڏک جن جو اظهار بہ اسان کي ٽڪائي ٿو وجهي تن کي محسوس ڪري بہ تون اُبي پيرين بيٺو رهيو آهين. ڪاش! تون ڏاهو نہ هجين ها! يا ڪاش تنهنجا ٻول منهنجي ڪن تي نہ پون ها!

تنهنجو پنهنجو فقير

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

پيارا منگي!

خوش هوندين. وري نظر موڪليان پيو، اڳئين پيري ڇاپڻ جي مهرباني. وقت جي ديوتا مونکي تنهنجي دنيا کان ڇني ڌار ڪيو آهي. ايئن سمجهه تہ مان هڪ ڳيرو آهيان ۽ ماريءَ جي ڇوڙيل ڪارتوس جا ڪجهه ڇيرا منهنجي جسم ۾ گهڙي ويا آهن. رت، منهنجن پرن جو رنگ مٽائي رهيو آهي... ۽ مان زيتون جي ٽاري چنهب ۾ جهلي لاڳيتو اڏامي رهيو آهيان - ۽ ها! منهنجي پرواز جي منزل امن آهي.

اهو اقرار بہ ڪرڻ ڏي تہ اتساهہ جو موت، زندگيءَ جو موت آهي. هن وقت منهنجي دنيا اتساهہ جي خوشبوءِ سان ٽمٽار آهي. اڄ شايد ئي ڪو بدنصيب مري تو سگهي. پيارا! ادبي صفحو منهنجي لاءِ في الحال بالڪل اڪيلو ذريعو آهي جنهن سان مان پنهنجي سوچ ۽ پيڙا ڪي باقي دنيا سان هم آهنگ ڪري سگهان ٿو، ۽ اهو تنهنجي وس ۾ آهي. ادبي صفحي لاءِ ڪجهه تجويزون اٿم ڌار پني تي لکجن ٿيون.

تنهنجو

* * *

دوست!

باوجود انهيءَ احساس جي تہ تنهنجو منهنجو ساٿ زندگيءَ جي ڪهڙي موڙ ۽ سبب ڪان آهي، اڄ تون ۽ مان هڪبئي کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪري رهيا آهيون. منهنجو انڪار تو لاءِ اعتمادجو سبب هئڻ گهرجي پر تنهنجي انڪار ۾ جذبي جو فرق آهي. پيارا! جڏهن تاريخ اچن ورقن کي ڳاڙهو ڪرڻ لڳندي آهي تڏهن ايئن ئي ٿيندو آهي - نہ تون دل لاهہ، نہ مان ڏک کي دائمي حيثيت ڏيندس.

ليڪڪ جو موت تڏهن ايندو آهي، جڏهن هو سمجهوتو ڪري. اهو سچ آهي تہ ڏک سهڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. منهنجو جسم ڪمزور آهي ۽ ڇڙ ڪنيو آهي. پر تڪليف جي شدت کان، جيڪڏهن اکين منجهان لڙڪ ڪري پون يا دانهن نڪري وڃي تہ معاف ڪري ڇڏجانءِ .

تنهنجو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۱۹ ـ نومبر ۱۹۸۱

# پکيءَ جي لات

پيارا منگي!

خوش هوندين. وچ ۾ توڏانهن هڪ خط لکيو هئم پر لکي ڦاڙي ڇڏيم. اڳيون نظم شايد صفحي جي معيار تي نہ لٿو يا شايد....خير! وري نظم موڪليان پيو.

جڏهن ڪا جهرڪي داڻو چڳندي آهي تہ گهڙيءَ گهڙيءَ ڪنڌ ورائي پنهنجين پٺڪڙين اکين سان هيڏانهن هوڏانهن بہ نهاريندي ويندي آهي، هر لمحي سرڻ يا ٻليءَ جي جهٽ جي ڊپ کان. تنهن ويل دل چوندي آهي تہ جهرڪيءَ کي چوان، ”فڪر نہ ڪر مان تنهنجي حفاظت ڪندس“. پر چئي بہ نہ سگهندو آهيان، خبر اٿم تہ مون کان بہ ڇهي ويندي.

اڄڪلهہ جهرڪين سان دوستي اٿم. هن عرصي دوران هڪ جهرڪيءَ ۽ جهرڪ بہ ٽي دفعا منهنجي ڪمري واري بتيءَ جي شيڊ ۾ آکيرو ٺاهي بيدا ڏيئي، ٻچا پيدا ڪري ڇڪا آهن. اڄڪلهہ جهرڪ مونسان اڪيلو آهي. خبر ناهي تہ جهرڪي ڪيس ڇڏي هلي وئي آهي يا ڪيس ڪو جهٽ هڻي ويو. ويچارو ڏاڍو پريشان آهي. رات جو رکي رکي رڙيون ڪندو آهي. ڏک، دانهن، اذيت ۽ احتجاج جو ڀاڱ ۾ ڪيڏو نہ گهرو واسطو آهي! ڪڏهن Thorn Bird بابت ٻڌ اٿئي؟ Thorn Bird هڪ روايتي پکي آهي جيڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ فقط هڪ ڀيرو ڳائيندو آهي. ايترو سٺو دنيا جي ٻي ڪابہ مخلوق ڳائي نٿي سگهي. هيءُ پکي جڏهن اڏامڻ لائق ٿيندو آهي تہ هو پنهنجو آکيرو ڇڏي ڪنهن ڪنڊائين وڻ جي تلاش ۾ نڪرندو آهي ۽ تيستائين سک نہ ايندو اٿس جيستائين اهو ڳولهي نہ لهي. پوءِ، هو انهن ظالم ۽ بي رحم ڪنڊائين ٽارين جي وچ ۾ وڄڙندو ۽ ڳائيندو آهي. ڳائيندي ڳائيندي هو پاڻ کي سڀ کان ڊگهي، تيز ۽ اُڀي ڪنڊي جي مٿان ڇڏيندو آهي ۽ ڪنڊو سندس جسم ۾ گهڙي ويندو آهي. هو مرندي مرندي پنهنجي اذيت منجهان سرور وٺندي تنواريندو آهي ۽ دنيا جي سڀ کان پياري گيت کي جنم ڏيندو آهي. هن ريت هو پنهنجو وجود ڏيئي گيت تخليق ڪندو آهي.

پر سڄي دنيا روز اهڙا گيت ٻڌي، تخليق جي اذيت کي محسوس ڪرڻ بدران مرڪي هلي ويندي آهي.

تنهنجو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۱۵ ـــ ڊسمبر ۱۹۸۱

ڏيڍ سال جي عرصي کان پوءِ گڏيل چارج شيٽ ملي اٿئون ـــ مارشل لا ريگيوليشن ۳، ۱۳، ۱۸، ۳۶، قلم ۱۲۳ــ اي ۽ ۱۴۹. انهن انگن جو سولي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيندو: اعتراض جوڳو مواد ڇپائڻ، ورهائڻ، گهٽ آمدني وارن ماڻهن کي مٿين طبقن خلاف ڀڙڪائڻ، فوج خلاف نفرت پکيڙڻ، اسلام خلاف ڪم ڪرڻ، صوبن وچ ۾ نفرتون پکيڙڻ، قانوني حڪومت خلاف بغاوت ۽ ملڪ سان غداري ڪرڻ.

سرڪاري وڪيل پنهنجي ابتدائي تقرير ۾ روسي افغاني خيالن جي پرچار جو اضافي الزام به چنبڙائي ڇڏيو. سيني قيدين مبارڪون ڏنيون آهن. سچ پچ ته اسان کي به ڏاڍي خوشي پئي ٿئي ڇاڪاڻ ته هاڻ ٻي دريافتا نه رهيا آهيون ۽ ڪيس هلڻ جوآسرو ٿيو آهي. سمورن الزامن جي مجموعي سزا پنجاهه سال، ٽيهه ٽيهه ڦٽڪا ۽ ڏنڊ آهي.

چيانگ ڪائي شيڪ جي قيد ۾ ينگ سو به شايد اهڙي صورتحال هيٺ نظم لکيو هو ته:

”ايڏي ته عمر نه آهي تنهنجي

اڙي نادان!

ڏيئي سگهين تو سزا جيڏي“

سچ پچ، ته پنجاهه سالن جو عرصو ۽ سو به اڄوڪي تيز رفتار عوامي هلچل واري زماني ۾ ڪيڏي نه موتمار خوش فهمي آهي!

اڳ لڳايل الزامن ۾ مارشل لا ريگيوليشن ۱۵ به لڳايو ويو هو جنهن جي معنيٰ آهي، مسلح تخريبڪاري. يقينن هن ڪيس ۾ ڪٿي به ڪنهن ڦٽاڪي بازيءَ جو ذڪر ڪونه هو، سواءِ سرخ پرچم ۽ هلچل اخبارن جي ڇپائيءَ جي. ۳۰ ـــ آگسٽ ۱۹۸۰ وارين اخبارن ۾ عوام دشمن تخريبڪارن جو جهڙيءَ طرح پاڪستان جي هر اخبار ۾ اهم ترين خبر ٻڌائي ’ڌماڪو‘ ڪيو ويو هو ۽ وڏيڪ سنسني خيز انڪشافن جي توقع جو اظهار ڪيو ويو هو، تنهن ۾ يقينن سيني کي ڏاڍي مايوسي ٿي هوندي. سرڪار بهادر کي ڏيڍ سال کانپوءِ به جڏهن اسلحو هٿ نه آيو تڏهن لاچار چپ چپات ۾ ريگيوليشن ۱۵ هٽائي غداريءَ جو قلم لڳائي ڇڏيو آهي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ملڪ قاسم جڏهن جنوري ـ ٨١ ۾ آيو هو تہ مٿس بہ ”غداريءَ“ جو قلم لڳايو هئائون. پر پوءِ شايد کين احساس ٿي ويو تہ غلطيءَ وچان پنهنجي ماڻهوءَ تي غلط ليبل لڳائي وڌو اٿئون. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سندن پوئين خيال سان هر هڪ جو مڪمل طور تي متفق هئڻ ضروري نہ آهي.

تقريباً يارهين لڳي ڌاري خاص فوجي عدالت نمبر ـ ٥، ڪشمير اسپورٽس ڪامپليڪس جي مرڪزي آفيس ۾ پنهنجي ڪارروائي شروع ڪئي. عدالت پنهنجو تعارف ڪرايو، ”منهنجو نالو ڪرنل عتيق آهي. هن عدالت جي صدر هئڻ جي ناتي اها منهنجي ذميداري آهي تہ مان اصل حقيقت تائين پهچي انصاف جي سفارش مٿي موڪليان. منهنجي سڄي پاسي ڪيپٽن افتخار جليس (ابراهيم جليس جو پٽ) آهي ۽ منهنجي کاٻي پاسي مسٽر حبيب الله پنو سول مئجسٽريٽ آهي.هيءَ عدالت مارشل لا ايڊمنسٽريٽر زون سي ۽ سنڌ جي گورنر جنرل عباسيءَ جي حڪم سان تشڪيل ڏني وئي آهي.“

شايد اهو تعارف ڪا قانوني ضرورت هئي پر چام ان تي اعتراض اٿارڻ ۾ دير نہ ڪئي. جيتوڻيڪ عدالت ۾ فقط قانوني ويڙهہ ٿيندي آهي ۽ فيصلا ڪنهن ٻئي هنڌان نازل ٿيندا آهن پر تڏهن بہ ميدان خالي ڇڏڻ مان ڪهڙو فائدو؟ چام اعتراض ڪندي چيو تہ، ”ڪرنل صاحب! بحيثيت چڱي ماڻهوءَ جي مان توهانجي عزت ڪيان ٿو پر جڏهن اوهين مارشل لا جا نمائندا ٿي سامهون آيا آهيو تہ پوءِ اسان هت پنهنجي نہ پر پورهيت ماڻهن ۽ انهن جي سياست جا نمائندا ٿي ڳالهائيندا سين“ . ڪرنل ڏاڍي غور سان ڪيس ڏسندو رهيو. ٿي سگهي ٿو تہ اها سندس پيشورانہ ضرورت بہ هجي، پر خود سندس ذات بہ تجسس ۽ ضمير جي دٻاءُ هيٺ هئڻ ڪپندي هئي. شايد هو فقط عدالت جي رسمي اطمينان جي حد تائين نہ پر هڪ عام شهريءَ وانگر بہ ڪجهہ ڄاڻڻ گهرندو هجي!

”ٻيا قانوني اعتراض تہ اسان ان وقت ڪري سگهنداسين جڏهن اسان کي دوستن ۽ وڪيلن سان مشورو ڪرڻ لاءِ قانوني حق ملندو پر في الحال اسين ايترو چئي سگهون ٿا تہ هن عدالت جي تشڪيل جائز ناهي ڇاڪاڻ تہ هن ڪيس ۾ ملوث اسانجي هڪ ساٿيءَ جي قتل ۾ گهربل جوابدار جنرل عباسي اسان يعني فريادي ڌر تي ڪيس هلائڻ لاءِ ڪابہ عدالت تشڪيل نٿو ڪري سگهي ۽ ٻيو اعتراض اهو آهي تہ اسان جيئن تہ مارشل لا کي غير قانوني سمجهون ٿا تنهنڪري ان جي هر عمل ۽ هن عدالت جي تشڪيل کي بہ قانون مطابق غلط سمجهون ٿا. اسان جي خيال ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي اسان تي ڪيس هلائڻ جو حق آهي تہ اها فقط هن ملڪ جي ماڻهن جي

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

عدالت آهي.“ ڄام ساقيءَ ابتدائي اعتراض زباني داخل ڪيا.

ڪرنل اعتراضن کي رد ڪري ڇڏيو ۽ قسم کنيو تہ، ”مان خدا کي حاضر ناظر سمجهي اقرار ٿو ڪيان تہ پنهنجا فرض صحيح انجام ڏيندس.“

ڄام کي وري موقعو ملي ويو. ڪجهہ چورڻ جي اجازت گهري چيائين، ”توهان قسم تہ نہ کڻو ڪرنل صاحب! اسان کي قسمن تي ڏاڍا فريب مليا آهن. اسان، ماڻهن کي قسم پڇندي ڏٺو آهي....... نہ فقط ڏٺو آهي پر ورديءَ ۾ پڇندي ڏٺو آهي!“ ڪرنل ڪوبہ تبصرو ڪرڻ بدران ڦڪي ڪل مرڪيو. شايد هو ڳالهہ جي توڙ کي سمجهي ويو هو، چيائين، ”مان فقط پنهنجي قسم جو ذميوار آهيان.“

۱۸ ـ ڊسمبر ۱۹۸۱

اخبارن تان اڄا سينسر شپ لٿي ناهي پر سختيءَ ۾ ڪجهہ گهٽتائي محسوس ٿئي ٿي. سرڪار ٽن اخبارن، جنگ، نواءِ وقت ۽ مشرق تان مڪمل سينسر شپ لاٿي آهي پر انهن اخبارن جي طبقاتي وابستگي جيڪري پاليسيءَ ۾ ڪو بہ فرق نہ آيو آهي. امن پنهنجي وس آهر ۽ ڪاروباري گهرجن مطابق مختلف پاليسي رکي ڪافي خبرون ڏئي رهي آهي. هلال پاڪستان بہ همت ڪئي آهي، ڪجهہ نہ ڪجهہ پڙهڻ لاءِ ملي وڃي ٿو، خانا پريءَ جي حد تائين ٿي سهي.

نواءِ وقت تہ سنئين سڌي ڪشتري پاليسي پئي هلائي، جو آهي ئي انهن جي. جنگ جو مالڪ تہ پاڻ پاويهن خاندانن مان هڪ ٿي پيو آهي. هلال پاڪستان پنهنجن سمورن بهترين ڪارڪنن جي باوجود ٽرسٽ جي انتظاميہ جي پاليسين کان ڪنڌ نہ ٿي ڪڍائي سگهي. آخر، ٽرسٽ بہ تہ سرڪار جي ٿي.

پاڪستان ۾ بہ صحافت ۽ اخبار هاڻي باقاعدي صنعت جي شڪل وٺي چڪي آهي. وڏا وڏا سيٺيون پنهنجيون پاليسيون هلائڻ ۽ سرڪار سان ناشيہ برداريءَ لاءِ پنهنجا پنهنجا شرط رکي راءِ عامہ کي برابر اوندهہ ۾ رکڻ جو ڪم تمام ڪاميابيءَ سان ڪري رهيا آهن. مجال آهي جو ڪا حقيقي ڊر ڊڪليريشن وٺي سگهي! جڏهن تہ جنگ گروپ ۽ ڊان گروپ مختلف نالن، پاليسين هيٺ چار چار پنج پنج اخبارون ڪڍي رهيا آهن. سبب ٻيو ڪوبہ ڪونهي سواءِ تہ ڌري اتحاد جي. ان اتحاد کي جيڪا مرضي پئي سو نالو ڏئي

سگهجي ٿو. چاهي ان کي وئش، کتري، برهمڻ اتحاد چئو، چاهي فوج، ملا سرمائيدار اتحاد چئو. باقي رهيو عوام! سو تہ يا آهي ٺلهو پورهيت يا شودر جنهن جو ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ ڪجهہ نہ وڃي. پر جيڪڏهن ڪجهہ دخل اندازيءَ جي ڪوشش ڪيائين تہ براهمڻ ويدن جي قوت سان، کشتري تلوار جي سگهہ سان ۽ وئش ناڻي جي مار سان نابود ڪري ڇڏيندس.

١٩ـــ ڊسمبر ١٩٨١

اڄ جنم ڏينهن اٿم. پنهنجي وجود جي تلاش ۽ سڃاڻپ جي مسئلي تي سوچڻ لاءِ حق تي آهيان. خبر ناهي تہ ڪيئن اڄ ويٺي ويٺي بحث ڇڙي پيو. تون ڪير آهين، مان ڪير آهيان ۽ هو ڪير آهي؟ سڃاڻپ ڇاهي؟

اڄوڪي بحث ۾ ڪماندر عالم، ارشاد راز، حسن نظامي ۽ مان شريڪ ٿياسون. عالم بهاري آهي، نظامي پنجاب جو، راز راجپوت آهي ۽ مان سنڌ جو. جيڪڏهن اهي سڃاڻپون صحيح آهن تہ پوءِ گهٽين ڳالهين جا جواز ڳولهڻا پون ٿا. پرجيڪڏهن اهي غلط آهن تہ پوءِ سچ ڇا آهي؟ اڄ اسان سڀني کي هڪ ئي شڪايت محسوس ٿي، پنهنجي ڌرتيءَ سان ڇچريل وابستگيءَ جو احساس. هن ديس جي حڪمرانن جڏهن بہ مونکي منهنجي سڃاڻپ ٻڌائي آهي، مون اها ٻڌي آهي؛ جيڪا هو ٻڌائڻ چاهين ٿا. ڪنهن ٻئي ماٺهوءَ جي سڃاڻپ ڪارڊ تي منهنجي تصوير لڳل سڃاڻپ ـ ڇا سنڌو نديءَ کي ڪوثر سان پيڻي سگهجي ٿو! اڄ هر فرد ديس ۾ پرديسي هئڻ جو احساس ڪٺي ڌرتيءَ کي پنهنجو ۽ پاڻ کي ڌرتيءَ جو سڏڻ لاءِ آتو آهي ـ پر وقت جا ڪانٽا هر ٽڪ ٽڪ سان چون ٿا ”ڪوشش جاري رکو... ڪوشش جاري رکو.“

هونئن تہ شايد مان سڃاڻپ جي سفر ۾ هت نہ پهچان ها پر مسئلو اسان جي پنهنجي سڃاڻپ جوآهي. حقيقت جي کوج واري انساني فطرت انسان کي پٿر واري دور جي اونداهن غارن ۾ لهڻ تي مجبور ڪيو آهي. مون لاءِ بہ اونداهين ۾ رهڻ کان بهتر هو تہ مان پنهنجي ڳولا ڪيان. روشني حاصل ڪيان ۽ پنهنجي جوڙ جڪ ڏسي پنهنجي گروهہ جو تعين ڪيان. اسان اهي ناهيون جيئن ٻڌايا وڃون ٿا. هن بوتل ۾ اهو شراب ڪونهي جيڪو ان تي چنبڙايل ليبل ٻڌائي رهيو آهي. هيءَ سڃاڻپ مونتي مڙهي وئي آهي.

اڄ جي اونداهي غار ۾ جڏهن مان پنهنجي وجود کي هٿوراڙيون هڻي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو تہ مونکي هڪ انسان نظر اچي ٿو، زنجيرن ۾ ٻڌل ۽ سچ جي ڳولا لاءِ آتو.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

تاريخ، سچ ڳولهي ئي وٺندي آهي، پوءِ ڪٽي ڪيس ڪيڏو بہ چونہ لڪايو وڃي. هوءَ مٽيءَ جا تهہ لاهي ڇڏيندي آهي. بلڪل ائين جيئن بت تراش فرهاد، شهزادي شيرين جو عاشق نہ رهيو آهي. بلڪل ائين جيئن نئين تحقيق ٻڌائي ٿي تہ فرهاد شيرين جي عشق ۾ ڪير جي نديءَ بدران ازبيڪستان جي عام ماڻهن کي ڏڪر کان بچائڻ لاءِ جبل ٽڪي پاڻيءَ جي نهر ڦوڙي هئي.

٢٧ ــ ڊسمبر ١٩٨١

تمام پياري دوست جي خواهش تي پوري ڪوشش جي باوجود گيت نہ لکي سگهيس. احساس جون رهڙون من ۾ پيون ئي ڪونہ ـ شايد ڦٽ سُڪي ويو آهي. وري ڪو نئون زخم لڳي ۽ ڇِڪي تہ لکان ـ

* * *

رات جو پوين پهر آهي ۽ مان...
اجا تائين خوشبوءِ جي ڳولا ۾ ــــ
خوشبوءِ ڦُٽڻ جو وقت ويجهو اچي ويو آهي

* * *

نہ آمريڪا، نہ روس دنيا ۾ سپر پاور فقط ۽ فقط ماڻهو آهي . اهو ماڻهو جنهن جا هٿ پورهيو ڪن ٿا ۽ منجهن تخليقي سگهہ جا اڻکٽ ڀنڊار آهن. ماڻهو، جنهن جا هٿ جيڪڏهن زمين ۾ کپي وڃن تہ...

* * *

هڪڙي ديواني پتو تنهنجو پڇيو،
جاءِ تي پنهنجي بيهاري آيس
(بدر قريشي)

مان تنها ڪونہ هوندس بدر هڪڙو شهر آ آباد
گهٽا ئي مقبرا آهن، صليب ودار جي پويان
(بدر قريشي)

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

”لفظ پٽرن ڪان بہ ڳؤرو ٿي ويو
زندگي جو بار هلڪو ٿي ويو
جنهن کي دنيا ٿي ڏڪاري سو اچي
جو نہ ڪنهنجو آهہ منهنجو ٿي ويو“
(بدر قريشي)

۲۹ــ ڊسمبر ۱۹۸۱

سهڻن سپنن کي ڇا ھي؟
ڪٿي پي، ڪڏهن بہ، ڪهڙي بہ لمحي
ڪنهن ٽِيسر ۽ بيچين پالڪ جيان
ڇرڪي ٿا جاڳي پون -
مگر تن کي ڪهري خبر!
تہ حقيقت جي دنيا ۾ تن کي نپائڻ
ڪيڏو آ مشڪل -
انهن معصوم سپنن کي ڪهڙي خبر
تہ حقيقت جي دنيا ۾ آزاد چمڙن ۽ چيرن
بني نوع آدم کي ڪيڏو ستائي ڇڏيو آ
اجا سچ تڪجي سمهي ئي نٿو
تہ هوچيرا ڏيئي ٿا چون:
” ڏس، ڪيڏو نہ آهي امن!“ -
۽ اسان کي ڏسو!
گوتم ۽ اُنجي اهنسا پٽيان
پتين جي ياڪر ۾ پهچي چڪاسون مگر
چمڙن ۽ چيرن کي جيئندان ڏيئي اجا

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

سپنن جي معصوم ٻالڪ کي ريجهائي ريجهائي ٽڪجون ٿا
ڪڏهن دم دلاسن جي ٻي انت رچ
ڪڏهن لوڀ لالچ
ڪڏهن پيار جي ٽپڪي ڏئي ٿا سمهاري ڇڏيون
ڪڏهن دل جي نازڪ ڳلن تي
چمائن جي بارش وسائي
آڱريون چٽي ٿا ڇڏيون -
ڇا توهان کي خبر آ اسان ڪير آهيون؟
اسان امن جا پرچاري!
پنهنجن ئي معصوم سپنن جا قاتل!
پنهنجا ئي جيرا اجا ٻيي
مها سنگرام کان اڳي ئي
ٽلهين ٽوٻرين ڳجهن جي حوالي ڪيون ٿا
اسان!
گوتم جي اهنسا جا شارح
مهن جي دڙي جي گهٽين منجهان
ڏاڪڙ وٺان
لڏل لاش آهيون -
سپنن کي ڇا آهي؟
ڪٽي ٻيي ڪڏهن ٻه ڪهڙي ٻه لمحي...

* * *

”بي“ ڪلاس جو بورچي نسيم خان قيدي آهي - آزاد دنيا ۾ سنها ٽلها ڏاڙا هڻندو هو. بورچي خاني جي سڄي ذميداري مٿس آهي. ڪيس روزانو مقرر ڪيل راشن جو اڌ ملندو آهي. باقي اڌ انتظاميه ۾ حصو پتي ٿي ويندو آهي. اڌ راشن مان ڪل ماڻيءَ جي نسبت هيءَ آهي: صبح جو ڪچو بيدو ۽

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ڊبل روٽي سان چانهه جو هڪ ڪوپ. افضل خان ان چانهه کي ”ٻوڙ وارو پاڻي“ چوندو آهي. واقعي! جابلو علائقي ۾ لواڙيل پاڻيءَ جو رنگ اهڙو ئي هوندو آهي. منجهند جو مانهه جي دال جون ٻه ڏويون ۽ ٻه ڦلڪيون. شام جو وري ٻوڙ وارو پاڻي ۽ رات جو پاڻي جي ڍنڍ ۾ پٽاٽن جا ننڍڙا چوڪنڊا ٽڪرا. اهو راشن جو روز وارو رينگٽ آهي. چانهه کير کنڊ ۽ پتيءَ ۾ اڌ ڪٽوتي، ماني رُکي، پندرهن منٽ نه ڪائجي ته پاپڙ جهڙي ٿي ويندي آهي. نه گيهه، نه مصالحو، نه پروٽين، نه وٽامن. خير سان جيڪو تورو گهٽو گيهه کنڊ اچي ٿو سو نسيم خان ۽ حد جي عملدارن ممتاز خان ۽ حوالدار شيرعلي خان لاءِ آهي. هو جيل مان گيهه ۾ ٽب پراٺا، ڊوڙ پتي ۽ آمليٽ ٺهرائي کائڻ کي پنهنجو حق سمجهن ٿا ـ آخر انهيءَ جي بدلي ۾ هو حدن اندر انتظام به ته قائم رکن ٿا!

راشن جي ههڙي منصفاڻي ورڇ پوڙهن حوالدارن جي ڪرنڊڙ ۽ ڍهنڍڙ صحت کي ڪجهه نه ڪجهه ٽيڪ ڏني آهي. ٻئي طرف وڏا وڏا پهلوان قيدي اندران ڪوڪلا ٿي ويا آهن. شايد انگريزن واري زماني ۾ به ايئن ئي هو. ڳالهه ٿا ڪن ته انگريزن جي دؤر ۾ هڪ قيديءَ پريڊ جي ڏينهن همٿ ڪري مانيءَ جو بچيل ٽڪر انگريز سپرنٽنڊنٽ جي اُن ڪتي اڳيان اڇليو جيڪو هر وقت ساٿس گڏ هوندو هو. ڪتي، ان مانيءَ کي سونگهي ڇڏي ڏنو، قيديءَ سپرنٽنڊنٽ کي عرض ڪيو ته، ”صاحب! هيءَ ماني ڪتو به نٿو کائي ـ“ تنهن تي صاحب چيو هو، ”ٺيڪ آهي، پر هيءُ منهنجو ڪتو آهي. (توهان کان افضل آهي)“

تنهن ڏينهن مارشل لا ٽيم جو هڪ ڪرنل معائنو ڪندي بورچي خاني ۾ گهڙي ويو هو. پاڻيءَ جي ڍنڍ ۾ پٽاٽن جا چوڪنڊا ٽڪرا چلهه تي رکيل هئا. پر ۾ مانيون پچي رهيون هيون. سپرنٽنڊنٽ صاحب مانيءَ جي تعريف ڪندي فرمايو! ”ڪرنل صاحب ههڙي ماني قيدين کي گهر ۾ به نصيب نٿي ٿئي!“ ڪيڏو نه سچ هو. پلا اهڙي ماني.....

* * *

۲۹ ــ ڊسمبر ۱۹۸۱

عدالت ۾ اسان ڏوهي هئڻ کان انڪار ڪيو آهي. ڏوهارين جي لسٽ ۾ ڪامريڊ امام علي نازش، جبار خٽڪ ۽ نرنجن ڪمار جا نالا مفرور طور ڏيکاريل آهن.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۵ ـ جنوري ۱۹۸۲

مون پنهنجي ڪوٺيءَ جي هڪ ديوار تي ٻه تصويرون ٽنگيون آهن. پهرين تصوير ۾ هڪ اگهاڙو انسان پٽ جي اوٽ ۾ پنهنجي اوگهڙ لڪائي رهيو آهي. مان ڪيس پنهنجو ڪمبل آڇي نٿو سگهان ڇو ته مون وٽ فقط هڪ ئي ڪمبل آهي ۽ سيارو پنهنجي عروج تي.

ٻي تصوير ۾، هڪ ماڻهوءَ جي سڄي جسم ۾ سوئا ٽنبيل آهن. هو جيئرو آهي. مان سندس چهري تي اڀري آيل تڪليف جون ريکائون ڏسي پنهنجي تڪليف وساري وهندو آهيان، پر...

سڀ ميخون پنهنجي جسم ۾ ٽنبي سگهجن ٿيون مگر 'هن گهڙيءَ' جي انتظار واري ميخ دل ۾ ٽنبيل هوندي آهي، جيڪا ڪڏهن به نٿي سگهجي:

"نو نيئر، ڏهه ڏانوٽيون پندرهن پيند پياس!

جڏهن سڄڻ ياد پياس، ڇرڪ ڇنايس هڪڙي."

(پٽائي)

## صلاحون ۽ آٽتون

١٦ ـ جنوري ١٩٨٢

"هن رستي تي هلندي هلندي تون مري ويندين ـ توکي اهو رستو ڇڏڻو ئي پوندو!"

"نه پيارا! مان سمجهان ٿو ته اڃا هاڻ پيدا ٿيو آهيان ـ رستو ڇڏيم ته مري ويندم!"

"تون تباهه ٿي ويندين!"

"نه! مان نئين سماج جي شڪل ۾ وجود رکندس!"

"تون غلط آهين!"

"فيصلو وقت ڪندو آهي!"

"تون ائبنارمل آهين!"

"ڇا سچ به ائبنارمل ٿيندو آهي؟"

"دل نه لاهه! تون جلد آزاد ٿي ويندين!"

"شايد هي ديوارون مونکي ڇڏي ڏين پر منهنجو ضمير مونکي ڪڏهن به آزاد نه ڪندو!"

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

## چارج شيٽ مطابق هن ڪيس ۾ ملزمن جا نالا:

۱. احمد ڪمال وارثي، گرفتاري ۲۹ جولاء ۱۹۸۰.

۲. غلام شبير شر، گرفتاري ۲۹ جولاء ۱۹۸۰

۳. پروفيسر جمال نقوي، گرفتاري ۲۹ جولاء ۱۹۸۰

۴. سهيل سانگي، گرفتاري ۳۰ جولاء ۱۹۸۰

۵. امر لعل، گرفتاري ۲۰ سيپٽمبر ۱۹۸۰

٦. بدر جمال ابڙو، گرفتاري ۴ نومبر ۱۹۸۰

۷. جام ساقي، گرفتاري ۱۰ ڊسمبر ۱۹۷۸

۸. نازش امروهوي (مفرور)

۹. جبار خٽڪ (مفرور)

۱۰. نرنجن ڪمار (مفرور)

۱۱. نذير عباسي شهيد (۹ آگسٽ)، گرفتاري ۲۹ جولاء ۱۹۸۰

* * *

جا جر جاڻون نہ ڏئي، ڏيئا نہ موهي

سڏون ڪوهہ ڪري، سا پنهجي ڪاند جون.

(سامونڊي)

## وڪيلن جا نالا

يوسف لغاري: سهيل سانگي

شفيع محمدي: بدر ابڙو

بئريسٽر ودود: جام ساقي

اختر حسين: امرلال

امجد علي: پروفيسر جمال نقوي

رشيد رضوي: ڪمال وارثي

ڪوبہ نہ : غلام شبير شر

١٧ ـ جنوري ١٩٨٢

مان سڄي عمر گيت لکي بہ پاڻ گيت ٿي نہ سگهيم
۽ هو...
جنهن سڄي عمر گيت نہ لکيو
گيت ٿي ويو ـ
فقط بہ سٽون چئي:

"منهنجي زندگي سڏ آهي ۽
منهنجو موت هڪ گيت."

مان سوچيان ٿو تہ وڏو ڪير آهي؟
سچ، يا
سچ ڳالهائڻ وارو!؟؟

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

سرڪار جو خيال آهي تہ اسان مان هرهڪ جٽي؛ ماڻهن کي ٻڌايو آهي تہ سماج ۾ ننڍي وڏايون ۽ هيٺ مٿاهيون آهن ۽ اهو بہ ٻڌايو آهي تہ هو ڏڪويل آهن ۽ غريب آهن ۽ اهو بہ تہ مارشل لا ۾ ظلم ٿيندو آهي ۽ اهو بہ تہ ملڪ ۾ مهانگائي آهي ۽ اهو بہ ٻڌايو آهي تہ هنن جون پگهارون گهٽ آهن. تعجب آهي! هن ملڪ جي ماڻهن کي اها بہ خبر نہ هئي.

۱۸ جنوري ۱۹۸۲

عدالت ۾ سرڪاري ڌر هر ممڪن حد تائين اها ڪوشش ڪري رهي آهي تہ ڪارروائيءَ دوران لفظ ڪميونزم، ڪميونسٽ يا ڪميونسٽ پارٽي استعمال نہ ٿئي. چارج شيٽ ۽ چالان ۾ بہ مختلف اکر استعمال ڪيا اٿن. هونئن سندن اها ڪوشش گهٽو وقت هلي نہ سگهندي ڇاڪاڻ تہ ڏيهي ۽ پرڏيهي اردو توڙي انگريزي اخبارون ~7 Communist Trial~، ”ڄام ساقي ڪيس“ ”سات ڪميونسٽ ليڊرون ڪي خلاف مقدمہ“ ”نذير عباسي ڪيس“ وغيره جي هيڊ لائين سان رپورٽنگ ڪري رهيون آهن (اڳتي هلي هيءُ ڪيس ”ڄام ساقي ڪيس“ سڏجڻ لڳو.)

ڪالهہ بہ، جڏهن سرڪاري شاهد سب انسپيڪٽر اسلم نور پير ڪوڙي ڳاڻ کي ”سچو“ ثابت ڪري رهيو تڏهن بہ ايئن ئي چيائين، ”جناب! جيئن ئي آءُ اندر گهڙيس تہ پارٽيءَ جا هيءُ بہ ماڻهو اتي ويٺا هئا!“ هن ڪمال ۽ شبير ڏانهن اشارو ڪندي چيو هو. يوسف لغاريءَ آڏي پڇا ڪندي ڪائنس پارٽيءَ جو نالو ڪٿائڻ لاءِ پڇيو تہ، ”هي ڪهڙي پارٽيءَ جا ماڻهو آهن؟ مهرباني ڪري کولي ٻڌاءِ تہ افطار پارٽيءَ جا آهن يا ٽي پارٽيءَ جا يا ماڳهين پوليس پارٽيءَ جا آهن“ . مجبور ٿي يار پارٽيءَ جو نالو بہ کنيو ۽ ڪميونسٽن کان شديد نفرت جو اظهار بہ ڪيائين. پڇاڙيءَ ۾ هڪ ڳالهہ ڏاڍي مزيدار ڇئي ويو، چيائين، ”مون ڪڏهن بہ ڪميونسٽ لٽريچر نہ پڙهيو آهي. مان نائين جماعت پاس آهيان ۽ ابن صفي جا جاسوسي ناول پڙهيا اٿم“ .

* * *

شبير شر جي طبيعت ٺيڪ ناهي، ڪالهہ عدالت ۾ بي هوش ٿي ويو هو. ڪيس فوري طور تي دوائون ڪارائي عدالتي ڪارروائي جاري رکئي وئي.

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

هن ڪوليءَ جي دروازي مان هر رات فقط هڪڙو تارو نظر ايندو آهي.
هنن يارن مونکان آسماني تارن جو حسن بہ کسي ورتو آهي. اڄڪلهہ منهنجي آسمان جو رنگ اڇو آهي جنهن ۾ هڪ ڪمزور بلب ٽمڪندو آهي ۽ پنهنجو ڦڪو رنگ اڇين پٽين تي پکيڙيندو آهي.

دل چوي ٿي تہ دروازي سان لڳي تارن جي ڇپر ڪٽ ڏسان، پر اتي ڪجهہ بہ ناهي. مونکي ٻڌايو ويو آهي تہ مونسان انصاف ٿيندو. انصاف؟ ڪهڙو انصاف؟ ٻيو تہ ٺهيو مان فقط چنڊ ڏسڻ ٿو گهران، فقط چنڊ. جنهن کان هيءُ سمورو عرصو سڪايو ويو آهيان ۽ جنهن کي هاڻي فقط پنهنجين يادن جي زور تي ڏسي سگهان ٿو. يا اهو اڪيلو ٽمڪندڙ تارو منهنجو چنڊ آهي جيڪو اونداهيءَ ڪوليءَ مٿان ڪڙڪي، شيخن جي وٿين منجهان، تمام ڏورانهين کان هٿ لوڏي مونکي چوندو آهي، "مان موجود آهيان!" فطرت، ماڻهوءَ سان پنهنجو ناتو ڪڏهن نہ ٽوڙيندي آهي ڇاڪاڻ تہ سندس سونهن انساني اک جي محتاج آهي. انسان سندس سونهن سان پيار بہ ڪندو آهي تہ ان منجهان زندگي بہ وٺندو آهي. شايد اهو تارو ان لاءِ ئي تخليق ٿيو آهي تہ جڏهن مونکان منهنجو آسمان، منهنجا تارا ۽ منهنجو چنڊ کسجي وڃن تڏهن هو اُتساهہ ۽ روشنيءَ جو ذريعو بڻجي وڃي ۽ مونکي ڪائنات جي ڇرپر کان واقف رکي.

۲۱ — جنوري ۱۹۸۲

اگهاڙي انسان ۽ ميخون ٺنبيل ماڻهوءَ واريون تصويرون ديوار تي نہ ڏسي امر لال پڇيو، "تصويرون ڪِري پيون ڇا؟" — اهي ٻئي تصويرون جيلر ڪٽي ويو آهي ڇو تہ ديوارون سرڪار جون آهن ۽ تصويرون محروم انسانيت جون هيون.

۲۲ — جنوري ۱۹۸۲

قيد خاني جي ٻارين ۾ بيٺل سورج ديوتا جا پوڄاري هاڻي سورج مکي تي پيا آهن. هو، هر رات مومل وانگر هار سينگار ۾ ۽ خوشبوءِ سان غسل ڪندي گذارين ٿا. هر صبح، ڇپرن تي مرڪ پکيڙي قطار ۾ بيهن ٿا... پررروشنيءَ جو ديوتا ڏانهن نهارڻ بدران، سندن اوسيئڙي کان بي نياز وڏي شان سان قيد خاني جي مٿان لنگهي هليو ويندو آهي — هر گل صبح کان سانجهي تائين کيس تڪيندو رهجي ويندو آهي — ۽ هر رات وري خوشبوءِ ۽ ماڪ جي لڙڪن سان وهنجي سهنجي هڪ ڏينهن کيس پرسن ڪري وجهڻ جي اميد تي جيئندو آهي.

سپ نہ وجي ستيون، اجا کي سنجن
پيو سي پهرن، جي اجائجي آيون
(مارئي)

٢٣ ــ جنوري ١٩٨٢

اڄوڪي ڪارروائي بہ ڏاڍي دلچسپ رهي آهي. اسلم نور عدالت کي ٻڌايو تہ هي سمورا ملزم پاڪستان ٺهڻ واري وقت کان ئي ان جي خلاف سازشون ڪري رهيا آهن. يوسف لغاريءَ آڏي پڇا ۾ پڇيس تہ ”تنهنجو مطلب آهي تہ ڄمڻ کان بہ اڳ هي ماڻهو تخريبڪاري ڪندا رهيا هئا؟“ اسلم نور وراڻيو ”نہ، منهنجو مطلب آهي ڄائي ڄم کان.“ يوسف لغاريءَ وري چيو تہ، ”يعني جڏهن هيءُ ننڍڙا ٻار هئا تڏهن کان وٺي؟“ اسلم نور چيو، ”نہ، منهنجو مِطلب آهي جڏهن کان ... جڏهن کان ... “پوءِ هو گهٻرائجي ويو ڇاڪاڻ تہ عدالت ۾ ٽهڪڙو مچي ويو هو.

تخريبي لٽريچر جي سوال تي يار بہ ڪتاب قابل اعتراض ٻڌايا. هڪڙو ڪتابڙو ’ماسڪو اولمپڪ جا پروگرام‘ هو ۽ ٻيو ’سويت يونين ڪي مسلمان‘ پهرين ڪتاب تي اهو اعتراض هئس تہ اهو ماسڪو ۾ ڇپيل آهي ۽ پوئين ڪتاب لاءِ چيائين تہ، ”اهو ڪتاب پڙهڻ سان اهو تاثر اڀري ٿو تہ سويت يونين ۾ مسلمانن جي حالت ۽ انهن کي مليل آزادي پاڪستان ۾ رهندڙ مسلمانن کان بهتر آهي.“ خبر ناهي تہ ڪيس مسلمانن جي سويت يونين ۾ بهتر حالت تي اعتراض ڇو ٿيو؟ بهرحال، يوسف لغاريءَ ڪيس مشورو ڏنو آهي تہ اهو اعتراض پاڪستاني عدالت ۾ نہ پرسويت يونين جي سرڪار وٽ ڪري.

٢٦ ــ جنوري ١٩٨٢

گهڻي دير تي وئي پرعدالت نہ لڳي. خبر ناهي سهيل سانگيءَ کي ڇاسجهيو؛ پڇيائين، ”وڪيلِ گندگي اڃا تائين نہ آيو آهي ڇا؟“ مان سندس مطلب سمجهي نہ سگهيم. هيءَ نئين پرولي مونکان نہ ٻجي. سهيل مرڪيو ۽ چيائين. ”ادا، هڪڙا هوندا آهن وڪيل صفائي؛ تہ هو وڪيل گندگي ٿيو نہ!“ مون تصور ۾ سرڪاري وڪيل کي آندو. سندس سيني تي هڪ ميڊل لڳل ڏٺم جنهن تي لکيل هو ’وڪيل گندگي‘.خبر ناهي ڇو هو مونکي ڏاڍو رحم جوڳو لڳو.

۲۷ ــ جنوري ۱۹۸۲

سوجهرو ٽيڻ شروع ٿيو آهي، جهرڪين جي اٽڪث چرڙ چرڙ شروع ٿي چڪي آهي. پاڪيٽ ريڊيو آل انڊيا تان راڳ پيروي پڌائي رهيو آهي. ٿوري جهٽ رکي ڪورٽ جي تياري شروع ڪندس. اڄ ڪلهه تقريباً روز ڪيس هلي رهيو آهي. اسان فوجي عدالت جا ان حد تائين عادي ٿي چڪا آهيون جو اڪثر عدالتي ڪارروائيءَ دوران ڪو نظم يا ٽيڙو لکجي ويندو آهي. شبيرشر بہ پنهنجي ڊائري اتي ويهي لکندو آهي.

## اولمپيا

مها ديوتا، ڏٽين جي ڏٽي زيوس خيالن ئي خيالن ۾ پٽڪي چيو "عظيم آهين ـ تون عظيم آهين،سسيفس! اَڏول منش مان بهادرن جو قدر ڪيان ٿو. تون ڌرتيءَ جي حقير زندگيءَ ۾ ڪنهن ديوتا سمان آهين! تون سچ آهين، شراب آهين. تنهنجو حوصلو منهنجي حڪم جيڏو سگهارو آهي!"

رولاڪ هوائن تعجب سان زيوس کي ڏٺو ۽ واچوڙو بنجي پٽڪن جو راز دنيا تي فاش ڪري ڇڏيو، "ديوتائن جي ديوتا زيوس ماڻهوءَ جي قوت جو اقرار ڪيو آهي!" خبر ٻڌي:

سورج تيز ڪاڏو مگر پاڻ سنيالي ٻيهر سرڻ لڳو

هر انسان پاڻ کي چڪ پائي ڏٺو

پهاڙن ڪَنُ ڏيئي وري وري ٻڌو

۽ پاتال ۾ زندگي ڊوڙي وئي...

مرڪي پيا ڪيئي اکسي يان

ڊپ ۾ ٻَجهرن ڊوڙي پيون

پروميٿسيس پنهنجو اڌ ڪاڏل جيرو وري پيٽ ۾ لڪائي ڇڏيو، اولمپيا جي محلات ۾ ڏار پئجي ويو.

ديوتا، مها ديوتا ڏٽين جي ڏٽيءَ پنهنجيون ئي ٻوٽيون پٽي رانيات ڪيو، "احساس جي رهڻ ۽ ادراڪ جي هر تاري تي نوان پنجوڙ اڇلايا جن...!"

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ايفروڊائٽ، منهن لڪائي منهن ڪري نڪري وئي
اپالو، عقل ۽ داش جا سمورا ڪتاب ويڙهي ڇڏيا
ڪيوپڊ پنڊ پهڻ تي ويو
...۽ پاتال پرجي ويا.

۳۰ ـ جنوري ۱۹۸۲

ڪالهہ ڪان ڪيس بابت اخبارن ۾رپورٽنگ تي پابندي وڌي وئي آهي ڇو تہ سرڪاري شاهدن جا عظيم الشان ڪارناما ۽ بيان پڙهي ماڻهو کل ۾ ٻوڙجي وڃن ٿا ۽ خواه مخواه سرڪاري ڊر تي اثر پئجي وڃي ٿو. ڀلا اها بہ ڪا ڳالهہ ٿي تہ جيڪڏهن ڪو آفيسر ابن صفي جي جاسوسي ناولن جي اثر هيٺ ڪامياب ڇاپو هڻي تہ بہ ڪير نہ مڃي. ڇا ڪوبہ پاڪستاني پوليس آفيسر ڪرنل فريدي ۽ ايڪس ٽو جو مقابلو نٿو ڪري سگهي؟ سنڌ جي اطلاعات کاتي طرفان سمورين اخبارن کي هينڊ آئوٽ ذريعي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن تہ هن ڪيس بابت رپورٽون شايع نہ ڪن.

* * *

جج صاحب!

عدالت کي خبر پئجي چڪي آهي تہ مان شاعر آهيان، اديب آهيان ۽ بت تراش آهيان ـ ۽ توهان کي اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ مان تخريبڪار آهيان ۽ ملڪ جو دشمن آهيان. ڇا توهان اڃا بہ فيصلو نہ ڪري سگهيا تہ حقيقت ۽ الزام ۾ ڪيڏو تضاد آهي!؟

۱ ـ فيبرووري ۱۹۸۲

عدالت جي ساهيءَ دوران ڪنهن سپاهيءَ ڪرنل کي دانهن ڏني تہ جوابدارن جا گهڻا ملاقاتي جمع ٿي ويا آهن ۽ مسئلو گنڀير ٿيڻ جو خطرو آهي. ڪرنل پنهنجي آفيس مان هڪدم اٿي صورتحال جو جائزو وٺڻ آيو. ڏٺائين تہ پتو پيس. ملاقاتي تہ گهڻا ڪونہ هئا (جوابدارن ۽ ملاقاتين کان سپاهين جو تعداد ٽيڻو هو) پر ڏاڍيان ڳالهائڻ ڪري ماحول مڇي مارڪيٽ لڳو پيو هو. هونئن بہ جتي ڄام هوندو آهي اتي زندگي اتلي پوندي آهي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

تنهن هوندي بہ ڪرنل سخت لهجو ڪندي چيو، ”ڇا جو گوڙ آهي؟ سچو فلور (منزل) ڊسٽرب ٿي رهيو آهي.“ چاڻ ڪان رهيو نہ ٿيو، وراڻيائين، ”جناب! اسان تہ فقط هڪ ئي منزل ڊسٽرب ڪئي آهي پر ’هن‘ جنهن سڄو ملڪ ڊسٽرب ڪري ڇڏيو آهي تنهن کي بہ ڪٿي ڪجھہ سمجهايو!“ ڪرنل کي ماٺ لڳي وئي. چاڻ کي موقعو ملي ويو. چيائين، ”ڪرنل صاحب! غريب ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ خوشي ڪڏهن ڪڏهن ايندي آهي ۽ اها بہ تمام ٿوري. ان ڪري هو ان خوشيءَ جي هڪ هڪ لمحي کي نپوڙي، ڦڙو ڦڙو چوسي مزو وٺندو آهي“ ڪرنل جي چهري تي مرڪ اَچي وئي، ”توڪان ڪو نٽو ڪٽي سگهي چاڻ! پر خدا جي واسطي گهٽو گوڙ تہ نہ ڪيو!“

# هڪ ڪردار

صمد جيون قيدي هوش حواس وڃائڻ لڳو آهي. اڄ ڪيس پٽ ئي پٽ سان پنڌ ڪندي ڏٺم. هو پنڌ بہ ڪندو ٿي ويو تہ پنهنجي منهن کلندو بہ ٿي وتيو. خبر ناهي ڪهڙين سوچن ۾ غلطان هو. فيبروريءَ جو مهينو، مٿان صبح جي ڏڪائيندڙ ٿڌ، ويتر صمد خان گوڏ مٿان فقط آلي گنجي پائي ڦري رهيو هو. پڇيومانس، ”ڇا پيو سوچين؟“ چيائين، ”سوچيان ٿو تہ الله سائينءَ انسان کي ڇو پيدا ڪيو آهي؟“ ڳالهہ تہ واقعي سوچڻ جي هئي پر ڇاڪاڻ تہ سندس واتان سدائين اهو ئي جواب ٻڌڻ لاءِ ملندو هو تنهنڪري حيرت ڪانہ ٿي. پڇيومانس، ”يلا سياري ۾ هيءَ آلي گنجي ڇو پائي بيٺو آهين؟“ چيائين، ”سُڪايان ٿو.“

صمد جا ڪجھہ پيا بہ سوال آهن. ڪڏهن پڇندو آهي تہ ”دوست کي ڪيئن سڃاڻجي؟“ تہ ڪڏهن پڇندو، ”منهنجي ماءُ منهنجي لاءِ ڇا سوچيندي هوندي تہ مان قاتل آهيان يا بي گناهہ؟“ - تہ ڪڏهن وري پڇندو، ”ماڻهوءَ کي ٻُچ ڇو نہ هوندو آهي؟“ هو ڪڏهن ڏاڙهي رکندو آهي، ڪڏهن اوچتو ڏسبو تہ ڏاڙهي مچون چٽُ. هڪ ڀيري تہ ريزر سان مٿو ڪوڙي ٽَڪڻ ڪري ويهي رهيو. ڪڏهن چوندو تہ ”الله سان ڪٽي ڪئي اٿم“ ڪَڏهن چوندو آهي تہ ”هاڻ دوستي ڪئي اٿم“. سڄي گفتگو هو پنهنجي مرضي سان ڪندو آهي. ڪنهن ٻئي ساڻس ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان کي لنوّائي وِيندو آهي. جيڪڏهن ڪو ڪائنس پڇي تہ ؟ ”’تون ڪير آهين؟“ تہ اڪثر ٻن مان هڪ جواب ڏيندو آهي. يا تہ چوندو، ”ياد

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ڪونہ اٿم!" يا وري چوندو، "بس انسان آهيان   ڀن ٽنگن تي هلان ٿو، هٿن سان ڪاوان ٿو، صبح جو اٿندو آهيان ۽ رات جو سمهي پوندو آهيان!"

ڪنهن جو احسان نہ کڻندو آهي، نہ ڪنهن جي ماني کائي نہ چانهہ پيئي. چوندو آهي، "مون وٽ پنهنجي چانهہ بہ آهي، بسڪوٽ بہ آهن ۽ ماني بہ آهي. "ڪنهن گهڻو اصرار ڪيو تہ اٿي هليو ويندو آهي.

٢ ـ فيبروري ١٩٨٢

آغا صاحب   ڊائيٽنگ تي آهي. تمام زبردست ڪوشش جي باوجود گهٽو ڪامياب نہ ٿيو آهي.

نيرن مهل اعلان ڪيائين تہ اڄ هو ڪجهہ بہ نہ کائيندو پر ساڳئي لمحي ۾ نوڪريءَ مان انجير ڪڍي کائڻ لڳو. پڇيو مانس، "آغا صاحب اتي جو اتي..." چيائين، "انجير کنگهہ لاءِ مفيد آهي". ڊاڪٽر مولا بخش چيس، "پر توکي کنگهہ تہ ڪونهي! " چيائين، "متان ٿي پوي احتياط ضروري آهي".

آغا بحيثيت انسان جي تمام پيارو ماڻهو آهي. منجهس بہ خوبيون آهن ۽ بہ ڪوتاهيون. هڪ تہ يار ويس آهي ۽ بيو پرخلوص ـ ڪوتاهيون لکڻ چڱي ڳالهہ ناهي. دوستن جون فقط چڱايون ڳائبيون. ڪيس هر فروٽ جا جزا بر زبان ياد آهن. منو ميوو وڌيڪ پسند ڪندو آهي پر چانهہ ڦڪي پيئندو آهي ڇو تہ سندس خيال ۾ کنڊ صحت لاءِ نقصانڪار آهي. حلوو، پيزا، مائو، ڪيڪ ۽ مٺايون آڏو هجن تہ پوءِ دنيا جي ٻي هر شيءِ جي حيثيت ثانوي ٿي ويندي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن آغا مونکي 'ڇهہ دوست' واري لوڪ ڪهاڻيءَ جو هڪ ڪردار لڳندو آهي، جيڪي ظالم جادوگر جي چنبي منجهان هڪ شهزاديءَ کي ڇڏائڻ واري مهم ۾ نڪتل هئا.

٣ـ فيبروري ١٩٨٢

# پاتال مان ... ماٺڪ لاءِ

پاتال جو در گهڙيءَ کن ڪلي بند ٿيو... هڪ نئون باغي، زيوس جي مڙهيل قانونن کان انڪاري، ڌرتيءَ جي هوائن ۾ مٺن چشمن کان تڙجي سزا ڀوڳڻ لاءِ وارد ٿيو... خبر ڪٽي، هانءُ ڏاريندڙ... ڏائڻ جيان دل ۾ چڪ وجهندڙ...

"ماٺڪ گذاري ويو..."

ماٺڪ... ڌرتيءَ جي گولي تي انساني حقن جو پرچارڪ... پاڻ جهڙن سان پيار ڪندڙ ۽ پاتال ۾ لڳاتار ڀوڳنا ۾ جوٽيل انسانن جي ڌرتيءَ ڏانهن موٽ لاءِ چپ چاپ لڳيتو وڙهندو... سسيفس جيان.

سسفيس جو آزاد ساٿي: پنهنجي قلم جي سموري سگهه سان تاريخ جو ڦيٿو هلائيندو، ڦيرائيندو، گهليندو، چڪيندو، ڌڪيندو اوچتو ئي اوچتو گم ٿي ويو...

اڏول ۽ آڻ نه مڃيندڙ سسيفس... سدائين ڪنڌ تاڻي زيوس جي شڪتيءَ کي للڪاريندڙ، لوڏيندڙ ۽ اولمپيا جي محل ۾ ڏار وجهندڙ هٺيلي قيديءَ جي اکين مان لڙڪ ڪري پيا ۽ سُڪي ويا. "ڇا اهو ٿي سگهي ٿو؟" "نه... نه" ذهن ڪابه ڳالهه قبول ڪرڻ کان انڪاري.

هٺيلو قيدي تصور ۾ ڏسي ٿو: ڌرتيءَ تي ماٺڪ جي هلايل، ڦيرايل، گهليل، چڪيل ڳري ڦيٿي جو زمين جي سيني تي گهرو ۽ ڊگهو تمام ڊگهو پنڌ... ۽ ماٺڪ جي ٻهن جي زور سان ڌرتيءَ تي ٺهيل... اُڪريل نشان... محسوس ڪري ٿو: سيني ۾ درد جي لهر... ٻانهن جا ڏورا ڍرا هڪ سيڪنڊ لاءِ... اٿگهڙيل ڳرو پٿر ترڪي ٿو هيٺ پستيءَ ڏانهن وڃڻ لاءِ اوچتو...

ڏاڍيان رانياٽ... "سسيفس!" رڙ ۽ تنهن جا پڙاڏا... چئني طرف. پاتال جي واليءَ جون ڪرڙيون اکيون... ڇهبڪ، شرڙاٽ... سسيفس جي پٺيءَ تي پٺو، ماٺڪ جي چوريل ڦيٿي جي پٺي جهڙو.

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

٦ ــ فيبروري ١٩٨٢

ٽيهري:

سپاٽي آءِ جي اڄٽو آهي. جيل جو ساليانو رائونڊ ٽيٽو آهي. گذريل سال ڏاڍو تجسس محسوس ٿيو هئم، هن موقعي تي. پر هن سال تہ جڻ سڀ ڪجھ عام رواجي آهي، شايد انڪري تہ ماحول سان واقفيت ڪان پوءِ حيرت ختم ٿي ويندي آهي. تياريون مڪمل آهن پرتڏهن بہ سنهو سنهو ڪم ڪافي رهيل آهي.

قيدي هر قسم جو ڪم ڪار ڪري رهيا آهن. چئني طرفن کان سپاهين ۽ حوالدارن جا ڪڙڪا، دڙڪا ۽ سونٽن جا ٺڪا آهن. قيدي انسان عزت وڃائڻ بعد جسم بچائڻ جي آخري ڪوشش ڪندي تمام تيزيءَ سان بنھ ڦرمونئيءَ جيان ڪم ڪي لڳل آهن. رنگ، چونو، پلستر، ويلڊنگ ۽ نالين جي مرمت ختم ٿي چڪي آهي. ڪاش! جيلن کي مضبوط ۽ قائم دائم رکڻ بدران هيءَ سموري ڪوشش انساني حقن ۽ انهن جي بچاءُ لاءِ ڪري سگھجي ها. ڪاش! هيءُ سمورا هٿ ملڪ جي ترقيءَ لاءِ صحيح پاسي ڏانهن محنت ڪري سگھن ها!

پر، هتي تہ صفائيءَ لاءِ گندي نالي جو پوچو لڳرايو وڃي ٿو، جنهن سان ماحول ۾ ڏپ، مڇر، منگهڻ، مکيون ۽ ان کان پوءِ مليريا، خارش ۽ ٻيون موتمار بيماريون پيدا ڪيون وڃن ٿيون.

شام ستين لڳي:

جهنڊيون لڳڻ شروع ٿي ويون آهن. قيدي هٿن سان قيد خاني جو سينگار! ماحول ۾ عجيب ڪيفيتن جو ڦهلاءُ، قيدين جو شوق، ٽهڪ ۽ لطيفا. ڏاڍيان سڌ، ڄڻ ڪا پڪنڪ هجي! سيڪجھ فقط انڪري آهي تہ ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ آهي ۽ نہ ڪرڻ جي صورت ۾ جيل انتظاميہ جو ڦھر نازل ٿيندو ـ هيءُ شغل جاري رکڻ ڪري ٽوٽل تارن اپرڻ بعد ٿيندو.

اڄوڪي شام ڏاڍي سهڻي آهي. تقريباً ڏيڍ سال کانپوءِ چنڊ ڏسي سگهيس، خوشقسمتيءَ سان پوري آب ۽ تاب سان چمڪندڙ. اڄا چڙهٽو هو پر مان بند ٿي ويس. هيءَ شام ڪا طلسماتي شام هئي، پرستان وانگر. ڪنهن بہ شخص، ڪنهن بہ رات جي ڪنهن بہ پهر ۾ ايڏو مزو محسوس نہ ڪيو هوندو. ڇا تہ چنڊ هو! ڇا تہ ميراڻ مائل ڳاڙهاڻ ۽ چاندوڪيءَ جو ٺڌون اوتجندڙ سرور هو ـ ۽ خاص ڪري اها گهڙي جڏهن ڪا سرڻ اڏامندي

اڏامندي چنڊ جي اڇي ٽڪ آڏو لنگهي ٿي وئي.

۽ اهڙي آسمان هيٺ ان ئي گهڙي قيدي، قيدخانو سينگارڻ ۾ رڌل - پيڙا، راند ۾ مڻجي ويل. مدافعتي قوت جو عجيب ٺاهه!

***

۱۵ ـ فيبروري ۱۹۸۲

وائيجر زحل اُڪري پلوٽو ڏانهن وڌڻ شروع ڪري چڪيو آهي - خلائي شٽل - وري وري خلائن جا سير ڪري رهي آهي - ۽ ... هن خلائي دؤر جي قيد خانن ۾ ڏيئي جي ڪمزور لاٽ اونداهيءَ جو سينو چيري مونکي لکڻ ۾ مدد ڏيئي رهي آهي.

۱۷ ـ فيبروري ۱۹۸۲

سڄي رات ٻُڪيءَ جي سور کان فرش تي ڦٿڪندو رهيس. بند ڪوليءَ ۾ تنهائي. سرڪاري طبيب ڇوائي موڪليو هو تہ هو نہ ايندو. جيلر چيو، ”در صبح جو ستين لڳي کان اڳ نہ کُلندو.“ يمراج پٺي ٺپري موٽي ويو آهي، اڄ سندس مرڪ نيڪ ملائڪن جهڙي هئي.

علاج مهيا نہ ڪرڻ بہ شايد سرڪار جو ڪو هٿيار آهي. مونکي دانهن نہ ڪرڻ گهرجي.

مان وارڊ ـ ۱۸ مان وارڊ ۱۷ ڏانهن انڪري شفٽ ٿي آيو هوس جو ان وقت وارڊ ـ ۱۸ ۾ توان آيل قيدي مزاج ۾ بالڪل مختلف هئا. جيل ان مهل ”وڏيڪ جيل“ ٿي ويندو آهي جڏهن ڪولي ڀائيءَ جو مزاج نہ ملي. پر جيڪڏهن خوش قسمتيءَ سان ”ڪولي ڀائيءَ“ جو مزاج ملي آيو تہ جيل، اڌ ختم ٿي ويندو آهي. ان وقت مان سچ پچ ايترو تہ ڪڪ ٿي ويو هئس جو اتان ڀڄي وارڊ ـ ۱۷ جي اڪيلي ڪوليءَ ۾ پناهہ ورتم. پر اڄ وري۱۸ـ نمبر ڏانهن موٽي آيو آهيان. سبب، ڪلهہ رات ٻڪيءَ وارو سور آهي.

صبح جو ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ راڄا سان رات واري واقعي تي ڊاڪٽر ۽ جيل انتظاميہ جي رويي تي سخت تڪرار ٿيو هو. مان جهيڙو نہ ڪندو آهيان ، نہ ئي ڪڏهن وڏي آواز ڳالهايو هوندم. ڪوشش ڪندو آهيان تہ پاڻ تي ضابطو هجي ۽ ڏاڍائي ڪندڙ کي معاف ڪجي. پر جڏهن بہ ڪنهن شخص بيهودي لهجي ۾ ڳالهايو آهي مونکان ضبط ڇڏائجي ويو آهي. بدقسمتيءَ سان

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ڊپٽيءَ جو لهجو بنھ اٽوٽنڊڙ آهي ۽ ا ن لهجي سبب قيدي تورڙي سپاهي ڪانئس ڇرڪندا آهن. جيتوڻيڪ آءٌ سمجهان ٿو تہ ڊپٽي اندر جو اهڙو خراب نہ آهي جيترو سندس لهجو خراب آهي.

ڊپٽي سان جهيڙي جو ڪارڻ فقط اهو هو تہ اڄ معمول موجب چپ چاپ عدالت وڃڻ بدران ڪورٽ وڃڻ کان اڳ ڊپٽي سان ملڻ جو مطالبو ڪيو هوم. ان مهل ڪورٽ ويندڙ قيدي جوڙي جوڙي ۾ ماڙيءَ ۾ هئا، جڏهن ڊپٽيءَ تمام اڏنگي انداز ۾ رڙ ڪئي ۽ چيو تہ جيڪڏهن ڊاڪٽر نہ آيو تہ ڪا وڏي ڳالہ ناهي ٿي ۽ مان چپ چاپ ڪورٽ وڃان. بدقسمتيءَ سان سندس لهجو مونکان برداشت نہ ٿيو ۽ انڪان پوءِ منهنجو آواز ڊپٽيءَ کان مٿي هو. پرويز شاهہ ۽ امر لال بگڙيل صورتحال سنڀالي. ۽ امر لال ۽ مان عدالت روانا ٿياسون.

مون فوجي عدالت ۾ جيل انتظاميہ ۽ ڊاڪٽر جي رويي سميت پنهنجي بيماريءَ جا تفصيل داخل ڪيا ۽ عدالت کان مطالبو ڪيو تہ اها مونکي جيل ۾ زندگيءَ جي ضمانت ڏئي ڇو تہ في الحال منهنجي موت جي ڪنهن بہ پرواني تي صحيح نہ ٿي آهي.

واپس پهچڻ تي سپرنٽنڊنٽ ممتاز قاضي، ڊپٽي راجا ۽ ڊاڪٽر جيل جي مکيہ گيٽ کان ٻاهر آڌر ڀاءُ ڪرڻ آيا. ”ابڙا صاحب! توهان ڏاڍا جذباتي ماڻهو آهيو. اسان جي نوڪريءَ جو خيال بہ ڪونہ ڪيو. اسان توهان جي بزرگن جيڏا....“ وغيرهہ وغيرهہ.

ڊاڪٽر طبعيت جو احوال ورتو ۽ رپورٽ لکي. ايڪس ري ۽ ٻين ٽيسٽن لاءِ سول اسپتال موڪلڻ وارو رجسٽر پريو ۽ ٻڌايو تہ هو هاڻي روزانو صبح جو عدالت وڃڻ کان اڳ اسان کان طبعيت پڇندو. امر لال ڪن ۾ چيو ”لڳي ٿو ڪرنل ٺاهوڪي چنبڙ ڏني اٿس!“

سپرنٽنڊنٽ جي حڪم سان وارڊ - ١٧ بدلي ڪيو ويو آهيان. جتي ٻن ڄڻن جي جاءِ خالي آهي. پرويز شاهہ مون سان ساٿ ڏيڻ لاءِ وارڊ ١٧ - جي آرام ڏيندڙ ڪولي ڇڏي مون سان گڏ آيو آهي ۽ هاڻي اسان ”ڪولي ڀائي“ آهيون.

ارشاد راز برابر واري ڪوليءَ ۾ آهي. ٻيا قيدي غير سياسي آهن پر انهن جا ڪيس سمري ملٽري ۾ هليا آهن ۽ هڪ هڪ سال سزا ملي اٿن جيڪ ڪجھ مهينن ۾ پوري ٿيندن.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

پرويز شاهه تي ڏکيا ڪيس هنيا ويا آهن ۽ ٽارچرڪئمپن ۾ ڏگهو عرصو رهي آيو آهي. جڏهن جيل پهتو تہ ڪيس بند وارڊ ۾ قيد تنهائي ۾ رکيو هئائون. ٻئي ڏينهن تي ئي امرلال بند وارڊ جي هڪ برداشتيءَ ذريعي ساڻس رابطو ڪري ورتو هو. ڇاڪاڻ تہ هو پاڻ بند وارڊ جو سير ڪري چڪو آهي ۽ اتان جي برداشتين سان واقفيت هئس.اهو برداشتي روزانو هڪ يا ٻہ پيرا ٻي ڪلاس واري بورچي خاني ۾ چانهہ يا ناشتو ڏاهڻ ايندو هو ۽ اهي ئي لمحا رابطي جو سبب بڻبا هئا. بهرحال، هفتي کن ۾ پرويز شاهه بند وارڊ مان آزاد ٿي ١٧ - وارڊ شفٽ ٿي آيو ۽ پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي سار سنڀال ۾ لڳي ويو جيڪا رفيق صفي، سميع منير ۽ راشد رٻانيءَ جي وڃڻ کان پوءِ باقي نہ رهي هئي.

١٨ - فيبروري ١٩٨٢

”ڏاڏي منهنجن ساٿين کي گل ڏجانءِ!“ . هيءُ ڇئن سالن جي اروشا جو تحفو آهي. ٻن سالن جي راميش گهٽي سوچ ويچار کان پوءِ پنهنجي تحفي جي چونڊ ڪندي چيو ”ڏاڏي! ڏاڏي! منهنجن ساٿين کي برسات ڏجانءِ!“ اهي تحفا آپا ممتاز نورانيءَ هٿ پهتا آهن.

اهي سوکڙيون منهنجي ڪاڻ جيتريون معصوم آهن، اوتريون قيمتي، اوتريون ئي پياريون ۽ اوتريون ئي اتساهه ڏيندڙ. منهنجي خواهش آهي تہ منهنجا هيءُ ننڍڙا ساٿي ان سماج ۾ نپجي وڏا ٿين جنهن لاءِ سندن وڏن جدوجهد ڪئي ۽ ڪري رهيا آهن. ڪاش! هو جلد کان جلد غلاميءَ واري دور مان نڪري حقيقي آزاديءَ واري فضا ۾ پير وجهن.

• • •

"God respects me when I work, but, He Loves me when I sing." Tagore.

• • •

جوش گذاري ويو.

• • •

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

٢٢ ـ فيبروري ١٩٨٢

# REON

ريون، اڇي رنگ جي ڳچي ۽ نيرن پرن وارو هڪ پکي آهي جيڪو اتر آمريڪا جي ڏندڪٿا ۾ اتان جي قبائلين ۾ پوڄيو ويندو آهي. چيو ويندو آهي ته جيڪڏهن ڪو ڪيس ماري ڳترا ڳترا ڪري سمنڊ ۾ لوڙهي ڇڏي تڏهن به هو ٻيهر ڳنڍجي آسمان ڏانهن اڏامي ويندو آهي. هن جي باري ۾ هڪ لوڪ ڪهاڻي آهي ته، ”هڪ دفعي ڪنهن، چنڊ کي ڪيترين ئي ڪوٺڙين ۽ ڳوترين ۾ لڪائي ڇڏيو. ريون، ان ماڻهوءَ جي گهر ويو ۽ سندس باغيچي ۾ جهنگلي ٻير جي شڪل ۾ پيدا ٿيو. ان ماڻهوءَ جي هڪ جوان ڇوڪريءَ ٻير کاڌو، تڏهن ريون ڇوڪريءَ جي ڪک مان ٻار بڻجي پيدا ٿيو. جڏهن وڏو ٿيو ته کيڏڻ لاءِ ماءُ کان چنڊ گهريائين. ماءُ منٿ ميڙ ڪري پنهنجي پيءُ کان اهو لڪايل چنڊ گهريو ۽ پٽ کي کيڏڻ لاءِ ڏئي ڇڏيائين. ريون چنڊ کي پنهنجن هٿن ۾ جهليو پر جيئن ته ڪمرو بند هو ۽ منجهس ڪا به دري نه هئي تنهنڪري هن چنڊ کي ٻخاري جي چمنيءَ مان ٻاهر ڪڍي آسمان ڏانهن موڪلي ڇڏيو ۽ دنيا جون اونداهيون راتيون چانڊوڪين ۾ بدلجي ويون

(محبت نامے ـ امرتا پريتم)

* * *

غلام اهو آهي، جيڪو ڪنهن ٻئي جي انتظار ۾ آهي ته اُهو اچي کيس ڇڏائيندو. جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته حياتيءَ ۾ ڦيرو اچي ته پهرين پاڻ کي لاچار سمجهڻ ڇڏي ڏي. (ازرا پائونڊ)

٢٣ ـ فيبروري ١٩٨٢

خوش هوندين!

الاهي خط لکيا اٿم پر جواب مهينن جي انتظار کانپوءِ مليو ٿو. خبر ناهي ته غيبي ادارا پنهنجون ڪارروايون ڪري (سينسر ڪري) پوءِ اڳتي پوسٽ ڪن ٿا يا تنهنجي پنهنجي سستي آهي. گذريل خط ۾ توکان پڇيو هئم ته شاعري ڪرڻ پئي يا ڇڏي ڏني اٿئي؟ ورائي اڃا نه پهتي آهي - ٿي سگهي ته ڪجهه نوان نظم لکي موڪل.

جنهن ڏينهن مونکي چارج شيٽ ملي هئي تنهن ڏينهن جيل موٽڻ کان پوءِ مون ڏاڍي غور سان پنهنجي صورت آئيني ۾ ڏٺي هئي. نه ...نه ٻي ڪا خاص ڳالهه نه هئي. مون ته فقط اهو ڏسڻ پئي گهريو ته غدارن، تخريبڪارن

۽ باغين جي شڪل ڪهڙي هوندي آهي. مونکي يقين آهي تہ اهي الزام ٻڌي جتي تون ڊني هوندينءَ اتي ڪل بہ آئي هوندءِ ۽ ڪنهن سوچ ۾ ٻڏي وئي هوندينءَ.

جڏهن ڪيپٽن ظفرالله پوشني پنڊي سازش ڪيس ۾ گرفتار ٿيو هو، تن ڏينهن سندس مڱڻو ٿيل هو. شاديءَ ۾ ڪي مهينا رهيل هئس. ڇوڪريءَ ڏيڍ سال ڪن سندس انتظار ڪيو ۽ پوءِ چار سال سزا ٻڌي زندگيءَ لاءِ نئون ساٿي چونڊيائين - چڱو ڪيائين.

جڏهن مان انٽروگيشن واري مرحلي مان گذريو هئس تڏهن مونکي ميجر سليم ٻڌايو هو تہ آئون گهٽ ۾ گهٽ چار سال جيل ۾ رهندس. منهنجي طرفان توکي آزادي آهي. چاڪاڻ تہ مونکي بہ ڊگهو عرصو رهڻ جي پڪ آهي. مان تنهنجي زندگيءَ کي انتظار جي اٽڪٽ باهہ جي حوالي ڪرڻ کان ڊڄان ٿو.

تنهنجو

٢٦ ـ فيبروري ١٩٨٢

”عالمي ادارن جهنگلي جانورن جي تحفظ واري جاکوڙ ۾ تيزي آندي آهي.“ (ريڊيو رپورٽ)

خبر ناهي تہ عالمي ادارن طرفان انساني حقن جي بحالي واري جاکوڙ جو ڇا ٿيو! اڄ حيواني حقن، انساني حقن کي شڪست ڏيئي وڌيڪ اهميت حاصل ڪري ورتي آهي. مان بحيثيت انسان جي ساڻن رشڪ ڪري سگهان ٿو، ساڙ نہ.

• • •

اهو ساڳيو ميسٽو برداشتي جيڪو چرس ۽ چوريءَ جي چڪر ۾ ڪيترا ڀيرا قيد ڪاٽي چڪو آهي، جنهن کي مان تقريباً روز ڏاڍي پيار سان سمجهائيندو آهيان ۽ ڪائنس واعدو ورتو هئم تہ هو آئيندهہ چوري نہ ڪندو ۽ نہ ئي جهيڙو ڪندو،اڄ منهنجي ئي واچ چورائي ويو. مان حيران آهيان تہ هيءُ شخص پنهنجي محبوب ترين هستي ’ماءُ‘ جو قسم کڻي، ڪيئن ڀڄي ويٺو آهي...... شايد هيروئن جي ٻاڙ لڳي هوندس!

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

١ ـ مارچ ١٩٨٢

حفيظ جالنڌريءَ جوش کي مرڻ کان پوءِ بہ نہ بخشيو آهي. خبر ناهي تہ جوش جي خلاف ايڏا ’ننيڙا‘ اکر ڳالهائڻ کانپوءِ بہ سندن هانءَ تي ڇنڊو پيو يا نہ ـ شايد ڪڏهن پوندو بہ نہ.

٨ ـ مارچ ١٩٨٢

دل چوي ٿي تہ پنهنجون پوٿيون پڇن. اڄ ڪوبہ اهڙو ڪونهي جنهن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪجي. سڀ ڊويزنون، وارڊ ۽ بيرڪون بند آهن. جيل گرم آهي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ جيل انتظاميہ ۽ هائجيڪنگ ڪيس وارن نوجوانن جو پاڻ ۾ ٽڪراءُ ٿيو هو. انتظاميہ جي سياسي نوجوانن سان هيءَ پهرين ڇڪري ڏني اٿر. ڪجهہ سپاهين جي چهرن تي پٽيون ٻڌل آهن. هرسپاهي جي اک خوفناڪ حد تائين ڳاڙهي ۽ گهوريندڙ آهي. سندن وس پڄي تہ سڀني سياسين جا هڏ گڏ پچي رکن.

قيديءَ جو انتظاميہ سان جسماني طاقت جي بنياد تي جهيڙو وڏي غلطي آهي. خاص طور تي ان وقت جڏهن سياسي قوتون ٻاهرين دنيا ۾ ڪمزور ۽ غير منظم هجن. قيديءَ جي بغاوت، اهڙيءَ حالت ۾ ڪمزور سياسي حڪمت عملي آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون حالتون پيدا ٿي پونديون آهن جو جذباتي نوجوان انتظاميہ جي غير قانوني حرڪتن ۽ زيادتين خلاف اٿي بيهي رهندا آهن.

تازو جهيڙو، انتظاميہ جي مرضيءَ سان ٿيو آهي. حقيقت اها آهي تہ جيل ۾ اندر سياسي نوجوانن جو تعداد گهٽو نہ سهي تہ بہ چڱو خاصو آهي. اهي انتظاميہ جي هر غلط قدم ۽ هر قيدي (سياسي توڙي غير سياسي) سان ٿيندڙ ظلم جي وچ ۾ اچي انکي روڪين ٿا. جنهن ڪري سياسي نوجوانن جو اثر وڌي رهيو هو. ٻئي طرف انتظاميہ جي آمدنيءَ جا ذريعا اثر ۾ اچي ويا آهن ـ ٻڌجي پيو تہ سياسي نوجوانن تي هيءُ ايڪشن ڪٿان جي باقاعدي منظوري ورتي وئي هئي. ڇوڪرن کي ڏاڍو ماريو اٿن، بي انتها. وارن کان جهلي گهلڻ، ٺونشا، لتون، ڏنڊا، ٻکون، اگهاڙو ڪرڻ ـ جسم جا وار ۽ مڇون پٽي رت وهائڻ ـ ڇا نہ ٿيو آهي!؟ ڪنهن جو بہ جسم سڄو ڪونهي. سيف الله، ناصربلوچ، عيسيٰ، لاهوتي ۽ هر اهو نوجوان بند وارڊ جي فرش تي پيو آهي جنهن تي الذوالفقار جو ٺپو هنيو ويو آهي.

• • •

۱۰ ـ مارچ ۱۹۸۲

سهيل تي بيٺل شاهد ڪجهه وڌيڪ ئي شريف ماڻهو نڪتو آهي. ڪلهه هن زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو سهيل سانگيءَ جي شڪل ڏٺي. شايد ڪنهن پوليس واري پري کان ’شناخت‘ ڪرائي هئس. اڄ اتفاق سان سهيل ڪلين شيو ٿي آيو تہ شاهد (اي ايس آءِ غلام محمد) ڪيس سڃاڻي نہ سگهيو. عدالت ۾ سڃاڻپ مهل پهرين مونتي هٿ رکيائين ۽ پوءِ امرلال تي. جڏهن ڪورٽ ۾ ٺهڪڙو متو تہ بدحواس ٿي اٿي بيٺو. دانهن ڪري ويس، ”ملزم ڪٿي آهي؟“ عدالت دڙڪو ڏنس تہ غور سان سهيل کي ڏٺائين، هٿ ٻي دانهن ڪري ويس. ”جوابدار مڇون صاف چو ڪرايون آهن؟“ ڪرنل ڏند ڪرٽيا تہ هيسجي ويو. آڏي پڇا ۾ جڏهن يوسف لغاري پڇيس تہ ڪيس ڪنهن ٻڌايو تہ هيءُ سهيل سانگي آهي تہ پگهر نڪري آيس. چيائين، ”سچ سچ ٻڌايان؟“ لغاريءَ همٿ ڏياريس تہ، ”گهبراءِ نہ، ملٽري ڪورٽ تنهنجي نوڪري جي ضمانت ڏيڻ لاءِ تيار آهي“ تہ وري ڪرنل ڏي ڏٺائين. ڪرنل ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي تہ چيائين، ”جناب! انسپيڪٽر صاحب ٻڌايو هو...“ ”ڪڏهن“؟ لغاري ٻيو سوال ڪيس. ”ڪلهه جناب عدالت جي ٻاهران جناب!“ ڪورٽ جا هڙ ئي ميمبر ڏاڍي مشڪل سان کل روڪي ويٺا هئا. ڪرنل سچ ڳالهائڻ تي شاباس ڏيئي موڪل ڏنس. دروازي مان ٻاهر نڪتو تہ ڪرنل چيو، ”گڏهہ!“ مون کي ڪرنل جي آخري اکر تي ڏاڍو ڏک ٿيو.

* * *

”اسان پيدا ٿيون ٿا

هر روز

هڪ ڀيرو وري

مرڻ ڪاڻ....“

(جوزف ـ ڊرگ مافيا سان وابستہ ـ هيروئن ڪيس ۾ ٽي سال سزا ڀوڳڻ بعد)

نہ مسٽر جوزف!

اسان پيدا ٿيون ٿا

هر دور ۾

هر ڀيري

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

انساني وقار جي بحاليءَ لاءِ
جدوجهد ڪاڻ...“
ڏرگ مافيا ۽ عوامي تنظيمن جي ڪارڪن ۾ اهو ئي فرق هوندو آهي.

* * *

عجيب دور آيو آهي! تعمير ۽ تخريب پرکڻ جا ماپا ئي بدلجي ويا آهن. جن هٿن ۾ قلم، هر يا هٿوڙو آهي سي تخريبڪار ٿا سڏجن ۽ جن وٽ دنيا جو جديد ترين اسلحو آهي سي معمار آهن!

١٢ـ مارچ ١٩٨٢

شايد مان گوتم جي انهن ساٿين منجهان هڪ آهيان جيڪي اهنسا جي پرچار جي ڏوهه ۾ هاٿين جي پيرن هيٺان چيپاٽيا ويا هئا.

* * *

منهنجي اکين جي آڏو پڪاسو جي ٺاهيل اها تصوير ڦري رهي آهي جنهن ۾ هڪ پکي پڃري مان آزاد ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي. اها تصوير منهنجي ۽ پوري ڌرتيءَ جي امن پسند انسانن جو خواب آهي، حقيقت به ۽ مقدر به.

* * *

هڪ پيرو مونکي به چوڻ ڏيو ته، ”تاريخ مونکي بي گناهه ثابت ڪندي.“ تاريخ ئي ثابت ڪندي ته مان به سندس روايتن تي هلندڙ ۽ لاڳيتو اڳتي وڌندڙ متحرڪ ڪُل جو جُزو آهيان.

٢٠ـ مارچ ١٩٨٢

ڪراچي بار جي وڪيلن بين جمهوري قوتن سان يڪجهتي ۾ مارشل لا حڪومت خلاف اتحاد طور فيصلو ڪيو آهي ته آئينده هو ڪنهن به قسم جي مارشل لا ڪورٽ جي ڪارروائين ۾ حصو نه وٺندا. جيتوڻيڪ هن فيصلي جو اسان تي سڌو سنئون اثر پئجي سگهي ٿو؛ ته به اسان جي راءِ سندن حق ۾ آهي.

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

مقامِ فيض ڪوئي راهہ ۾ جَچا هِي نهين
جو ڪُوئَي يار سَي نِڪلَي تو سُوئَي دار چَلَي
(فيض)

* * *

ڇوي ڪير ٿو؟
سقراط مري ويو آهي!!
مون -
اڄ ٻي، سدائين وانگي
وَتي وِهہ جي وٽي آهي!

۲۳ـــ مارچ ۱۹۸۲

ملڪ جي صورتحال ۾ چگي ڇڪتاڻ آهي ۽ جيل بہ گرم آهي. ويهارو کن ڏينهن اڳ انتظاميہ ۽ سياسي قيدين جي وچ ۾ جيڪا ڇڪري لڳي هئي تنهن ۾ ڏهاڪو کن نوجوان بند وارڊ ۾ ڏاڍو تشدد ٿيو آهي. ٽن جي حالت اڃا بہ ٺيڪ ناهي. ڪنهن جي ڄنگهہ خراب آهي، ڪنهن جا پير خراب ٿي ويا آهن تہ ڪنهن جي ڇيلهہ زخمي آهي. انتظاميہ اخبارن ڏانهن اها خبر ناهي موڪلي آهي تہ، ”جيل ۾ ٻن گروهن جو تصادم ٿيو آهي ۽ ڪين حفاظتي طور بند ڪيو ويو آهي.“ سياسي حلقن ان واقعي جوسخت نوٽيس ورتو آهي. اڄڪلهہ لڳ ڀڳ هر روز انهن جي پاران مذمت ڇپجي رهي آهي.

ڪالهہ رات، معراج محمد خان ۽ فتحياب علي خان وري گرفتار ٿيا آهن. فتحياب هن جيل ۾ پهچي چڪو آهي، پر اها خبر اسان کي رات جو بي بي سي تان پئي تہ کيس گرفتار ڪري هن ئي جيل ۾ رکيو ويو آهي. جيل گرم هئڻ ڪري سيني قيدين خاص ڪري سياسي قيدين تي سختي وڌيل آهي. ڪوبہ پنهنجي وارڊ مان ٻاهر نٿو نڪري سگهي. دروازن تي تالا لڳي ويا آهن ۽ اسان سيئي ڪنهن بئنڪ جي سيف لاڪر ۾ رکيل قيمتي شين وانگر محفوظ آهيون.

جيل جون اندروني خبرون بہ هيڏانهن هوڏانهن نٽيون پهچن. ماڳهين وارڊر آمريڪي سي آءِ اي وانگر جڙتو خبرون ڏيئي وڏيڪ مونجهارا پکيڙي وجن ٿا. معراج هفتو اڳ پنجاب مان ۽ فتحياب چار پنج مهينا اڳ هن جيل

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

مان آزاد ٿيو هو.

ٽيويهين مارچ هيٺ ڪري فوجي جهازن جي اڏامن ۾ واڌارو محسوس پيو ٿئي. جناح جي مزار تي جهازن جي اڏام هتان به نظر آئي. ڪجھ ماڊرن مار جهازن منجهان تمام گهڻا ڪاغذ ۽ ڦوڪڻا ڪاتا ٽيل لغڙن وانگر هيڏانهن هوڏانهن لڏندا لمندا پکڙجي ويا. هڪ ڪاغذ اسان جي وارڊ ۾ ڪريو آهي، ”پيپسي ڪولا طرفان يوم پاڪستان مبارڪ“. هيءَ ڪمپنين وارا اشتهار بازيءَ جو ڪوبه موقعو هٿان وڃائن نٿا.

۲۳ ـــ مارچ ۱۹۸۲

۲۲ ـ تاريخ تي گرفتار ڪيل اڄ آزاد ٿي ويا. ڪين ۲۳ مارچ تي سياسي جلسو ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ گرفتار ڪيو ويو هو. فتحياب علي خان بند وارڊ ۾ هو. پر اڄ آزادٿيڻ کا اڳ منجهند ڌاري جيل سپرنٽنڊنٽ ممتاز قاضيءَ جي اجازت سان ڪيس ”مستقل سياسي قيدين“ سان ملڻ جي سهوليت ملي. هن وارڊ ۲۲، ۲۳ ۽ ۱۸ ۾ اسان وٽ به ٻاهر جي تازي سياسي صورتحال ۽ جيل ۾ سياسي قيدين تي ٿيل تشدد بابت معلومات جي ڏي وٺ ڪئي. فتحياب جي اهميت هن مهيني ۾ ايم آر ڊي جي ڪنوينر جي حيثيت ۾ تمام نمايان آهي.

۳۰ ـــ مارچ ۱۹۸۲

مان ڪيڏو نه خطرناڪ آهيان! هُن غير سياسي شريف ماڻهوءَ آزاد ٿيندي ٿيندي مونکي پنهنجي ڊائريءَ مان سندس نالو ڊاهي ڇڏڻ لاءِ منٿ ڪئي آهي. سندس خيال آهي ته هنجو ۽ منهنجو گڏ لکيل نالو سندس تباهيءَ لاءِ ڪافي آهي. مان فقط ايترو ئي سوچي سگهيس ته هر انسان کي حق آهي ته هون پاڻ کي محفوظ رکي. پر ڇا هو واقعي ايئن ڪري سگهي ٿو؟ هن ڀيري به ته هو پنهجن ڪرتوتن ڪري جيل آيو هو، ڪو مون ڪيس هٿ هٽي ته سونو ڪونه ڪيو هو.

* * *

.... ۽ حاجي ٽارزن به ڊچي ويو. چوڻ لڳو، ”مونکي غلط نه سمجھ پر مان ٻارن ٻچن وارو آهيان... توکي ته خبر آهي ته فوجي ماڻهو گرفتار ڪرڻ بعد پندرهن مهينن کانپوءِ ڇڏيندا آهن ته تون ڪير آهين! حاجيءَ مونکي اسانجي ئي ڪيس جو حوالو ڏنو هو. هن ويچاري جي پنهنجي ڪُل سزا ٻي سال کان مٿي ڪونهي. بهرحال، مون ڪيس آزاد هوندي به ڇڙڪنيو ٻڌل محسوس ڪيو. مون سندس ائڊريس به ڊاهي ڇڏي آهي.

* * *

مونکي ڏاڍو دير سان سمجھ ۾ آيو آهي تہ ’مولا بخش‘ کي رول ڇو چوندا آهن. سرڪاري شاهد عدالت کي ٻڌايو پئي تہ ”پوليس جو RULE بنھ جدا هوندو آهي تنھنڪري هر سپاهيءَ جي وردي ڏنڊي بنا اڌوري آهي.“

۲ـ اپريل ۱۹۸۲

ڇا واقعي زمانو بدلجي رهيو آهي؟ اڳ، تنھنجي زبان تي فقط تنھنجو درد هوندو هو ۽ هاڻ ڪنھن ٻئي جو بہ ٻڌان پيو.

* * *

ڪين ڏر تتي ماءُ! ڪين ڇر سندي سڄڻين

هلي ۽ واڃهاءِ، ٻنهي ڇيرن وچ ۾

(حسيني)

* * *

۸ ـ اپريل ۱۹۸۲

ڪامريڊ جمال نقوي لانڍيءَ مان سينٽر جيل منتقل ٿي رهيو آهي. شايد هو مون واري وارڊ ۾ اچي. هن ڪان پوءِ لانڍيءَ ۾ چار، سهيل، شبير ۽ ڪمال وارثي بچندا ـ ۽ هت سينٽر ۾ ڪامريڊ، مان ۽ امر لال. صفت رند بہ حبس بي جا ۾ بند آهي. نہ سزا اٿس، نہ ڪيس، نہ نظربندي. ڏاڍو پيارو ماڻهو آهي.

۱۰ـ اپريل ۱۹۸۲

بدر قريشيءَ تنقيد ۽ ڪهاڻين جي موضوع تي ڪتاب موڪليا آهن ـ شايد هو منھنجي حالت کي سمجهندو هوندو ڇو تہ هو پاڻ قيد ۾ نہ سهي پرڪنھن قيديءَ کان وڌيڪ محدود حالتن ۾ آهي ـ شايد اٺن ڏهن سالن کان بستري ۾ پيو آهي ـ ڦوهہ جوانيءَ وارن ڏينهن ۾ موٽر سائيڪل جي حادثي سندس هيٺيون ڌڙ بيڪار ڪري ڇڏيو آهي ـ پر دل ۽ دماغ تہ جسم جي مٿئين حصي ۾ هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن حيرت ٿيندي آهي تہ هو هن حالت ۾ بہ ايڏي خوبصورت شاعري ڪيئن ٿو ڪري. سندس بستري جي

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

پرسان ڪليل دري ڪائنات جي سڄي سونهن جي مشاهدي جو اڪيلو ذريعو رهي آهي. خبر ناهي تہ ان وٿيءَ مان هو هيڏا خوبصورت خيال ڪيئن جهٽي ٿو وٺي. مونکي اڄ بہ ”سرخ گلاب“ جي عنوان هيٺ لکيل سندس آزاد نظم ياد آهي:

” زندگي گذري نٿي
وقت ٿو گذري وڃي
وقت جيڪو ڪنهنجي لئہ ترسي نٿو
ايئن لڳي ٿو زندگيءَ کي آهہ ڪنهنجو انتظار —
زندگي، جنهن ۾ هزارين رنگ هن
۽ سندس هر رنگ کي
پنهنجيون پنهنجيون خوبيون ۽ پنهنجي پنهنجي آ بهار
ايئن لڳي ٿو زندگي
رنگ پنهنجو ڪوئي پنتي آ چڏيو
سرخ رنگ
رنگ، جنهن بن زندگي بيڪار آ
رنگ، جنهن بن زندگي
موت جي پاڇي جيان
بي امن ۽ بي پناهہ —
سرخ رنگ،
جڻ شهيدن جو لهو
جڻ شفق
جڻ تہ سانوڻ جي ڪنوڻ
جڻ تہ ڪنهنجا ڳاڙها ڳل
جڻ تہ ڪنهنجا لال لب
جڻ تہ ڪوئي باغ ۾ ٽڙندڙ گلاب

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

چڻ تہ منهنجي آرزو

چڻ تہ تنهنجي آرزو

سرخ رنگ

سرخ رنگ جو انقلاب

زندگي گذري نٿي

وقت ٿو گذري وڃي.

۱۱ ـ اپريل ۱۹۸۲

آفتاب، سمگلنگ جي ڪيس ۾ سزا ڪاٽي رهيو آهي. ٻي انتها رذي ماڻهو آهي. شايد اڄ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن ماڻهوءَ کي 'رذي' چيو اٿم جنهن جو مونکي پاڻ ڏک آهي. پر ڇا ڪجي؟ هو ذهنيت جي لحاظ کان ڏنگو، حاسد، انتهائي خودغرض ۽ چاپلوس آهي. ههڙي ماڻهوءَ سان نباهہ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. هو دنيا جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي پاڻ جهڙو سمجهڻ لاءِ تيار ناهي. (شايد ٻن انسانن جي وچ ۾ ناهہ جي اهائي Point هوندي آهي تہ هڪٻئي جا هڪ جيترا حق ۽ ذميداريون قبول ڪيون وڃن).

هر وارڊ وانگر هن وارڊ جي بہ اها روايت آهي تہ ڪنهن نئين ماڻهوءَ کي قبول يا نہ قبول ڪرڻ مهل هڪٻئي جي صلاح وٺبي آهي ۽ گڏيل فيصلو ڪبو آهي. حد جو حوالدار يا جيلر وارڊ جي نظام کي درهم برهم ڪرڻ نہ گهرندا آهن تنهنڪري سڄو وارڊ ڦٽائڻ بدران ڪنهن امڪاني ڦڏي کي ٽارڻ لاءِ اڻوڻندڙ قيديءَ کي ڪنهن ٻي جاءِ ڏانهن موڪلي ڇڏيندا آهن.

اڄ، آفتاب بيرڪ جو قانون ڀڳو ۽ حد جي حوالدار کي پٽيون پڙهائي هڪ نامي گرامي ٺڳ ڪليم الله جو ٽوٽل هٽ ڪرايو آهي. نتيجي ۾ سڄي وارڊ پنهجي جو سوشل بائڪاٽ ڪيو آهي. فيصلو اهو ٿيو آهي تہ جيستائين ڪليم الله ٺڳ هتان نہ نڪرندو تيستائين بائيڪاٽ جاري رهندو. ڪليم الله هيسجي ويو آهي ۽ آفتاب هتي رهڻ لاءِ سمورا گُر استعمال ڪري رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۱۳ـ اپريل ۱۹۸۲

پنهي کي وارڊ مان نڪرڻو پيو. آفتاب هڪ هڪ چونڊي ڪنيو ۽ پنهنجي استاد سان تيز ڪائيندو وارڊ مان نڪري ويو. ڪنهن کي بہ ڏک نہ ٿيو، ٿئي بہ ڇو؟

• • •

## نذير عباسي جي موت جي تحقيق ڪرائي وڃي.

ڪراچي - ۱۳ اپريل (پ - را) جام ساقي ۽ انجي ساٿين اسپيشل ملٽري ڪورٽ ۾ درخواست ڏني آهي تہ هنن پنهنجن وڪيلن کي هدايتون ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. هن درخواست ۾ چيو ويو آهي تہ سندن ساٿي نذير عباسي تحويل ۾ جان بحق ٿيو آهي. سندس جان بحق ٿيڻ جي تحقيق ڪرائي وڃي ۽ نذير عباسيءَ جي گهرواريءَ طرفان ڏنل درخواست تي ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪورٽ کي ڪليل قرار ڏنو وڃي. ڪورٽ جي ڪارروائي ڇاپڻ کي روڪڻ وارا ڏنل حڪم واپس ورتا وڃن. کين جيل جي قانون مطابق رکيو وڃي ۽ بهتر ڪلاس ڏنو وڃي. درخواست ۾ چيو ويو آهي تہ انهن سيني مسئلن جي حل تائين ڪورٽ جي ڪارروائي ملتوي رکي وڃي. جيستائين اهي مسئلا حل نہ ٿيندا؛ هو پنهنجن وڪيلن کي ڪابہ هدايت نہ ڏيندا. هن گڏيل درخواست تي جام ساقي، پروفيسر جمال نقوي، امر لال، شبير شر ۽ ڪمال وارثيءَ جون صحيحون آهن.

(امن ۱۳ اپريل ۱۹۸۲)

• • •

عدالت درخواست رد ڪري ڇڏي آهي ۽ چيو آهي تہ درخواست ڏيندڙ پنهنجن وڪيلن کي واپس گهرائين نہ تہ عدالت سرڪاري وڪيل گهرائي ڪارروائي جاري رکندي.

• • •

۱۵ـ اپريل ۱۹۸۲

مان ماڪيءَ جي مک جيان زندگيءَ مان مئو توڙي زهر جهڙو رس چوسي ماڪيءَ جهڙا ڪارائتا ۽ پيار - رس ڏيندڙ گيت لکندو آهيان ۽ ورهائيندو آهيان. هڪ پل، هڪ هنڌ پڪاريندو آهيان - نہ ڪٿي وقت بيٺو آهي نہ وقت بيهندو، نہ ئي منهنجون پڪارون هوائن ۾ ٽنگيجي پونديون.

جلدي آ - جلدي آ

مان ڪنهن پکيءَ جيان اڏامندو ٿو وڃان، هِت هُت پڪاريندو ۽ پيار ـ رس ورهائيندو.

جلدي آ ـ جلدي آ

متان توکي پهچڻ ۾ دير ٿي وڃي ۽ هيءُ پکيئڙو ـ وقت جي رفتار سان اورانگهي وڃي سرحدون تنهنجي سنسار جون ـ ۽ متان پيار۔رس جي بنا تڪيندو رهين حياتيءَ جا سمورا ڏکيا پيچرا!

* * *

حاجي يونس، جنهن کي اسان سڀ حاجي صاحب عرف ٽارزن چوندا آهيون، ڏاڍو زبرست ڪردار آهي. ٻاهر ڇا آهي؟ اهو قصو نظرانداز ٿئي ته بهتر ڇاڪاڻ ته اها ”غيب“ جي علم جي ڳالهه آهي. هوبهو اهڙوئي ڪردار ١٩٨٠ ۾ رشيد غنيءَ جي شڪل ۾ مليو هو. خبر ناهي ته هاڻي هو ڪهڙي دنيا ۾ آهي پرماٺهو اهو ٻـ چڱو هو. ٻنهي جو قد بت، وزن ۽ حرڪتون گهڻو هڪجهڙيون آهن. فرق رڳو اهو آهي ته رشيد غني وڌيڪ ئي سياڻو هو ۽ حاجي ايڏو گهڻو هوشيار نٿو لڳي. ڪهڙي خبر ته آغا اشفاق جي ٻوليءَ ۾ ”زمين ۾ گهڻو هجي!“ حاجي صاحب پوڻا ست فوٽ ڊگهو ۽ ٽي سؤ کن پائونڊ وزن وارو آهي. سندس ڊڪشنريءَ ۾ ’بک ناهي‘ جو اکر آهي ئي ڪونـ. سندس خيال آهي تـ انسان هر وقت کائي سگهي ٿو. ڪيس سمجهائي نٿو سگهجي تـ بک ڪيئن ’نـ لڳندي‘ آهي يا ”پيٽ ۾ گنجائش ڪيئن نـ هوندي آهي“ ماشاءالله هو چوويهه ڪلاڪ ڪجهه نـ ڪجهه کائي سگهي ٿو، بس وچ وچ ۾ پاڻي، چانهه ۽ ”ڊي. ايم .ايل .اي هائوس“ جو وقفو ڪندو آهي.

* * *

”انگريز“ روز رات جو اخبارن ۾ آيل سهڻين ڇوڪرين جون رنگين تصويرون ڏسي پوءِ سمهندو آهي. سندس دليل آهي تـ هن ريت ذهن تان پريشانين جو دٻاءُ گهٽجي ويندو آهي. قيديءَ کي ٻيو نـ تـ ننڊ سڪون واري ڪرڻ گهرجي.

* * *

چنڊ چڙهي تہ جلان ۽ جاڳان
سمنڊ لڇي تہ لڇان ۽ ڦٿڪان
ديپ جلي تہ جلان -
تنهنجا سپنا ننڊ اچي تہ ڏسان
(امداد حسيني)

١٦-اپريل ١٩٨٢

## نامعلوم سپاهين جي قبر

...جيڪڏهن تون هن قبر کي کوٽين تہ بي شمار گهائل پکي ابدي ننڊ ۾ ستل ڏسي سگهندين جن جي جسمن منجهان رت جا ڦڙا اجا بہ ٽمي رهيا آهن - ۽ هيءُ .... قبر منجهان نڪرندڙ باهہ جا اُلا: انهيءَ رت جي گرميءَ سبب اٿي رهيا آهن - آخر ڇونہ؟ امن جا پکي ڏاڍا سگهارا هوندا آهن.

١٩-اپريل ١٩٨٢

ڪامريڊ جمال نقوي بدلي ٿي مون واري ڪوليءَ ۾ آيو آهي. پرويز شاهہ پاسي واري ڪوليءَ ۾ هليو ويو آهي. هاڻي هن وارڊ ۾ پروفيسر جمال نقوي، پرويز شاهہ، ارشاد راو، سيف الله خالد، مان ۽ حاجي ٽارزن آهيون.

٢٠-اپريل ١٩٨٢

مختلف حلقن مان اسان واري ڪيس کي Open Court ۾ هلائڻ جا مطالبا اچي رهيا آهن - راءِ عامہ جو دٻاءُ ڪافي وڌي ويو آهي.

٢١-اپريل ١٩٨٢

جبار خٽڪ، جيڪو ڪجهہ وقت اڳ صوبي سرحد مان گرفتار ٿيو هو تنهن کي اڄ ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ تہ هو جيل نہ پهتو آهي تنهنڪري يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ هو هن وقت يا تہ ڪنهن اذيت خاني ۾ هوندو يا وري مختلف ٿاڻن جا سير ڪندو هوندو - جبار کي گرفتاريءَ ڪانپوءِ ڪجهہ وقت وارسڪ ڪيمپ ۽ هري پور جيل ۾ رکيو ويو هو.

• • •

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

حاجي صاحب نہ جاڻي ڇا ويٺي سوچيو. تسبيح ڦيرائيندي ڦيرائيندي، شيخن کان ٻاهر ڦڪي اوندهہ ۾ گهورڻ کانپوءِ اوچتو ڪنڌ ورائي ڏاڍي سادگيءَ سان هڪڙو سوال پڇيو. چوڻ لڳو، "مونکي هڪ ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي - هي... گهڻو پڙهيل لکيل ماڻهو ڪميونسٽ ڇو ٿي ويندا آهن؟"

* * *

ڪيس جو بائيڪاٽ جاري آهي. ڪورٽ ٢٨ - اپريل تائين سوچڻ جي مهلت ڏني آهي. ٢٨ - اپريل افغانستان جي انقلاب جو ڏينهن بہ آهي.

٢٢ـاپريل ١٩٨٢

پياري!

مونکي اهو گيت ياد ٿو اچي جيڪو تو سانتا ماريا جي ڪناري تي رات جي چانڊوڪيءَ ۾ ٻڌايو هو - گهڻو وقت لنگهي چڪو آهي پر تنهنجو آواز ۽ سُر اڃا بہ منهنجي ذهن جي پڙدي تي جيئرو آهي ۽ مونکي قيد خاني جي ڪوليءَ ۾ اڃا تائين اتساهہ ڏيئي رهيا آهن. تو هوسي مارتيءَ جو گيت پئي ڳاتو.

مونکي ياد آهي تہ تون پيانو وڄائڻ سکندي هئينءَ ۽ مون توکي ٻڌايو هو تہ مان ان ديس کان آيو آهيان جتي سُر سنگيت تي سرِ ڏيڻ جي روايت آهي - امن ۽ سُر منهنجي ديس جو روح آهي - اُتي هر دور ۾ نئين ساز ۽ سُر جي تخليق ٿيندي آهي.

١٩٧٨ واري سنڌ ۽ هاڻوڪي سنڌ ۾فرق اچي ويو آهي. روايتون تہ نہ بدليون آهن، هائو! انداز بدلجي ويا آهن. هاڻ اسان وٽ هڪ نئون ساز روشناس ٿيو آهي. هن ساز جي سُرن ۽ لئہ جو انداز ئي پنهنجو آهي. نوجوانن ۾ ڏاڍو مقبول آهي ۽ ها! - سرِ ڏيڻ واري روايت هن ساز کان پوءِ ويتر زورڻي وئي آهي - جديد دور، جديد ساز ۽ پراڻي روايت جو ٻڌي يقينن توکي خوشي ٿي هوندي - هن ساز جو نالو 'بندوق' آهي. بندوق جيڪا ٻچڙي آهي پر انکي ڇا ڪجي جو امن جا رستا بند ٿي چڪا آهن. ڪاش! توکي هڪ پيرو ٻيهر ڏسي سگهان. سيني ٻيٺ واسين کي سرخ سلام!

تنهنجو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

* * *

ڪڏهن ڪڏهن ايئن محسوس ٿيندو آهي ته ڄڻ مان پاڻ 'ڌرتي' آهيان. صدين کان وٺي سک کان وانجهيل. مونکي پنهنجي بت جي هڪ هڪ حصي تي بيشمار زخمن جا نشان نظر ايندا آهن. ڪجهه پَريل، ڪجهه پَرجندڙ ۽ ڪجهه چڪندڙ ۽ تازا. مان چاڻان ٿو ته اڃا به ڪيئي زخم لڳڻ لاءِ بچيل آهن ۽ باقي گوليون به منهنجي جسم ۾ کُهڙي ويندنيون. پر، هڪ ڏينهن اُهي زخم به پرجي ويندا - نيٺ گوليون کپي ويندنيون. مون کي اُن ڏينهن جو اوسئيڙو آهي.

* * *

اڄ مان به فلسطيني آهيان. اڄ مون کي به پي گهر ڪري جلاوطن ڪيو ويو آهي. مون کان منهنجي ملڪ ۾ آزاد رهڻ جو حق کسيو ويو آهي.

* * *

هڪڙيون ٽريون هٿين خالي پنهنجي بقا جي جنگ شروع ڪنديون آهن ۽ ٻيون بندوقون کڻي بقا جو پڪي مارڻ نڪرنديون آهن - پر عجيب ڳالهه آهي ته جنگ جي خاتمي مهل بقا جي پکيءَ آڏو بي ڏر هٿيار ڦٽا ڪري چڪي هوندي آهي.

١- مئي ١٩٨٢

پيارا ساجد!

اڄ مان توکي هڪ عجيب ڪيس بابت ٻڌايان ٿو. ڏري گهٽ هڪ صدي اڳ بن قلمڪارن کي ٻين مزدورن سان گڏ تخريبڪاريءَ جي الزام هيٺ سزا جو انعام ڏنو ويو هو. وقت جي حاڪمن کين ڦاسي ڏئي سدائين لاءِ امر ڪري ڇڏيو - ان وقت، وقت جي قاضيءَ اگست اسپائيز ۽ البرٽ پارسن کي موت جي سزا ڏيندي لکيو ته، ”جيتوڻيڪ هو ڏوهاري ثابت نه ٿيا آهن پر هو ايئن (ڏوهه) ڪري ٿا سگهن تنهن ڪري کين موت جي سزا ٻڌائي وڃي ٿي.“ اهو ڇهين مئي ١٨٨٦جو ڏينهن هو جڏهن کين سچ ڳالهائڻ جي ڏوهه ۾ ڦاسي ڏني وئي. پر تاريخ جي گذرندڙ گهڙين فقط ڇهن سالن جي ٿورڙي عرصي ۾ ڪورٽ جي قاضيءَ جو فيصلو دنيا جي آڏو اگهاڙو ڪري ڇڏيو. تاريخ جا ورق ٻڌائين ٿا ته وقت جي حاڪم ڇهن سالن کان پوءِ، بدران ان جي ته سچ ديوتا

جي پوڄارين کان معافي گهري ها، هن سندن سزائون (ڦاسي ڏيئي ڇڏڻ جي ڇهن سالن بعد) معاف ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ چيو ته، ”انصاف جي ساهمي درست ڪونه هئي، قانون جو اهو اصول تسليم ٿيل آهي ته اظهار ڪيڏو به سخت هجي اهو ڏوهه جي دائري ۾ نٿو اچي“.

هُن، ٽارين تان گل ڇني؛ پوءِ ڪين معاف ڪري ڇڏيو ۽ سندن بي جان جسم انهن ئي ٽارين ۾ ٽنبي باغ کي موٽائي ڏنا هئا. ياءُ! سزا ۽ قيد جو فلسفو به ان ئي فيصلي وانگر عجيب غريب اٿئي. انسان کي قيد فقط انڪري ٿو ڪيو وڃي ته جيئن قيديءَ جي سوچ جو دائرو ايترو محدود ٿي وڃي جو هو پوساڻجي مري وڃي. سوچ جي اڏامڻ جي سگهه ختم ٿي وڃي ۽ ماڻهو کوهه جو ڏيڏر ٿي پوي. پر ياد رکج ته اهو ڪڏهن به ڪونه ٿيو آهي ـ سوچ سان جوابدار ماڻهوءَ جو حوصلو ڪيس ڪڏهن به پوساڻجڻ نه ڏيندو آهي. اهو سدائين، هرروز ڪيس نئين سگهه سان سوچڻ ۽ جيئڻ ۾ مدد ڏيندو آهي.

تنهنجو

## پاتال ۾ پهرين مئي

ڏکن ڏوجهرن ۾ هلندو وتين ٿو
هوريان هوريان
سکن سوجهرن ڏي سرندو وتين ٿو
مگر ڪهڙي طرح؟
ڏسان ٿو
مگر ...
هيءَ پاتال آهي
هر قيديءَ جيان تون پڻ اڪيلو
وردين جو گهيرو هوريان هوريان
تنگ ٿيندو وڃي ٿو
بند وارڊ جون تنگ تاريڪ ڪوليون
آجيان لئه تنهنجي بيچين آهن

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ڪالهہ ڪو پيو هو

اڄ تنهنجو وارو

متان دل لاهين سوجهرن جا ساٿي

انسان هيٺو چون ٿا آهي - مگر

خدا جو قسم

ڪوبہ هن ڪان ڏاڍو نہ آهي.

* * *

ڏکيون جان نہ مڙن، تان تان ڀِنڻ نہ ٿئي

ٻيون هُهين هٿ هڻن، روئنديون روئڻ واريون.

(سر حسيني)

۲ ـ مئي ۱۹۸۲

بابا سائين!

پيرن چمڻ بعد....

اڄ توهان ڪي جنم ڏينهن جي مبارڪ ڏيندي عجيب اتساهہ محسوس ڪري رهيو آهيان. مونکي انسانيت جي وقار جي بحاليءَ ۽ سندس آزاديءَ جي جدوجهد ۾ جيل پهچڻ جي ايتري خوشي ڪانهي جيتري توهان جهڙي عظيم پيءُ جي تربيت ملڻ جي احساس هيٺ آهي.

بابا سائين! توهان مونکي ننڍپڻ کان وٺي اهو احساس ڏياريو آهي تہ ڪنهن بہ انسان کي ڪنهن ٻئي انسان تي فوقيت ڪونهي. مونکي سڄاول واري ڏيسر ڀنگيءَ کي مليل قرب جهڙا ڪيترا ئي واقعا ياد آهن جن جي غمين ۽ خوشين ۾ شريڪ ٿي توهان طبقاتي سوچن جا بخيا ادڙيندا رهيا. مونکي پنهنجي ڳوٺ جا غريب ڳوٺاڻا بہ ياد ٿا اچن جن انصاف لاءِ سدائين توهان کي منتخب ڪيو. توهان ڪڏهن بہ ڪنهن جي غريب هئڻ ڪري دل آزاري نہ ڪئي، نہ ئي ڪنهنجي خوشنوديءَ خاطر پنهنجن اصولن کي ڇڏيو. بابا سائين! توهان جيڪي ڏيئا اسانجي اونداهين دلين ۾ ٻاريا آهن سي توهان يقين رکو تہ هڪ ڏينهن پوريءَ ڌرتيءَ تي سورج وانگر اُڀري روشنيءَ جو ذريعو ٿيندا.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

توهان، قدم قدم تي منهنجي رهنمائي ڪئي آهي. توهان، هر اُن جاءِ تي؛ جت منهنجو قدم لڏيو آهي، مونکي سنڀاليو آهي ۽ جڏهن مون صحيح رستو ورتو آهي، توهان منهنجي پٺي ٺپي منهنجي همٿ وڌائي آهي. مان توهان تي ايترو ئي فخر ڪريان ٿو جيترو توهان کي ڏاڏا سائين تي آهي. مونکي ياد آهي تہ جڏهن منهنجي گرفتاريءَ کان پوءِ توهان پهريون ڀيرو مونسان مليا هئا. توهان مونکي مبارڪ ڏني هئي. قسم آهي اُن تربيت جو جيڪا توهان مونکي ڏني، ان وقت مون ايئن محسوس ڪيو هو ڄڻ مون آخر ڪار صحيح واٽ ڳولهي لڌي آهي ۽ اوهان مونکي واٽ جي صحيح چونڊ واري امتحان ۾ پاس ڪري ڇڏيو آهي. مان محسوس ٿو ڪيان تہ مان دنيا جو خوشنصيب ترين پٽ آهيان. فوجي عدالت جي در وٽ توهان جڏهن بہ مُڪ اُلاري اسان سيني جي آجيان ڪئي آهي، مونکي هن اڏوهي کاڌل سماج جون پراڻيون ڀتيون پورا پورا ٿيندڙيون محسوس ٿيون آهن. مونکي هنن ديوارن جي جلد ڪرڻ جو ايترو ئي يقين آهي جيترو پنهنجي حوصلي ۽ انسانيت جي عظيم جدوجهد جو.

توهان سان منهنجو فقط هڪ رشتو ڪونهي. مون توهان کي هڪ بهترين اديب جي حيثيت ۾ بہ پنهنجو آدرش ٺاهيو آهي. جمال ابڙو منهنجو آدرش آهي. هڪ پيءُ جي حيثيت ۾ بہ ۽ هڪ اديب جي حيثيت ۾ بہ. مونکي فخر ان ڳالهہ جو آهي تہ مون اهو جهنڊو سنڀاليو آهي جيڪو جمال ابڙي جي اديب واري حيثيت کي ظاهر ٿو. سنڌي ادبي سنگت جو جهنڊو جيڪو ڪالهہ جمال ابڙي واري ٿهيءَ جي هٿ ۾ هو، هاڻي بدر ابڙي واري ٿهيءَ جي هٿ ۾ آهي جنهن ان جهنڊي کي ڪرڻ نہ ڏنو آهي ۽ نہ ئي ڪرڻ ڏيندو.

مان ”پشو پاشا“ جي ڪردارن مان ڪو ڪردار آهيان. ڪو اهڙو ڪردار جنهن کي جمال ابڙي ڏاڍي پيار سان تخليق ڪيو آهي ۽ ماحول هن کي اڳتي وٺي آيو آهي. ڇا توهان کي پنهنجا ڪردار جيئرا جاڳندا، ڀرپور ۽ مضبوط نظر نٿا اچن؟ يقينن ايندا هوندا.

اڄ جيڪڏهن فوجي عدالت مونکي سزا ڏيئي ڇڏي تہ مونکي ان جو ڪوبہ فڪر ڪونهي ڇاڪاڻ تہ اهو دستور آهي. ان جي ڪابہ اهميت ڪونهي؛ جيڪڏهن منهنجو ضمير؛ جنهن توهان جي نظر هيٺ پرورش ورتي آهي مونکي بري ڪري ڇڏي. مونکي منهنجي ضمير بري ڪري ڇڏيو آهي، نہ فقط ايترو پر مان سمجهان ٿو تہ هيءَ هٿ ٺوڪي عدالت،سزا جي شڪل ۾ فقط ۽ فقط انعام ئي ڏيئي سگهي ٿي.

اڄ توهان جو جنم ڏينهن آهي ۽ توهان جو هڪ ڪردار قيد خاني مان توهان ڏانهن خط لکي رهيو آهي. توهان ڪي حيران نہ ٿيڻ گهرجي، وقت تمام تيزيءَ سان توهان کي توهان جي ڪردارن جي ويجهو ۽ اڃا ويجهو ڪري رهيو آهي. اوهين سمجهي سگهو ٿا تہ جڏهن وقت جي رفتار تيز ٿي وڃي تڏهن خوابن جي تعبير حقيقت جو روپ وٺڻ لڳندي آهي.

مونکي منهنجي امڙ تي بہ فخر آهي جنهن مونکي پنهنجي مٺي ٻولي سيکاري تہ جيئن مان پنهنجي سوچ جو اظهار ان ئي ٻوليءَ ۾ ڪيان ۽ ان ئي ٻوليءَ جي معرفت ڏکويل انسانن کي خوشيون موٽائي ڏيڻ لاءِ آواز اٿاريانَ. اڄ جڏهن مان اوهان ٻنهي جي مدد سان ان لائق ٿيو آهيان جو قلم ۽ زبان رستي ڌرتيءَ جي ڪروڙين مائرن ۽ پيئرن جي خدمت ڪريان تہ اها منهنجي لاءِ ڪيڏي نہ خوشيءَ جهڙي ڳالهہ آهي سا توهان شايد سمجهي سگهندا هجو. مونکي منهنجن پائرن تي بہ فخر آهي ۽ پينرن تي بہ، جن هر وقت هر گهڙي منهنجي دوستن وانگر مدد ڪئي. شال! هو سڀني ڌرتيءَ تي رهندڙ پائرن ۽ پينرن لاءِ بہ اوترو ئي ڪن ،جيترو مون لاءِ ڪيو اٿن.

تحفي ۾ پنائيءَ جا بيت موڪلجن ٿا........جنم ڏينهن تي.

توهان سيني جو

۳ ـــ مئي ۱۹۸۲

امر لال کي بند وارڊ تئي اڄ ٽيون ڏينهن آهي. انتظاميہ سان ڳالهيون هلندڙ آهن، اڄ سپاٽي ۾ واپس اچي ويندو.

* * *

۵ ـــ مئي ۱۹۸۲

درد جو احساس ختم ٿي چڪو آهي چاڪاڻ تہ هاڻ اهو جسم جي رڳن ۾ رت وانگر ڊوڙي رهيو آهي. درد منهنجي جسم جو حصو بنجي چڪو آهي، جنهن بنا جسم نامڪمل ٿي پوندو. پيارا! جسم جو ڪوبہ حصو جان تي بار نہ هوندو آهي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

## موڪي!

اڄ رات
وڏو اهتمام ڪرڻو آهه!
ڪتاب، قلم
سڀ هٽائي ڇڏجانءِ!
حال في الحال
ميز مٿان
فقط پيالا رکجانءِ!
اڄ رات هتي پٽائي ايندو!
”جيئڻ چاهي؟
يا پيئڻ چاهي؟“
هر راز ٻڌائي ويندو!
محفل تہ گهٽي ”خفيہ“ آهي پر
تون چاهين تہ پلي
هلي اچجانءِ..... !

٦ ـ مئي ١٩٨٢

ڪتابن تي ڳجهون ويٺيون آهن
ڳجهون چنبن سان ڪاغذ ڦاڙي چنهنب سان اکرپٽي کائي رهيون آهن
ڪتاب ڦٿڪي رهيا آهن
سندن چيريل جسمن مان رت ٽمي رهيو آهي
آلي رت منجهان چيڪيءَ مٽيءَ جي ٻِنل ٻِنل سُرهاڻ اُٿي رهي آهي.
ڇا ريج اچي ويو آهي!؟
ڏاڍو عجيب منظر آهي!

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

* * *

مان ڪير آهيان؟ ڇا آهيان؟

ڪوبہ نہ ..... ڪجھ بہ نہ.

۷ـ مئي ۱۹۸۲

بہ ٽي ڏينهن بابا کي دل جي ڪافي تڪليف هلي آهي. ڏاڍي پريشاني ٿي پئي آهي. اطهر، جڏهن بہ منهنجي آڏو ڳالھہ ڪندو آهي تہ ان جي گهرائيءَ ۽ شدت کي گهٽائي هلڪو ڦلڪو ڪري پيش ڪندو آهي. خود بابا بہ تہ تڪليف جو اظهار اصل نہ ڪندو آهي، بس پنهنجي ليکي اندر ۾ پيو برداشت ڪندو آهي.... خبر ناهي تہ صحيح صورتحال ڇا آهي؟ اطهر مونکي اها خبر ڏيئي في الحال تہ ساٿو ڪري ويو آهي.

* * *

”مان پيدا ٿيو آهيان ٻرڻ لاءِ، ٻرڻ ۽ اونداهيءَ ۾ روشني ڪرڻ لاءِ منهنجي فنا منهنجو انعام ٿيندو.“ (گورڪي)

* * *

قاضي صاحب! اڄ ۽ اسان ”ڏوهارين“ سان گڏجي پيئڻ. پيئڻ ۽ چئڻ تہ: ”اسان کي امن گهرجي“

”دنيا کي سک ماڻڻ ڏنو وڃي!“

”اچو تہ گڏجي ڏکن کي دفن ڪيون، ايڏي پستيءَ ۾ جو وري ڪنهن جي اک مان لڙڪ نہ ڪري!“

”اچو تہ گڏجي دنيا جي سمورن حقيقي ۽ علامتي قيد خانن جا بنياد ڊاهي ڇڏيون!“

”اچو تہ گڏجي انسان کي آزاد ڪيون!“

”اچو تہ گڏجي انسان جو وقار بحال ڪيون!“

”اچو تہ ڪروڙين منتظر اکين جو انتظار ختم ڪيون ۽ هڪ اهڙو ماحول جوڙيون جو پيار سان ٽمٽار دلين جي وچ ۾ پٿرن جون ديوارون نہ رهن!“

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

”اڇو تہ شيشي گهرن مان خوشبوءَ کي آزاد ڪيون ۽ پوپٽ خوشبوءَ جي موسيقيءَ جي مدهوش تي رقص ڪن!“

ڪاش! تون حالتن سان ٺاهہ نہ ڪري ضمير کي سجدو ڪرين.

* * *

خلق مئي گويد ڪہ خسرو بت پرستي مئي ڪند

آري، آري، مئي ڪنم، با خلق عالم ڪارِنيست

١٠ ـ مئي ١٩٨٢

عوامي دباءَ ۽ درخواست ڪندڙ ڌر جي سخت رويي کان پوءِ سرڪار مجبور ٿي عدالت کي OPEN COURT قرار ڏنو آهي. پر عدالت جي ڪمري ۾ فقط هڪ ٻن ويجهن مائٽن کي وهڻ جي اجازت ڏني اٿن ڇو تہ ڪمرو تمام ننڍڙو آهي. هيءَ اسانجي ننڍڙي ئي سهي پر پهرين ڪاميابي آهي.

* * *

ڏکن جي بي انت سمنڊ ۾ جڏهن سوچن جي باهہ لڳندي آهي... تڏهن تنهنجي ياد! چاندوڪيءَ جيان وسندي آهي... ۽ قيد خانو جل ٿل جل ٿل ٿي ويندو آهي. پر جڏهن سڄ پڄ مينهن وسندو آهي تڏهن وڻ ٽڻ کي باهہ لڳي ويندي آهي.

١٨ ـ مئي ١٩٨٢

جبار خٽڪ کي جيل آندو ويو آهي. مٿس تمام گهڻو تشدد ٿيو آهي. هٿ پير سڄيل اٿس. اڄڪلهہ تمام ٿورا سياسي قيدي سنئين لڳين جيل پهچن ٿا. اذيت خانن جو جار سڄي ملڪ ۾ پکڙيو پيو آهي. جيڪي قيدي اتفاق سا سنئين لڳين نظر اچن ٿا سي گهڻي ڀاڱي حڪمران طبقن جي سياست ڪندڙ آهن.

١٩ ـ مئي ١٩٨٢

ماٺهوءَ ان لاءِ تہ جنم نہ ورتو آهي تہ پڃرن ۾ رهي پر ان لاءِ تہ ڳولي ....ڳولي زندگيءَ جون حقيقتون ۽ ڏکن جو حل !

پر هتي تہ ”ڳولا“ بہ ڏوهہ ٿيو.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

٢٢ ـ مئي ١٩٨٢

انور شير سرڪاري وڪيل اڄ صبح جو دل جي دوري بعد گذاري ويو. هو اسان جي ڪيس ۾ سرڪاري وڪيل جي حيثيت ۾ پيروي ڪندو رهيو. ڪورٽ جي ڪارروائي ملتوي ٿي وئي پر انور صاحب هاڻ نہ ايندو. هو سدائين ياد رهندو. هو پنهنجي ضمير جي خلاف سرڪاري پيروي ڪندي ڪندي ضمير جي دٻاءَ ڪي سهي نہ سگهيو.

٣١ ـ مئي ١٩٨٢

ماڻهن جون خواهشون بيروت تي ويون آهن، جنهن ڪي جنوني انسان بارودي سرنگون وڇائي ڦاڙي رهيا آهن، مگر بيروت مئو ناهي اڃا بہ ڪن مورچن ۾ ڪي زخمي سپاهي مزاحمت ڪري رهيا آهن.

١ ـ جون ١٩٨٢

بابا جي طبعيت ٺيڪ نہ ٿي رهي. گهر مان تہ ڪير بہ پوري خبر نٿو ڏئي. منهنجو ساهہ ٿو منجهي. اُف ... هيءَ سڀ ڇا هي؟ شايد بابا جي طبعيت جي ذميواري اڪيلي سر مونتي آهي. خدارا ڇا ڪجي؟ هيءَ ڪهڙو عذاب آهي؟ مان اندر ئي اندر ۾ روئي رهيو آهيان. ڪو تسلي ڏيڻ وارو ويجهو ناهي، پر ڇا واقعي تسلي ڏيڻ سان ملي ويندي آهي؟ ذهن ۾ عجيب عجيب خيال اچن ٿا... مون کي ڊپ پيو ٿئي. هن خاموشيءَ ۾ ڪيڏا نہ وحشي ۽ ڪارا پاڇا آهن جيڪي هر شئي جي اوٽ مان ليئا پائي مونکي گهورن ٿا.

٣ ـ جون ١٩٨٢

ڪاٻي ڏر جي ٽئين سر جوڙ جڪ ڏانهن هڪ قدم نظر آيو آهي. اين بي بي ۽ بي اين بي هڪ ٿيون آهن. پروفيسر جمال نقوي سوچ ۾ آهي. دوستن سان رابطي جي کوٽ محسوس پئي ٿئي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۵ ــ جون ۱۹۸۲

ڪمال کي ڏاڍي تڪليف آهي. لانڍي جيل ۾ ڪو بہ ڊاڪٽر ڪونهي. هاڻ تہ ڪيس پيشاب ۾ رت اچڻ لڳو آهي.... شبير جون اکيون خراب ٿي پيون آهن، هن همراهہ کي بہ ڏاڍي تڪليف آهي. هر وقت اکيون ڳاڙهيون رهنس ٿيون. ڇاڪاڻ ڪيس چيڙائيندو آهي، ”جذباتي نوجوانن جون اکيون ڳاڙهيون هونديون آهن.“ سرڪار بهادر سول اسپتال ۾ باقاعدي علاج کان ڇرڪي رهي آهي.

۱۳ ــ جون ۱۹۸۲

شبير کي عدالت مان اسپتال موڪليو ويو. سندس اک جي آپريشن ٿي آهي. مگر اسپتال ۾ داخل ڪرڻ جي اجازت نہ هئڻ ڪري واپس موٽائي موڪليائون. عدالت پنهنجي ڪارروائي نہ روڪي. شبير جي اک تي پٽي ٻڌل رهي ۽ تڪليف کان ڪنجهندو رهيو، پر عدالت ڏينهن سجايو ڪيو آهي. عدالت اها همت ضرور ڪئي آهي تہ فوري طور تي ڪمال ۽ شبير کي لانڍي جيل جي ”عمر ڪوٽ“ مان ڪيڏي سينٽرل جيل جي اسپتال ڏانهن منتقل ڪرايو آهي.

۱۶ ــ جون ۱۹۸۲

سنڌي ادبي سنگت، ڪراچي جيل شاخ ڪولي اٿئون. پهرين گڏجاڻي بہ خير سان ٿي گذري آهي. پروفيسر جمال نقويءَ صدارت ڪئي. ايجنڊا تي ٻہ ڪهاڻيون (ٽريجڊي: ڊاڪٽر مولا بخش جي لکيل ۽ ٻي منهنجي: پورن ڪارن ڪڪرن هيٺ) ۽ ٻہ آزاد نظم رکيا ويا. هن محدود ماحول ۾ جوش ۽ جذبي جا هي ننڍا لمحا بہ ڏاڍا عجيب ٿا ٿين. جنرل باڊيءَ ۾ شاهہ مراد بيگ، پرويزشاهہ، امرلال، صفت رند، جبار خٽڪ، سليم، عارف بيگ ۽ ڊاڪٽر مقبول خشڪ شامل آهن. پهرين گڏجاڻي آغا اشفاق جي ڪوليءَ ۾ ٿي آهي.

۲۱ ــ جون ۱۹۸۲

امر لال، شبير شر ۽ ڪمال وارثيءَ عدالت جي معرفت چيف مارشل لا ايڊ منسٽريٽر ڏانهن درخواست موڪلي آهي تہ کين لبنان موڪليو وڃي تہ جيئن فلسطيني عوام سان گڏجي هلندڙ خوفناڪ ويڙهہ ۾ شريڪ ٿي سگهن

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۽ اسرائيل ـ آمريڪا جارحيت جو مقابلو ڪري يڪجهتيءَ جواظهار ڪن.
هنن اهو به لکيو آهي ته جنگ ختم ٿيڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن اسان زنده بچي
وياسون ته واپس اچي پاڻ کي حڪومت جي حوالي ڪري ڪيس
وڙهنداسون. فلسطيني ۽ اسرائيلي فوجن جون تازيون جهڙپون تمام خوفناڪ
آهن. اهڙو مثال ويجهڙ ۾ نظر نٿو اچي. هيڏو سارو قتل عام! اسان جا وار
ڪنڊارجي ويا آهن.

* * *

مان ١٧ ـ وارڊ ۾ واپس موٽي آيو آهيان. ڪمال وارثي پروفيسر سان١٨
ـ نمبر وارڊ ۾ آهي.

٢٢ ـ جون ١٩٨٢

ڪراچي بار ايسوسيئشن جي اپيل تي اڄ وڪيل صاحبن عدالتي
ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪيو آهي. اسان به وڪيلن سان اتحاد ڪندي
عدالتي ڪارروائيءَ جو بائيڪاٽ ڪيو آهي. اجوڪو بائيڪاٽ لبنان ۾
اسرائيلي جارحيت ۽ حڪومت پاڪستان جي طرفان فلسطينين جي مدد نه
ڪرڻ خلاف احتجاج آهي.

* * *

عدالت ٢١ جون واري درخواست مسترد ڪري ڇڏي آهي ۽ اهو ٻڌايو
آهي ته ”نه ئي ڪين لبيا موڪلي سگهجي ٿو ۽ نه سندن درخواست سي ايم ايل
اي ڏانهن موڪلي سگهجي ٿي.“

٢٣ ـ جون ١٩٨٢

جام ساقيءَ فلسطيني مجاهدن لاءِ رت ڏيڻ جي درخواست عدالت ۾
جمع ڪرائي آهي، جيڪا قبول ٿي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۱۰ ـ جولاءِ ۱۹۸۲

## بيروت

بيروت ۾ باهہ ٻري رهي آهي ۽ ٽنهن ۾ سرد جسم هٿ هُٿ پڪڙيا پيا آهن. بارود ڦاٽڻ ڪري ڪنهن ٻار جي هٿ مان هوا سان ڀريل ڦوڪڻو ڇڏائجي ويو آهي. ٻار جي حيراني خوف ۾ بدلجي وئي آهي. زندگي، زندگيءَ ڪاڻ ڪشڪول ڪٽي ڀٽڪي رهي آهي. وحشت جا سپ ڇپيون ڪڍي رهيا آهن. وڻن جون ٽاريون دکي رهيون آهن ۽ سپ جهومي جهومي ور وڪڙ ڏيئي هڪ ٽاريءَ کان ٻي ٽاري ۽ وڻ کان وڻ تائين ٽپا ڏيئي رهيا آهن. ڊونهين جا ساهہ ٻوساٽيندڙ هٽ نڙگهٽ دٻائي رهيا آهن.جت ڪٿ لاشن مٿان لاش ۽ مٿن ڪروڙين مکيون ڀُڻ ڀُڻ ڪري رهيون آهن. مرندڙ انسانيت جي سڏڪندڙ ڏپ بيروت جي گهٽين منجهان نڪري سڄي ڌرتيءَ جي گولي تي پکڙجي رهي آهي. مان هن قيد خاني ۾ پاڻ کي ان ڏپ کان بچائڻ لاءِ نڪ تي رومال نتو رکي سگهان ڇاڪاڻ تہ ان منجهان ڇڪيل رت جي بوءِ اٿي رهي آهي.

۱۳ ـ جولاءِ ۱۹۸۲

گهر مان اطلاع آيو آهي تہ بابا جن سياٽي آمريڪا پيا وڃن، دل جي آپريشن لاءِ. مونکي خوف کان بار بار ڪنبٽي وٺي ٿي وڃي. اڄ جڏهن بابا ۽ امان ملاقات لاءِ آيا تہ خبر ناهي ڪيئن پاڻ کي سنڀالي ويٺو هوس. يقينن هو منهنجي حالت مان (اداڪاري سبب) مطمعن ٿي ويا هوندا. پر مونکي تہ ڇڻ زندگيءَ جا سڀ لهجا ئي ٽڪل بي رنگ ۽ ڊنل ڊنل پيا لڳن. مان ڪو بهادر ماڻهو ڪونہ آهيان. مان تمام ڪمزور آهيان. مان اندر ئي اندر ۾ پرزا پرزا ٿيندو پيو وڃان. بابا منهنجي باري ۾ سوچي سوچي ۽ ڊوڙي ڊوڙي پنهنجي اها حالت ڪئي آهي ـ مان پاڻ کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندس، ڪڏهن بہ نہ. بابا سائين! مونکي معاف ڪجو. اي پٿر جون ديوارون! مونکي سهارو ڏيو يا مونکي ڇڏي ڏيو! اوهين ڇا ڄاڻو تہ انسان ڇاهي! هن جا رشتا ڇا آهن؟ هن جون سوچون ڇا آهن؟ ان جون وابستگيون ڪيڏيون نہ لطيف آهن!

اڄ مان ڏاڍو ڊنو آهيان ـ ڏاڍو رنو آهيان ـ اڪيلو رهڻ ٿو چاهيان پر اڪيلائيءَ کان ڀَوُ ٿو ٿئي. ماڻهن سان ملڻ چاهيان ٿو پر سندن ڏک، منهنجي مونجهہ کي اجا وڌائن ٿا. مان هر ٻي جان شئي کي وچڙي ان سان ڳالهائڻ شروع ڪيان ٿو ـ ها! ان ريت ڪجهہ دل وندري ٿي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

* * *

رمضان جو مهينو پيو هلي. ٻه قيدي سزا وٺي پهتا آهن، هڪ هڪ مهينو. ٻنهي جو ڏوهه ساڳيو آهي - يعني "روزو نه رکڻ." هڪ ڄڻي قبول ڪيو آهي ته ڪيس روزو نه هو - ٻئي جو چوڻ آهي ته هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن روزو نه ڇڏيو آهي. پر هو اها ڳالهه عدالت ۾ ثابت ڪري نه سگهيو. (هو هت به سڀ روزا رکندو آهي.) مٿن رمضان شريف جو احترام نه ڪرڻ جو الزام آهي.

۱۳ - جولاءِ ۱۹۸۲

ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو ٿڪ محسوس ٿيندو آهي پر اندر جي خوف ڪان وري پرن ۾ ڪنيڙاٽين تي زور وجهڻو پوندو آهي. ولر ڏاڍي تيزيءَ سان اڳتي وڌندو، وڏاوڏا جبل ۽ ميدان پار ڪندو پيو وڃي. مونکي هر صورت ۾ پرن کي تيزيءَ سان حرڪت ڏيڻي پوندي، هوا کي پوئتي ڌڪڻو پوندو - پوءِ پلي ڇوته منهنجا پر برسات ۾ پُسي آلا ۽ ڳرا ٿي پيا هجن. مان تنهائين جي صحرا ۾ مرڻ لاءِ پيدا نه ٿيو آهيان. مونکي اڏامڻو پوندو ۽ ولر سان ملي دور سپنن جي وستيءَ ڏانهن وڌڻو پوندو.

۱۵ - جولاءِ ۱۹۸۲

وفاقي وزير داخلا محمود هارون چيو آهي ته پاڪستاني فوج کي لبنان موڪلڻ جو مطالبو ڪرڻ وارا پنهنجن آقائن جي اشارن تي نچي رهيا آهن. هن، اهو مطالبو ڪندڙن کي روسي ايجنٽ قرار ڏنو آهي.... هاڻي مشڪل اها پيدا ٿي پئي آهي ته ڪالعدم جماعت اسلامي جي مرڪزي رهنما ۽ هڪ سابق وزير چوڌري رحمت الاهي به لبنان جي بحران تي جهاد جو نعرو لڳايو آهي. هوڏانهن، موتمر عالم اسلامي به اسلامي ملڪن کي چيو آهي ته هو پنهنجون فوجون لبنان موڪلين. هاڻي، جناب محمود هارون اهو ٻڌائي ته ڇا جماعت اسلامي ۽ موتمر عالم اسلامي به.... "

(جمع خان جو ڪالم روزنامه امن)

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

# موت جي سزا تي آزاديءَ جو گيت

٦ ـ آگسٽ ١٩٨٢

پريٽوريا ٦ آگسٽ (ريڊيو رپورٽ) ڏکڻ آفريڪا جي غير قانوني نسل پرست حڪومت، افريڪن نيشنل ڪانگريس جي ٽن آزادي پسندن کي موت جي سزا ٻڌائي آهي. فيصلو ٻڌڻ ڪانپوءِ ٽنهي ڄڻا آزاديءَ جو گيت ڳائيندا عدالت جي ڪمري مان روانا ٿي ويا ـ مٿن غداريءَ جي الزام هيٺ ڪيس هلايو ويو هو.

٩ ـ آگسٽ ١٩٨٢

اڄ نذير عباسي جي شهادت جو ڏينهن هو. عدالت جي ڪارروائي هلڻ کان اڳ سيني ڪاريون پٽيون ٻڌي ڇڏيون. عدالت ڪارروائي نہ هلائي.

١١ ـ آگسٽ ١٩٨٢

عدالتي ڪارروائي شروع ٿيڻ کان اڳ، چار جي درخواست تي ”پنڊي سازش ڪيس“ جي ملزم ايئر ڪموڊر محمد خان جنجوعہ، سنڌي اديب نور عباسي ۽ خديجہ مستور جي وفات تي فاتحہ پڙهي وئي.

***

بابا جن آمريڪا کان خير خيريت سان موٽي آيا آهن. جيل هلڪو محسوس ٿي رهيو آهي.

١٥ ـ آگسٽ ١٩٨٢

تمام سخت برسات پئجي رهي آهي. قيد خاني جون پٽيون تيز هوائن ۽ برساتي جهڪڙن آڏو سينو تاڻي مقابلو ڪري رهيون آهن. وڻ ٽڻ تمام تيزيءَ سان جهومي رهيا آهن، ڪمزور پن ڇڻي، هيٺ ڪري لڙهندا پيا وڃن ۽ مضبوط پن ٽارين ۾ ٻانهون وجهي شرارتي ٻارن جيان لڏي رهيا آهن. گجگوڙ ۽ اندوڪار سيني اندر دردجي ستل سمنڊ کي ولوڙي رهيا آهن.

مان وراندي ۾ ويٺي اڇلون ڪائيندڙ نيسارن کي آبشارن جيان ڪرندو ڏسي رهيو آهيان. تصور ۾ جيل جون پٽيون ڪيرائي ڇڏيو اٿم. ۽ پارڪ کي ڪوهہ مري جي ڪنهن ريسٽ هائوس ۾ محسوس ڪري رهيو آهيان. هڪ هڪ گهڙيءَ ۾ امرت رس جهڙو مزو آهي. مان ڪا بہ گهڙي ۽ امرت جو هڪڙو بہ ڦڙو هٿان وڃائڻ نٿو گهران. مان خوشيءَ ۽ درد جي هڪ هڪ گهڙي ميڙڻ ٿو گهران.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

دل چوير تي تہ ٻارن جيان وچ ميدان تي ويهي رهن. مينهن جي ٽڏڙي وسڪاريءَ ۾ ٻاڻ کي جلايان، جسم جو انگ انگ ۽ روح جون سموريون گهرائيون پسايان ۽ پوءِ ان وقت تائين ٻيٺو هجان جيستائين آسمان مان هڪ هڪ بوند ٽمي بس نہ ڪري ۽ دل ۾ اها خواهش جيئري رکان تہ آخري بوند واري گهڙي ڪڏهن بہ نہ اچي.

پر ڪجهہ گهڙين کان پوءِ اهو سيڪجهہ جيئڻ جو تيئڻ ڇڏي مان ڪوليءَ ۾ تنهائين جي شمع اڏو جهڪي ويندس ۽ دروازي ۾ تالو لڳي ويندو. هيءُ پاتال جو ازل کان قانون آهي.

٢٠ ـ آگسٽ ١٩٨٢

دوستو!

سوچجو!

ڪٿي آهي زندگي؟

سٽ سٽ ڳولجو!

جتي جتي بہ قيد آ

ماڻهپو ڳولجو!

جتي جتي بہ درد آ

توڙ تائين پهچجو!

جي ڪٿي چڙيون هٽي

خواب ڪو مئو هجي

انتقام ـ ڪان اڳي

دوستو نہ پوڙجو!

مئڪدي جون واٽيون

بار بار ڳولجو!

ساقين کي سارجو!

دوستو!

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

سوچجو!

هزار وار سوچجو!

پوءِ هن ڏير مان

گيت ڪو چونڊجو!

مهه جبين جي چپن

جهڙو حسين ڪو

گلاب هڪ چونڊجو!

۲۱ ـــ آگسٽ ۱۹۸۲

پيارا لاشاري!

ننڍڙي واري ڏڪوئيندڙ خبر هلال پاڪستان ۾ پڙهيم ـ گل تہ هوندا ئي ڪومائجڻ لاءِ آهن پر جڏهن ڪا مکڙي ڪومائجي وڃي ٿي تڏهن چرڪ نڪري ويندو آهي. تون مان جنهن باغ ۾ رهون ٿا ان ۾ روزانو نہ ڄاڻي ڪيڏا چرڪ نڪرندا آهن. مان توکي تسلي تہ ڏيان، پر ڇا سچ پچ تنهنجي من کي شانتي ملندي؟ مان ڄاڻان ٿو تہ شانتيءَ جو سڀ کان مکيہ رستو انهن مکڙين جي نرڙ ۾ جوين ماڻڻ واري عمل مان ڦٽندو آهي جيڪي اڄڪلهہ ڪومائجي وڃن ٿيون. دنيا ۾ پکڙيل چوطرف ڏکن جي پنڊارن ڏکن جي اهميت کي گهٽائي اسان جون دليون سخت ڪرڻ ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڇڏي آهي. پر ماڻهوءَ جي دل شايد پٿر ٿي ئي نٿي سگهي ـ ان جو احساس توکي بہ هاڻ ٿيو هوندو. پيارا! تون ۽ مان جنهن ڪرڙم مان آهيون، تنهن برابر ڏکن سان چنبو اٽڪايو آهي. پاڻ فطرت جي قانون آڏو هيٺا ئي سهي، آهيون تہ سهي. برابر اڄ ڏک سگهارو آهي. پر اڄ ڏک سگهارو آهي تہ ڇاهي، زندگي ان جي ڇيپٽ ۾ سري رهي آهي. ڏک ڏاڍو ڪاري آهي. ڪوشش ڪجانءِ تہ سٽ سهي وڃين. اسان سيني کي هڪٻئي جي ضرورت آهي. افسوس! جو مان تو وٽ اچي بہ نٿو سگهان ـ ڪيڏا نہ ڦٽڪائيندڙ لمحا آهن ـ قيد هئڻ جو احساس وڌي ويو آهي.

تنهنجو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۲۵ ـ آگسٽ ۱۹۸۲

پيارا اطهر

هتي هر ڪر هڪ مخصوص پيچري تي هلندو آهي؛ ساڳيو ۽ سدائين ساڳيو، اسٽريو ٽائپ. پر اڄ جي خبر قيدين ڪاڻ يقين ۾ نہ اچڻ جهڙي هئي. منڍ ۾ سيني جو خيال هو تہ اها J.B.C رپورٽ آهي. پر نہ، خبر ڪري هئي. خبر اها هئي تہ ڪراچي يونيورسٽيءَ جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون جيل ڏسڻ ايندا. تون چوندين تہ ان ۾ يقين نہ ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهہ هئي ! دراصل تو ان خبر کي قيديءَ جي ذهن ۽ ماحول سان نہ پرکيو آهي. پهرين ڳالهہ تہ قيديءَ لاءِ اهو تصور ئي ٻهان اچڻ ۽ حيرت جهڙو آهي تہ قيد خانو گهمڻ جي جاءِ ٿي سگهي ٿي. هت سرڪاري عملدار تہ اڪثر ايندا آهن، پر اهو ڏسڻ ڪو نہ ٿا اچن تہ قيدي زندگي ڪيئن ٿا ڪاٽين، پر فقط اهو ڏسندا آهن تہ پٽين جي اوچائي اطمينان بخش آهي يا نہ، سپاهي پنهنجيون ڊيوٽيون ٺيڪ طرح سان ڏين ٿا يا نہ، تالا مضبوط آهن يا نہ ۽ ڪو قيدي ڀڄي تہ نہ ويندو؟ گذريل پريڊ واري ڏينهن سپرنٽنڊنٽ ڪوليءَ کان ٻاهرين (وارڊ جي) حد واري ديوار ۾ گندي ناليءَ جي ان سوراخ کي اڃا بہ ننڍڙو ڪرايو هو جنهن مان فقط ٻليون ئي اچي وڃي سگهنديون آهن.

سو پائو! هيءُ نوان مهمان سرڪاري عملدار ڪونہ هئا، پر جيل گهمڻ جا شوقين هئا. جيئن اڪثر ماٺهو چرين جي اسپتال يا راڻي باغ ڏسڻ ويندا آهن ۽ فقط ڏسي موٽي ويندا آهن.

خير اها خبر ڪجهہ حيران ڪندڙ برابر هئي تہ يونيورسٽيءَ مان ڪي اچڻا آهن. پر قيدين لاءِ اها خبر وڌيڪ دلچسپ هئي تہ يونيورسٽيءَ مان شاگردياڻيون اينديون. سو، صبح کان ئي گهٽو ڪري هر قيدي؛ ڇوڪرين ڏسڻ جي شوق ۾ پاڻ کي سينگارڻ ۾ رڌل هو. ۽ جڏهن شاگردياڻيون سچ پچ وارڊ ٿيون، تہ جيل جو سمورو اسٽاف سندن حفاظت لاءِ هر وقت ساڻن گڏ رهيو. جيلر صاحب پاڻ بہ پاڻ کي ڇوڪرين جي گهيري ۾ ڏسي پاڻ کي راجا اندر محسوس ڪري رهيو هو. شايد جيل جي هر هڪ سپاهيءَ بہ پاڻ کي راجا محسوس ڪيو هجي. (اڄڪلهہ جا بناسپتي سپاهي، پاڻ کي سپاهي نہ پر وڏو حاڪم سمجهندا آهن.)

ڪيئي سالن کان قيد خاني جي بي رنگ و بوُ ماحول ۾ بند قيدين جون اجايل ۽ هوَس سان ڀريل اکيون، ڇوڪرين جو هر طرف هر وارڊ کان ٻئي وارڊ تائين ۽ هر ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين پيڇو ڪنديون رهيون هيون.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ويچاريون ڇوڪريون حفاظت ۾ هوندي بہ پاڻ کي غير محفوظ سمجهي رڍن جي ڌڻ وانگر هڪٻئي سان ملي ۽ وچڙي هلنديون رهيون هيون. تو شايد هالي وڊ جي تيار ٿيل فلم ”برين واش“ ڏٺي هجي! فلم جي ڪهاڻي سياسي قيدين تي هئي. جن کي هڪ ٻيٽ تي ٻين اخلاقي ڏوهارين سان گڏ قيد ڪيو ويو هو. سيني جون سزائون ڊگهيون هيون. سيني کي ڪيئي ڪيئي سال ٿي ويا هئا جو هنن پاڻ جهڙن بد حالن ۽ ظالم محافظن کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي بہ نہ ڏٺو هو. هڪ موقعي تي هڪ سياسي قيديءَ جي زال پنجن ڇهن سالن کان پوءِ ملاقات جي اجازت وٺڻ ۾ ڪاميابيءَ کان پوءِ ملاقات لاءِ ٻيٽ تي اچي ٿي. ٻيٽ تي هاهوڪار مچي وڃي ٿي. باقي قيدين لاءِ فقط ايترو احساس ئي طوفان کان گهٽ نہ هو تہ ان ٻيٽ جي هڪ ڪنڊ تي هڪ عورت جو وجود ڪجهہ گهڙين لاءِ موجود هو. سندن وس پڄي ها تہ خبر ناهي ڇا ڪري وجهن ها، ڇو تہ جڏهن ان عورت پنهنجي مڙس کي تحفي ۾ ڪمبل ڏنو ۽ هو واپس ڪيمپ پهتو تڏهن، اهو ڪمبل ڪاٺس ڦرجي ويو ۽ ايئن ڌاگو ڌاگو ٿي تقسيم ٿي ويوجيئن بکايل بگهڙن ۾ گوشت ٿئي. اهو صرف انڪري تہ ان ڪمبل کي ڪنهن عورت جا هٿ لڳل هئا.

ٿي سگهي ٿو تہ تون هن کي بيهودگي چوين پر اها نہ فحاشي آهي، نہ اخلاقي ڪمزوري. اهو فطرت جو حصو آهي. تون سالن کان بکايل انسانن منجهان ڪهڙي توقع ڪري سگهين ٿو؟ ممڪن آهي تہ اهي ماڻهو جيڪي هن قسم جي صورتحال منجهان نہ لنگهيا هجن، هن عمل کي جنسي ديوانگي چون. پر سالن کان سڪايل ۽ قيد انسانن جو ان ۾ ڪهڙو ڏوهہ؟ خبر ناهي تہ انسانن جي بنيادي گهرجن ۽ ضرورتن کي هٽرادو ڇو ٿو سمجهيو وڃي؟ حقيقت کان ڪيترو انڪار ڪري سگهجي ٿو؟ آدم وري بہ جانور آهي ۽ ارتقا جي عمل ۾ پاڻ جهڙي ٻئي وجود کي وجود ڏيڻ سندس فطري خواهش، فرض، حق، عمل ۽ جبلت آهي. فطرت کي نہ گهٽو ڏيئي ٿو سگهجي ۽ نہ ئي ختم ڪري ٿو سگهجي. گناهہ ۽ ثواب جو فلسفو بنيادي گهرجن جي پورائي کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟

هڪ طرف قيدين جي صورتحال اها هئي. ٻئي طرف هن جيل جي سياسي قيدين پنهنجا ڪيئي شاگرد ساٿي ان ٽولي ۾ ڏنا جن خاص طور تي ان ٽولي ۾ شرڪت ڪئي هئي تہ جيئن قيدي ساٿين سان رابطو ڪجي. امرلال اڪ بچائي ڪين ٻن ٽن ڪولين ۾ وٺي ويو. خوب احوال ڏنائون وٺائون.

تنهنجو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

١ ـ سيپٽمبر ١٩٨٢

پروفيسر جمال نقوي شديد اعصابي حملي ڪانپوءِ ڪورٽ منجهان سڌو سول اسپتال منتقل ٿي ويو آهي. سندن جسم جي کابي پاسي فالج جو اثر ٿيو آهي. ڳالهائي بہ نٿو سگهي. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن فقط هڪ ڪلاڪ جي دير ٿئي ها تہ...

عدالت فيصلو ڪيو آهي تہ پروفيسر جي صحتياب ٿيڻ کان اڳ ڪارروائي اڳتي نہ هلائي سگهبي.

٢٣ ـ سيپٽمبر ١٩٨٢

ڪالهہ بيجل مونکان سر گهريو، پر

اوچتو:

هن پنهنجو ساز منهنجي هٿ ۾ ڏيئي

پاڻ سنگيت جي ديويءَ آڏو سر جهڪائي ڇڏيو

۽...

مان اڃا تائين حيرانيءَ منجهان سندس ساز کڻي در تي بيٺو آهيان.

مان سوچيان ٿو مان ڪير آهيان؟

راءِ ڏياچ؟

بيجل؟

يا ٻئي؟؟؟

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

عيد الاضحيٰ

۲۸ ـ سيپٽمبر ۱۹۸۲

بابا سائين، امان جيجي!

توهان سيني کي عيد مبارڪ هجي. اڄ جيل ۾ سياسي قيدين فلسطين جي شهيدن سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪندي عيد نه ملهائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ظالم اسرائيل جنهن ريت شطيلا ۽ صابرا جي ڪئمپن ۾ بربريت جي راند رچائي آهي تنهن سان سڄي دنيا جي مظلومن ۾ ڏک جي لهر ڊوڙي وئي آهي.

اڄ مان توهان کان گهڻو پري ڪونه آهيان. گهڙيءَ کن سوچيو ته سهي انهن هزارين جيجلن، پيئرن، پائرن، ڀينرن ۽ ٻارن تي ڇا گذري رهيو هوندو جن جا لخت جگر، پائر، ڀينر ۽ سهاڳ چٽجي ويا ۽ اسرائيلي ٽينڪن جي لوهي پٽن هيٺان قيمون ٻڻجي ويا آهن. نيٺ ظلم کي موت اچڻو آهي، اسان سڀ هجون يا نه هجون. اسان سيني جو ڪردار ڪو الڳ ٿلڳ ڪونهي، اسان سڀ تاريخ جي هڪ مخصوص وقت جي ”هڪ“ واقعي جو عڪس آهيون.بلڪل اهڙي طرح جيئن فلسطيني.

اڄ وقت جا وار شديد آهن پر انسان جيڪڏهن چاهي ته جبل جيان ڳاٽ اوچو ڪري سموريون ضربون سهي سگهي ٿو. هيمنگوي چوي ٿو ته ”انسان کي فنا ڪري سگهجي ٿو، پر ڪيس شڪست ڏيئي نٿي سگهجي.“ سندس هنن اکرن ۾ ڪيڏو نه عزم آهي ڪيڏي نه سچائي آهي منجهن!

ڪجھ اهڙي ئي ڪيفيت ۾ توهان لاءِ هيءُ سٽون لکيون اٿم، ڪجھ تجريدي آهن، شايد احساس چٽو ڪري سگهن:

اکيون جاڳن پيون

ديپڪ جلي ٿو اجا

ننڊ اچي ئي نٿي

سانت جاڳي پئي

رات جلي ٿي اجا

ڪوٻ ناهي سٽل

چنڊ جاڳي پيو

ڇُرن باک ۾ ٽا
خواب منهنجا اڃا
سِڪن ماڪ لئه
ٽا گلڙا اڃا
ديپڪ جلن ٽا اڃا
اکيون جاڳن پيون.

توهان سيني جو

۳۰ ـ سيپٽمبر ۱۹۸۲

مان هيءَ ڪولي بدلائي ڪنهن ٻيءَ ۾ نئو وڃڻ گهران. جيتوڻيڪ هيءَ بين جي پيٽ ۾ اونداهي ۽ ڏتڙيل آهي، پر هاڻ مان هتان ڪڏهن ڪڏهن چنڊ کي چمڪندو ڏسي سگهان ٿو.

* * *

پاڪيٽ ريڊيو تي ڪا اجنبي اسٽيشن لڳي وئي آهي. اجنبي ٻوليءَ ۾ ڪو ڏکوئيندڙ گيت پيو ٻڌجي. خبر ناهي ته هيءَ گمنام ايل ٻي ڪنهنجي آهي! خبر ناهي ته ساز تي ڇرندڙ ۽ دل ۾ ارتعاش پيدا ڪندڙ آڱريون ڪهڙي رنگ جون آهن!

منهنجي ماءُ! منهنجي ڌرتي! مان ڪنهنجا ڪنهنجا هٿ چمان؟ هيءُ ڏکويل راڳيندڙ خبر ناهي ته تنهنجي ڪهڙي ڪک ۾ رنو آهي جو ساز سوري دل جو حال اوريو اٿس. نه ڄاڻي ڇپن تي ڪنهنجو گيت اٿس. ناظم حڪمت، نرودا، پوشڪن، ٽئگور ڪوبه ٿي سگهي ٿو ـ يا ممڪن آهي ته اهو منهنجر ٿي وڃايل ڪو گيت هجي!

۳ ـ آڪٽوبر ۱۹۸۲

ڪورٽ، هرهڪ ڪان بچاءُ جي شاهدن جي لسٽ گهري آهي. اسان جو ارادو آهي ته شاهدن جي اهڙي فهرست ٺاهجي جيڪا قانوني پيچيدگين کي حل ڪرڻ بدران سياسي لحاظ کان فائدي مند ثابت ٿئي. منڊ ڪان هن وقت تائين هر موڙ ۽ نئين صورتحال تي سيئي گڏجي هڪ راءِ سان ۽ طريقه ڪار

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

بابت ويچار ڪري پوءِ اهڙو ڪو قدم کڻندا آهيون جنهن سان مجموعي طور تي ڪوبه سياسي نقصان نه ٿئي ۽ ٻاهرين سياست تي ان جو اثر پوي. اسان سمجهون ٿا ته هن وقت تائين اسان انهيءَ ۾ ڪامياب ويا آهيون. سياسي نقطه نظر کان ويچار ڪرڻ بعد بيئل راءِ وڪيل صاحبن ڏانهن ويندي آهي جن کي اسان ”قانوني صلاح“ چوندا آهيون. هو تجويز ڪيل راءِ جي چڱي طرح تپاس ڪري يا ته جيئن جو تيئن قبول ڪندا آهن يا ڪجهه ترميمون ڪري ڏيندا آهن. خير! هن موقعي تي اجا ڪافي سوچ ويچار جي گنجائش آهي ڇو ته اسان وٽ ڪجهه وقت آهي. في الحال راءِ اها بيٺي آهي ته مارشل لا مخالف، سامراج دشمن، جاگيردار دشمن ۽ ايم آر ڊي ۾ موجود هر پارٽي جا اهڙا اهم ليڊر جيڪي اڳتي هلي تاريخي طور تي ڪابي ڏر جا ساٿاري ٿيڻا آهن، تن کي گهرائجي ته جيئن اهڙي راءِ عام تيار ٿئي جنهن سان سانت ٿئي. اسان کي اهو به احساس آهي ته هيءُ تمام ازکو، ڏکيو، اهم، صبر جو گهرجائو، تمام حساس پر ڪارائتو موقعو آهي - اڄ، ان جي ڪاميابيءَ جي واٽ فقط پريس جي تعاون منجهان ڦٽي ٿي. جيترو پريس تعاون ڪندي ۽ ٽيم ورڪ ٿيندو اوتري ئي يقيني ڪاميابي ملي سگهندي. هن وقت به مختلف سياسي حلقن مان وڏي حد تائين ڍيل ڍيل اکرن ۾، پروفيسر ۽ ٻين دوستن جي بيماريءَ جي حوالي سان سٺو رد عمل ملي رهيو آهي. اخبارون به سختين جي باوجود، جيترو ممڪن ٿئي ٿو، تعاون ڪري رهيون آهن.

۱۵ — آڪٽوبر ۱۹۸۲

ايمنسٽي انٽرنيشنل وارن خط لکي اسان کي ٻڌايو آهي ته اسان ”ضمير جا قيدي“ آهيون - شايد اهو اعزاز هجي. پر اسانجو خيال آهي ته ايمنسٽي وارن همراهن پنهنجي ڪردار کي توازن ڏيڻ لاءِ ڪوڙيون گوريون ڳنيون آهن.

’ضمير جو قيدي‘ هئڻ وڏي ڳالهه آهي. ان جي سرٽيفڪيٽ جو هئڻ اهم ناهي. ها، جيڪڏهن ڪنهن سرٽيفڪيٽ جي واقعي ضرورت آهي ته پوءِ پني جي چنڪيءَ تي لکت ۾ نه پر عوام جي خوبصورت دلين ۾ محفوظ هجي ته چڱو.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

## خبر

٢ ـ نومبر ١٩٨٢

ڄام ساقي ۽ سندس ساٿين طرفان بک هڙتال جي ڌمڪي. هنن بيگم نصرت ڀٽو کي علاج لاءِ ٻاهر موڪلڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

* * *

نہ پيارا! اڄ جڏهن مونکي هن عدالت ۾ وحشي ڏوهاريءَ جو ٺپو هڻي آندو ويو آهي، منهنجي ذهن ۾ڪوبہ تعجب جو نشان اپريل ڪونهي. پر سدائين وانگر ڪجهہ نوان سوال ڪر کڻي اٿي بيٺا آهن، جن مونکي نئين سر سوچڻ جي دعوت ڏني آهي. مان هٿڪڙيون پائي بہ سوچي رهيو آهيان. ڀلا ڪير آهي جيڪو مونکي سوچڻ کان روڪي سگهي!

* * *

اوچتو هُل ٿي ويو:

”مري ويندو ـ جهليوس! ـ مري ويندو ـ جهليوس!“ هرڪو ابهرائيءَ ۾ ڊوڙي، ڪولين مان ٻاهر نڪتو. شاهد، پٿر جي ديوار سان مٿو ٽڪرائي رهيو هو. پيشاني رتو رت ٿي وئي هئس.

”خبردار! ڪومنهنجي ويجهو نہ اچي!“ شاهد رڙيون پئي ڪيون.

”مرڻ ڏيوس! خبردار ڪو ويجهو نہ وڃيس!“ هيءُ ممتاز حوالدار هو.

”ڇاهي؟ ڇا ٿيو؟ ڇا ٿيو؟ اڙي جهليوس!“ هر طرف چِز ٻول ـ ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي آئي.

سياسي نوجوان اڳتي وڌيا. شاهد کي ڇڪي، ديوار کان پري ڪيائون. سندس پيشاني لال ٿي چڪي هئي ـ رت جون بہ ليڪون هوريان هوريان هيٺ سري رهيون هيون.

”هيءَ بہ ڪا زندگي آهي؟ هيءُ ٽڪي جو حوالدار ڏينهن ۾ ڏهہ ڏهہ ڀيرا زندگي زهر ڪرڻ اچيو پهچي ـ هيءُ آهي سياسي قيدين ڏانهن روئيو ۽ سڀ چپ ڪيو پيا سهن. شرم آهي سيني تي!“ هيءُ زخمي شاهد جو ڪروڌ سان ڀريل آواز هو.

شاهد، شاعر بہ آهي ۽ سياسي ڪيس ۾ بہ آهي. پر سياسي شعور کان وانجهيل، ڪنهن بہ تنظيمي پابنديءَ کان انڪاري آهي. خود پيپلز پارٽي (جنهن کي هو پنهنجي ماءُ چوي ٿو) جي پنهنجي ڪچي ڦڪي ڊسيپلن جي پابندي بہ نٿو ڪري جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ باوجود سيني سياسي نوجوانن جي ڪوشش جي؛ شاهد عملي طور تي سياسي حلقي مان نڪري اخلاقي ڏوهارين جي چنبي ۾ ڦاسجي ويو آهي. اخلاقي ڏوهاري، سماج ۾ ڪنهن بہ قسم جي سياسي تربيت نہ هئڻ ڪري جت پاڻ زندگيءَ جي اعليٰ قدرن کي پرکي نہ سگهيا ۽ پنهنجين محرومين کي چرس ۽ هيروئن جي دونهين ۾ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا اتي سندن چهري تي اپريل ظاهري ۽ فوري اطمينان وارو هرڪائيندڙ چار، هرهنڌ، خاص طور تي جيلن ۾ شاهد جهڙا ڪيئي نوجوان ڦاسائي وجهي ٿو.

عام طور تي سياسي تنظيمون سمجهن ٿيون تہ ’ڪارڪن‘ بدران ’غير ڪارڪن‘ تي ڪم ڪرڻ گهرجي. پر حقيقت ۾ ’ڪارڪن‘ وڌيڪ کان وڌيڪ تربيت ۽ نظرداريءَ جو مستحق آهي. نظرداريءَ جو مطلب اعتماد جي کوٽ ڪونهي، پر اها سندس سنڀال آهي - جيتري سندن سنڀال ۽ تربيت مڪمل هوندي، مستقبل ۾ سندس ’ڪم‘ اوترو ئي مڪمل هوندو - ٻيءَ صورت ۾ شاهد وانگر ٻين کي ميارون بہ پيو ڏيندو تہ ٻئي طرف ساٿين جو پاڻهن ٻيلي ٿيڻ بدران ماڳهين هڪ مستقل تڪليف ٿي پوندو.

ممتاز حوالدار، جت ٻي رحم ۽ طبعيت جو هلڪو آهي اتي ڪڏهن ڪڏهن سندس انساني رڳ بہ ڦڙڪي پوندي آهي - خبر ناهي ڇو جڏهن بہ ڪو سياسي نوجوان پڙهڻ ۽ پڙهائڻ بدران پنهنجو وقت ڪنهن غلط پاسي وڃائيندو آهي تڏهن هو بقول شاهد جي ، ”زندگي زهر ڪري ڇڏيندو آهي.“

٣ــ نومبر ١٩٨٢

منهنجي آڏو سمورين ڪولين جا دروازا واڳن جيان وات پٽي بيٺا آهن، جيڪي هر شام مون کي ڳهي هر صبح جو الٽي ڪري ڪڍي ڇڏيندا آهن.

هو نہ تہ مونکي ڳهي سگهن ٿا، نہ ئي ٻاهر ڏسي ٿا سگهن.

مان هر روز ڏاڙهونءَ جي ڇڏي ڇانوَ ۾ ويهي پنن منجهان سج جا ڇٽندڙ ڪرڻا ۽ ڏاڙهن جو ٽاريون ٽاريون ڪمزور جسم تڪ ٻڏي ڏسندو آهيان: ساوا پن، ڳاڙها گل ۽ هر ٽاري ڏاڙهن سان جهنجهيل ۽ جهڪيل.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

لحا تہ ڇاٽيءَ جيان هڪ هڪ ڪري اوندھہ جي جبل منجهان سونهري ذرڙن کي ڏار ڪري ٿاهيندا آهن نوان نوان ڏيگ ۽ روشنيءَ جا تجلا ڏيندڙ پهاڙ. ڪٿي ايئن تہ ناهي تہ تون تجلاٽيون ڏسڻ نہ ٿو گهرين؟ يا روشنيءَ جي سمنڊ ۾ لڙهي ويو آهين! ۽ تنهنجون اکيون پوڻجي ويون آهن. ۽ اوندھہ جي جبل تي چڙهي چمڙو ٿي ويو آهين ۽ عادي ٿي ويو آهين اونداهن غارن جو؟ يا حالتن آڏو جهڪي، گوڏا کوڙي ڪنڌ نمائي مُنين ۾ واري پري مٽي ۾ وجهي رهيو آهين؟

* * *

سچ ڇا هي؟ ڪٿي اکيرو جوڙيو اٿس؟ مان صبح کان سوچي رهيو آهيان. ادراڪ جا پنجوڙ پاتال کان آڪاس تائين اڇلايا اٿم. منهنجي ڪوليءَ جي بند دروازي تي پٺي آهي. ٻاهر ٻليءَ جا پونگڙا ڇالون هٽي ڪيڏي رهيا هئا ۽ هاڻ سپاهيءَ جي ڳري بوٽ جو آواز ٻڌي ٻوڙن ۾ ڇپ هٽي اکيون ٽمڪائي حيرت مان تڪي رهيا آهن. اهو ڪيڏو نہ وڏو سچ آهي.

۸ ــ نومبر ۱۹۸۲

تون جي ڳيرو هجين ها تہ عرب جي صحرا ۾ زخمن سان چور ۽ اڄ کان بيحال هجين ها!تون جي انسان هجين ها تہ مونسان قيد خاني ۾ گڏ هجين ها! تون جي ڪپڙو هجين ها تہ تنهنجي تارتار وجود سان انسان پنهنجا انگ ڍڪي سگهي ها! تون جي اَن هجين ها تہ منهنجي پندي خالي نہ هجي ها! تون رڳل محبوبہ جيان پرچين بہ نٿي ۽ ڪاڪ محل جي ڪڙڪيءَ تان هٽين بہ نٿي. هار سينگار ڪري انتظار بہ ڪرين ٿي ۽ ويجهو اچڻ بہ نٿي ڏين. اي ـ شانتي ! اي ـ آشتي ــ نرواڻ ــ مڪتي! نجات ــ يا ــ آزادي! تون امر بہ آهين ۽ اڃا تائين اجيت بہ. تون جيڏي سگهاري آهين اوڏي بي پرواهہ اوڏي اڏول ۽ هٺيلي. اڃا ڪيڏا تير هٽندينءَ؟ اگهاڙي ترار سان ڪيڏا سر ڪُهنديئين؟ خير! مان تہ حاضر آهيان باقي ٻين جي مرضي!

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۹ ـ نومبر ۱۹۸۲

جڏهن دِل ڏائڻ جي وات ۾ چهبجندي آهي
۽ دماغ جي رڳ رڳ
لهو لهو ٿي لڇندي آهي؛
جسم اٿليڪي جَڪيءَ ۾ چيپٽ ڪائيندو آهي
۽ اندر ۾ جذبا، لڙڪ ۽ دوريون
ڏڏ وانگر ولوڙجندا آهن.
جڏهن ذهن ۾ وچ ڪڙڪاٽ ڪندي آهي
۽ لوُن لوُنءَ ٿي ڪرندي آهي، تڏهن:
قلم منجهان مس ونڙي پوندي آهي
۽ تون پڙڪ پڌندو آهين.

* * *

نہ زيوس هڪ آهي ۽ نہ پروميٿس. اڄ، ڪيئي پروميٿس زنجيرن سان جبلن جي چوٽين تي وڏن چپن سان پڌا ويا آهن ۽ ڳجهن کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ اهي هر روز سند پيٽ چيري، جيرا ڪڍي چني چني کائين. پر ڪيستائين؟ هڪ ڏينهن هن ديس جو مچريل عوام بہ هر ڪيولس بڻجي ايندو ۽ پنهنجي چمڪندڙ سگهہ جي تلوار سان زنجيرون ٽوڙي ڇڏيندو.

۱۰ ـ نومبر ۱۹۸۲

هيءَ اهو سسيفس ناهي، جنهن اهو ڪجهہ ڪيو جنهن سان ڪجهہ پراپت نہ ٿيو. مون هومر جي اوڊيسيس جيان پنهنجي ديس سان پيار ڪيو آهي. منهنجو سفر ڪانئس مختلف ڪونهي.

منهنجي پينالوپ جون اکيون ايٿينا وانگر چمڪي رهيون آهن ۽ هوءَ منهنجي انتظار ۾ سهاڳ رات جو وڳو پائي ڪپڙو اُٽي رهي آهي.

منهنجي موت يقيني آهي. پوسيڊن جو ديوتائي غرور ۽ سگهہ پيار جي

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

چقمق آڏو گوڏا کوڙي چڏيندا. هو وڌ ۾ وڌ زيوس کي دانهن ڏيندو جيڪو خود اڪيلي سسيفس کي بہ هوڏ تان لاهي نہ سگهيو.

***

مان تنهن هوندي بہ خوش آهيان. قيد آهيان، پر پنهنجي ئي ديس جي ڪنهن ڪنڊ ۾ آهيان. ڏک آهي تہ رڳو ايترو تہ هاڻي مان نہ تہ ڪو مجسمو گهڙي ٿو سگهان، نہ ئي ڪو چِٽ چِٽي ٿو سگهان. مان پٿرن کي ڏسي سگهان ٿو، ڇُهي سگهان ٿو، چمي سگهان ٿو ۽ انهي هنجهہ ۾ سمهي سگهان ٿو پر منجهائن مورتي نٿو گهڙي سگهان. مان ڪينواس جهڙو ٿلهو ڪپڙو پهرڻ لاءِ مجبور آهيان پر ڪيس ڪاٺيءَ جي فريم ۾ مڙهي رنگ ۽ برش سان نئون روپ ڏيڻ منهنجي اختيار ۾ ڪونهي. اي ديس جي ڌرتي! تون محبت جي ايڏي ڪڙي پريڪشيا تہ نہ وٺ!

( اڄ مون سپرنٽنڊنٽ کان اجازت گهري هئي تہ مونکي مجسما ٺاهڻ جو سامان گهرائڻ جي اجازت ڏني وڃي. پر اجازت نہ ڏني وئي )

١١ ــ نومبر ١٩٨٢

جيجل ڌرتي!

هنن کي تہ جيڪي وڻي سو چون.

تون پنهنجو فيصلو ڏي!

مان ڪنڌ جهڪائي بيهان ٿو

وڻئي تہ وڍي ڇڏ

وڻئي تہ نراڙ چمي آشيرواد ڏي.

***

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

# سوجهرا ئي سوجهرا سارجو!

سوجهرا ئي سوجهرا
روشني ئي روشني
سارجو!
دوستو!
زندگيءَ جي راند ۾
اوچتو ئي اوچتو
ڪڏهن ياد جي پوان، ته
ٻه گهڙيون ئي سارجو!
ياد جي تار تي
دل جي تال سان
ديپڪ ئي ڪو ڇيڙجو!
تي سگهي ته سارجو!
درد جي خمار ۾
هڪڙو رول هو
پٿرن جي ديس ۾
مست هو الست هو!
ساقين جي ديس ۾
هجر جي شراب ۾
ٽُٻ هو!
عجب ڪو رند هو!
راتين جو رول هو!
دوستو!
رات جي اُماس ۾
ءِ اٿانگي پنڌ ۾
برانگهه تي، وڪ تي
پَل تي، اَپل تي
”سنگتي“ تو ساريان!
جوڳي ته ناهيان!
پر هي پيچرا
محبتن جي گيت تي

منڍ کان
زندگيءَ جو ساز هِن-
ڪڏهن هن راهه ۾
هلي هلي ڪري پوان!
ڪٿي ٻي مري پوان!
ءِ اتفاق سان
جي اوهان نڏي ونو!
هڪ وار دوستو!
هڪ وار-
هڪ وار سارجو!
ياد جي تار تي
ٻه گهڙيون ئي سهي
ديپڪ ئي ڪو ڇيڙجو!
تي سگهي ته سارجو!
زهر ئي پيارجو!
تي سگهي ......
جيڪڏهن تي سگهي ...!!

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

مون سڄي رات جاڳي ڪاٽي آهي.
۽ پل پل مان وِهه نپوڙي پيتو آهي.
شفق جي ڳِتن تي لالاڻ پکڙجي وئي آهي
مان ننڊاکڙين اکين سان
چمڙن ۾ ٽاڪوڙ ڏسان پيو
مون کي ننڊ ڪرڻ گهرجي......
ڇا واقعي مونکي ننڊ ڪرڻ گهرجي؟

* * *

لڪڙي جل ڪوئلہ ڀئي، ڪوئلہ جل ڀيو راک
مين پاپن ايسي جلي ڪہ ڪوئلہ ڀئي نہ راک
(ڪبير داس)

* * *

۱۳ــ نومبر ۱۹۸۲

برزنيف ۱۰ نومبر تي گذاري ويو سندس انتقال جي خبر ڪان ڪافي اڳ هو منظر عام تي نہ آيو هو. آڪٽوبر انقلاب واري سالگرهہ پيري بہ ريڊ اسڪوائر نہ آيو. اها ڳالهہ سڄي دنيا محسوس ڪئي هئي. حد اها آهي تہ آغا اشفاق خان بہ محسوس ڪئي هئي. سندس خيال هو تہ روسي ۽ ڪميونسٽ ماڻهو فطرتاً ايترا محتاط آهن جو رواجي رواجي ڳالهين کي بہ لڪائڻ جا عادي ٿي ويا آهن. جڏهن برزنيف جي وفات جي خبر پهتي تہ سڀ کان پهرين آغا صاحب افسوس جو اظهار ڪيو. چار ساقي ڪيس جي هڪ هڪ 'مُلزم' وٽ ويو ۽ تعزيت ڪرڻ کان پوءِ هڪدم پڇيائين، ”هاڻي ڪير ايندو؟“ جڏهن اسان ڪيس ڪجهہ بہ ٻڌائي نہ سگهياسون تڏهن ڏاڍو مايوس ٿي چيائين، ”توهان کي بہ نہ ٿا ٻڌائين! اهڙي بي اعتباري ڇو ٿا ڪن؟ انهن جي پارٽيءَ ۾ ڪير شامل ٿيندو؟“

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

آغا ڪانپوءِ ڊاڪٽر مولا بخش، پرويز شاهه، بس ڪيس وارا، هائجيڪنگ ڪيس وارا ۽ ٻيا ايڪڙ ٻيڪڙ سياسي ماڻهو هڪ هڪ ٽي يا گروپن جي صورت ۾ ايندا ويا ۽ تعزيت ڪندا ويا. لڳي ٿو ته سڄي قيد خاني جي دنيا (انتظاميه سميت) چام ساقي ڪيس وارن کي برزنيف جو اصلي وارث قبول ڪيو آهي.

۱۵ ـ نومبر ۱۹۸۲

تنهنجو ڏنل گلاب پن پن ٿي ڇڻي ويو آهي ۽ مان ان جا سڪل پن سنڀالي نه سگهيو آهيان. نه تون الف ليليٰ جي ڪوهه قاف جي پري آهين، نه مان سيف الملوڪ وانگر ڪو شهزادو آهيان ۽ نه ئي تنهنجي ۽ منهنجي پيار جو ساهه ڪنهن گل ۾ قيد آهي. ها.....! اڄ به منهنجي من ۾ تنهنجي ڏنل گلاب جو هڳاءُ ۽ رنگ ۽ اها ڇمي جا مون کيس ڏني هئي: سڀ ڪجهه پهرين ڏينهن وانگر نکور نرم ۽ لطيف آهي. سڀ صفتون ۽ جذبا اوڏا ئي سجاڳ ۽ سچيت آهن جيڏا سچ جا ڪرڻا، هر روز.

* * *

تنهن ڏينهن، ايس. ايم. ايل. اي. برگيڊيئر جلال کي شوق ٿيو، سو جيل جي رائونڊ تي آيو. ڪي ڪي قيدي رائونڊن تي خوش ٿيندا آهن ڇو ته کين غلط فهمي هوندي آهي ته ايندڙ آفيسر سندن لاءِ ڪجهه ڪري سگهندو. پر اڪثر قيدي جيل انتظاميه وانگر اهڙن دورن کي پنهنجي ڪم ۽ ذاتي دنيا ۾ بي جا مداخلت ڀانئيندا آهن. لالي افضل (جيون قيدي) جي لفظن ۾، ”جنهن کي ڏسو پڇ بغل ۾ وجهي جيل پڳو بيٺو آهي“. لالو سندن سرڪاري ورديءَ واري ڏنڊيءَ کي ”پڇ“ چوندو آهي. سندس ڪاوڙ بالڪل صحيح آهي. ڀلا سندن آمد سان قيدين کي ڪو فائدو پهچي ته پوءِ اکين تي! پر بي سبب ڪنهن جي خاموش دنيا ۾ اچي طوفان مچائي هليو وڃڻ ڪهڙي چڱي ڳالهه آهي؟ سو برگيڊيئر آيو. پهرين ڪوٺي افضل جي آهي، ٻه منٽ ساٿس ڪچهري ڪيائين. ٻي ڪوٺي في الحال آغا اشفاق خان جي ملڪيت آهي. آغا سان مليو ئي مس ته هو ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويس، ”ظلم آهي... ناانصافي آهي... هڪ سال ٿي ويو آهي... ڪيس نٿو هلي... مان پوليس سب انسپيڪٽر آهيان... الزامن جي خبر نٿا ڪن... وغيره وغيره.“ سپرنٽنڊنٽ جي بار بار تنبيهه جي باوجود سندس آواز جهڪو نه ٿيو. ايئن پئي لڳو ته چڙ آغا دانهن ڏيڻ بدران ڌمڪيون ڏيئي رهيو هجي. پوءِ، منهنجي ڪوٺيءَ جي در

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

تي بيٺو، غور سان پيرن کان مٿي تائين ڏٺائين، ”تو جهڙو پلو نوجوان هت ڇا پيو ڪري؟“ مون چيو، ”مان باغي آهيان!“ ”اوهه! توکي ڪهڙي ضرورت پئي نوجوان؟“ برگيڊيئر وري چتائي ڏٺو. مون چيو، ”اهو ته وقت فيصلو ڏيندو!“ قاضي ممتاز کان رهيو نه ٿيو. هڪدم چيائين! ”سر! هي ليفٽسٽ آهي، ڇا م ساقي ڪيس وارو!“ ”اوهه! اڇا اڇا!“ هن پيري سندس ”اوهه“ ڏڳهي هئي. پوءِ هو مرڪندو هليو ويو. چوٿون نمبر پرويز شاهه جو، پنجون صمد چرئي جو ۽ ڇهون ڊاڪٽر مولا بخش جوٽيجي جوآهي. ڊاڪٽر به ٺيڪ ٺاڪ شاعري پڙايس. برگيڊيئر صاحب ڏاڍو متاثر ٿيو. سچ پچ هن صرف اهو هڪ وارڊ ڏسڻ ۽ پڙڻ کان پوءِ باقي دورو ملتوي ڪري ڇڏيو. سڄي جيل جي قيدين آغا کي مرثيئه تي شاباس ڏني آهي.

١٦ ـــ نومبر ١٩٨٢

ڇا چيئه! پٿرن جون ديوارون!؟...

نه، منجهن ايڏو بل ۽ چيٽ آهي ئي ڪونه جو ڪنهن جو جسم،

سوچ يا ساهه ڇٽي يا پوساٽي سگهن.

* * *

مان گمنام اونداهين جي پيٽ ۾ پوٽو پوکي رهيو آهيان. جڏهن سج اڀري ايندو تڏهن ڪي ڏسندا ته وچ ميدان ۾ گل مهر پنهنجي گهري ڇانوَ هيٺ ڪين پناهه ڏيو بيٺو آهي.

* * *

آسڻ وٽ آهون ڪيان وس نه منهنجي وات

لڳم لاهوتين جو ڪينر منجهان ڪات

هلڻ کي هيهات، آءٌ نه جيئندي ان رِي.

(رامڪلي)

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۱۶ ــ نومبر ۱۹۸۲

پروفيسر جمال نقوي جي بيماريءَ سبب عدالت سکوري پريشان آهي. ان ڪري نہ تہ سندس صحت جو بهتر يا خراب حال آهي؛ پر ان ڪري تہ ڪيس جي ڊيگهہ ڪيس کي ڪمزور ڪري رهي آهي. پوڻا ٽي مهينا انتظار ڪرڻ کان پوءِ سرڪار فيصلو ڪيو آهي تہ في الحال پروفيسر کي سندس حال تي ڇڏي ڪيس اڪلائي وڃي. جبار خٽڪ ۽ پروفيسر کي هيٺي مرحلي ۾ ڏنو ويندو. ايئن ناهي تہ ڪو پروفسير سان ڪا رعايت ٿي آهي. پر درحقيت هو وڏيڪ عرصو بيماريءَ جي حالت ۾ رهندي بہ اندر ٽرائل رهندو ۽ جيئن ئي سندس صحت بهتر ٿي، هڪدم ڪيس هلايو ويندو.

* * *

ممتاز برنيءَ کان عدالت سکوريءَ جي پريزيڊنٽ پڇيو، ”ٻڌاءِ تہ هي شخص (آءُ) هت ڇو ويٺو آهي، مونکي اڄ تائين اها پرولي سمجهہ ۾ نہ آئي آهي.“ برنيءَ صاحب جواب ڏنو ”جناب! اسان هن کي شڪ ۾ پڪڙيو هو.“ ڪرنل پڇيو، ”ڪهڙو شڪ هو؟“ جواب ڏنائين ”ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مالي مدد ڪرڻ جو.“

”پوءِ ؟“

”جناب! ڪا شهادت نہ ملي سگهي آهي.“

” پوءِ، تو ڪيس ڇڏيو ڇو نہ؟“ ڪرنل حيرت مان پڇيو هو.

”جناب منهنجي وس ۾ ڪونہ هو. توهان ڇڏي سگهو تہ ڇڏي ڏيو.“

۲۳ ــ نومبر ۱۹۸۲

پيارا منگي!

عجيب دنيا ۾ جنم ورتو اٿئون، ڇو تہ هتي ڪنهن ڏڪوئيندڙ واقعي جو وجود وٺڻ ڏوهہ ناهي، اک جو تنهن واقعي کي ڏسڻ ڏوهہ ناهي،پر ان واقعي کي ڏسڻ کانپوءِ دل تي اثر وٺڻ ڏوهہ آهي. پر ڇا ڪاڻ تہ دل ۾ لهڻ سولو ناهي تنهنڪري ’ڏوهہ‘ ثابت نٿو ٿئي. جيڪڏهن تون مان ڪروشي جا پوئلڳ هجون ها تہ وڏن جهنجهٽن کان بچي پئون ها.ڇاڪاڻ تہ هن جي خيال ۾ تخليقي عمل اتي پورو ٿي وڃي ٿو. پر پاڻ ٿياسون نانگ ڪاڏل، جيسين اظهار نہ

ڪيون تيسين سک نہ ٿيسون. بس! سچو عذاب اتان شروع ٿئي ٿو. واقعي! 'عشق نانگ نپٽ خبر ڪاڏن کي پوي.' تو اظهار ڪيو ناهي ۽ وٺ وٺان ٿي ناهي! اها وٺ وٺان زهر جي اثر جي نہ، لئين جي بي آهنگ آوازن جي هوندي آهي. ننڍي هوندي استادن سچ ڳالهائڻ جي سکيا ڏني هئي. اڄ سچ ڳالهايان ٿو تہ هو چون ٿا تہ مان سچ نہ ٿو ڳالهايان. سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ڇا ڪجي؟ اظهار ۽ چپ جي انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ اهي لفظ نٿا ملن جيڪي منهنجي اندر جي ڳالهہ تو تائين پهچائين. مان محفوظ لينڊنگ لاءِ مضبوط پرن سان هوا جي ڪلهن تي وزن رکڻ گهران ٿو. گهٽئي ڳالهيون، گهٽئي ڏک، گهٽئي نياپا، گهٽئي اميدون، ڇا ڇا لکان!؟ بيهہ! پناڻيءَ جو بيت هُري آيو اٿم،ٿورو ويچار ڪجانءِ سڀ سمجهي ويندين:

"پانڌي پرين پنهوار کي، چيم تيئن چئيج
سندا سنگت ڏينهڙا، ور م وساريج
ڪوٺين ڪُني آهيان، سِگهي سار لهيج
مٺ مانڊاڻي مجيج، تہ نيرن ۾ نئون ڪيان."

ادبي صفحي لاءِ آزاد نظم موڪلجي ٿو. ويجهو ڪو نقاد ڪونهيم. تنهنجي تنقيد جي آجيان ڪندس پر هڪ ٻيو مسئلو بہ اٿم، في الحال ائڊريس جي معاملي ۾ بي گهر سمجهہ.

ڏاڍي سڪ مان

تنهنجو

امرتا پريتم جو خيال آهي تہ شاعر ديپڪ (قفنس) هوندو آهي. پنهنجي ئي سر جي سوز مان آڳ جا اُلا پيدا ڪندڙ پکي. جيڪو پوءِ انهن ئي شعلن ۾ سڙي رک ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ ساڳي رک منجهان مينهن جي مند ۾ ٻيهر جنم وٺي وري سر سنگيت کي جنم ڏيئي ٻيهر رک ٿي ويندو آهي. شاعر پاڻ کي سمورن سرن جي دنيا ۾ گم ڪري ڀوڳنا جي باهہ ۾ اڇلائيندو آهي ۽ هر دور ۾ جنم وٺي پاڻ کي هر دور ۾ ساڙيندو آهي.

٢٧ ـ نومبر ١٩٨٢

ڪرنل، بچاءَ واري بيان جي تياريءَ لاءِ اڳواٽ ئي زباني نوٽس ڏنو آهي. ڇا مونکي بيان ڏيڻ گهرجي؟ نہ، مان پنهنجي بچاءُ ۾ ڪجهہ بہ نہ چوندس. منهنجو نقطہ نظر سيني جي آڏو آهي، مان فيصلو ايندڙ نسلن تي ڇڏيان ٿو. وٽين تہ مونکي پيار منجهان ڳرانڙي پائين يا نفرتن جي تابوت ۾ وجهي هميشه لاءِ دفن ڪري ڇڏين.

* * *

مان تہ فقط ايتري ڳالهہ ٿو چوان تہ انسان جو پورهيو ۽ پگهر دنيا جي هر قانون کان اُتم آهي ـ ان ۾ ڇرڪڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي!؟

* * *

اٺ ڏهہ ڇٽا آهن. گورا ڇٽا، جان ۾ پورا پنا، جينز جون پتلونون ـ پڳل ٽٽل انگريزيءَ ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا:

”اسان پهرين جنيوا يا روس ۽ پوءِ آمريڪا ويندا سون. شاهہ ايران چڱو ماڻهو هو ـ آيت الله آهي ـ هيڏا سارا سال ٿي ويا آهن تہ ڪاليج بند آهن ـ اسان ڊاڪٽري يا انجنئرنگ پڙهي آمريڪا ۾ رهي پونداسين“

”ڪيانوري، ٺيڪ ماڻهو آهي پر اسان سياستدان ناهيون، اسان ڪنهن مصيبت ۾ ڦاٽا پوڻ گهرون“ ـ

ايران عراق جي ڊگهي لڙائي، واقعي ايران جي اندروني صورتحال جي سڌاري ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. عام ماڻهن شهنشاهہ کي ان لاءِ تہ نہ ڪڍيو هو تہ سڄي قوم عراق سان جنگ ۾ مشغول ٿي سڄي معاشيات تباهہ ڪرڻ ۾ جنبي وڃي. ڪيانوري ۽ تودهہ پارٽي وارا ڪيترا بہ چڱا مڙس ڇو نہ آهن ،پر في الحال تہ آيت الله سڀڳورن جي مرضي آهي.

ايران پنهنجي سياسي منظر ۾ آمريڪي سامراج ۽ شهنشاهيت کان تہ آجو ٿي چڪو آهي پر محسوس ايئن پيو ٿئي تہ ملڪ ۾ اندروني طور تي سامراج دشمن مزدور قوتن مٿان جنوني ملائيت ۽ بيروني طور تي آمريڪي ۽ برطانوي سامراجي قوتون وري جاءِ ولاري رهيون آهن. ايراني پارليامينٽ ۽ وزارتي حڪمن جو تضاد، هڪ ئي حڪومت ۾ ٻن حڪومتن جو پتو پيو ڏئي، جن مان لڳي ٿو تہ آيت الله خمينيءَ جي حيثيت هاڻ فقط ”ڇهري“ جي

رهي آهي.

ايراني عوام تـ پنهنجي سگهہ سان آمريڪا کي ڪڍي ٻاهر ڪيو آهي پر سامراجي ڌر برطانوي پاسپورٽ ۽ معيشت جي آڌار تي گهڙي رهي آهي. عوامي ڌر جي خواهش آهي تـ جنگ بند ڪئي وڃي تـ جيئن معاشي ترقيءَ جو سامراجي پاليسين کان آجو نظام قائم ٿئي پر برطانوي ڪئمپ جي گهرج اها آهي تـ هنگامي حالتون برقرار رهن تـ جيئن ملڪ ترقيءَ جو غير سرمائيدارڻو رستو نـ اختيار ڪري وڃي. ايران - عراق جنگ جوخاتمو نـ ٿيڻ ڪري عوام ۾ بي يقيني، بيچيني، بيزاري، غير محفوظ هئڻ جو احساس ۽ انتشار برابر وڌي رهيا آهن. ان هل هنگامي جي اٿندڙ ڌوڙ مان مزدور دشمن قوتون پورو فائدو وٺي رهيون آهن.

٣٠ ــ نومبر ١٩٨٢

جڏهن، رات درد اوري نـ سگهندي آهي ۽ سورن جون سٽون نـ سهي روئي پوندي آهي، تڏهن مان سندس ڳلن تان لڙڪ ڦڙو ٻڌجي چپ چاپ گلاب جي پنکڙيءَ تي ڪري پرندو آهيان. ۽ اڻڄاڻ دنيا مونکي ماڪ ڦڙي جو نالو ڏيندي آهي. ماڪ ڦڙي جي ڪهڙي هستي آهي؟؟ مون وٽ پرهہ ڦٽيءَ جوگلابن جي پوتر سرين جي شيرا لاءِ بيو ڪجهہ آهي ئي ڪونـ. تون منجهن جا سونهن ۽ سڳنڌ پسين ٿو سا مون ڪين پنهنجو وجود وڃائي ڏني آهي. پر تعجب آهي تـ تون بي او ڳل جا مها سيوڪ! چوين ٿو تـ مان پاپي آهيان!! ۽ڳلن جو بي رحم قاتل آهيان. منهنجا محنت ڪش مالهي دوست تنهنجي هٿن جو پورهيو گلابن کي نازڪ وجود ضرور ڏيندو آهي پر مان درد جي ڪڪ مان پاڻ کي نپوڙي ڪين محبت جو پاٽي ڏيندو آهيان. منهنجا ناراض ساٿي!مڪڙي تڏهن ٽڙندي آهي ۽ ڳل تڏهن جوڀن جو رقص ڪندو آهي جڏهن محبت جو پاٽي سندس سرير کي ڇهندو آهي.

(ڊاڪٽر مولابخش مون تي الزام لڳايو آهي تـ اج مون سندس لڳايل بوٽي مان گلاب پٽيو آهي)

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۵ ـ ڊسمبر ۱۹۸۲

شفيع محمدي جيئن تہ هڪ ئي وقت ۾ اهم سياسي ڪيسن يعني چار ساقي ڪيس ۽ پي آءِ اي هائجيڪنگ ڪيس ۾ پيروي ڪري رهيو آهي تنهنڪري سياسي قيدين جو ٻاهرين دنيا سان وڏي حد تائين رابطي جو ذريعو بہ آهي. شفيع، اسان واري ڪيس ۾ منهنجي پاران ۽ هائجيڪنگ ۾ ناصر بلوچ پاران وڪالت نامو داخل ڪيو آهي.بهرحال، شايد انتظاميہ ان ڳالهہ کي محسوس ڪري ورتو آهي تنهنڪري شفيع محمديءَ کي ملاقات لاءِ اندر اچڻ نہ ڏنو ويو. ڪيس چيو ويو آهي تہ هو هوم سيڪريٽريءَ کان اجازت وٺي اچي. شفيع محمديءَ جو چوڻ آهي تہ هوم سيڪريٽري پنهنجي لاچاري ڏيکاري ڊي. ايم. ايل. اي کان اجازت وٺڻ لاءِ چوندو. تنهنڪري هو ڪيڏانهن بہ نہ ويندو، پر واسطيدار عدالتن جي نوٽيس تي اها ڳالهہ ضرور آڻيندو.

۷ ـ ڊسمبر ۱۹۸۲

ممتاز برني، انويسٽيگيشن آفيسر جي حيثيت ۾ عدالت ۾ بيان ريڪارڊ ڪرايو آهي. ان بيان جو هيٺيون حصو ڪيڏو نہ دلچسپ آهي! چوي ٿو، ”بدر ابڙي جي آفيس مان ڪجهہ بہ هٿ نہ آيو آهي پر گهر مان مليل هڪ فائل مان چار ڪارڊ هٿ آيا آهن، جن تي ڇپيل تصوير پاڪستان جي نظرئي جي خلاف آهي.“ ـ ڇهني ڪارڊن تي ساڳي پرنٽ ٿيل هئي. تصوير ۾ فقط اهو ڏيکاريو ويو هو تہ هڪ ماڻهوءَ کي ڦٽڪا لڳي رهيا آهن. ان ماڻهوءَ جو هڪ هٿ اذيت کان مٿي کڄيل آهي ـ مٿي آسمان ۾ سج آهي ـ تصوير جو عنوان هو ”پاڪستان“ ـ ممتاز برني ان تصوير منجهان بہ هڪ ڪهاڻي ڪڍي ورتي. چيائين، ”ڦٽڪا کائيندڙ ماڻهو ڳاڙهي سج يعني ڳاڙهي روس کي مدد لاءِ پڪاري رهيو آهي ـ“ برني کان اڳ مهربان واڳون (مخدوم حيات) شاهدي ڏيندي انهن ڪارڊن کان وڌيڪ منهنجي اها ڪهاڻي سڀ کان وڌيڪ اعتراض جوڳي ٻڌائي هئي جيڪا ”پٿرن جا قيدي“ جي عنوان سان هلال پاڪستان جي ادبي صفحي ۾ ڇپي هئي (مخدوم سنڌيءَ ۾ اکر بہ نہ پڙهي سگهندو آهي)

(پٿرن جا قيدي بعد ۾ سنڌوءَ ۾ ”پند پاڻ“ جي نالي هيٺ ڇاپي وئي)

۸ ـ ڊسمبر ۱۹۸۲

جام ساقيءَ بچاءَ جي شاهدن جي لسٽ جمع ڪرائي آهي. نالا گهڻا نه پر فقط ۱۲۰ آهن. اها لسٽ جمع ڪرائڻ مهل جام ڪرنل کي چيو، ”ڪرنل صاحب! توهان سرڪاري شاهد به ڏنا هاڻ اسانجا به ڏسجو. سرڪاري ڊر ته رڳو ۲۵ شاهد آندا آهن. جيڪڏهن توهان وٽ وقت هجي ته اسان سڄي پاڪستان کي شاهديءَ لاءِ درخواست ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.“

۲۸ـ ڊسمبر ۱۹۸۲

سرڪاري شاهد ختم ٿي ويا آهن ـ بچاءُ وارن بيانن جو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي. تنهن ڪانپوءِ بچاءَ جا شاهد هلندا، جيڪي لڳ ڀڳ پنجاهه هوندا. ان ڪانپوءِ اسانجو ڪم ختم ۽ وڪيل پنهنجا قانوني دليل ڏيندا. پوءِ ايندڙيون سزائون، پر سيني کي نه. آخر، انصاف به ته ڏيکارڻو آهي نه! هونئن به ڪيس تمام ڪمزور آهي.

۱ ـ جنوري ۱۹۸۳

سچ جي راهه جا پانڌيئڙا!

اڄ جڏهن تو به ڪوڙ جي ديو جو پيٽ قلم جي نوڪ سان چيري ڪيس زخمي ڪري وڌو آهي... ۽ اڄ جڏهن، هن تنهنجي قلم تي زنجير وجهي توکي به ديوار ۾ مڙهي ڇڏيو آهي... ۽ جڏهن اڄ، ٿئين سچ ڪنيون ڪڍيون آهن تڏهن دل ته گهري ٿي ته توکي اونداهين جي هنن ويران ۽ لڳاتار ٻيٽن ۾ ڪٿان روشنيءَ جو ڪرڻو آڻي ڏيان. ڌرتيءَ جي گولي مٿان هن ئي بوءِ گل لاءِ ڪٿان زندگيءَ جي خوشبوءِ آڻي ڏيان... تنهنجي لاءِ ڪا گوتم جي مورتي ئي گهڙيان پر... هن پٿرن جي دنيان ۾ ڪو اهڙو پٿر به ناهي جنهن کي ٽڪجي... ٿئين ساز تي توکي ڪا ڌن ئي ٻڌائجي ها پر... منهنجن هٿن مان به سر سنگيت جو دشمن، ساڳيو ئي ڪوجهو ديو، ساز ڦري ويو آهي.

ساٿي! ذهن ۾ سوچون ايئن سرجي رهيون آهن، جيئن گرڀ ۾ ٻار سرندو آهي. هيءُ ڪهڙو دور آهي؟ ڪهڙو ديس آهي؟ ترس!...هڪ لحو ترس...! ڪجهه ڳولهيان ٿو...ڪجهه ڳولهيان ٿو. اڄ جي اخبار مان توکي ڌرتيءَ جي ڪنهن بيروت جي گهٽيل گهٽيءَ ۾ بارود ۽ باهه کان گهبرايل ڪنهن ٻار جي ڪائي تصوير آڻي ڏيان ٿو...!

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

٣ ـ جنوري ١٩٨٣

اسان جو ڪيس ذري گهٽ پورو ٿي چڪو آهي. سياسي نوعيت جو پيو اهم ڪيس پي آءِ اي هائجيڪنگ وارو آهي - جنهن نموني سان سندن ڪيس هلايو پيو وڃي تنهن مان سمجهجي ٿو تہ ان جو فيصلو تمام سخت ايندو. اسان جو خيال آهي تہ هيءُ پهريون سياسي ڪيس هوندو جنهن ڪان عدالتي حڪمن هيٺ سياسي قتلن جي ابتدا ٿيندي. سڀ ڪان وڌيڪ سخت ڪيس ناصر بلوچ، ايوب ملڪ ۽ عيسيٰ بلوچ تي بيٺو آهي، پر سيف الله خالد ۽ رسول بخش لاهوتيءَ تي بہ سوچي سمجهي ڪيس ٺاهيو ويو آهي. ڏاڍو مشڪل آهي تہ ڪنهن بہ هڪ تان سزا جي سختي لهي. ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ هڙئي بهادر نوجوان آهن، ڪلٽا ۽ يار ويس. ناصر بلوچ کي سڀ ڪان وڌيڪ احساس آهي تہ ڪيس ڦاسي ملٽي آهي. پر مجال آهي جو سندس چهري مان ڪا اهڙي لڪا بہ ملي وڃي! تنهن ڏينهن حسن ناصر جو ڏينهن ملهايو ويو هو. ڪافي وڏو اجتماع ڏسي چيائين، ”يار هڪ ڏينهن ايندو جو توهان ناصربلوچ جو ڏينهن بہ ملهائيندا. جيڪڏهن هيڏا ماڻهو جمع ٿين تہ ڦاسي ڪائڻ جو شوق پيدا ٿيو پوي!“ ناصر بلوچ اسٽيل مل ۾ ڊرائيور آهي، عيسيٰ سندس ويجهو عزيز آهي؛ جنهن جي ڊيوٽي هوائي اڏي تي هئي. سيف الله خالد لاڙڪاڻي جو نوجوان آهي. لاهوتي، جنهن کي سيئي ماما چوندا آهن ٺپ غير سياسي مگر پُٺي جو عاشق آهي. ڪيس قبرستاني بہ چوندا آهن جو سندس پيشو گورڪني آهي. سرڪار چوي ٿي تہ هن هڪ قبر ۾ اسلحو لڪائي ڇڏيو هو - هڪ طرف نوجوانن جي همت جو اهو مثال آهي تہ ٻئي طرف الذوالفقار ۽ هائجيڪنگ جي حوالي سان سرڪار سڄي ملڪ ۾، ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ جيڪا وٺ پڪڙ جاري رکي آهي اُن جو ايترو تہ پڙ وينل آهي جو الذوالفقار جي قيدين جي پاران ڪوبہ وڪيل ڪيس نٿو ڪٽي - جنهن ڏانهن نياپو ڪجي ٿو، تنهن جا ڊيڄر ڊيرا ٿيو وڃن. پيپلز پارٽيءَ جي صفن مان گهٽئي وڏا نالا لکي سگهجن ٿا: جيڪي وڪيل آهن. پر سندن جواب هانءَ ساڙيندڙ آهن. پيپلز پارٽيءَ جي هاءِ ڪمان وڪيلن جي هڪ ٽيم مقرر ڪئي هئي جيڪا هاءِ جيڪنگ جي هر هڪ قيديءَ پاران وڪالت نامو داخل ڪري ها، پر ڪنهن نہ ڪيو سواءِ شفيع محمديءَ جي؛ جيڪو پيپلز پارٽي جو ميمبر بہ ناهي ـ پرصرف سڏ تي تيار ٿي بيٺو آهي.

اسان وارو ڪيس بہ منڍ ۾ بند ڪمري ۾ هلايو ٿي ويو پر مڪمل بائيڪاٽ پاليسي ۽ پريس سان ڪنهن نہ ڪنهن ريت رابطي جي ڪري بند ڪمري جي ٻوساٽ ختم ٿي هئي، پر تڏهن بہ فقط ويجهن مائٽن ۽ دوستن کي

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

اچڻ جي اجازت ملي هئي - هائجيڪنگ وارن تي سختي گهٽجي نہ سگهي، انجو سبب سياسي حلقن جي ٻي حسي ۽ اخبارن تي سختي آهي.

۸ – جنوري ۱۹۸۳

امر لال ۽ مون پنهجو بيان عدالت ۾ لکرايو آهي. امر جي لهجي ۾ نوجوان انقلابين واري سختي هئي ۽ مون وٽ بقول سهيل جي شاعراڻي نرمي. سمورن انقلابين ۽ سياستدانن کي مون تمام ڏکين حالتن ۾ بہ وڏيڪ پر اميد ڏٺو آهي. شايد انڪري ئي امر جو اسٽائيل اهو آهي. هوئن بہ هيءُ ساٿي پنهنجي ڪم جي انداز کان ”لِٽل اِسٽالن“ آهي.

بهرحال، شيخن جي پٺيان هئڻ جو هيءُ تجربو سٺو رهيو. مان انهن جو ٿورائتو آهيان جن مونکي حياتيءَ جا ڏک ۽ انهن خلاف جدوجهد کي پنهنجَين اکين ۽ سمورن حواسن سان محسوس ڪرڻ جو ههڙو موقعو ڏنو. مان هنن جو ان لاءِ بہ ٿورائتو آهيان تہ هنن مونکي پنهنجا تجربا ڪهاڻين ۽ شاعريءَ ۾ لکي سگهڻ جي وٿي بہ ڏني. شايد، ايندڙ نسل انهن تحريرن ذريعي پنهنجو ڳاڙهو ماضي ڏسي سگهي. شايد اهو ئي هڪ ذريعو آهي جنهن سان ڪوبہ آرٽسٽ يا ليکڪ پنهنجي حياتيءَ جو قرض لاهي سگهي ٿو.

* * *

مولانا ابوالڪلام آزاد

پريزيڊنسي جيل ڪلڪتي ۾ - انگريز مئجسٽريٽ آڏو

۱۱ – جنوري ۱۹۲۲

”مسٽر مئجسٽريٽ! هيءُ تاريخ جو هڪ دلچسپ ۽ حيرت انگيز باب آهي، جنهن جي ترتيب ۾ تون ۽ مان هڪ جيترو مشغول آهيون. منهنجي حصي ۾ مجرمن جو ڪٽهڙو آيو آهي، تنهنجي حصي ۾ مئجسٽريٽ جي ڪرسي. مان مڃان ٿو تہ انهيءَ ڪم لاءِ اها ڪرسي بہ اوتري ضروري آهي جيترو هيءُ ڪٽهڙو. اچو تہ اهو يادگار ۽ افسانو بڻجندڙ ڪم جلد ختم ڪريون. مؤرخ اسان جي انتظار ۾ آهي، مستقبل ڪڏهونڪر آسمان جون واٽون پيو نهاري. اسان کي جلدي جلدي هت اچڻ ڏي ۽ تون بہ ٽڪرو ٽڪرو فيصلو لکندو رهہ. ڪجهہ ڏينهن تائين اهو ڪم جاري رهندو، ايستائين جو هڪ ٻي عدالت جو در کلندو، اها خدا جي قانون جي عدالت آهي. وقت انجو جج آهي، هو فيصلو لکندو ۽ ان جو ئي فيصلو آخري فيصلو هوندو.“

۱۲ ـ جنوري ۱۹۸۳

مختلف اخبارن ۾ ”جام ساقي ڪيس“ جي خلاف سخت پروپيگنڊا شروع ٿي وئي آهي ـ خاص ڪري جنگ، نواءِ وقت ۽ جسارت جا پنا جهاد في سبيل الله ۾ شامل آهن. شايد اهو سڀ ڪجهه بہ ذهني چڙ ۽ سماج ۾ ٿيندڙ ٿئين سر ڏر بنديءَ جو منطقي نتيجو آهي. هڪ اهڙو منطقي نتيجو؛ جنهن مان حيراني گهٽ، ڳڻتي وڌيڪ ڪکي ٿي.

اڄوڪي ’جسارت‘ ۾ محمد موسيٰ ڀٽي ”جام ساقي اور ان ڪے ساٿيون پر مقدمہ“ جي عنوان سان سنڌ ۾ هاري ڪميٽيءَ جي تاريخ جاگرافيءَ (۱۹۳۱ عيسوي) کان وٺي اڄ تائين ـ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، چيئمل پرسرام، جمشيد مهتا ۽ جي ايم سيد کان اڄ تائين جي پنجن ڪالمن واري مضمون ۾ ڪابي ڏر جي سڄي ساري تاريخ سموئي ان سڄي تاريخ کي عوام دشمن قرار ڏنو آهي ـ بهرحال، ڀُٽي صاحب ان سڄي بکيڙي جو حل سنڌي نوجوانن کي روزگار ڏيڻ ۽ محمد بن قاسم ادبي سوسائٽي وغيره جهڙين تنظيمن ذريعي اسلامي فڪر جي واڌاري ۾ لڪل ٻڌايو آهي.

اها بہ چڱي ڳالهہ آهي تہ ڀٽي صاحب فڪر جو جواب فڪر سان ڏيڻ جي حمايت ڪئي آهي. ڪاش! هو هر مڪتبہ فڪر جي ماڻهن کي خيالن جي آزاد پرچار جو حق بہ وٺي ڏي.

* * *

بچاءَ وارا بيان ۱۱ ـ جنوريءَ تي پورا ٿي ويا آهن.

* * *

عدالت جام واري ۱۲۰ ڄڻن جي (بچاءَ جي شاهدن واري) لسٽ مان ڪٽوتي ڪري ڪيس فقط پندرهن ڄڻن جي موڪل ڏني آهي. ڪٽوتي ڪيل نالن ۾ فلسطين جو نمائندو ياسر عبدالرحمان، ڪراچي بار جو صدر حفيظ لاکو، بيگم نصرت ڀُٽو ۽ مس بي نظير ڀُٽو جا نالا بہ شامل آهن. (نوٽ: بعد ۾ شديد احتجاج ڪانپوءِ مس بي نظير ڀُٽو جو نالو لسٽ تي واپس آيو)

۱۳ـ جنوري ۱۹۸۳

خود تنقيديءَ هيٺ، جڏهن مان جائزو وٺان ٿو تہ پاڻ کي ڪنهن اهڙي هنڌ ڏسان ٿو، جتي، مان هڪ انسان آهيان، عام. ايترو ئي عام جيترو ڪوبہ بيو آن جا ڊاٽا ڪائيندڙ ماڻهو. مان پاڻ کي ان هنڌ ڏسان ٿو، جتي، مان

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

نه باهمت آهيان ۽ نه بي همت. شايد انجو ماپو آهي ئي ڪونه. انسان به مختلف ڌاتن وانگر هوندو آهي. ڪو سون، ڪو چاندي، ڪو ٽامو، ته ڪو لوهه. ڪنهن جي دل پٿر آهي، ڪو گلاب جهڙي نازڪ دل رکي ٿو. پٿر مان منهنجي مراد فقط بي حسي ڪونهي ۽ نه وري هتي گلاب مان منهنجي مراد فقط سونهن آهي.

پٿر،ڪا چِپَ ٿي سگهي ٿو پر بهرحال هو جبل ناهي، هو سگهارو به آهي، وزني به ۽ صدين جيتري عمر به رکي ٿو. جيڪڏهن مان پاڻ کي ڪو ڌاتو سمجهان ته اهو ڪيترن ئي ٻين ڌاتن کان هيٺو آهي ۽ ڪيترن ئي ٻين ڌاتن کان سگهارو آهي. جڏهن مان پاڻ کي جام ساقيءَ آڏو رکان ٿو ته پاڻ کي هيٺو، حالتن سان ٺاهه ڪندڙ، خود پرست ۽ ڪجهه به نه محسوس ڪريان ٿو. پر جڏهن پاڻ کي ڪنهن ٻئي سان ڀيٽيان ٿو ته بلڪل ابتڙ محسوس ڪريان ٿو. شايد مون کان هيٺا به ائين محسوس ڪندا هجن، شايد جام به ائين محسوس ڪندو هجي. بهرحال، اصل ڪسوٽي ته تاريخ هوندي آهي جيڪا تعين ڪندي ته ڪير ڪيترو سگهارو هو ۽ ڪير ڪيترو هيٺو. فرد لاءِ فقط ايمانداري ۽ ارپنا ضروري آهي جيڪا سگهه ۽ سوچ کي ٺاهڻ لاءِ ضروري آهي.

اياز جي ابتڙ منهنجي خيال ۾ هر چوٽيءَ کان پوءِ ٻي چوٽي آهي. اهي منزلن جون نشانيون به آهن ته پاندين جي حوصلي جو ماپو به. مان There is always space on the top واري نظرئي سان سؤ سيڪڙو متفق آهيان. تنهنڪري ڪوبه ماڻهو مڪمل نه هوندو آهي، پر هرڪو ٻين کان اڳتي يا پوئتي هوندو ٿيندو رهندو آهي.

• • •

زندگيءَ جو فلسفو سمجهڻ گهرين ته ٻڌ:

قيد خاني جي اونداهين ڪوٺين جا دروازا فقط ان مهل کلندا آهن جڏهن 'سچ' ايري چڪو هوندو آهي ۽ جڏهن محسوس ٿيندو آهي ته سچ پنهنجي روشني وڃائڻ وارو آهي، تڏهن هڪدم انسان کي اونده جو حصو بڻائي ڪارن دورازن تي مضبوط تالا لڳايا ويندا آهن . سچ، آزاديءَ، اونده، تالن، غلاميءَ ۽ انسانن جو پاڻ ۾ اجهو اهو رشتو آهي، اها ئي زندگي آهي. پر اها ڳالهه اتي ئي ختم نٿي ٿئي. اتان انسانن جي لاڳيتي جدجهد شروع ٿئي ٿي. اتان ئي محبتن ۽ نفرتن جي پرک شروع ٿئي ٿي. اتان ئي پسند ۽ ناپسند شروع ٿئي ٿي. ها! انسان سدائين 'سچ' سان محبت ڪئي آهي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر شميم اختر (ٻچاءَ جو شاهد) ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ انٽرنيشنل رليشنز جو پروفيسر آهي. ڏاڍو شريف انسان آهي. اسان سيني مان ڪنهن سان بہ سندس واقفيت ڪونہ هئي. ملٽري ڪورٽ جو سمن پهتس تہ اچي پهتو. ڪافي پريشان هو. سندس پريشانيءَ کي ذهن ۾ رکي جام ۽ ٻيا ساٿي ساٿس ڏاڍي عزت ۽ قرب سان مليا تہ ڊاڪٽر صاحب جي چهري تي اطمينان پکڙجي ويو. چيائين، ”مون سمجهيو الائي ڪيڏا خونخوار ماڻهو آهيو؟ توهان تہ ڪافي شريف ماڻهو ٿا لڳو.“ جام کلي چيس، ”سائين! دراصل، دنيا جو هر شريف ماڻهو ڪميونسٽ هوندو آهي، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هو ان حقيقت کان واقف نہ هوندو آهي. اسان جي نظر ۾ توهان بہ شريف ماڻهو آهيو!“ ڊاڪٽر صاحب جي نظر هڪدم پوليس وارن ڏانهن کڃي وئي ۽ چيائين، ”يارو! مونکي تہ معاف رکو!“ جام کيس سرخ پرچم جا ڪجهہ پرچا هٿ ۾ ڏنا ۽ چيائينس، ”جناب هي ’مصالحو‘ ڏسو تہ پوءِ اسان توهان کي ٻڌايون تہ توهان کان ڪهڙا سوال پڇيا ويندا ـ“ ڊاڪٽر پرچن جا پنا اٿلائي پٿلائي ڏسي چيو، ”ڪمال آهي توهان هن کي مصالحو ٿا چئو، هيءُ تہ ’گرم مصالحو‘ آهي ـ گرم مصالحو!“

۱۳ ـ جنوري ۱۹۸۳

ڊيئر نور ظهير!

اڄ ئي تنهنجو خط مليو اٿم. پنهنجون ملاقاتون جيڪي پنج سال اڳ آزاديءَ جي ٻيٽ تي ٿيون هيون، ڪيڏيون نہ اتساهہ ڏيندڙ هيون. اهي سدائين ياد رهنديون. خوشي ان ڳالهہ جي اٿم تہ هندوستاني دوستن بہ ياد رکيو آهي. خبر ناهي ڇو جڏهن جڏهن بہ مون لفظ ’هندوستان‘ لکيو آهي تڏهن منهنجو هٿ لڏي ويندو آهي ۽ تصور جي پردي تي ڪو زخمي ساهوارو ڦٿڪندو نظر ايندو آهي. تون پاڻ فنڪار آهين تنهنڪري شايد تون ان خوشيءَ جو اندازو لڳائي سگهين تہ آزاديءَ جي ٻيٽ تي ٿاهيل ڪنهن دوست جو خط جڏهن قيد خاني واري ٻيٽريءَ تي وصول ڪجي ٿو، تڏهن د ل ڪيڏي زور سان ڌڙڪڻ لڳندي آهي.

مونکي تنهنجو خط ۽ ان سان موڪليل رضيہ سجاد جو ڪتاب ”زرد گلاب“ محسن ڏنو. هو شايد تو وقت اڳ ئي دهليءَ مان واپس آيو آهي ـ چڱو ٿيو جو اهي شيون پوسٽ نہ ڪيئہ، اصل نہ ملن ها!.

هونئن تہ پنهنجو قبيلو هڪ ئي ڇئجي، پرڪڏهن ڪڏهن پنهنجي شناسائي ڏاڍي عجيب لڳندي اٿم. بابا، جڏهن ۱۹۷۳ ۾ ايفرو ايشيائي اديبن واري الماٽا ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ويو هو تڏهن سندس ملاقات ڪامريڊ سجاد ظهير سان ٿي هئي. سندن پاڻ ۾ سنگت بہ ٿي پر حياتيءَ ڪامريڊ سان وڌيڪ سنگت نہ ڪئي.

وقت ريڙهيون پائيندو اڳتي لنگهي ويو ۽ جڏهن مان يوٿ فيسٽول ۾ شرڪت لاءِ هوانا پهتس تڏهن محسن تنهنجو تعارف ڪرائيندي ٻڌايو هو تہ تون ڪامريڊ سجاد ظهير جي ڌيءُ آهين. اهو ۱۹۷۸ جو سال هو ـ مان اڄ تائين ٻن پيڙهين جي تسلسل ۾ هن اتفاق کي ٺلهو اتفاق نٿو سمجهان. اهو اوس ٿيڻو هو. خبر ناهي تہ اُن موقعي تي اهڙا ڪيترا 'اوس اتفاق' ٿيا هوندا جڏهن ڌرتيءَ جي مختلف ڇيڙن تي رهندڙ اجنبي گهراڻن جا ڀاتي هڪ ئي علامتي پنڌ ۾ نسل در نسل پاڻ ۾ رابطو رکندا آيا هجن.

خط ۾ تو ان خواهش جو اظهار ڪيو آهي تہ پاڻ جلد ملنداسون. ڪاش! ايئن ٿي پوي ۽ پاڻ بهتر دنيا ۾ جلد ملي سگهون. "زرد گلاب" وٽندڙ آهي پر ڳاڙهن گلابن جي مند شايد اسان وٽ توهان کان اول اچي - ميلي وارن سائين، سنگتين ۽ ٻين سيني دوستن لاءِ سمورن قيدي سائين جا سلام.

تنهنجو

* * *

• فرض جي احساس جي شدت ۽ وابستگيءَ کان سواءِ ڪو ماڻهو آرٽسٽ ٿي ئي نٿو سگهي، ناممڪن، بلڪل ناممڪن.

• حقيقت پسندي ڪا فارم ناهي پر هڪ جمالياتي صلاحيت آهي. جيڪڏهن ڪو سگريٽ پي رهيو هجي پر هنجي سوچ ڪنهن ٻئي دائري ۾ گردش ڪندي هجي تہ مان رڳو ان سگريٽ کي ڇو پينٽ ڪيان؟ مان، ڇو نہ سوچ کي تصويري شڪل ڏيان!

• آرٽسٽ جي برش کي بي رحم ايمانداريءَ سان ڇٽ ڇڻ گهرجن. ڪيڏي بہ حسين ڇهري تي جيڪڏهن ڪو مسو آهي تہ ان کي وسارڻ آرٽ جي توهين آهي. آرٽسٽ کي هر حال ۾ آرٽسٽ رهڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

• تلاش ۽ تجسس ڇا آهي؟

هڪ آرٽسٽ جي زندگي.

• ماڻهن کي ٻہ ڪتي نہ ڪتي وٽن وانگر وڏڻو آهي. انهن کي ٻاڙون هونديون آهن ڇو تہ اهي ڌرتيءَ ڄاوا آهن. ڌرتيءَ ڪين سڄاڻپ ۽ وطن سان پيار بخشي ٿي. ڪين اها ڳالھ سمجھڻ گهرجي تہ ڌرتي معنيٰ مارو ۽ انهن جو ورثو.

• اڄ جو نڪتي تند مان ترقي ڪائي تان
مون تان ويون مينجي زنجيرون زندان
سمجهن ٿا نادان، باندي مونکي بند ۾.

(اياز)

•”مورتيون تہ مان پنهنجيون ٺاهيندو آهيان، البت صورتون بين ماڻهن جون هونديون آهن“ بت تراش جواب ڏنو.

(اياز)

١٥ ـ جنوري ١٩٨٣

## صدين جي ڪنهن پَلَ ۾

هوءَ اچي رهي آهي
دور ڪتي مندر جي گهنٽي ڄاڳي پوندي
مونکي جاڳڻ کپي...
ايئن نہ ٿئي حو هوءَ
گهيرٽ کي اکٽ ننڊ سمجهي موٽي وڃي
۽ مان تنهائين جي واديءَ ۾ ڀٽڪي وڃان!
زندگي!
هلي آءُ زندگي!
مان تنهنجي انتظار ۾، بنا اکيون ڇنڀڻ جي
صدين کا ڄاڳي ...
اکيون لال ٽانڊن جيان ساڙي رهيو آهيان

* * *

ڄام ساقيءَ جي نوٽ بوڪ تي لکيل:

Name: Jam Saqi

Class: Proletoriat

School: Life

* * *

”جن خيالن جون جڙون ڌرتيءَ ۾ نہ هونديون آهن، اهي وڻ ويڙهيءَ وانگر هوندا آهن جا سائي وڻ کي سڪائي ڇڏيندي آهي.“ (اياز)

* * *

ڇا ڪنهن کي احساس آهي تہ هن وقت دنيا جي موت جو خوفناڪ ڪانٽو ڪٿي پهتل آهي؟ اڄ هٿيارن جي وزن ڪان دنيا جا گوڏا ٽڙڪي رهيا آهن. هوءَ خوف ڪان ڏڪي رهي آهي. هرانسان جمڻ شرط پنهنجي مٿان ٽي ٽن بارود جو وزن کڻي ٿو. هن بارود جي مقدار سان پوري ڌرتي ڪيئي ڀيرا ڀسم ٿي سگهي ٿي. تنهن جي باوجود هر نئين سال ڇهہ کرب ڊالر هٿيارن جي ڊوڙ تي خرچ ٿي رهيا آهن. ڇا ڪنهن کي اندازو آهي تہ اها ڪيتري وڏي رقم آهي؟ هيءُ سموري ڌرتيءَ جي انسانن جي گڏيل محنت جو هيڪاندو حصو آهي. ڇا ڪنهن کي اندازو آهي تہ هن جنون اسان کي ڪٿي پهچايو آهي؟ اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل مسٽر ڊيڪولار هٿيارن جي ڊوڙ جي خاتمي لاءِ جون ١٩٨٢ جي خاص اجلاس ۾ يو اين او جي رپورٽ پيش ڪندي هيءُ هانءُ ڏاريندڙ خبرون ٻڌايون تہ:

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

هڪ طرف:

• ڪنهن جي به زندگيءَ جي ڪا به ضمانت ڪونهي.

• سڄي دنيا جا سمورا انسان هڪ لحظي ۾ مري سگهن ٿا.

• هن وقت پنجاهه هزار ايٽم بم جيڏو بارود جمع ٿي چڪو آهي جنهن سان ڏهه لک هيروشيما ٻڌجي سگهن ٿا.

• ڌرتيءَ جي گوليءَ تي هر سال فوجي تحقيقي سرگرمين تي پنج ڪروڙ ڊالر خرچ ٿي رهيا آهن ۽ دنيا جا بهترين پنج لک سائنسدان ترقياتي ڪمن بدران اجا وڌيڪ فوجي تحقيق ڪري انسان ذات جي پاڙ پٽڻ جي ڀرپور ڪوشش ۾ رڌل آهن ۽ دنيا جي مجموعي سائنسي ترقيءَ جو پنجويهه سيڪڙو يعني پنجٽيهه ارب ڊالر فوجي تحقيق جي ڀرنڊڙ جبل ۾ پارڻ طور دکائي رهيا آهن.

• اسرنڊڙ ملڪن کي ملندڙ مجموعي امداد ۽ خيرات کان اٺويهه ڀيرا وڌيڪ رقم هٿيارن تي خرچ ٿي رهي آهي.

• ڪو به ايٽمي ٻيڙو جهاز ايتري تباهي آڻي سگهي ٿو جيتري ٻي مهاڀاري جنگ ۾ مجموعي طور به نه ٿي هئي.

ته ٻئي طرف:

• اَسي ڪروڙ آدم علم جي روشنيءَ کان محروم آهي.

• پنجويهه ڪروڙ ٻار اسڪول نٿا وڃي سگهن.

• هر سال هڪ ڪروڙ اَسي لک ٻار پنجن سالن اندر فقط انڪري موت کي ڀاڪرائي پائين ٿا جو غريب ملڪن ۾ جنم وٺن ٿا ۽ باقي ٻچيلن مان ستر سيڪڙو کان به وڌيڪ خطرناڪ ۽ وچڙندڙ بيمارين ۾ مبتلا ٿين ٿا.

• هڪ ارب اَسي ڪروڙ انسانن کي علاج ميسر ڪونهي.

• هڪ ارب ڏ ڪروڙ انسانن جي ساليانيءَ آمدني نوي ڊالرن کان به گهٽ آهي.

هڪ ارب ٽي ڪروڙ ماڻهو مناسب اجهي جي تلاش ۾ آهن.

هڪ ارب ڏهه ڪروڙ ماڻهو نوڪرين جي تلاش ۾ ناڪام آهن.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

خواب ۽ ڪليان.

مان پنهنجي ڦاٽل ۽ ليڙون ليڙون جهول ۾

ڇا ڀري ڇا ڀريان - ڇا ڪٽي ڇا ڪٽان؟

زندگي!

۲۳ - جنوري ۱۹۸۳

اسان، امن جا ڳولائو به ڪيڏا ڀاڳ وارا آهيون جو ڪڏهن هارايون نٿا، ٿڪجون نٿا، مرون نٿا. رهي ڳالهه انهن گهائن جي جيڪي وحشت جي جهنگ مان اسان کي سوکڙيون ٿي ملن ٿا، تن جو به ڪو ملهه ناهي. ڪيڏو ڪجهه ملي ٿو اسانکي! بي حساب مائرن جي ممتا، بيشمار ڀينرن جو پيار ۽ ساٿين جو هر پل وڌندڙ هجوم. سچ ته اهو آهي ته اهو ئي شرط آهي ته جيڏا گهڻا گهاءَ جسم تي سينگاريل هوندا، اوڏو ئي پيار ميڙڻ لاءِ ملي ٿو - ۽ گهاءَ؟ سي به ڪهڙا! رت ڳڙهي پوي ته هر ٽيپي مان نئون ڏيئو ٻري پوي ٿو. اسان امن جا ڳولائو به ڪيڏا ڀاڳ وارا آهيون جو اسان پنهنجو وجود ٻاري اونداهين کي پوئتي پاتالن ڏانهن ڌڪي ٿا ڇڏيون.

* * *

ٻي جنگ عظيم کانپوءِ آئن سٽائن چيو هو ته ٽين جنگ کان پوءِ چوٿين لڙائي پٿرن سان وڙهي ويندي. پر منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن ٽين لڙائي لڳي ته چوٿين ٿيندي ئي ڪونه. انڪري نه ته ڪو دنيا ۾ امن قائم ٿي ويندو پر انڪري ته دنيا جي گولي تي هڪ به ساهوارو وڙهڻ لاءِ جيئرو نه بچندو.

* * *

...۽ پيار جا ديوتا! تون چپ چاپ تارن سان مستيءَ ۾ مدهوش آهين! تون ڀلي هج! تنهنجي اهائي مدهوشي بار بار سيني کي جيون جي سک ڪاڻ وڙهڻ لاءِ اتساهه ڏئي ٿي.

۲۵ - جنوري ۱۹۸۳

مادام ماؤ کي ڏنل موت جي سزا کي تبديل ڪري عمر قيد ڪيو ويو آهي. هن سال اڳ کيس ثقافتي انقلاب جي خلاف ڪم ڪرڻ ۽ ماضيءَ ۾ مخالفن تي تشدد جا الزام لڳائي سزا ٻڌائي هئائون، جا پوءِ ٻن سالن لاءِ معطل ڪئي وئي هئي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

***

سهيل فرمائش ڪئي آهي تہ ٽر تي ڪجھ لکان. پر مان ڪيئن ٿو لکي سگھان؟ بدقسمتيءَ سان مون ان جو اکين ڏٺو مشاهدو اجا تائين نہ ڪيو آهي. مان پنهنجي ڪوتاهيءَ جو اقرار بہ ڪريان ٿو. تصور جي اک سان مان ڪيڏا بہ ڏک جهنّيان پر هيءُ تہ يوسف جي سونهن وارو معاملو آهي، ٻُڌو ڏٺي جي برابر ڪيئن ٿيندو؟ شايد مان ڪجھ لکي سگھان، پر تڏهن، جَڏهن ڪجھ عرصو ٽر ۾ ٽرين جيان پوڳي ڏسان.

***

پيار ڇا آهي؟ تضادن جو ايڪو، جيڪو زندگيءَ جو جوهر آهي.

***

نم جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻوٽو مان بہ پوکڻ گهران ٿو تہ جيئن ڪجھ سالن کان پوءِ هن وارڊ جا قيدي ان جي ڇانوَ هيٺ پسار ڪري سگهن. مون گذريل ٽن مهينن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ نموريون پوکيون. سلا بہ ڦُٽا، وڌا بہ ٿيا، پر وڃي ويا... ۽ مان سندن قتل عام تي ڪجھ بہ تہ نہ ڪري سگھيم. مان ايندڙ مند ۾ وري نموريون پوکيندم. متان ڪو سلو ڦٽي ٻوٽو ٿئي ۽ پوءِ وڏي وڻ ٿي وڃي ۽ جيل وارن کان بچي وڃي. پر اهو ڪيئن ممڪن آهي! ڪاش ائين ٿي پوي!

٣ ـ فيبروري ١٩٨٣

جڏهن مان ڏکن جي رڄ ۾ پنهنجا ئي لڙڪ پي اڄ اجهائي وئندو آهيان، تڏهن منهنجن اجايل جذبن جو گل مُرڪي پوندو آهي . . . پر تڏهن تون پنهنجي لانگ بوٽ سان ان کي چِٿي ڇڏيندو آهين ۽ مان درد ۾ ٻيٽو ٿي بيهر مرڪڻ جي سگھ ڪَٺي ڪرڻ لڳندو آهيان. ڪي تنهنجيون ريتون آهن، ڪي منهنجيون ريتون آهن.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

٦ ـ فيبروري ١٩٨٣

خان غفار خان عدالت کي پشتو ۾ هڪ خط ذريعي اطلاع ڏنو آهي تہ جيڪڏهن ڊاڪٽر مشورو ڏنو تہ هو ڪنهن بہ صورت ۾ ايندو. (چاهر ساڪي ڪيس ۾ بچاءَ واري شاهد طور بيان ريڪارڊ ڪرائڻ لاءِ)

فيض احمد فيض جي طبيعت بہ ڏاڍي خراب آهي، شايد هو بہ نہ اچي سگهي. (هن وقت فيض جي عمر ٧٢ سال آهي)

* * *

مان نڪارا گوا جي انقلابين سان متفق آهيان تہ سمورا شاعر انقلابي نہ هوندا آهن، پر هر سچو انقلابي شاعر هوندو آهي. هر حساس ماڻهو ڏکويل هوندو آهي، ۽ ڏک پنهنجي خاتمي لاءِ پاڻ دعوت ڏيندا آهن. سچو انقلابي پنهنجي سيني ۾ درد رکندو آهي. وحشت، بک، بيروزگاري، بيماري ۽ ذلت جي ڏنگيلن جو درد، انتظار جو درد ـ ۽ درد شاعر کي بہ جنم ڏيندو آهي تہ انقلابي کي بہ ـ ۽ ها! انقلابي ڪڏهن بہ نہ مرندا آهن. هو مرندي مرندي خود گيت بڻجي ويندا آهن ۽ توکي خبر آهي تہ اڄ جا عوامي گيت سپاٽي جا لوڪ گيت بڻجي ويندا آهن.

١٠ ـ فيبروري ١٩٨٣

ڪالهہ تائين چوندو هئس :

”ميس جن ڪاڻ ڪانڌي سي نہ ٿيا ـ“

پر اڄ ڏاڍو خوش آهيان ـ مونکي سنگت ياد ڪيو آهي. هن کان اڳ، سنگت کي پلجي بہ ياد نہ آيو آهيان. سڄي سنگت مان هڪ اڌ پيرو هدايت منگي ۽ ڪيهر شوڪت ملڻ آيا هئا. الطاف بيدار ۽ خاص طور تي ستار پيرزادي سٺو سنڀاليو آهي. ڪتابن جي ڪوٽ ٽيڻ نہ ڏني اٿائون. ستار تہ جڻ مونکي پنهنجي ذميداري بنائي ڇڏيو آهي. مون کي سنگتين کان ڏک ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيندو ڇاڪاڻ تہ سخت حالتن ۾ بنا ضرورت جي پريشاني نہ کڻڻ گهرجي. سنگت کان ڏک فقط اهو هئم تہ بحيثيت تنظيم جي نہ ساريائين. آخر مان ان منجهان ئي تہ هئم. تنظيم ماءُ ٿيندي آهي. ماءُ وساري وهي تہ ڏک نہ ٿيندو؟ هاڻ خوش آهيان. هلال پاڪستان ۾ رپورٽ پڙهي اٿم تہ ٣ ـ فيبروري تي ٿيل سنڌ سنگت جي خيرپور واري ادبي ميڙ ۾ ياد پيو آهيان. ڀلا ماءُ اولاد کي وساري سگهي ٿي؟

۱۲ ــ فيبروري ۱۹۸۳

غوث بخش بزنجي پنهنجو بيان ريڪارڊ ڪرايو آهي. تُوس بيان ڏنو اٿائين. هن کان اڳ جيڪي بيان ريڪارڊ ٿي آيا آهن؛ سي سڀ ئي مضبوط آهن پر تن مان ڪنهن کي تُوس چوڻ مونکي ٺيڪ نہ لڳو. مٿس بہ بين سياستدانن وانگر سنڌ ۾ داخل ٿيڻ تي پابندي لڳل هئي. پر هن موقعي لاءِ ڏهن ڏينهن جي اجازت ملي اٿس. هن وقت سندس عمر ٦۵ ورهہ آهي پر عمر کي ڇا آهي؟ مير صاحب بندش پيل پراڻي نعپ جي ٽئين ٽڪري پاڪستان نيشنل پارٽيءَ جو صدر آهي. ۱۹۳۹ ۾ سياست شروع ڪيائين، ۷۳ ــ ۱۹۷۲ ۾ نعپ پاران بلوچستان جو گورنر ٿيو ۽ پوءِ پٽو حڪومت ۾ بلوچستان واري عوام ــ فوج جنگ ڪانپوءِ نعپ تي پابندي پوڻ بعد جيل هليو ويو. مارشل لا لڳي ۽ حڪومت بدلي تہ ٻاهر آيو. ڪجهہ وقت اڳ، ڊاڪٽر اعزاز نذير واري پراڻي نعپ جي هڪ ٻئي ڌڙي نيشنل پروگريسو پارٽيءَ جي پاڪستان نيشنل پارٽيءَ ۾ ضم ٿيڻ ڪانپوءِ؛ پي اين پي کي ڪميونسٽن جي اثر هيٺ آيل پارٽيءَ جو نالو ڏيئي ايم آر ڊي مان ترڙڻ لاءِ چڱا جتن ٿيا.

۱۳ ــ فيبروري ۱۹۸۳

ولي خان تي بہ سنڌ ۾ داخل ٿيڻ جي پابندي آهي. عدالت طرفان سمن مليو اٿس تہ ملڪ ۾ هُل ٿي ويو آهي. ولي خان بہ عدالتي حڪم جي بهاني سان ريل رستي يا باءِ روڊ اچڻ جو پروگرام رٿيو آهي تہ جيئن جت ڪٿ ميڙا ڪندو اچي. پرسرڪار بهادر بہ اڳواٽ بندوبست ڪري ولي خان جي پنجاب ۾ داخلا تي پابندي وجهي ڇڏي آهي. ولي خان چوي ٿو تہ مونکي سنڌ جوفقط چئن ڏينهن جو ويزو مليو آهي سو مان تہ ضرور ويندس. سنڌ اچڻ لاءِ ڪيس پنجاب ٽپڻو پوندو جڏهن تہ پنجاب ۾ داخلا جي پابندي اٿس. وٽس ڪابہ واٽ ڪونهي سواءِ هوائي جهاز ذريعي اچڻ جي. محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ چام ساقي ڪيس جي شاهدن جي اچ وڃ، بيان بازي، عدالتي بيانن ۽ اخباري رپورٽنگ سان گڏ حمايت ۽ مخالفت واري پروپيگنڊا ۾ آيل تيزيءَ ملڪ ۾ بهتر سياسي فضا ٺاهي ورتي آهي. شايد هيءَ فضا، سياسي ماڻار ۾ هڪ مستقل شور پيدا ڪري وجهي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

غوث بخش بزنجي پاڪستان جو نظريو بڌائيندي چيو هو تہ، ”نظريو ڪا سوچيندڙ هستي رکندي آهي. پاڪستان زمين جو ٽڪرو آهي تنهنڪري ان جو ڪوبہ نظريو ٿي نٿو سگهي. جيڪڏهن نظرئي جي ڳالهہ ڪندڙ تہ پوءِ اهو پاڪستان جي ماڻهن جو نظريو ٿي سگهي ٿو“ . بيگم طاهره مظهر علي خان چيو تہ، ”مون ڪڏهن بہ اهڙو نظريو نہ پڙهيو آهي پر، امن سان رهڻ، پاڪستاني عوام جي، سلامتي ۽ استحڪام ۽ پاڪستانين جي زندگيءَ جو معيار وڌائڻ ئي پاڪستان جو نظريو ٿي سگهي ٿو.“

* * *

ولي خان آيو بہ، بيان بہ ڏنائين ۽ واپس پشاور بہ پهچي ويو. پر ڪراچي ۽ ملڪ جي ٻين حصن جي فضائن ۾ ليڪچار بحث،سوال ۽ تن جا پڙاڏا پيدا ٿي ويا آهن. ويزا جي حڪمن جي برعڪس ۱۵ تاريخ تي جيئن ئي ولي خان جو بيان پورو ٿيو ۽ هو عدالت جي ڏاڪڻين کان هيٺ لٿو تہ ڪيس گرفتار ڪري سڌو هوائي اڏي تي وٺي ويا ۽ پهرين اڏام ۾ پشاور اماڻي ڇڏيائونس.

ان حقيقت ۾ ذري جيترو بہ گمان نہ بچيو آهي تہ هن وقت هيءُ ڪيس هڪ وڏي راءِ عامہ تيار ڪري رهيو آهي. ان جو انت ڇا ٿيندو؟ تنهن لاءِ ڪجهہ نٿو چئي سگهجي. پر ڏکي سانت ڪانپوءِ ماحول ۾ اهڙي چرپر پسجي پئي جيڪا هنن کولين جي پورن ۾ رهندڙ جيوتن جي ان چرڙ چرڙ سان ڏاڍي مشابهت رکي ٿي جيڪا پرهہ ڦٽڻ کان ڪجهہ ئي اڳ ٿيندي آهي.

* * *

چار، بي نظير ڀُٽو کي سرڪاري شاهد طور گهرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. پيپلز پارٽيءَ جي هاءِ ڪمان جيڪا پاڻ بہ قيد خانن ۾ آهي، تنهن کي گهرائڻ تقريباً ناممڪن پيو لڳي. پر اسان جو اصرار آهي تہ اسان جو سڀ کان اهم ۽ بنيادي شاهد مس بي نظير ڀُٽو آهي جنهن جي اچڻ ڪانپوءِ گهڻيئي حقيقتون ظاهر ٿينديون.ڪيس، نہ گهرائڻ سان عدالت پورو انصاف ڪرڻ کان رهجي ويندي.

* * *

۱۷ ـــ فيبروري ۱۹۸۳

عدالت بي نظير ڀُٽو کي گهرائڻ واري درخواست منظور ڪئي آهي. مگر اهو ٻڌايو ويو آهي تہ بينظير ڀُٽو بيان جي تياريءَ لاءِ هفتي جي مهلت گهري آهي تہ جيئن هوءَ پنهنجن وڪيلن سان صلاح مشورو ڪري سگهي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

سالم اٿس. هيءُ دروازا هڪ سؤ سورنهن سال پراڻا آهن پر اڃا تائين لوهه جيان مضبوط آهن. نه گهر کي طاقت آهي ۽ نه ئي اڏوهيءَ کي؛ جو ڪين ڪو نقصان ڏيئي سگهن. صمد جو خيال آهي ته مان انٽيليجنس جو ماڻهو آهيان تنهنڪري سندس دروازو پڇي مٿس فرار جو ڪيس ٺهرائي سزا ڏيارڻ ٿو گهران. هن صورتحال کان جيل انتظاميه کي آگاهه ڪيو اٿم. پر دل به نٿي مڃي ته صمد کي ”چريا وارڊ“ ۾ بند ڪن. جيڪڏهن ائين ٿيو ته پوءِ صمد بنهه چريو ٿي پوندو ۽ سندس چريائپ جو ذميدار شايد مان سمجهيو ويندس.
ڪاش! هو ٺيڪ ٿي سگهي.

* * *

ڇا ٿيندو آهي گناهه ۽ ثواب؟ ۽ ڪير ٿيندو آهي ڏوهي؟ ۽ بي ڏوهي ان جو فيصلو ڪير ڪندو؟ ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه آهي جيڪڏهن تاريخ پنهنجي ڦيٽي کي ڦيرائڻ لاءِ جن جسمن جي چونڊ ڪئي تن ۾ منهنجو جسم به شامل آهي. هن کي ڪيڏي نه اٽڪاٽائي آهي جو هو جسمن کي قيد ڪري سوچن جي واهن ۾ رنڊڪون ٿا وجهڻ گهرن. ڇا جسم کي به اختيار هوندو آهي ته ان تي ڪهڙي سوچ جي پري يا جن قبضو ٿوڪري! هو بي وقوف آهن جيڪي منهنجي جسم تي سزا يا جزا مڙهين ٿا. اسان سڀ تاريخ آڏو ايترا ئي بي وس آهيون جيترا درياهه جي وچ سير ۾ لڙهندڙ ڪکَ. اهو به ڪيڏو نه عجيب مذاق ٿي ويو آهي هنن ويچارن سان! جو هنن اسان کي گرفتار ڪري سمجهيو ته سمورا گلاب خوف ۽ دهشت ۾ ساهه ڇڏي زرد ٿي ويندا پر هتي ته اهي سوچ جون مکڙيون به ٽڙي پيون آهن جن تي جواني اڃا دير سان اچي ها!

* * *

مان ڏاڍو ٺيڙ ماڻهو آهيان پر نه ڄاڻي ڇو اڄ مونکي ٽئگور جو اهو گيت ڏاڍو ياد ٿو اچي ”منهن ۾ سانجهيءَ جو لهندڙ سج ڄاڻڻ گهري ٿو ته ڪانئس پوءِ روشني ڪير ڪندو؟ هن ڪائنات جو ڇا ٿيندو؟ تڏهن جهوپڙيءَ ۾ ٽمڪندڙ مون جيان هڪ ننڍڙو ڏيئو ڪر کڻي چوي ٿو، ”مان پنهنجي پوري ڪوشش ڪندس!“

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

تون ڇا بہ چئہ، پر امن جي تلاش ۾ نڪتل ٽانڊاڻا پنھنجي وجود منجھان روشني ڏيندا، ھر ھر ۾ اوندھ جي سيني ۾ ٽاڻا جيئن خنجر ٿنبيندا رھندا، ايستائين جو اوندھ جو جسم ساھ ڇڏي وڃي.

* * *

ٿي سگھي ٿو تہ تون سچو ھجين تہ شاعر ٺلھو خواب ڏسندو آھي پرتہ ھن بہ ڪونکي پنھنجي ضمير جي صليب تي ٽنگي پنھنجن ئي پٽن تي ڪُٺو آھي، مان ڪنھن بہ لمحي اھو بار تنھنجن ڪلھن تي رکي ساھي نہ پٽيندس.

۱۷ـ مارچ ۱۹۸۳

## نئين موڙ تي...

ڏکيو وقت آھي، وڇوڙا پون ٿا
اڄ دوستو اڄ ڪلي موڪلايون
محبت جي سورج جي ڳولھا ۾ ساٿي
ھوائن جيان اڄ روانا ٿيون
ڪو اولھ ڪو اوڀر، ڪو ڏکڻ، ڪو اتر
ڏسون ڪير امن جو آب حيات
ڏورڻ جبلن مان ڳولھي اچي ٿو
ڏسون ڪير پھڻن کي پرزا ڪري ٿو
ڏسون ڪير فرھاد بڻجي اچي ٿو
ڏسون ڪنھنجو تيشو
پھاڙن جي سيني کي چيري ڇڏي ٿو
ڏسون ڪير جيون جي خوشبوء پکيڙي اچي ٿو
ڏسون ڪير ڇاتي ڇِلائي اچي ٿو
ڏسون ڪير گرھڻ کي ٽوڙي اچي ٿو
ڏسون ڪير سورج ڇڏائي اچي ٿو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ڏسون ڪير راڻو ٻڌجي اچي ٿو
ڏسون ڪاڪ ڪنهن کي ڪڪوري ڇڏي ٿي
ڏسون ڪير سورن سان سودو ڪري ٿو
ڏسون ڪير سوريءَ کي پنهنجو ڪري ٿو
ڏکي واٽ آهي ڏکي واٽ آهي
هي جيون گَهرو ۽ نيرو ڪو ساگر لڳي ٿو
ڏسون ڪير محبت جا موتي لهي ٿو
ڏسون ڪير ڪلاچي جو مانگر ڪهي ٿو
ڏسون ڪير سورن جي صحرا کي چاڻي
دردن جا ڪنڪر چونڊي ڪٽي ٿو
ڏسون ڪير ڪيڏو ٿو ٿڪي
۽ ڪيسين ٿڪي ٿو جيئرو رهي
ڪير شبير آهي ۽ ڪيڏو سهي ٿو
امر ڪير آهي ۽ ڪنهنجو ڪمال
ڇلڪي ٿو جام يا خاموش ساقي
ڏسون سخن سانگي ۽ جام جمال
بدر ڪير آهي ۽ ڪيڏو پيئي ٿو
ڪير ٻڌجي نذير ڪيڏو جيئي ٿو
ڏسون وقت ڪنهن کي ٿو ڪاڏي ڪري
ڏسون ڪير ظلمات جهاڳي بچي ٿو
ڏکيو وقت آهي وڇوڙا پون ٿا
اچو دوستو اڄ ڪلي موڪلايون.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۱۸ ـ مارچ ۱۹۸۳

خبر ناهي تہ حالتن ۽ وقت جي وچ ۾ ڪهڙو منطقي رشتو آهي پر لڳي ٿو تہ وقت ڪنهن طاقتور درياھ وانگر وهي ٿو ۽ ماڻهو ان جي آڏو سدائين بي وس آهي. هيءُ ڪو ارتقا جو وهڪرو آهي جنهن کي بيهاري نٿو سگهجي. وقت هر شئي کي بدلائي ڇڏي ٿو: ڪاٺ کي پٿر (Fossils) ۾ ۽ ڪوئلي کي هيري ۾. مون بہ پنهنجو سفر شروع ڪيو آهي. گمناميءَ کان ڪنهن سڃاڻپ ڏانهن. (خصوصاً فوجي عدالت مونکي خصوصيت ڏني آهي يا شايد هوءَ منهنجي موجودگيءَ جي ڪري خاص ٿي آهي) مان نٿو چاهيان تہ وقت جو وهڪرو منهنجي وجود جي پٿر کي ڇو گهڙي رهيو آهي. پر هڪ ڳالھ مونتي واضح ٿيڻ لڳي آهي تہ وقت حالتن کي بدلائي ڇڏيندو آهي ۽ حالتون انسان کي. شايد اهوئي سبب آهي جو فلسفي چوندا آهن تہ ”فرد حالتون نہ بدلائيندو آهي پر حالتون فردن کي بدلائي ڇڏينديون آهن.“ اڳواڻ حالتون نہ ٺاهيندا آهن پر حالتون اڳواڻ ٺاهينديون آهن.“

* * *

بُجھا جو روزنِ زندان تو دل يہ سمجھا

کہ مانگ تيري ستارون سي بر گئي هوگي

چمڪ اٿي سلاسل تو هم ني جانا هي

کہ سحر تيري رخ پر بکر گئي هوگي

(فيض)

۲۶ ـ مارچ ۱۹۸۳

اي رب العزت!

تون دنيا جو خالق آهين. تو سونهن بہ خلقي آهي ۽ ڪوجهائپ بہ. پر مان تنهنجو باغي بندو تنهن ڪوجهائپ مان سونهن ڳولهي نروار ڪندو آهيان. بي جان پٿر کي زبان ڏيئي ڪائنات جي رنگت ۾ هڪ نئون رنگ شامل ڪندو آهيان. مان تہ انسان آهيان جو هٿ جو پورهيو ڪري سونهن تيار ڪريان ٿو ۽ پوءِ سڄي حياتي ان جي بچاءُ لاءِ اٿي بيهان ٿو. پر تون ڪهڙو خدا آهين جو هر شئي کي گهڙي پوءِ پيچي ڇڏين ٿو؟ تخليق تہ پوڄا جي لائق هوندي آهي جو منجهس پيار، تڙپ ۽ اتساھ جو سمنڊ هوندو آهي. شايد

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

تون هر شئي کي موت انڪري ٿو ڏين جون تون پنهنجي تخليق لاءِ ڪشالا نٿو ڪڍين. ”ڪُن فيڪون“ جو مزو تخليق ڪار جي اوجاڳي ۽ پورهئي جهڙو ته ڪونهي. اي ڪائنات جي سگهه! مان تنهنجو ٿورائتو آهيان جو مونکي پنهنجو نائب ڪري ڌرتيءَ تي موڪليئه ۽ پنهنجين سمورين صفتن جي سرهاڻ مونکي محسوس ڪرايئه. مونکي سموريون قوتون ڏنئه ۽ ”ڪُن“ جي لائق نه سمجهيئه. منهنجي دل کي ڏک، درد، پيڙا، پوڳنا، اتساهه، پيار ۽ احساس سان پري ڇڏيئه ۽ منهنجي هٿ ۾ قلم، برش ۽ ڇيڻي هٿوڙو ڏيئي ڇڏيئه. بي شڪ تون عبادت لائق آهين، توکان سواءِ انسان کي ڪير به پيدا ڪري نٿي سگهيو.

## تنهنجو خاڪي بندو

٢٦ - مارچ ١٩٨٣

بي نظير ڀُٽو جو بيان شام جو پنجين تائين هليو. سندس رويو تمام دوستاڻو ۽ محتاط رهيو. ڪنهن به قسم جي ڪليل ڪمٽمينٽ محسوس نه ٿيم. ممڪمن آهي ته ٻين يارن مختلف راءِ قائم ڪئي هجي، ڪائنٿ پڇندم. عدالت به ڏاڍي خوش نظر ٿي آئي. عدالت جي خوشيءَ جو پهريون لمحو ولي خان جو اچڻ هو. ان جو به ڪو ٻيو سبب ڪونه هو سواءِ ان جي ته ولي خان جي شخصيت به بي نظير ڀُٽو وانگر ملڪ کان ٻاهر به چاتل سڃاتل آهي. ولي خان ٻيري عدالت، مونکي ”مرعوب“ محسوس ٿي هئي جڏهن ته بينظير ٻيري ”نرٽيل“ لڳي. ٻرنجي ٻيري به عدالت ڏاڍي ”متاثر“ هئي. بهرحال، بي نظير ڀُٽو جو بيان تيز، متوازن، تفصيلي ۽ سڌو هو. هن ڇا ڇا چيو؟ سا ڊگهي ڪهاڻي آهي.اڄ ٥ لڳي تائين اجا اڌ بيان ٿيو آهي. باقي بيان ٢٩ - تاريخ تي ريڪارڊ ٿيندو. بي نظير ڀُٽو جو هر جواب ٺيڪ ٺاڪ هو. سرڪار کي جواب ڏيڻ لاءِ ته تمام سخت هو پر.... يقينن هوءَ ڪميونسٽ پارٽيءَ کان مختلف انداز ۾ سوچي ٿي.

اڄ اين هور (بي بي سي جو نمائندو) انٽرول تائين عدالت ۾ ويٺو رهيو. عدالت سڳوريءَ جو ان طرف ڌيان ئي نه ويو. ڪرنل، ڪيس اسانجو ڪو پڪاڻ دوست سمجهيو هو. انٽرول ۾ انٽيليجنس سروس وارن جڏهن ڪرنل کي اطلاع ڏنو ته پريشان ٿي ويو. اين هور کي ته ڪنهي ڪڍيائون پر اسان جي هر پڪاڻ دوست تي پابندي پئجي وئي آهي ڇاڪاڻ ته اهي به شڪل مان انگريز لڳندا آهن.

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

اڄ جي هڪ بي خاص ڳالهه اها آهي تہ ڪورٽ، عدالت ۾ بي نيظير ڀُٽو جا فوٽا ڪڍڻ جي اجازت ڏني. ان ڪان اڳ عدالت ولي خان سان بہ ”يادگار“ فوٽو ڪڍايا هئا. جڏهن تہ ٻہ سال اڳ پهريون پيرو ۽ ڪجهہ ڏينهن اڳ ٻيو پيرو اسان جي ڪن دوستن جون ڪئميرائون صرف ان ڏوهہ ۾ قتل ٿيون جو هنن اسانجون تصويرون ڪڍڻ چاهيون هيون.

* * *

هر نوجوان سياسي قيديءَ پنهنجي پنهنجي حصي ۾ آيل گلاب جي گل جي ڀرپور نمائش ڪانپوءِ ان کي سانديي رکيو آهي. هنن گلابي گلن جي اهميت مختلف آهي. اسان جي سماج ۾ گل يا تہ سيج سينگارڻ لاءِ ڪڙندا آهن يا وري قبرن مٿان چادر ٻڻجي سڪي ويندا آهن يا وري پيار جي اظهار لاءِ ”سلام محبت“ ٻڻجي محبوب جي هٿن ۾ ڏڪڻ لڳندا آهن. پر اڄ هر گلابي گل جي اهميت مختلف هئي: عجيب پيغام لڪل آهي تن جي هر هڪ پتيءَ ۾ ويساهہ، جمهوريت، امن، آزادي ۽ يڪجهتيءَ جي مليل جليل خوشبوءِ. خبر ناهي تہ خوشبوءِ جون هيءُ ننڍڙيون ننڍڙيون ڪاٺيون زندان جي گهٽ ۾ ڪيستائين ويساهہ برقرار رکنديون. ڪاش! اينڊڙ بهار تائين ايئن ئي سگهي. هنن گلن کي سُڪڻ نہ ڪبي جيستائين امن ۽ آزاديءَ جي شهزادي ديس جي گلستان ڏانهن موٽ ڪائي ۽ پنهنجن عاشقن جي جوان امنگن تي ڳاڙهن گلن جي ورکا ڪري. هي گل بينظير ڀُٽو اسان جي معرفت سياسي قيدين ڏانهن موڪليا هئا.

* * *

۲۸ـ مارچ ۱۹۸۳

اخبار گارجين جي اجوڪي شماري ۾ اين هور پنهنجي رپورٽ شايع ڪرائي آهي. اخبار سمنڊ پار خبرن جي صفحي تي سرخي ڏني آهي تہ:

~Pakistan communists turn court into platform~

اها ڳالهہ اڄ تائين ڪنهن صحافيءَ نہ لکي هئي. شايد محسوس نہ ٿئي هوندي. پر اين هور هڪدم اها ڳالهہ نوٽ ڪئي ۽ بنا دير جي پڙهو ٻئي ڇڏيائين.

(هيءَ اخبار اسان تائين گهڻو دير سان پهتي پرتسلسل قائم رکڻ خاطر ڪر اصلي تاريخ تي رکيو ويو آهي)

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

* * *

۲۹_مارچ ۱۹۸۳

چار عدالت ۾ هڪ نئين درخواست داخل ڪئي آهي تہ صدر ضياءُ الحق، شريف الدين پيرزادي ۽ اي ڪي بروهيءَ کي بچاءَ جي شاهدن طور گهرايو وڃي. جنرل ضياءَ ۲۷ مارچ ـ تي چيو هو تہ ”پاڪستان صرف اسلام جي نالي تي قائم ڪيو ويو آهي، ان وقت ڪوبہ معاشي نظريو آڏو نہ هو. اسان فقط اسلام پٺيان گهرون.“ شفيع محمديءَ ڪورٽ کي اعتراض ۾ چيو آهي تہ صدر جي ان بيان سان عدالت جي ڪارروائي ۽ فيصلي تي اثر پئجي سگهي ٿو.

نوٽ: (عدالت اها درخواست ۱ ـ اپريل تي رد ڪري ڇڏي.)

* * *

هر ڏينهن ايڏو ئي اداس هوندو آهي جيڏو اڄ. هر ڏينهن ايڏو ئي اهم هوندوآهي جيڏو اڄ. هر ڏينهن ايڏي ئي ڇڪتاڻ هوندي آهي جيڏي اڄ.

هر ڏينهن ڪٿي نہ ڪٿي ڪو نہ ڪو غريب ۽ ڏتڙيل انسان ڪرڙيون هٽي هٽي مري ويندو آهي جيئن اڄ هن جيل ۾ هڪ قيدي ڪيترن مهينن کان هڏڪي هڏڪي، اٽڪي اٽڪي، ساهہ ڏنو آهي. انسان کي ويچارو چوڻ تي بہ دل نہ ٿي چوي پر سندس ويچارگي ڏسي ننڍ اڏاميو وڃي!. هيءُ قيدي هڪ بلوچ ۾ آيل هو، پنهنجن پٽن پائيٽين ۽ ٻين پاڙي وارن سان. پٽس جي شاديءَ رات هنگامو ٿيو، هڪ ماڻهو مري ويو ۽ گهوٽ، پائرن ۽ ٻيءَ سان گڏ لاڪ اپ کان ٿيندو اسپيشل ملٽري ڪورٽ نمبر ۱ کان عمر قيد جي سزا وٺي جيل پهتو. مونکي ياد آهي تہ سندن ڪيس اپريل ۸۱ ۾ هلندو هو، جڏهن اسان جي سمري آف ايويڊنس هلي رهي هئي. هن ملڪ ۾ ڪنهن مفلس جو بہ ڪهڙو مقدر آهي. غربت ۾ بک جا چڪ، پوءِ جهيڙو، پوءِ جيل يا ڦاسي ۽ جيڪڏهن ڦاسيءَ کان بچي ويو تہ سڏڪا ۽ هڏڪيون، پوءِ ڇڙيون، پوءِ بيماري ۽ پوءِ قبر جي تاريڪ دنيا.

* * *

هر ڏينهن دنيا جي ڪنهن نہ ڪنهن ڪنڊ ۾ اٽليڪا پروگرام ٺهندا آهن. ضروري ناهي تہ ڏريون محسوس بہ ڪن. اڄ پاڪستان جي سڀ کان وڏي سياسي پارٽيءَ جي ڪو- چيئرپرسن مس بي نظير ڀٽو ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي بچاءَ ۾ بيان ڏنو آهي. سندس سچ تي ٻڌل اکر هئا، ”آءٌ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ آئي آهيان.“ تاريخ ڪنهن کي ڪٿي، ڪڏهن ۽ ڪيئن يڪجهتيءَ لاءِ مجبور

ڪري ٿي سو قيادت جي مرضيءَ تي ڪونهي.

هوءَ ڄام ساقي سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ آئي هئي پر شايد هوءَ اهڙي يڪجهتي ولي خان سان ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿئي ها. پر هيءَ سياست منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي. خبر ناهي ته ڪٿي ۽ ڪيڏي مهل ڇا ۽ ڪيئن ڪرڻ ضروري ٿي ويندو آهي. شايد مان هيءَ عجيب غريب راند ڪڏهن به نه سمجهي سگهندس.

* * *

صبح وارو مرندڙ قيدي ان ڏکي ۽ ڏکوئيندڙ تسلسل جو حصو آهي جيڪو ڪاموراشاهيءَ جي ٽانگ جي صورت ۾ هر جيوت کي ڏنگي ٿو. هيءُ قيدي انهن هزارن قيدين مان هڪ هو جيڪي اذيت ناڪ لمحن کي سالن کان ڳڻي ڳڻي سول اسپتال ۾ ايڊميشن جي آخري خواهش رکندي ٽڪرين بستري ۾ ڳنڍ وانگر پئجي پئجي هڪ ڏينهن ڪنڌ لاڙي يا اکيون ٻوٽي ڇڏيندا آهن.

مونکي ان پوڙهي جا اکر ياد پيا اچن، جڏهن ملندو هو تڏهن چوندو هو، ”بيٺا ڪوئي فڪر نهين - اُس ڪي هان دير هي انڌير نهين.“ مان سوچي رهيو آهيان ته آخر هن نند جي گوريءَ جو اثر اڃا ڪيستائين هلندو! آخر ڪيستائين ماٺهو صبر وارو موت جهڙو فلسفو پيڙهيءَ کان پيڙهيءَ تائين وصيت ڪندو ويندو.

اڄ منهنجي دل رڙيون ڪرڻ ٿي گهري، ۽ رڙيون ڪري دنيا جو ڌيان ڇڪائڻ ٿي گهري پرڪري نٿي سگهي، اکيون روئڻ گهرن ٿيون پر روئن نٿيون. هٿ اٿڻ گهرن ٿا پر اٿن نٿا. اسان پاڻ ئي پنهنجي اندر ۾ ڪيڏا مظلوم ۽ رحم جوڳا آهيون!! ڪيڏا! افسوس جو مان آئيني ۾ پنهنجي صورت ڏسڻ جي همت نٿو رکان.

* * *

صمد جيل جي اسپتال ڏانهن منتقل ٿي ويو آهي. مان ڪورٽ پيشيءَ تي ويل هئس، بي نظير ڀُٽو جي شاهدي قلمبند ٿيڻي هئي. پريٽ صمد خان وارڊ ڇڏي اسان کي اڪيلو ڪري ويو آهي. سندس قيام ۽ طعام هن وارڊ ۾ تقريباً پنج سال رهيو.

ڪجهه راتيون اڳ مان ڪيس ٽوٽل ڪانپوءِ وراندي ۾ گهمندو نظر آيو هوس ۽ سندس چوڻ مطابق مونکي اڇي رنگ جا ڪپڙا پاتل هئا ۽ مان سندس دروازو پيچڻ لڳو هوس. انتظاميه سندس اطمينان لاءِ ڪيس سيمنٽ

ڏنو هو جيڪو هن پنهنجي مرضيءَ سان ڪاٽ ۾ در ڪي ٽڪي پنهنجو اطمينان ڪيو. اڄ تائين سندس واحد ڪمرو فقط دروازي جي حفاظت ڪرڻ هو تنهنڪري سدائين دروازي ۾ ٽيبل ڪرسي رکي ايئنڊڙ ويندڙ ۾ خاص ڪري مونکي گھوريندو رهندو هو.

* * *

٣٠- مارچ ١٩٨٣

سهيل سينٽرل جيل يعني هتي ٽرانسفر ٿي آيو آهي. ڊفينس سائيڊ پوري ٿي.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

# بچاءَ جا خاص خاص شاهد

| | | تاريخ |
|---|---|---|
| ١- اقبال جعفري: | صحافي (بي بي سي) | |
| ٢- ڊاڪٽر شميم اختر: | پروفيسر انٽرنيشنل رليشنس، ڪراچي يونيورسٽي | ١٢-١-٨٣ |
| ٣- حاصل بلوچ: | چيئرمن يو ايس ايم ۽ بي ايس او | ٢٦-١-٨٣ |
| ٤- ناهيد افضال: | اين ايس ايف ڪراچي جو اڳوڻو صدر | |
| ٥- غازي صلاح الدين: | سپاف جو صدر | |
| ٦- محمد خان مينگل: | بي ايس او جو اڳوڻو چيئرمن | |
| ٧- محمود شام: | صحافي | ١-٣-٨٣ |
| ٨- افضل صديقي: | ايڊيٽر روزانه امن | ٦-٢-٨٣ |
| ٩- محمد حسن شيخ: | چيئرمن پوليٽيڪل سائنس سنڌ يونيورسٽي | ٩-٢-٨٣ |
| ١٠- مجيب پيرزادو: | اڳوڻو ايم بي اي (پ پ پ) | |
| ١١- مسز نسيم شميم اشرف ملڪ : | صدر انجمن جمهوريت سنڌ خواتين ۽ سينٽرل ڪميٽي ميمبر بي اين بي | |
| ١٢- بيگم طاهره مظهرعلي خان: | جنرل سيڪريٽري P.D.W.A | |
| ١٣- مير غوث بخش بزنجو: | بي اين بي جو صدر | ١٢-٢-٨٣ |
| ١٤- سيد محمد شاهه امروٽي: | قائم مقام جنرل سيڪريٽري (جي يو آءِ) | |
| ١٥- آلِ مقبول رضوي: | وڪيل | |
| ١٦- يوسف ٽالپر: | اڳوڻو ايم اي (بي بي بي)، اڳوڻو صدر سنڌ يونيورسٽي اسٽوڊنٽس يونين | ١٦-٢-٨٣ |
| ١٧- فتحياب علي خان: | مزدور ڪسان پارٽيءَ جو صدر | ١٦-٢-٨٣ |
| ١٨- شيخ عزيز: | صحافي | |
| ١٩- غني درس: | صحافي | |
| ٢٠- منهاج برنا: | صحافي، اپينڪ جو صدر | ٢٠-٢-٨٣ |
| ٢١-معراج محمد خان: | قومي محاذ آزاديءَ جو صدر | ٢١-٢-٨٣ |
| ٢٢- شيخ رفيق احمد: | پيپلزپارٽي (پنجاب) جو صدر | ١٥-٢-٨٣ |
| ٢٣- شيخ علي محمد: | ايڊيٽر روزاني آفتاب حيدرآباد | ١٥-٣-٨٣ |
| ٢٤- خان عبدالولي خان: | اين ڊي پي ۽ اڳوڻي نعيپ جو سربراهه | |
| ٢٥- مس بينظير ڀٽو: | قائم مقام چيئرپرسن (پ پ پ) | ٢٦-٣-٨٣ ۽ ٢٩-٣-٨٣ |
| ٢٦- عبدالله جي. ميمڻ: | ڪمشنر حيدرآباد | |

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

***

افضل جي پٽيشن سپريم ڪورٽ مان ميرٽ جي بنياد بدران ٽائيم بار تي رد ٿي آئي آهي ـ هڪ شخص ٽڪجڻ لاءِ تيار ڪونهي ٻئي طرف بي حس قانون ميرٽ ڏسڻ لاءِ تيار ڪونهي.

۳۱ ـ مارچ ۱۹۸۳

صمد اڄ وري اسپتال مان پهچي آيو آهي ۽ وري مونکي قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏيئي ويو آهي. اڄ سندس اکيون ٽانڊن وانگر ٻاڙهيون ۽ وحشت سان ڀريل هيون. آغا اشفاق ڪيس ڏاڍيون چڙٻون ڏنيون آهن، چيائينس، ”جيڪڏهن تون چريو آهين تہ مان توکان وڌيڪ چريو آهيان“ بهرحال، مونکي ڏک آهي ۽ صمد کي هيسل ڏسي افسوس بہ ٿي رهيو اٿم. آخر هن ويچاري جو ڪهڙو قصور آهي، سچ چيو آهي ڏاهن، ”چرين ڪهڙي چِٽ“.

***

اڃا رات آهي!

اڃا ڪونہ آئي

مگر محبت جا اوڙاهہ ڏس!

اکين جون ڏياٽيون اڃا تيون جلن

اڃا رات ڪيڏي ڊگهي چو نہ آهي!

اڃا تيل باقي،

اڃا شوق آهي!

اڃا ٻت پنهنجي کي ٻارڻ بنائي سڙون ٿا، رجهون ٿا

اڃا حوصلو آ

اڃا جيئرو جندڙيءَ جولان آهي.

***

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ڊيئر ڪيٽي مِرڪنِ

تنهنجو ٢١ فيبروري تي لکيل خط اڄ مليو اٿم. مهرباني. مونکي تنهنجو خط نہ ملي ها پر اهو بہ ڪو خوبصورت اتفاق هو. بهرحال، تو حالتن بابت پڇيو آهي تہ پوءِ ٻڌ: اسان جن حالتن ۾ رهون ٿا سي اڄ کان سؤ سال اڳ وارين حالتن کان مختلف نہ آهن. قيد خاني جي سِرن تي ١٨٦٥ جو سال لکيل آهي، پر مان ڪنهن جي بہ شڪايت نہ ڪندس ڇو تہ اها سڀ ان نظام جي مهرباني آهي جيڪو ايشيا کان آفريڪا ۽ ڏکڻ امريڪا تائين هرهنڌ بين الاقوامي سامراجيت جي ذريعي انسان جي وقار ۽ عزت کي چٿي ۽ چيپاتي ٿو.

مان تنهنجو ۽ تنهنجن دوستن جو احترام ڪيان ٿو ڇو تہ هو انهن ماڻهن جي سار سنڀال لهي رهيا آهن جيڪي پيار خاطر پوڙي رهيا آهن. هوند وقت، سگهہ، صحت ۽ حالتون توهان کي مدد ڏين تہ اوهين سوچ جي آزادي ۽ انساني حقن جي بحاليءَ واري جنگ ۾ ڪامياب ٿيو. مان توهانجي کنڊ جي عظيم انسان ارنيسٽ هيمنگوي کي سلام ڪيان ٿو جنهن چيو هو تہ "ماڻهو، شڪست لاءِ نہ ڄائو آهي. ڪيس نابود ڪري سگهجي ٿو پر هارائي نٿو سگهجي!"

سو، هن ڏتڙيل ڌرتيءَ جو ڪوبہ ماڻهو ڌرتي جو سک تباهہ ڪندڙ ۽ ابوجهہ ماڻهن مٿان جوهري جنگ مڙهيندڙن آڏو گوڏا نہ کوڙيندو، توڙي جو کين زنجيرون وڌيون وڃن، ڏنپيو وڃي يا ڦاهي گهاٽن ڏي اماڻيو وڃي.

تنهنجي وڏي مهرباني جو مون لاءِ انصاف ۽ آزاديءَ جي تمنا رکين ٿي. پر شايد توکي وسري ويو آهي تہ صرف ديوارون قيد نہ ٿاهينديون آهن، اڄ سڄو ديس هڪ تمام وڏي قيد خاني ۾ بدلجي چڪو آهي. مونکي يقين آهي تہ تو رڳو منهنجي نہ پرسچي قوم جي ماڻهن لاءِ موجود بندڻن کان ڇوٽڪاري جي تمنا ڪئي آهي.

هو، اسان جي نراڙ تي پنهنجي مرضيءَ جو ٺپو هڻن ٿا. پرڇا ٺپا سچ کي تبديل ڪري سگهن ٿا؟ ڇا ڪو ڌرتيءَ ڄائو غدار ٿي سگهي ٿو؟ نہ، ڪڏهن بہ نہ، ناممڪن. حقيقت ۾ ڳالهہ رڳو ايتري آهي تہ مان امن جو پرچارڪ آهيان ۽ هڪ اهڙي سماج جا سپنا ڏسان ٿو جنهن ۾ محنت پوڄا آهي، تخليق جو قدر آهي، جنهن ۾ انسان پنهنجا جذبا بيان ڪري ٿو.

مان چاهيان ٿو تہ اهو ڏينهن ضرور ايندو جڏهن ڌرتيءَ جي ڊيگهہ ويڪر تي امن قائم ٿيندو، جڏهن هر ٻار کي تعليم جو زيور پاتل هوندو ۽ هر قسم جو استحصال اونهين قبرن ۾ دفن ٿي ويندو.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ايندڙ خط ڏنل پتي تي موڪجانءِ ۽ ها! لفافي جي مٿان ايمنسٽي انٽرنيشنل جو نالو خط کي 'غلط' هٿن ۾ پهچائڻ لاءِ ڪافي آهي. تنهنڪري اهو نہ ئي لکجي تہ بهتر آهي.

خلوص منجهان

(• ڪيٽي شڪاگو ۾ ايمنسٽيءَ انٽرنيشنل جي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي)

* * *

ويڪيوم بم: اسرائيل/ آمريڪا بيروت تي ست بم ڪرايا جن مان پنج ڦاٽا. ان بم تي اقوام متحده جي اڳواٽ بندش آهي. اهي بم پينٽاگون جي فرمائش تي اسرائيل کي ڏنا ويا.

ويڪيوم بم هوا ۾ ڦاٽندو آهي. گئس ۽ باهہ پيدا ڪري 'ويڪيوم' پيدا ڪندو آهي ۽ زمين مان هر جاندار ۽ عمارتون ڇڪجي، پٽجي ان ويڪيوم کي پُر ڪنديون آهن. ان عمل ۾ جسم ۽ هرشئي پرزا پرزا ٿي ويندي آهي.

* * *

برنارڊ شا ڏانهن لکيل عاشقانہ خط ٢٣ فيبروريءَ تي نيلام ٿيڻا هئا. الائي ڇا ٿيو؟ اخبارن وارا بہ اڌ خبرون ڏيئي الائي ڪهڙي پاسي هليا ٿا وڃن.

* * *

## قيمتون

هڪ ٽينڪ: ٥٠٠،٠٠٠ آمريڪي ڊالرن جي آهي جنهن سان ٽيهہ شاگرد في ڪلاس جي حساب سان ٥٢٠ ڪلاسن لاءِ سمورو تعليمي سامان خريد ڪري سگهجي ٿو.

هڪ جيٽ فائٽر: ٢٠ ملين آمريڪي ڊالرن جو آهي جنهن سان ٣٠،٠٠٠ ڳوٺاٽيون اسپتالون کولي سگهجن ٿيون.

هڪ تباهہ ڪن بحري جهاز: ١،٠٠،٠٠،٠٠٠ آمريڪي ڊالر جن سان تيرهن شهرن ۽ اوٺيهن ڳوٺن کي بجلي پهچائي سگهجي ٿي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۸ -اپريل ۱۹۸۳

انسان ڌرتيءَ جي گولي سان ايئن چهٽيل آهي جيئن ميز تي رکيل تمام وڏي گلوب سان ڪا ڪيئلي چهٽيل هجي. مان به گردش ۾ آيل ڪنهن گلوب سان ڪيئليءَ وانگر چهٽيل آهيان. وٽيوَ ته دل پيچي ڦوڪ هٽي ڪيرائي ڇڏيو. وٽيوَ ته چهٽيل ئي رهڻ ڏيو. مون هن صحرائي ڌرتيءَ تي پنهنجو رت نه سهي پگهر ضرور ٽمايو آهي. باوجود ان جي ته طارق جيان بيڙيون نه ساڙيون اٿم پر پيارن ڪاڻ پاڻ تي وار سٺا اٿم. باوجود ان جي ته ڪاهوڙين وانگر "پهاڙ" نه آهيان پر پنهنجي حال آهرڪڏهن به درد کان ٻڙڪ نه ڪڍي اٿم، ڪڏهن به ڪنهن کي ڏوهه نه ڏنو اٿم، ڪڏهن به ڪنهن کان مدد نه گهري اٿم، ڪڏهن به ڪنهن کي ميار نه ڏني اٿم. ڪڏهن به ڪنهن تي بار نه وڌو اٿم. وار هٽڻ ۾ ڪاهوڙين سان گڏ نه سهي، سهڻ ۾ ٿورڙي ئي سهي پائيواري ضرور اٿم. پر ڪڏهن ڪڏهن احساس ٿيندو آهي ته شايد... ڪاهوڙين جوڳي به نه پائيو. تڏهن ئي ڪڏهن ڪڏهن زبان مان نڪري ويندو آهي ته "آءٌ انهن جي آهيان توٽي مون نه مڃين!"

ڪاهوڙي قدر جهڙا آهن. سندن قربانيون بي حساب آهن. هو سچ جا پانڌي آهن ۽ زهر مان به سرور وٺي اڳتي نڪري ويندا آهن - ۽ مان؟ مان ته سندن هٿ سان اوتيل مڌ واري ساغر کي به ڇهڻ جي قابل نه آهيان.

بس، تڏهن به ديوانگي ئي سڏجي جو پاڻ کي ضمير جي عدالت آڏو بيهاري اهو ئي فيصلو وٺان ٿو ته، "آءٌ نه جيئندي اُن ري" . هو پٿر کي پٿر سمجهي ڇڏي ٿا ڏين. ٿي سگهي ٿو ته اهو صحيح هجي پر ان کي گهرڻ ڪنهنجو ڪم آهي؟ يا شايد مان محض وارياسو پٿر هوندس. پلا هنن پهاڙن جي پانڌين کي پٿرن جي سڃاڻپ نه هوندي ڇا؟

شايد زندگي فقط ۽ فقط زخم سهڻ ۽ موت ۾ ڪجهه نه ڪڇڻ ۽ لڇڻ جو نالو آهي. مون اڳ به اِن ئي فسلفي تي عمل ڪيو آهي ۽ آئيندي به ڪندس. شال مان پنهنجن اکرن تي قائم رهان!

***

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ڀڃي ساز پنهنجو پنهنجي هٿن سان
وري جوڙيان ٿو
وري تاڻي تارون
وري سوچيان ٿو
وري ڏن ڪائي ڇيڙي ڏسان ٿو
وري گيت ڪوئي ڳائي ڏسان ٿو
وري هڪ پيرو
ڪائي صدا
ڪو سڏ، سڏڪو
ڏيئي ڏسان ٿو
ڀڃي ساز پنهنجو پنهنجن هٿن سان

۱۱-اپريل ۱۹۸۳

ايران-عراق لڙائيءَ ۾ وري تيزيءَ جي خبر آئي آهي. عراق ڏاڍي فخر سان سوين ايراني سپاهين کي مارڻ جي دعوا ڪئي آهي ۽ ايران بہ سوين عراقي فوجين کي مارڻ جي حامر هنئي آهي. ٻنهي حڪومتن پنهنجي نقصان کي لڪايو آهي. هيءَ ڪهڙي فوجي ۽ اخلاقي ضرورت آهي؟

سامراج انسانيت جي ڏکي قتل عام جو ڪيترو ذميدار آهي تنهن جي گهرائي لهڻ في الحال ممڪن ڪونهي.انسان، سامراجيت جي هٿن ۾ ڪيڏي لاڳيتو ڪنهن ٻئي انسان ياءُ ڪي ڪُهي رهيو آهي. جنوني پاڻ پردي جي پويان ويهي خليج جي تيل کي پنهنجي صنعت لاءِ رت وانگر استمال ڪرڻ ۽ منافعي ڪمائڻ ڪاڻ وچ اوير ڪي جنگ. باهہ ۽ دونهين جي طوفان ۾ مستقل لوساڻي رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۱۵ـ اپريل ۱۹۸۳

وقت: صبح جا پوڻا يارنهن:

ڪالهہ سؤ سوا قيدي پهتا آهن. بند وارڊ ۾ رکيا ويا آهن. بظاهر مذهبي جنوني آهن جيڪي تازوڪراچيءَ ۾ شيعہ سني جهيڙي ۾ گرفتار ٿيا آهن. ملڪ ۾ سياسي پوسٽ ڪري جيڪا بي چيني پيدا ٿي هئي تنهن جي ٻاڦ ڪڍڻ ڪاڻ سرڪار شيعا سني فساد ڪرائي ڇڏيو آهي. هن مهل تائين ٻنهي ڌرين جا لاتعداد ماڻهو مري چڪا آهن. سرڪار في ماڻهو ويهہ هزار رپيا قيمت مقرر ڪري ڇڏي آهي. جيڪو مري ٿو تنهن جي پوين کي اها رقم ملندي.

ڪالهہ رات فيڪٽريءَ ۾ روشني هئي. جڏهن بہ رات جو فيڪٽري مان روشني ايندي آهي تڏهن سمجهيو ويندو آهي تہ ڦاهي گهاٽ ڏانهن ڪو مسافر وڃڻو آهي ۽ رستو سينگاريو ويو آهي. ڦاهي ڏيڻ لاءِ فجر جو وقت چونڊيو ويو آهي تنهنجي منطق هاڻ سمجهڻ ۾ اچڻ لڳي آهي. پهريون هيءَ تہ رستي ۾ چراغان ڪجي ۽ ٻيو هيءَ تہ ان وقت ٻيا سمورا قيدي پنهنجين پنهنجين ڪوٺين ۾ بند هوندا آهن ۽ ڪنهن بہ قسم جي مزاحمت جو امڪان نہ بچندو آهي. سو، ڪالهہ بہ فيڪٽري ڏانهن چراغان هو، پر شام ڪان ٿي. جڏهن ڪنهن کي ڦاسي ڏني ويندي آهي تڏهن رات جو يارهين لڳي کان چراغان ڪيو ويندو آهي. لڳو ٿي تہ ڪا اهم ڳالهہ آهي پر ڪهڙي؟

اڄ صبح ٻڌايو ويو تہ فيڪٽريءَ جي ٻنهہ ان حصي ۾ جتي قيدين کي قرآن شريف پڙهايو ويندو آهي اتي ٽڪنڪي لڳائي وئي هئي - ”اسلامي سزا“ تي ٺيڪ ان جاءِ تي عمل ڪرايو ٿي ويو جتي اسلام جي بنيادي تعليم ڏني ويندي آهي. ان ئي جاءِ تي سپاهي ۽ فوجي آفيسر لانگ بوٽن سميت چڙهي تقدس جون ڌڄيون اڏائڻ وارا هئا.

• • •

وقت: شام جا ٽي:

سمورن مذهبي قيدين کي ڏهہ ڏهہ پندرهن پندرهن ڦٽڪا لڳا، هڪ هڪ سال سزا بہ. شهر ۾ رد عمل طور اڄ گوڙ ٿيو آهي. جمع جو ڏينهن بہ آهي، ملن جي لاءِ سٺو موقعو. تقريباً ٢ ـ لڳي ڌاري شيلنگ ٿي آهي ۽ چڱي خاصي، شايد جيل جي ويجهو بہ ٿي آهي جو اسان بہ گيس سبب ڳوڙها نہ روڪي سگهيا آهيون ۽ سيني جا منهن سڙي رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

١٦_اپريل ١٩٨٣

”انڪل! اسان کي نہ ماريو...الله جي واسطي... اسان اڳ بہ ڏاڍي مار کاڌي آهي... “ هيءُ اهي التجائون هيون جيڪي انهن ڏهن ڏهن، ٻارهن ٻارهن سالن جي معصوم ٻارن ڦٽڪن لڳڻ مهل ميجر انچارج کي ڪيون. جيل جي ڪجهہ سپاهين ٻڌايو تہ، ”انهن ۾ گهڻو ڪري اهي ٻار ۽ وڏا شامل آهن جيڪي هاڪر آهن ۽ ننڍڙا ننڍڙا فٽ پاٿي دوڪان، اسٽال ۽ گاڏڙا هلائي رهيا هئا“ سيئي بي گناهہ. ڦٽڪا ايترا زور سان لڳايا ويا جو هٽندڙ سپاهين جي هٿن مان ۽ قيدين جي جسمن مان رت وهي پيو هو. پر ميجر جي ان تي تسڪين نہ ٿي ۽ برگيڊئر انچارج کي دانهن ڏني تہ ڦٽڪا آهستي هنيا ويا آهن. خبر ناهي هنن اذيت پسندن جون حسون ايترين ڇو مري ويون آهن. ڪجهہ ايئن ٿو محسوس ٿئي تہ شايد ملڪ تي ڪنهن غير ملڪ جي فوجن قبضو ڪري ورتو آهي ۽ اهي پنهنجي انتقام جي باهہ اسرائيل وانگر غريب ۽ معصوم ٻارن ۽ مردن مان ڪڍي رهيا آهن. هوئن اهاڳالهہ بہ ڪا گهٽي پراڻي ڪونهي جڏهن هن ئي شهر جي بهادر عورتن پنڌيءَ جي عورتن سان يڪجهتي ڪندي پوليس هٿان لاٺي چارج ۾ زخم پرايا ـ هيءُ ماڻهو ”امن قائم ڪرڻ لاءِ ظلم ڪري رهيا آهن ۽ سندن اذيت پرست ذهن جي تشفي نٿي ٿئي. جيل جي سپرنٽنڊنٽ فون تي برگيڊيئر کي چيو آهي تہ ”هو ڦٽڪن ذريعي موت جي ذميداري نٿو کڻي سگهي، جيڪڏهن ڪين مارٿو ئي آهي تہ فائرنگ جو حڪم نامو لکي موڪلي“ هُن اهو ڦٽڪو (CANE) برگيڊيئر ڏانهن ڏياري موڪليو آهي جنهن جي ٻنهي ڇيڙن تي سپاهين ۽ قيدين جي هٿن ۽ سٿرن جو رت ڄميل آهي ـ جبر ۽ بربريت جا اهڙا اهڃاڻ سنڌ جي تاريخ جي ورقن ۾ يا تہ ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ ملن ٿا ياڪلهوڙن جي دور ۾. هيءُ رجعتي مُلا هر دور ۾ اسلام کي استعمال ڪري ڪيس اهڙي جاءِ تي پهچائي چڪا آهن جتي شايد ڪيس ڪو دشمن بہ نہ پهچائي ها!.

* * *

مونکي ان ٿلهي مڇر تي ڪل اچي رهي آهي جيڪو منهنجو رت پيئڻ کان پوءِ پنهنجو وزن نٿو کڻي سگهي.

* * *

اسپيشل نوٽ:

”مان صحافي ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان“

* * *

ڊاڪٽر مولا بخش ٻڌايو تہ جڏهن هو پريشان هوندوآهي تڏهن ڪيس سڄي رات ننڊ نہ ايندي آهي. سهيل سانگيءَ چيو، ”تورڙو مختلف ڪيس آهي، جڏهن شبير شر گهڻو پريشان هوندو آهي تڏهن ڪيس ننڊ گهڻي ايندي آهي.“

* * *

مان پڪي پڪڻ ۽ جيت جٽي ۾ تاهہ ڏسي رهيو آهيان. شايد هي ديوارون ڏڏڻ واريون آهن... شايد ڌرتي پاسو مٽائڻ واري آهي.

* * *

سهيل سانگيءَ ٻڌايو تہ هو ننڍپڻ ۾ پينسل وارا ربڙ ڏاڍي شوق سان کائيندو هو. مونکي تہ اعتبار نٿو اچي پرجڏهن کان هو سينٽرل جيل پهتو آهي منهنجا بہ ٽي ربڙ گم ٿي ويا آهن. شڪ ۾ مون ربڙ کي تالي ۾ رکڻ شروع ڪيو آهي.

١٧-اپريل ١٩٨٣

## ”اداس شهر“

جڏهن وقت واقعي بيهجي وڃي تڏهن اهو اداس شهر هوندو آهي. جڏهن ڪو اجنبي هن شهر جي فصيل اندر پناهہ وٺندو آهي تڏهن سندس واچ جا ڪانٽا ذهن ۾ بيهجي ويندا آهن ۽ اُن وقت تائين بيٺل هوندا آهن جيستائين سندس وارو نٿو اچي تہ ٻاهرين دنيا جي ماڻهن واري سمنڊ ۾ ڪنهن ڦڙي جيان ملي منجهن جذب ٿي وڃي. هو تڏهن ئي محسوس ڪري سگهندو تہ وقت بيٺل نہ هو پر ڪيئي سال اورانگهي ويو آهي شهر جو نقشو بدلجي ويو هي، جت ميدان هئا اتي ڏهہ ڏهہ ماڙ عمارتون ۽ جت عمارتون هيون اتي کنڊر آهن. هو محسوس ڪندو تہ سمنڊ جي سطح اها ناهي جا اڳ هئي بلڪ چڙهيل آهي. هو روڊ اڪرڻ جون سموريون اٽڪلون وساري چڪو هوندو ۔ يا

شايد ڪيس اهو ڪجهه ياد اچي وڃي جيڪو هو اداس شهر ۾ وساري ويٺو هو.

عجيب ڪيفيتن جو اداس شهر، جتي پل پل ۾ جذبا ساندن جيان رنگ مٽائيندا آهن؛ ڪڏهن پر اميد ۽ حوصلي مند ڪڏهن مايوسي، ڪڏهن ڪاوڙ، ڪڏهن هفتن جا هفتا نندن جا گهيرٽ ڪڏهن ڏينهن جا ڏينهن ۽ راتين جون راتيون بي انتها ڊگها ۽ اٽڪ ارجاڳا. ڪڏهن زندگي ٺهڪ ڏيئي دنيا تي کلندي وتندي آهي ۽ ڪڏهن ٻئي ئي پل ۾ اوڇنگارون ڏيئي روئي پوندي آهي.

هتي نه رنگ جو احساس آهي نه خوشبوءِ جو. سچ پڇ ڪڏهن ڪڏهن ته ٻاهرين دنيا ڏينهن جا ڏينهن ياد نه ايندي آهي پر ڪڏهن اهو لمحو نه هوندو آهي جڏهن ٻاهرين دنيا جون يادون ڏنڀ ۽ ڏنگ تي روح نه ايذائينديون هجن. پر انسان سڀ کان "ڏاڍو" آهي. هو هر جاءِ تي رهي سگهي ٿو، ۽ سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو، سڀ ڪجهه سهي سگهي ٿو ۽ وک وک تي پنهنجي اندر اها سگهه محسوس ڪري سگهي ٿو، جيڪا جيئاريندڙ آهي.

* * *

اخبارن تي سينسرشپ آهي ۽ بي بي سي ماٺ آهي. پر اسان محسوس ڪري سگهون ٿا ته شهر ۾ سانت ناهي. M.R.D جا ليڊر مري ويا آهن شايد ڪو آمريڪا ۾علاج پيو ڪرائي ته ڪو فرانس ۽ انگلينڊ ۾، ڪو ڪُوٽ هليو ويو آهي. اڳي شڪ هو پر هاڻي يقين ٿي ويو آهي ته M.R.D ڪابه تحريڪ هلائڻ لاءِ ڪنهن به قيمت تي تيار نه آهي. معروضي حالتون گنڀير آهن ۽ ڪابه تنظيم ڪونهي. ماڻهو پنهنجي منهن چٽروچٽ ٿي وڙهي رهيا آهن. ڪڏهن شاگرد، ڪڏهن وڪيل، ڪڏهن ٽرانسپورٽ وارا، ڪڏهن ڊاڪٽر، ڪڏهن جذبا مذهبي رنگ ۾ اٿلي رستن تي نڪري ٿا پون. ٽن چئن ڏينهن کان هتي بمن جا ڌماڪا، فائرنگ ۽ ڳوڙهاگيس جي شيلنگ جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. اڄ صبح جو سادي چئين لڳي تمام زوردار ڌماڪي سان اک کلي پئي، بي انتها رڙين جا آواز به ڪن پيا - خبر ناهي ڇا ٿيو ۽ ڪهڙو ڪهڙو ظلم ٿي ويو. اخبارن جي زبان وڍيل آهي ۽ نشرياتي ادارا يا ته بي وس آهن يا بنهه بي حس.

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

اي سونهن جي ديوي!

منهنجي آڏو جڏهين به اچين پنهنجي بي خود حسن کي سنڀالي ايندي ڪر. حسن ڇڙواڳيءَ ۾ بي خوديءَ ۾ پٿر جي بتن کان به سدا سانت جو قسم پيچائي ڇڏيندو آهي. مان ته وري به انسان آهيان. منهنجو تحرڪ سانت ۾ بدلائي توکي ڇا ملندو؟ منهنجي منزل جورخ ڦيرائي توکي ڇا ملندو؟

تنهنجي سونهن جي تعريف نه ڪرڻ ڪفر آهي پر مان ڊڄان ٿو ته ڪٿي تنهنجن نرم چپڙن جي ٽانڊي کي چمي مان ڳالهائڻ ۾ اظهار جي قوت نه وڃائي وهان - ڪٿي تنهنجي زلفن جي خوشبوءِ ۾ مدهوش ٿي مان لوهي زنجيرن سان وڙهڻ جي سگهه نه وڃائي وهان. نه.... تون ان رستي تان نه لنگهندي ڪر جتان منهنجو گذر آهي. هيءُ وقت منهنجي موٽ جو ناهي - موٽندي توسان رهاڻ ڪندم.

***

اي جان اسير!

پيار،

آزادي

حسين مستقبل

امن

سپنن جو شهر

انصاف

نون گلن جو ٽڙڻ

ديوارن جو ڊهڻ

حياءَ جو اٿلي پوڻ...

هيءُ سڀڪجهه هڪ ٻئي سان ڪيترو ڳنڍيل آهن سو تون هاڻ سمجهي سگهنديءَ. اهو سڀڪجهه هڪ ئي ڏينهن تي ٿيندو ۽ هڪ ئي ڏينهن ملندو. ڪاش! تون هڪ ئي وقت انهن سڀني ڪاڻ ايڏو سوچين، جيترو منهنجي لاءِ.

اج جو ڏينهن تنهنجي ۽ منهنجي زندگيءَ جو يادگار ڏينهن ضرور آهي پر تنهنجي ۽ منهنجي ديس جي زندگي لاءِ اهي وڇوڙي جا ڏينهن تنهن کان گهٽو اهم آهن.

تنهنجو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۲۴-اپريل ۱۹۸۳

اڍائي سال گذرڻ کانپوءِ بہ جڏهن عدالت ’وقت کان اڳ وارو مرحلو‘ چئي ضمانت واريون درخواستون رد ڪيون تہ وڪيل صاحبن نوان گرائونڊ ٻڌائڻ شروع ڪيا. تنهن تي مسٽر حبيب الله ڀُٽي (ڪورٽ جي سول ميمبر) امالڪ چيو، وڪيل صاحب!

"Singing birds are kept in cages, not owls"

جام اتي ٻيٺو ۽ چيائين، ”سائين! اها ڳالهہ عجيب تي لڳي تہ خود ڪورٽ کي بہ اهڙو احساس تي رهيو آهي پر ڪاش عدالت اهو بہ چئي تہ اچڪلهہ چيرا نہ رڳو آزاد آهن پر ڪرسيءَ تي بہ ويٺا آهن!“

ڦٽو هوندو گاهہ، وٽا هوندا مينهن

باقي ٿورا ڏينهن، وري ورندي مارئي.

۲۸-اپريل ۹۸۳

اڄ، مان ڏاڍي نشي ۾ آهيان -

.... ۽ اهو سڀڪجهہ ڪندس جيڪو مونکي وڻندو ۽ اڄ مون دشمن کي بہ موڪل ڏيئي ڇڏي آهي تہ ڪيس جيئڻ وڻي، مونکي روڪي.

* * *

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

رات ڪاٽڻ لاءِ ڪائي ڳالھ ڪيو
رات ڇو گذري نٿي
سانت ڪاريھر جيان پئي ڏنگي
خاموشيءَ جو زھر ٿو چڙھندو وڃي
ڪيستائين چپ سندي چادر وجھي
رات گذرڻ جو ڪنداسين انتظار
رات ڪاٽڻ لاءِ ڪائي ڳالھ ڪيو
رات ڇو گذري نٿي.

(بدر قريشي)

۲۹_اپريل ۱۹۸۳

جڏھن رات پنھنجا پيانڪ پر پکيڙي لھندي آھي ۽ پير پير ۾ وجھي گشت ڪندي آھي، تڏھن ... جيون قيديءَ (افضل) جي ڪولي سانت جي صحراءِ اعظم جيان پٽون پٽون ٿي پوندي آھي ۽ ڏکويل دل جي رڃاٽيل واريءَ تي اچ اوتيندي آھي.

تڏھن ھو فنڪار قيدي ائين ڦتڪي پوندو آھي جيئن... بارود ڦاٽڻ کانپوءِ ماٺيٽي ڏيڍ جي ارتعاش ۾ چنڊ جو پاڇو. احساس ڇڙيون ھٽي شانطل ڪھيرانيءَ جو گيت الاپيندو آھي. ۽ بانسريءَ جو چشمو ڪوليءَ جي در منجھان روڻ ڪري ڦٽي، جرڙ ھڪ ڪري ڇڏيندو آھي.

۽ آلاپ... نئہ روڻ ڪوٺ جي سخت پٿرائين ديوارن سان ٽڪرائجي اڪري ويندو آھي... پري پري تائين.

• "شانطل" ھڪ ڇيھي جيترو ريگستاني پکيڙو آھي جيڪو "ڪھيراني" جي ٻوٽي تي ويھي ڳائيندو آھي ڪھيرانيءَ ۾ پن ڪونہ ٿين منجھس فقط ڪنڊا ھوندا آھن. روايت مطابق ٻنھي جو پاڻ ۾ عشق آھي.

• • •

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۱ ـ مئي ۱۹۸۳

پيارا!

بحث ڇڙي پيو آهي تہ بهتر انسان ڪير هوندو آهي. هڪڙي ڌر جو خيال آهي تہ خدا جي ذات تي ايمان آڻيندڙ هر فرد بهتر آهي. ٻي ڌر جو چوڻ آهي تہ ڪوبہ ماڻهو خراب نہ هوندو آهي. ٽين ڌر جو خيال آهي تہ جيڪو ڪنهن هئي ڪي نہ ڏکوئي سو بهتر آهي. بحث ڏاڍو منجهائيندڙ آهي. لالو افضل تہ چوي ٿو تہ، ”توهان سڀ فضول بحث ۾ پئجي ويا آهيو، مان سڀني کان بهتر آهيان.“

ان بحث ۾ انساني زندگيءَ جا عجيب غريب نفسياتي پهلو اڀري آيا آهن. ڪابہ راءِ آخري ناهي. جيڪڏهن خدا جي ذات تي ايمان جي ڳالهہ ڪٽبي تہ بہ اعليٰ انساني قدرن ۾ اعتماد جي ڳالهہ اڀرندي. اهو جدا بحث آهي تہ اعليٰ انساني قدر مختلف زمانن ۽ مڪانن ۾ مختلف هوندا آهن. انساني زندگي ۽ تمدن جي اوسر ۾ مادي رشتن جي روحاني اپٽار کي نظر انداز ڪري ڇڏڻ حقيقت پسندي ڪونهي. ڪنهن بہ ڳالهہ تي ايمان رکندڙ ماڻهوءَ جو فلسفو سندس زندگي گهارڻ ۽ زندگيءَ کي پرکڻ جو اسٽائيل آهي. ان اسٽائيل يا زاويي تي اهو فرد جيڪڏهن مضبوطيءَ سان بيٺل آهي تہ اهو ان فلسفي ۽ انجي ڊسيپلن ۾ ايماندار ٿي چئبو. آخر بہ ٻي لغام ماڻهوءَ کان با لغام ماڻهو بهتر آهي، اهو ماڻهو پاڻ کي ڪن اخلاقي اصولن هيٺ پابندي تہ ڪري ٿو. ڪابہ اخلاقي پابندي قبول ڪندڙ کي اسان بهتر ماڻهن جي لسٽ ۾ شامل ڪري سگهون ٿا. ٻي ڌر جي راءِ بہ غلط ناهي تہ ڪو بہ ماڻهو غلط ناهي هوندو. واقعي هر دل ۾ ڀڳوان بہ آهي ۽ هر ماڻهوءَ ۾ بنيادي جبلت معصوم ٻار واري هوندي آهي، جيڪا مرڻ گهڙيءَ تائين سندس اندر ۾ موجود هوندي آهي. ٽين ڌر جي راءِ بہ اعليٰ انساني قدر تي ٻڌل آهي. جيڪڏهن سڀ صحيح آهن تہ پوءِ هي بحث ڇا جو؟

پيارا بحث اتان شروع ٿئي ٿو، يعني لالي افضل جي اها دعويٰ تہ ”مان سڀني کان بهتر آهيان!“ ـ اسان سڀني جي گڏيل راءِ اها بيٺي آهي تہ سماج ۽ دنيا ۾ ڏڦيڙ جي ابتدا اها ئي سوچ آهي. اها آخري راءِ معاشي مسئلن کي پاسيرو رکڻ کان پوءِ واري منزل آهي.

جڏهن هٽلر خان کي خيال پيدا ٿيو تہ مان ۽ منهنجي قوم انساني نسل ۾ سڀ کان اتم آهي تڏهن مهاڀاري جنگ لڳي. جڏهن سڪندر اعظم پاڻ کي سڀ کان وڏو سورمو سمجهيو تڏهن اڌ دنيا ۾ قتل عام ٿيو. جڏهن

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

مهاڀارت جي پانڊون ۽ ڪورون پاڻ ۾ ڪي عظيم ڪشتري سمجهيو تڏهن ويهن ڏينهن ۾ ٣٨ لک ماڻهو مارائي ويهي رهيا. جڏهن ضياءُالحق پاڻ کي بهتر مسلمان سمجهي سڄي قوم کي گمراهہ ڄاڻيو ۽ زبردستي مسلمان ڪرڻ شروع ڪيو تڏهن هيءَ پوست پيدا ٿي آهي: جيڪا خبر ناهي تہ ڪهڙي قهري طوفان جو سبب ٿيندي.

حوالدار شيرعلي ٻڌايو تہ ڪجهہ وقت کان ”چڪر“ ۾ ٽي چار عرب سڳورا اچي ڦاٿا آهن. سهيل سان صلاح ڪيم تہ ساڻن ملي اچجي. سهيل هڪدم چيو، ”ادا بهتر مسلمان اچي ويا“ - هو بهتر مسلمان نہ پر بهتر ماڻهو هئا - سندن تعلق پي .ايل. او سان هو. ٻہ تہ دل لاهي ويهي رهيا هئا شايد انڪري تہ انهن جو تنظيم سان ڪوبہ سڌو تعلق ڪونہ هو. سڪن گڏ آلا بہ ونجي ويا. جميل جيلر کي منٿ ميڙ ڪري سندن ٽوٽل پنهنجي وارڊ ۾ ڪرايوسون. ڏاڍيون سٺيون ڪچهريون ٿي رهيون آهن. وارڊ جو ماحول ئي ”بهتر“ ٿي ويو آهي. پي. ايل.او جي سمورن گروهن مان هنن يارن جو تعلق ياسر عرفات گروپ سان آهي. سوشلزم گهٽ: فلسطين گهڻو. محسوس ٿئي ٿو تہ ٻين گروپن سان سندن شديد اختلاف آهن. پر ڪين پڪ ٿي چڪي آهي تہ جيستائين ڪميونسٽن سان اتحاد نہ ڪبو تيستائين فلسطين جي آزاديءَ جو ڪوبہ امڪان ناهي. آزادي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ڇا ٿيندو؟ سندن معاشي پرگرام ۽ خارجہ پاليسيءَ جو رخ ڇا ٿيندو؟ سو ڏسجي. اِهي هڙئي فلسطيني قيدي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پرگريسو اتحاد جي حمايت ۽ جماعت اسلاميءَ جي چغلخوريءَ جي نتيجي ۾ هٿ پيا آهن. سرڪار ڪين واپس اردن موڪلڻ گهري ٿي پر ٻي يار وڃڻ لاءِ تيار ناهن.

فلسطيني همراهن مان بہ ڄڻا سخت بيزار آهن. سندن رويو غير سياسي ڇيڙاڪ، غير ذميدارڻو ۽ ابهرائي وارو آهي جڏهن تہ ٻيا خاص طور تي حسام نهٺو، توري تڪي ڳالهائڻ وارو، سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ رڌل هوندو آهي ۽ واندڪائيءَ ۾ ڪتاب پڙهڻ ۾ مشغول رهي ٿو.

اسان بهتر انسان واري بحث کي هنن فلسطينين تي لاڳو ڪري ڏٺو. اسان ڏٺو تہ تہ اڳ قائم ڪيل راءِ ۾ ٿورڙي تبديليءَ جي ضرورت آهي تہ ’بهتر انسان اهو آهي جيڪو نہ فقط اعليٰ انساني قدرن کي پنهنجي زندگيءَ جو اسٽائيل ٺاهي ٿو پر هنجو شعوري طرح اهڙي تنظيم ۾ شامل هئڻ ضروري آهي جيڪا سائنسي بنيادن تي عظيم آدرشي سماج اڏڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهي هجي.

٢ ـ مئي ١٩٨٣

بابا سائين!

پيرن چمڻ بعد ـ اڄ توهان جي سالگره آهي. توهانکي مبارڪ هجي. ان سان گڏ ان ڳالهه جي مبارڪ هجي تہ توهان واري ٿهيءَ جنهن نسل کي جنم ڏنو آهي تنهن جي پٺن تي گهاءَ ناهن، هن نسل سيني تي گهاءُ سهي پٺن تي عيسيٰ وانگر صيلب کڻي هر دور واري روايت کي اڳتي وڌايو آهي. توهان کي ان ڳالهه جي بہ مبارڪ هجي تہ توهان اولاد جي مٿان يزيدي ڏر جون سختيون ڏسي ڏاڍي ثابت قدميءَ سان اسان کي همٿايو آهي.

تاريخ جو فيصلو ڪجهہ اڳتي وڌي آيو آهي. فوجي عدالت فيصلو ٻڌائڻ واري آهي. سچو ڪير آهي ۽ ڪوڙو ڪير؟ سو توهان اسانکي ننڍي هوندي کان ٻڌائيندا رهيا آهيو ۽ اسان پنهنجين اکين سان ڏسي رهيا آهيون. اهڙي ۾ فيصلو ڇا ٿيندو؟ سو توهان بہ سمجهي سگهو ٿا ۽ اسان بہ. ممڪن آهي تہ توهانجي محبت ۽ شفقت ڪو اهڙو فيصلو ٻڌڻ نہ گهري جيڪو ڪوڙ ۽ ڪچ جو قاضي ڪندو آهي. پر توهان کي اهڙو فيصلو ٻڌڻ جي لاءِ نہ صرف قوت ڪٺي ڪرڻ گهرجي پر خود مونکي بہ همٿائڻ جو ڪم توهان جو ئي آهي. ايترو تہ اسان سڀ سمجهون ٿا تہ انساني جذبا ۽ احساس، رشتا ۽ محبتون ۽ وقت ۽ گهرجون ڪجهہ بہ نہ ڏسندا آهن، اهي سڀ تہ فقط پنهنجي پورائيءَ جون تقاضائون ڪندا آهن. پر وقت جي وهڪري آڏو اسان سڀني کي پنهنجو پنهنجو ڪردار پلئہ پوندو آهي.پوءِ کڻي اهو ڪردار اسان جي مرضيءَ جو هجي يا نہ هجي.

توهان سان منهنجو ڪو هڪ رشتو ناهي ۽ اها منهنجي خوش قسمتي آهي. رت جو رشتو، قومي رشتو، ادبي رشتو، استاد جو رشتو ۽ پنڌ جو رشتو. هر رشتي جي پنهنجي پنهنجي خوشبوءِ آهي ۽ گهرائپ آهي پر آخري رشتي جو رنگ ئي ڪجهہ عجيب آهي. جيڪڏهن رت جو رشتو ئي سيڪجهہ هجي ها تہ پنائي پنهنجي ان اولاد کي ساٿين جي ڪري نہ پِٽي ها جيڪو اڃا ماءُ جي پيٽ ۾ هو.

نئون نسل ڪو عجوبو ناهي. هيءَ تہ تسلسل جي هڪ ڪڙي آهي جيڪا گمنام ماضيءَ کي حسين ۽ اڻڄاتل مستقبل سان ڳنڍي رهي آهي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

تاريخ ڪنهن بہ نسل کي واندو نہ ڇڏيندي آهي. وقت جو مڪنو هاٿي هر دور ۾ پنهنجيءَ مرضيءَ جا ماڻهو چونڊي انهن جي ڳلي ۾ هار وجهي کين پنهنجو ڪندو آهي.

قرآن شريف، دولت ۽ اولاد کي سچ جي راهہ ۾ آزمائش سڏي ٿو تہ، ڪير انهن ڪاڻ پاڻ کي سچ جي سفر کان ڪيترو پاسيرو ڪري ٿو. مان ڄاڻان ٿو تہ توهان مونکي ڪڏهن بہ هن سفر کان نہ روڪيو آهي پر سدائين منهنجي رهنمائي ڪئي آهي. ڪيتري عجيب ڳالهہ آهي تہ رشتا ۽ ناتا پنهنجي پوريءَ سگهہ سان اسان کي پوئتي موٽڻ لاءِ سڏين ٿا: جيتوڻيڪ اسان سيني جون خواهشون ان جي ابتڙ آهن. پاڻ کي روڪڻ جي انسان ۾ ڪيتري اهليت آهي ۽ هو خود ان سلسلي ۾ ڪيترو ويچارو آهي، اهو هڪڙو ڌار موضوع آهي پر اهوبہ تہ ڏسي سگهجي ٿو تہ انساني رت جا رشتا ۽ ناتا انهن قوتن جون ڇڙڪ اتحادي قوتون آهن جيڪي بربريت جو اهڃاڻ آهن.

ڪي ماڻهو چوندا آهن تہ ”ماڻهو وقت سان ٽڪر کائڻ جو پاڻ ذميدار آهي“ پرخود توهان جو ئي ڪردار پشو پاشا ان جي نفي ڪندي چوندو نظر اچي ٿو تہ، ”نہ ... دراصل وقت ۽ حالتون ماڻهن کي ساڻن ٽڪر کائڻ لاءِ اياريندي آهن.“ جيڪي ماڻهو بظاهر ”مهر جو“ نظر ايندا آهن،اهي ڪڏهن ڪڏهن نہ بہ هوندا آهن ـ پلا! هماليہ جي چوٽين تان تيزيءَ سان لهندڙ پاڻيءَ ۾ لڙهندڙ پٿرن جي ڪهڙي مجال آهي جو هو پاڻ کي لڙهڻ کان بچائين! ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪناري تي بيهي تماشو ڏسندڙ ۽ آڪاس کي ڇهندڙ وڻ بہ پاڙئون پٽجي تيز وهڪري ۾ ڪک پن جيان لڙهي ويندا آهن ۽ پنهنجي وقت سان وري ڪناري پيڙا تيندا آهن يا ٽڪر ٽڪر ٿي ويندا آهن.

دوريون، ظلم، تشدد، بربريت ۽ آزاديءَ جو هر قربان ٿيندڙ لمحو انساني سماج کي هڪ وک اڳتي امن ڏانهن وٺي وڃي رهيو آهي. هن سفر ۾ هرڪنهن کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ادا ڪرڻو آهي، ڪو زندگي ڏئي ٿو، ڪو مال، ڪو آزاديءَ جون گهڙيون ڏئي ٿو تہ ڪو قربتن کي فاصلن ۾ بدلائي سڪون جي پيتا ڏئي ٿو. مان انهن سان متفق ناهيان، جيڪي درياهہ جي سير ۾ لڙهندڙ ۽ وڙهندڙ ٻنهي کي ئي ويڙهاڪ سمجهن ٿا. دراصل اهو خاموش ۽ اندر وڍيل ميڙ جيڪو بظاهر محض تماشائي نظر اچي ٿو اوترو ئي حصيدار آهي جيڪو ويڙهہ کي محسوس ڪري ٿو. مان انهن جي ڳالهہ نٿو ڪريان جيڪي لاتعلق رهن ٿا يا مخالف ڌر ٻڌجن ٿا.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ادب جي اڇايلن کي توهان کان شڪايت آهي تہ اوهان لکڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. ادب جي معمولي شاگرد جي حيثيت ۾ مان بہ پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ گهران ٿو ۽ حساب گهران ٿو. ان وقت تہ هيڪاري شدت سان محسوس ٿيندو آهي جڏهن اوهان مُڪ الاري، فوجي عدالت جي ٻاهران اسان جي همٿ وڌائيندا آهيو. توهان جي اها مُڪ خود، اسان کي بار بار مجبور ڪندي آهي تہ اوهان کي ٻيهر لکڻ لاءِ مجبور ڪيون. اميد اٿم تہ اسانجو احتجاج توهانکي لکڻ تي مجبور ڪندو.

توهان جو پنهنجو ئي تخليق ڪيل

بين الاقوامي امن جو هڪ ڪردار

• • •

”تون ويهي ڪهاڻي مڪمل ڪري وٺ!“

(ڪورٽ ۾ ڪيس هلندي سهيل مشورو ڏنو)

• • •

خبر ناهي چام عدالت کان وري ڪهڙو مطالبو ڪيو. ڪرنل ورچي پيو. چيائين، ”خدا جي واسطي ڪورٽ کي ٽارچر نہ ڏيو!“

• • •

ايران مان خبرون آيون آهن تہ تودھ پارٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري نورالدين ڪيانوريءَ ٽيليويزن تان انٽرويو ۾ ’غدار‘ هئڻ جو اقرار ڪيو آهي. ڪيڏي نہ عجيب ڳالھ آهي! ايئن ٿو لڳي تہ گرفتاريءَ کانپوءِ مٿس آخري حد تائين تشدد ٿيو آهي. پر هيءُ ڪهڙو اقرار آهي جنهن ۾ پاڻ کي ”انقلابي“ بدران ’غدار‘ چيو اٿس. ممڪن آهي تہ ڪيس کي خاص قسم جون سيون هٽي اهو بيان ورتو ويو هجي. ايران ۾ حد ٿي وئي آهي. شايد شاھ پسندن جو خاتمو اڃا ويو آهي ۽ هاڻي توده وارن تي وقت آيو آهي. شايد جلد ئي اسان اها خبر بہ ٻڌون تہ ڪيانوريءَ کي فائرنگ اسڪواڊ گوليون هٽي ماري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

٦ ـ مئي ١٩٨٣

پروفيسر اسپتال مان سينٽرل جيل موٽي آيو آهي. بهتر آهي، پر فالج جوا اثرا اڃا موجود آهي.

٧ ـ مئي ١٩٨٣

ڪيس ختم ٿيو آهي.ڪيس ختم ٿيڻ کان اڳ عدالت پڇيو ته ”اڃا توهان مان ڪنهن کي ڪجهه چوڻو آهي؟“ ڄام اتي بيٺو ۽ چيائين، ”ها!“ پوءِ هو اتي بيٺو ۽ سوچڻ لڳو ته ڪهڙي ڳالهه رهجي وئي آهي. جڏهن ڪيس ڪا ڳالهه ذهن ۾ نه آئي ته ڪرنل ڪلي چيس ته، ”ڪا ڳالهه نه بچي آهي ته چپ ڪري ويهي رهو، ضروري ته ناهي ته ڪجهه نه ڪجهه ضرور چئجي.“ ڄام ڪلي چيو ته، ”مون ڪتي پڙهيو آهي ته ويڙهه ڪانپوءِ جيڪو ٽونشو ياد اچي سو پنهنجي منهن تي هڻجي، انڪري اتي بيٺو آهيان ته متان ڪجهه رهجي نه ويو هجي.“

٨ ـ مئي ١٩٨٣

صمد خان اڄڪلهه ڪرسيءَ جي پڳل تنگ هٿ ۾ ڪٽي سامهون باريءَ ۾ ويهي رهندو آهي. ڪڏهن صفا چپ ته ڪڏهن خبر ناهي ته پنهنجي ليکي ڇا ڇا سوچي پيو مرڪندو آهي. مٿ جيتري ڏاڙهي ٿي وئي اٿس پر ڪيس ڪو احساس ڪونهي. پندرهين ويهين ڏينهن موڊ آيس ته وهنجندو نه ته اهو به نه. مئي جي سخت گرميءَ ۾ ٽاڪ منجهند جو سوئيٽر پائي باريءَ ۾ ويٺي ويٺي اينڊرڻ ويندڙ تي نگاهه رکندو آهي.

اڄ رائونڊ تي سپرنٽنڊنٽ کي ٻڌايائين ته رات جو ڊاڪٽر مولا بخش جي کوليءَ مان ڪنهن عورت جي روئڻ جو آواز اچي ٿو، ڪو هن تي ظلم ٿو ڪري، جيڪو بند ٿيڻ گهرجي. سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر مولا بخش کي تنبيهه ڪئي ته هو ظلم نه ڪري. هو صمد کي اختيار به ڏئي ويو آهي ته جيڪو به ظلم ڪري، صمد ان جي رپورٽ ماڙيءَ تي ڪري.

١٠ ـ مئي ١٩٨٣

هڪ قبائلي گروهه چندراپور مهاراشٽر ۾ رٿل ديوتا کي پرچائڻ لاءِ ابهم ٻارڙيءَ کي بت آڏو کهي سندس سمورو رت نپوڙي چانور پسايا. ـ (هڪ خبر)

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۱۱ ـ مئي ۱۹۸۳

اچا ياد آهين او خوشبوءِ جي راتڙي
اچا ياد آهي تو واعدو ڪيو هو
ڪينجهر جي ڪناري
گلابن جي پر ۾
لال بخمل ۾ ويڙهي گلابي بدن
زماني کان نظرون بچائي پرين
خيالن ۾ مونکي ڏسي تون مگن
ڇرڪائي ويندينءَ مونکي مگر...
مهينن سالن ۽ صدين جا راڳا
منهنجي سپنن جا آبي پکي
اچا ڪونہ آيا...
اچا ڪونہ آيا...
اچا منهنجي اکين جا سورج مُکي
ڌرتيءَ تان اُيري ۽ چهرو کٽي
هوائن جي جهوٽن جو دامن جهلي
پُڇن ٿا ٻڌايو!...
ڪٿي بي وفا...؟
ڪٿي آهي ڌرتيءَ جي سپنن جي راتڙي!

* * *

۲۰ ـ مئي ۱۹۸۳

تمام ڏگهي وقفي ڪانپوءِ تنقيدي ميڙ جمع ڪيم. هن ڪان اڳ سموريون ڪوششون ضايع ٿيون، شايد انڪري ته ڪجھ اسانجي ڪيس لاءِ تياري ۽ وٽ پڪڙ هئي ۽ ڪجھ ٻين شريڪ ٿيندڙن جا ڪيس هلڪا پيا هئا.

اڄوڪي ميڙ جي صدارت شرافت حسين بئنڪ فراڊ ڪيس واري ڪئي هئي ۽ سيڪريٽريءَ جا عارضي فرائض سهيل سانگيءَ انجام ڏنا. ڇاڪاڻ ته مان پاڻ ڪهاڻي پيش ڪرڻ جي موڊ ۾ هوس. هيءَ ڪهاڻي "ڪي ڏور ٻه اوڏا سپرين" ڪافي ڊگهي ٻه آهي ۽ ڏکيو پلاٽ اٿس، سهيل جي راءِ ۾ ته پلاٽ ليس ڪهاڻي آهي ۽ ڪردار ٻه Shadow آهن. ڪردارن جي انفراديت، اجتماعي پاڇي ۾ چرندڙ آهي. بهرحال مان خود ٻه مطمئن نه آهيان.

• افضل سئو آزاد نظم چيو، هي پهريون پيرو هو جو سندس خيال تي grip بيٺي؛ نه ته هن کان اڳ اهڙو ته منجهيل نظم ڏيندو رهيو آهي جو دماغ جو رڳون ڦاٽڻ لڳنديون هيون. ڊاڪٽر مولا بخش جوڻيجي جي ڪهاڻي "مرڪندڙ چهرو، ڪوماڻل گل" ٽريٽمنٽ جي لحاظ کان سٺي هئي پر پلاٽ تمام سگهارو هو ۽ ان ۾ گهٽي گنجائش هئي. هيءُ بهترين علامتي ڪهاڻي ٿي سگهي ٿي، جيڪڏهن پڇاڙيءَ ۾ تبديلي ڪري سيڪنڊ ڪريڪٽر کي Develop ڪجي ها!

شاهد رعنا انتهائي ڇسي موضوع تي ڪهاڻي ٻڌائي، پر ضد اهو ئي هئس ته آزاد نظم آهي. ڪنهن قلم ڪار خلاف قلم ڪٽڻ تي دل نٿي گهري پر ڇا ڪجي جڏهن ان قلمڪار جي قلم مان بدبوءِ جا ڀڀڪا اچن تڏهن جانبدار قلم کي بي رحم ٿيڻو ئي پوندو آهي.

آغا اشفاق اڄ ميڙ ۾ ڏاڍو دلچسپ مشورو ڏنو. چيائين، "ڪهاڻي جي ڪردارن "تمر" ۽ "اليانا" جا نالا غلط ۽ خراب آهن. اهي متاثڻ گهرجن" مون ڪيس ٻنهي نالن جي حق ۾ دليل ڏنا. پر چيائين، "بهرحال، ڪجھ ٻه هجي اهي نالا مٽاءِ". پڇيومانس، "آغا صاحب ڀلا ڪهڙا نالا تجويز ڪندؤ؟" چيائين، "تمر جو نالو 'دُريمن' ۽ اليانا جو نالو 'دُرشهوار'".

آغا صاحب جڏهن ٻه مشورو ڏيندو آهي ڏاڍي خلوص ۽ سچائي سان ڏيندو آهي. اهڙو فيض نه رڳو دوستن پر دشمنن سان ٻه جاري رهندو آهي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

آغا صاحب پاڻ بہ ڏاڍو ”فياض“ انسان آهي. سخت محنتي ۽ بي حساب اسٽيمنا وارو (ماشاءالله). قدرتي ڳالهہ آهي تہ هو موٽ ۾ بہ اهڙي توقع رکندو آهي: جيڪا منهنجي وس ۾ ناهي. تنهنڪري مونکي ”بي فيض“ سڏيندو آهي. آغا صاحب جي فياضي مشهور آهي پر سندس ڪجهہ ٻيون بہ فياضيون آهن مثال طور: طبي مشورا ڏيڻ ۾ فياضي، ادبي مشوري ڏيڻ ۾ فياضي، رُسڻ ۾ فياضي، هدايتون جاري ڪرڻ ۾ فياضي ۽ ڪنهن بہ اجنبي کي فوراً دوست سمجهي استعمال ڪرڻ جي فياضي.

۲۲ ـ مئي ۱۹۸۳

خبر آئي آهي تہ ”پارٽي شهر فتح پور جي مئجسٽريٽ گلوڪاره سلميٰ آغا ۽ فلمساز بي آر چوپڙا جي گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪيا آهن ڇو تہ هنن هڪ فلم لاءِ مولانا حسرت موهانيءَ جو غزل ”چپڪي چپڪي رات دن.....“ بنا سندس وارثن (نائي ۽ ڌيءُ) جي اجازت جي ريڪارڊ ڪيو آهي. مٿن دفعہ ۳۲۰ ۽ ۴۱۸ هيٺ ڪيس داخل ٿيو آهي.“

مان سوچيان ٿو، ڇا واقعي شعر ذاتي ملڪيت هوندا آهن؟ ڇا واقعي حسرت موهاني جو غزل ڳائي سلما آغا دوکي بازي ڪئي آهي؟ ۽ ڇا واقعي مولانا جي غزلن جي وارث سندس ڌيءَ آهي؟ جيڪڏهن عدالت پنهنجو فيصلو اهو ڏنو تہ، ”فن، ذاتي ۽ خانداني ملڪيت آهي“ تہ پوءِ اهڙين عدالتن جون ديوارون ئي ڍاهي ڇڏڻ گهرجن يا هر فنڪار کي گهرجي تہ هو پنهنجي زندگي ۾ ئي اولاد کي پنهنجي سوچ تخليق ۽ تخيل تي ڪاريهر ٿي ويهي رهڻ ۽ يزيد ٿي ڌرتيءَ ڌٽين کي اج مارڻ جو حق ڏيڻ کان انڪار ڪن.

۲۷ ـ مئي ۱۹۸۳

## هڪ ڪردار

۴ ـ مارچ ۱۹۵۳ تي شجاع الدين قتل جي ڏوهہ ۾ گرفتار ٿيو. ڪيس قتل ڪرڻ جي بشارت آئي هئي. عدالت سندس دماغي توازن جي چيڪ اپ لاءِ ڪيس چرين جي اسپتال موڪليو. شجاع الدين هاڻي صحتمند ٿي واپس آيو آهي. فريادي، شاهد ۽ گرفتار ڪندڙ سڀ مري چڪا آهن. هو ٽيهن سالن بعد بہ ڪچو قيدي آهي.

۲۸ ـ مئي ۱۹۸۳

ڪرنل اختتامي جملا ڳالهائيندي چيو، ”ڪيس گهٽو ڊگهو ٿي ويو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

تنهن جو ڪورٽ کي احساس آهي، توهان مان هرڪنهن ڀرپور دفاع ڪيو آهي جيڪو ساراهڻ جهڙو آهي. پراسيڪيوشن بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي (اهي لفظ چوندي هو مرڪي پيو شايد ڪيس استغاثہ جي پيرويءَ تي کل آئي هئي) سيني پنهنجو پنهنجو ڪردار نڀايو آهي. ڪورٽ جو رويو بہ ڪڏهن سخت، ڪڏهن نارمل ۽ ڪڏهن نرم رهيو، اهو ضروري هو تہ جيئن ڪارروائي اڳتي وڌندي رهي. مان ايئن نٿو چوان تہ بچاءُ جا شاهد گهرائڻ ۾ ڪورٽ جو ڪريڊٽ آهي پر اهو درحقيقت ڪريڊٽ انهن ڏانهن وڃي ٿو جيڪي بئنچن تي ويٺا آهن. اهو ڪريڊٽ سندن سياست ۽ پارٽيءُ جو آهي جنهن کي ملڪ جي سمورين وڏين پارٽين جي سربراهن ۽ ليڊرن عزت ڏني ۽ انهن جي سياست جو بچاءُ ڪيو. اسان سڀ وقت گذاريو ۽ سدائين ياد رهندو. توهان کي اطمينان رکڻ گهرجي تہ ڪورٽ سخت تڪليفن جي باوجود جيترو ڪري سگهي اوترو ڪيو.“

۴ ــ جون ۱۹۸۳

ڪورٽ اڄ بہ گهرايو. مونکي ٻڌايو ويو تہ منهنجي آفيس مان نڪتل ذاتي نوعيت جو سامان، شاعري، ڪهاڻي، مضمون، پاسپورٽ، سجاٽپ ڪارڊ ۽ اڪائونٽ بوڪس مونکي ان وقت تائين موٽي نہ ملندا جيستائين فيصلو ٿئي. مونکي يقين آهي تہ اهي ڪاغذ پٽ ڪڏهن بہ موٽي نہ ملندا. سخت بوريت ۽ خار ۾ مٿن ڇوهہ ڇنڊي جيل واپس موٽي آيو آهيان تہ ”توهان مونکي سزا ضرور ڏيندؤ پر ان سان منهنجي صحت تي ڪوبہ اثر نہ پوندو پوءِ ڪٿي اها ڏهہ سال ئي ڇونہ هجي.“

پڇيائين تہ مونکي آخر انهن شين جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ چيومانس تہ”يلا ! ڪنهن ليڪڪ جي بہ ڪا ملڪيت هوندي آهي ڇا سواءِ سندس تخلقن جي؟“ (هوئنئن تہ اها بہ فقط عوام جي ملڪيت هوندي آهي) چيائين، بهرحال في الحال ڪجھ بہ نہ ٿو موٽائي سگهجي.

۴ ــ جون ۱۹۸۳

اڄ ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪيو ويو.

۱۰ ــ جون ۱۹۸۳

محترم فيض احمد فيض جي نظر ۾ ”هڪ يوناني گلدان جيڪڪنهن نظر جو موضوع پيدا نٿو ڪري، پنهنجي حسن جي باوجود محض ٺڪر آهي“

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

مان سائنس اختلاف نٿو رکان، پر ڳالهه فقط ايتري ناهي،دراصل هر شئي سونهن جو سمنڊ آهي. هر پٿر ۾ سونهن جي ديوي سُتل هوندي آهي، رڳو سنڌس اوڙهيل پٿريلي نقاب کي ڇيٽيءَ سان هٽائڻو هوندو آهي. هر رات، چاهي منجهس ڪيترو به ظلم نظر اچي تنهن ۾ تخليق جو ديوتا پنهنجا رنگ وکيرڻ ۽ گلن ۾ خوشبوءِ اوتڻ ايندو آهي. اهو حسن انسان کي فقط ان مهل نظر ايندو آهي جڏهن سورج اونداهيءَ جي گرڀ ۾ سرنڊڙ ڏرتيءَ تان روشنيءَ جي ڪرڻن سان چير ڏيئي ڪيس ٻاهر ڪڍندو آهي.

ڪابه شئي بڇڙي ناهي تيندي سواءِ نفرت، پرماريت، جنگ جهالت، بک ۽ بيماريءَ جي. هر ٽڪر ۽ پٿر ۾ سونهن آهي ۽ هر گلدان ۾ موضوع پيدا ڪرڻ جي سگهه آهي.

* * *

١٦ — جون ١٩٨٣

## يهودي مائرن جو فرياد

بيت المقدس (ڊ.پ.ا) ڇهن اسرائيلي مائرن، جن جا ٻار لبنان ۾ مقرر اسرائيلي فوج ۾ شامل آهن، اسرائيلي وزير اعظم بيگن کي هڪ درخواست ڏني آهي جنهن ۾ لبنان مان اسرائيلي فوجون گهرائڻ لاءِ چيو ويو آهي. هيءَ درخواست امن گروپ تيار ڪئي آهي جنهن تي ڏهه هزار والدين جون صحيحون آهن.

* * *

انسان کي پنهنجو پاڻ سان ڏاڍو پيار آهي. هو سدائين جيئرو رهڻ چاهي ٿو. پر موت! وحشت جو آخري چنبو ڪنهن جي خواهش پوري ٿيڻ نٿو ڏئي. شايد انهيءَ ڪري هر پنهنجي فنا کي بقا ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ پنهنجا نشان ڇڏڻ گهرندو آهي. پر ارتقائي اصول به ڪنهن عزرائيل وانگر سنڌس نشانن کي ڊاهيندا ويندا آهن.

بهرحال هن قيد خاني ۾ به ڪيئي لک ماڻهو پنهنجو وقت گهاري ويا آهن. ڪن حياتيون ڏنيون آهن تہ ڪن جوانيءَ جا جوڀن ڏينهن. ڪي ٻڍڙا

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

تي نڪتا تہ ڪي ذهني توازن وڃائي نڪتا ۽ ڪيئي اڳي کان اڏول ۽ پختا ٿي نڪتا. ڪيترا معصوم ماڻهو ڏوهاري ٿي نڪتا ۽ ڪيترا سياسي ڪارڪن صعوبتن جي ڪوري ۾ پچي ڪندن ٿي نڪتا. ڪي چپ چاپ نڪري ويا ۽ ڪي پنهنجا نالا قيد تي ديوارن، فرش ۽ وڻن جي ٿڙن تي نقش ڪري اڪيري ويا.

وڻن تي لکيل نالا بنهہ غيرمحفوظ هوندا آهن. خود مون پنهنجو نالو وڻ تي اڪيريو جيڪو پوءِ گهٽو ڊهي ويو ۽ نيٺ سرڪار اهو وڻ ئي پاڙئون وڍائي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح ان وڻ تي ڪوٽيل سوين نالا ڪنهن چلهہ ۾ ٻارڻ ٿي ٻري ويا.

ديوارن تي لکيل نالا رنگن سان لنّجي ويا، باقي فرش تي ڪوٽيل نالا پنهنجا ڊٺل ڊٺل نشان رکن ٿا. هن جيل جي سوا صديءَ جي عمر ۾ اهي ٺڪر جون سرون ٻہ ٽہ بدلايون ويون آهن. جيڪي مند کان هن مهل تائين بي حساب انسانن جي پيرن جا گهڪا سهي چڪيون آهن.

هيءُ وارڊ جنهن ۾ مان گذريل ٽن سالن کان آهيان١٨٦٥ ۾ جڙيو ۽ خاص طور تي انگريز قيدين لاءِ هو. شايد انڪري ئي هيءُ ڪوليون ٻين جي ڀيٽ ۾ ٿوريون ويڪريون آهن. تنهن کان پوءِ هيءُ وارڊ ڦاهي گهاٽ رهيو ڇاڪاڻ تہ gallows ڪي سبب کان ويجهو آهي. اڄڪلهہ ”بي ڪلاس ۾ نسبتًا“ بهتر سمجهو ويندو آهي. جنهن ڪوليءَ ۾ مان رکيو ويو آهيان، تنهن جي فرش تي ڪنهن قيدي آرٽسٽ پنهنجو فن اڪيريو آهي. خبر ناهي تہ سندس نالو ڇا هو ،پر اها فن ڪاري ١٩٢٦ جي ٺيل آهي. سندس فن ڪجهہ هن ريت آهي:




www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

نہ چاڻي اهو فنڪار ڪير هو. ڪهڙي ملڪ جو هو ۽ هُن اُڪيرڻ لاءِ اهو نشان ڇو منتخب ڪيو؟ هن تصوير ۾ صليب صاف نظر اچي ٿي جيڪا تاج سان گڏ آهي. ايئن ٿو محسوس ٿئي تہ ڪنهن يورپي ملڪ جو نشان آهي. تاج جي ٻنهي پاسي عورت ۽ مرد جون شڪليون آهن جيڪي ان ملڪ ۾ عورت ۽ مرد جي برابر حصيداريءَ کي پڌرو ڪن ٿيون. گهڻو ممڪن آهي تہ اهو نشان برطانيہ سان واسطو رکندڙ هجي. ڪَنڊن جو گهيرو دراصل گلن جو گهيرو هوندو، جيڪو ان مونوگرام جو حصو هوندو. ڪَنڊن جي موجودگيءَ جو ڪنهن مونوگرام تي هئڻ امڪان ۾ ناهي.

هڪ پٿ جي اوٽ ۾ لکيل آهي:

ڪرم الدين لاهور. سندس هت موجودگيءَ بابت ڪا خبر نٿي پوي ڊئل ڊئل تاريخ لکيل آهي: ؟ ـ ٦ ـ ١ کان ؟ ـ ١١ ـ ١٢

سندس ئي پرسان لکيل آهي: نذر ڪاظمي ٣٩ ـ ١٠ ـ ٢٥

هڪ ٻئي هنڌ لکيل آهي

MOHD YOSEF GHILZAI

NACHRI QUETTA ٣٩ ـ ٨ ـ ٢٧ کان ٥٠ ـ ٢ ـ ٢٥

هڪ جاءِ تي لکيل آهي:

ASSMATULLAH KHAN ٥١ ـ ٣ ـ ١٢ کان ٥٣ ـ ٣ ـ ١١

هڪ هنڌ ڪنهن غير ملڪيءَ جو نالو لکيل آهي:

PAT - GALLACHAN

C.O.R.K

هيئين قيديءَ ٻن جاين تي پنهنجا نالا اڪيريا آهن پر ٻنهي جاين تي تاريخون مختلف لکيل آهن. ٻنهي تاريخن ۾ ٺيڪ ڇهن مهينن جو فرق آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هن پنهنجي آمد ۽ وڃڻ وارن ڏينهن تي الڳ الڳ خاص طور تي لکيا هجن.

لکيل آهي:JIM WADDELL

GREENOCK-SCOTLAND

بي جاءِ تاريخ ٣٥ ـ ٨ ـ ٩ لکيل آهي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

تہ ياد آيا گولين جا ڪڙڪاٽ ۽ گنن جو ڳاڙهيون ڇپيون.

بوندون ڪريون تہ ٽمي پيا نيڻ.

بُت پِگهو تہ ياد آئي پُونگن ۾ لڳل وحشي باهہ جي تپش ۽

ان جا لوسائيندڙ اُلا.

نيسارا ڪريا تہ ڳاڙهو ٿي ويو ذهن

۽ ايري آيون ذهن جي پرڏي تي،

ڦٽڪندڙ ماڻهن جي رت جون اُڇلون ڏيندڙ ڇانون.

بس ڪر! بس ڪر او مينهن!

توکي کهڙي ڄاڻ

تہ زخمي نيهن

ڦٽڪندا آهن ڏينهن رات ۽ هر پل!

سمهڻ ڏي! سمهڻ ڏي!

ڇِڪندڙ يادن کي سمهڻ ڏي!

زخم پريا تہ سڏيندس توکي

بس ڪر! بس ڪر!

سڏيندس هڪ ڏينهن ـ سڏيندس توکي.

۵ ـ سيپٽمبر ۱۹۸۳

ڊاڪٽر مولا بخش جيل جي ڊائري لکندو رهيو هو. تمام خوبصورت انداز ۾ لکندو رهيو. مون تمام گهڻ اهڙيون ڊائريون پڙهيون آهن. سندس لکڻ جو انداز تقريباً The Forest جي ليکڪ ”وليم جي پاميرو“ جهڙو آهي. شايد انگريزي تہ ان ڪتاب جي سنڌي ترجمي ۾ سندس خاص هٿ هو. ڊاڪٽر جي اها ڊائري پڙهندڙن کي سال ۸۳ ـ ۱۹۸۲ جي سياسي صورتحال سمجهڻ ۾ مدد ڏيندي.

منهنجي لکڻ جو انداز کانئس مختلف آهي ۽ مان اقرار ڪيان ٿو تہ

منهنجين لکڻين مان منهنجي پنهنجي ذات ليڪا پائيندي آهي. مون واقعن جي وجود وٽان ڪانپوءِ پيدا ٿيل احساس کي چِٽڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مولا بخش انهن ئي واقعن کي سندن ڏکهي پس منظر ۾ رکي لکندو رهيو. سندس جيل مان آزاد ٿي وڃڻ ڪانپوءِ مونکي پاڻ تي ذميداريءَ جو احساس وڌي ويل ٿولڳي ـ ڪاش مان به ڊاڪٽر مولا بخش وانگر لکي سگهان ها!

ملڪ ۾ جمهوريت جي جنگ پنهنجي عجيب موڙ تي آهي. سنڌ ۾ لڳ ڀڳ ٽي سؤ ڪونڌر جمهوريت جي مومل ماڻڻ لاءِ ڪاڪ ڪڪوري چڪا آهن. مونکي سويت يونين ۽ ڪيوبا ۾ ٺهيل گمنام سپاهين جون قبرون ياد ٿيون اچن. ڇا ته تقدس هوندوآهي تن مٿان! ۽ ڪيڏو نه پيار اوتيندا آهن انهن ملڪن جا ماڻهو، پنهنجي آزاديءَ جي گمنام سپاهين مٿان! منهنجي دل روئي به پئي ته چرين وانگر ٽهڪ ڏيڻ به گهري ٿي. هيڏاسارا سنڌ ڌرتيءَ جا ڪونڌر، منهنجا پائر... منهنجا گمنام ساٿي، مون سان ڪڏهن به ملڻ کان اڳ ڳاڙها گهوٽ بڻجي ڪاڪ جي ڪنڌيءَ تي سدائين ڪاڻ سمهي پيا ـ منهنجي خواهش آهي ته ڪڏهن انهن مٽڙن جيالن ۽ جوڀن ڏينهن وارن شهيد جي ڪا اهڙي يادگار جوڙي وڃي جيڪا سنڌوءَ جي ڪناري تي وسندڙ قوم جي ٻي جگريءَ جو اهڃاڻ بڻجي، آزاديءَ جي ڪنهن به جنگ لاءِ آخر تائين نغارا وڄائيندي رهي.

شايد گهڻو وقت ٿي ويو هو جوسنڌ مان ظلم خلاف ڏاٽا ۽ هٿوڙا اُپا نه ٿيا هئا. پر تاريخ جي انهن ورقن جي مس اجا نه سڪي آهي جڏهن ايوبي آمريت پنهنجي چوٽيءَ تي هئي ـ ۽ يقنن تاريخ جي ورقن مان اهو رت به اجا نه سُڪو آهي جيڪو انگريز راڄ جي خاتمي کان ٿورو اڳ سنڌ جي آزادي پسندن گوريلا ويڙهه ۾ وهي اکرن جي صورت ۾ محفوظ ٿي ويو هو. يقينن مياڻيءَ جي ميدان جا زخمي گهوٽ ۽ گهوڙا اجا جيئرا آهن. جوڌا ڪڏهن به مرڻا ناهن. هو هر دور ۾ ويس مٽائي وري وري ورڻا آهن.

ڪالهه صبح جو هن ئي جيل ۾ يوسف ميمڻ ليس والا شهيد ٿي ويو. چوٽيهن سالن جي جوان يوسف ليس والا اجا هفتو اڳ احمدعلي سومري سان گڏ لياريءَ مان پنهنجي گرفتاريءَ ڏني هئي. سخت مارڪٽ ۽ تشدد جي ڪري مٿس ٽي ڀيرا دل جو دورو پيو هو... پر اها مارشل لا جي ڊائڻ ئي ڪهڙي جيڪا جمهوريت پسندن جو رت نه پئي. اها ڪاڪ ئي ڪهڙي جيڪا راجڪمار سيتل داس کي فقير نه ڪري ڇڏي. يوسف به سنڌ جي شهيدن ۾ پنهنجو نالو شامل ڪري تحريڪ کي پنهنجي گرم خون جي گرميءَ سان اڳتي ڌڪي ويو. دل روئڻ گهري ٿي پر روئي نٿي. عجب حال آهي

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

اندر جو! سڏڪا ايرن ٿا پر آواز سنڌ جي طوفان ۾ ڪنهن ٻڌل ٻار جيان ساهہ جهلي ويهي رهيو آ .مونکي انور پيرزادي جي نظم جون ڪجھ سٽون وچان وچان ياد ٿيون اچن:

پهريون پيرو

جڏ، ڏاهپ مونکي ڏنپ ڏنوهو،

مون هنجون هاري

سڀ ڪي روئاڙي، خوب رنو هو،

انڪانپوءِ اکين ۾ ڳوڙها

ڪاڏهون آئيان؟

ڪنهنجي ڪنهنجي ڪاڻ رئان

۽ ڪنهنجا ڪنهنجا سور سهان؟

هاڻي مان

هن ڪوس گهر جي دروازي تي

ڪاتن جا ڪرڪات ٻڌان ٿو بيٺو

خاموش ڏسان ٿو بيٺو

ڪلان ٿو بيٺو...

* * *

هڪ ڪئلنڊر جي پٽ تي لکي، پت تي چنبڙائي ڇڏيو اٿم تہ:

~If you have come to Contribute

any drop of knowledge

you are welcome

Otherwise...~

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

سڀ چڙي ويا آهن. سهيل چوي ٿو ’مان نہ ايندس‘. پرويز شاهہ فقط ليٽو پائي هليو وڃي ٿو. آغا اشفاق خان ڪابہ پرواهہ نٿو ڪري. ڪامريڊ جمال نقويءَ ان کي ”آدم بيزاري“ واري حرڪت جو نالو ڏنو آهي، پر هن بائيڪاٽ نہ ڪيو آهي. ڪوليءَ ۾ داخل ٿيڻ کان هڪدم پوءِ ڪانہ ڪا ”علم جي بوند“ ڪشڪول ۾ وجهندو آهي. مثال طور اچڻ سان چوندو، ”هڪ پيري ورڊس ورٿ .....“ ڳالهہ پوري ڪري پوءِ اطمينان سان چوندو، I think I have Contributed some thing~ پروفيسر ڏاڍي نماڻائيءَ سان ڳالهائيندو آهي.

ڏاڍي شرمندگي بہ ٿئي ٿي، پر ڇا ڪجي؟ مونکي ”تنقيد نگاريءَ“ وارو مواد پورو ڪرڻو آهي. پٽائيءَ واري تحقيق اڌ ۾ پئي آهي. اهو سڀ ڪجهہ هن ميلي ۾ تہ ممڪن ناهي.

• • •

چوڏهين آگسٽ پاڪستان جي آزاديءَ جو ڏينهن آهي ۽ ان ئي ڏينهن کان جمهوريت جي پريءَ جي آزاديءَ لاءِ جنگ شروع ٿي چڪي آهي. هڪ اندازي مطابق سنڌ مان هڪ مهيني اندر تقريباً ڏهہ ٻارنهن هزار ماڻهو گرفتار ٿي چڪا آهن ۽ بي حساب ماڻهو پنهنجي گرفتاريءَ لاءِ نالو سڏجڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن. اڄ هڪ اطلاع پهتو آهي تہ خيرپور جو هڪ هاري نراس ٿي پيو آهي تہ سندس گرفتاري عمل ۾ اچي نہ سگهندي ڇاڪاڻ تہ ايم آر ڊي جنهن حساب سان هر هڪ ڪارڪن طرفان گرفتاري ڏيڻ جا ڏينهن مقرر ڪيا آهن تنهن حساب سان سندس گرفتاري ايندڙ سال ٿيندي. مونکي اڄ هوانا جو ڊرائيور هوسي ياد اچي رهيو آهي جنهن مونکي (١٩٧٨ع) ٻڌايو هو تہ هُو وڙهڻ لاءِ پنهنجي واريءَ جو گذريل پنجن سالن کان انتظار ڪري رهيو هو. خبر ناهي تہ سندس وارو آيو يا نہ پر هو انگولا وڃي وڙهڻ لاءِ آتو هو. ڇا اپڪنڊ ۾ ڏکڻ امريڪا ۽ آفريڪا جهڙيون حالتون ٿي رهيون آهن؟ ڇا اپڪنڊ آفريڪا جي سٽل شيهن وانگر ننڊ مان اٿي گجگوڙ ڪري رهيو آهي؟ شايد ائين ئي آهي. سڄو اپڪنڊ ڪوري جيان ٻري رهيو آهي. آسام، بنگلہ ديش، نيپال، سريلنڪا، سنڌ،بلوچستان.... هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي؟ شايد بک، ڏک، بيماري، جهالت، استحصال ۽ پرماريت جو خاتمو ويجهو اچي ويو آهي. ڪاش ائين ئي هجي!

• • •

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

هن تحريڪ ۾ نه رڳو ماڻهو پر سنڌ جو وڻ وڻ پنهنجي سيني تي گوليون کائي رهيو آهي. سڙي رهيو آهي ۽ جوڏن جيان رستن تي ليٽي شاهراهون بند ڪري رسد جا رستا روڪي رهيو آهي. سچ لکيو آهي وليم پاميرو ته پيلا ۽ وڻ نسل در نسل هلندڙ تحريڪن ۾ به انقلابين سان لاڳيتو، اٽڪ ۽ وک وک جو ساٿ ڏين ٿا.

۱۱ - سيپٽمبر ۱۹۸۳

اڄ يارهين سيپٽمبر آهي. انساني جدوجهد جي تاريخ ۾ تمام اهم ڏينهن، تمام اهم. اڄ کان ٺيڪ ڏهه سال اڳ صدر الندي پنهنجي قانوني حڪومت کان محروم ٿي جلاد جنرل پنوشي هٿان شهيد ٿيو. دنيا جي عظيم ترين شاعرن مان هڪ، عظيم پبلو نرودا شهيد ٿيو، ۽ ٺيڪ اهوڪي ڏينهن دنيا جو عظيم عوامي انقلابي موسيقار نئين دور جو پيجل ڪمپنيرو وڪٽرهارا شهيد ٿيو.

هن جيل ۾ هڪ قيدي مينوئل ساويدرا اڄ ڏاڍو اداس آهي. هو پاڻ چليءَ جو آهي. عمر تقريباً ۲۷ - ۲۸ سال اٿس ۽ شاعر آهي. (بدقسمتيءَ سان هڪ يوناني جهاز تي ملاح جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو هو. جهاز جي ڪيپٽن ان جهاز ۾ وهسڪيءَ جو ڪارگو ورتو هو جيڪو پوءِ ڪراچيءَ جي بندر تان سمگل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ها. بهرحال انهيءَ سمگلنگ جي ڏوهه ۾ سڄو عملو گذريل اٺن مهينن کان ملٽري ڪورٽن جي رولي ۾ آهي).

مينوئل وطن کي ساري ڪونج وانگر ڦٿڪي رهيو آهي ۽ بي حساب نظم لکي رهيو آهي. اڪثر مونکان نوٽ بوڪ ۽ ڪاغذ وٺي ويندو آهي. چليءَ جو عوام ڏهن سالن کان جنرل پنوشي جو ظلم سهي رهيو هو. تازو ئي هنن ڏهن سالن کان پوءِ پهريون ڀيرو سخت مظاهرا ڪيا آهن. سڀ کان پهرين پنجن ڇهن هزارن اديبن، شاعرن ۽ آرٽسٽن جلوس ڪڍيو ۽ پوءِ ملڪ ۾ باهه ٻري وئي. هڪ مهيني اندر اٽي تقريباً ڇاليهه ماڻهو فوج هٿان فائرنگ ۾ شهيد ٿي چڪا آهن. ڪيڏي نه هڪجهڙائي آهي هن وقت سنڌ ۽ چليءَ ۾!

سوچيان ٿو ته هن وقت هيءُ (مينوئل) الندي جو پوئلڳ، نرودا جو عاشق، وڪٽرهارا جو پروانو جڏهن پنهنجي ملڪ ۾ هلندڙ احتجاجي لهر، ڦاٽندڙ بارود ۽ گولين جي ٺڪائن جو آواز هت ٻڌندو هوندو ته ڇا محسوس ڪندو هوندو!؟ اڄ جڏهن هن اها خبر ٻڌي ته دادوءَ جي شهرين جنرل ضيا جي ڪار تي پٿر ۽ سروٽا وسايا آهن ته ڏاڍو خوش ٿيو آهي. پنهنجي مخصوص

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

اسپيني لهجي ۾ جذبن کي ڪنٽرول ۾ ڪندي چيائين، "اِت از گُود...ويري گُود...وي آلسو دُو سيم ان چلي".

وڪٽر هارا چليءَ جو عوامي موسيقار هو. هن عوامي ۽ انقلابي گيتن جون بي شمار ڌنون ٺاهيون ـ ايترين سگهارين جو ايوان لڏي پيا ۽ نيٽ پنوشي گروهہ فيصلو ڪيو تہ سهٽين ۽ سگهارين ڌنن کي روڪڻ لاءِ تخليق ڪار کان ساز کسيو وڃي. اها بہ هڪ دردناڪ ڪهاڻي آهي. مونکي ياد آهي تہ ان واقعي تي مون هڪ نظم لکيو هئو پر منهنجي هڪ پياري دوست ان نظم کي ڦاڙي ڇڏيو ۽ چيو تہ تون اذيت پسند ٿي ويو آهين. اها دردناڪ ڪهاڻي هن ريت آهي تہ ڪيس ملڪ جي سڀ کان وڏي اسٽيڊيم ۾ چڙ ڪنيو بڌي آندو ويو ـ آٽڻ کان اڳ ڪائنس گٽار کسي ان جون تارون ڇڳيون ويون هيون. اسٽيڊيم ۾ موجود هر ماڻهو پندپاهڻ هو. تڏهن اوچتو جلاد اڳتي وڌيو ۽ وڪٽرهارا جون موسيقيءَ سان روشني پکيڙيندڙ آڱريون ڀڃي ڇڏيون ـ پوءِ سندس جهونگاريندڙ زبان ڇڪي پٽي وئي. پوءِ سندس مشعلجبان ہرندڙ اکيون ڪڍي اڇلايون ويون هن وقت تائين وڪٽر هارا اذيت سهي سهي بي هوش ٿي ويو هو ۽ پوءِ فوجي بگهڙ سندس بي هوش جسم تي ٽٽي پيا ـ ۽ ان وقت تائين نہ هٽيا جيستائين وڪٽر امر نہ ٿيو.

او وڪٽر هارا! تون مئو نہ آهين منهنجي روپ ۾ جيئرو آهين! اهو سچ آهي تہ مان تو جيان مئل ۽ پگهل ساز منجهان موسيقيءَ کي جيئاري ان سان زندگيءَ جا طوفان اٿاري نٿو سگهان... پر تنهنجين آڱرين مان نڪتل سموريون ڌنون منهنجي ذهن ۾ پڙاڏن جيان گونجي رهيون آهن ۽ مان انهن ڌنن تي نوان گيت تخليق ڪري رهيو آهيان.

* * *

اڄ هڪ بي بہ اهم خبر آهي. فلپائني عوام جي پنجاهہ تنظيمن هڪ گڏيل پليٽ فارم تي پاڻ کي گڏ ڪيو آهي. فلپائني عوام جي ڏکي جدوجهد ۾ هُڪس گوريلن ڪانپوءِ هاڻ ٻيون تحريڪون ڦڪيون ڦڪيون نظر اچن ٿيون. پر هيءُ بہ ٻهريون پيرو آهي تہ فلپائن جي سمورين ڪَابي ڌر ۽ وچٿري سياست ڪندڙ پارٽين پنهنجو گڏيل فرنٽ ٺاهيو آهي ۽ ان جو نالو 'اڪينو فرنٽ' تجويز ڪيو آهي. مسٽر اڪينو اڄ کان هڪ مهينو اڳ جيئرو هو ۽ هاڻ شهيدن جي لسٽ ۾ شامل آهي. هو ست سال جيل ڪاٽڻ ڪانپوءِ جلا وطن ٿي ويو هو ۽ ٽن سالن جي جلا وطنيءَ کان پوءِ (اڄ کان هڪ مهينو اڳ) منيلا جي هوائي اڏي تان پنهنجي وطن ۾ داخل ٿي رهيو هو ۽ فوجي جنرل

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

مارڪوس جي ڳجهن حڪمن سان ڪيس جهاز مان لهڻ ڪان اڳ ئي زوريءَ گهليي، ڇڪي، ڪڍي، گولي هڻي وئي هئي.

جنرل مارڪوس شايد اهو سمجهيو هو ته اڪينو جو قتل ڪيس ڦهي ويندو. پر ڇا ايئن به ڪڏهن ٿيو آهي؟ اڪينو مرڻ ڪانپوءِ ايئنز بر جيڏو سگهارو ٿي ويو آهي.

۱۵ - سيپٽمبر ۱۹۸۳

اڄڪلهه سمورا سياسي قيدي هڪبئي ڪان ڌار ڌار رکيل آهن. ايم آر ڊي تحريڪ کي هڪ مهينو لنگهي ويو آهي پر تحريڪ جي شدت ۾ ڪا به گهٽتائي نظر نٿي اچي. ايئن ٿو لڳي ته عملي طور ته هيءَ تحريڪ نام نهاد وڏيرا ليڊرن جي هٿن مان يا ته نڪري چڪي آهي يا ته نڪرڻ واري آهي. سمورن ميرن پيرن ۽ سياسي ٺيڪيدارن جون وايون بتال ٿيل آهن. گهڻو ممڪن آهي ته خود اهي ئي طبقا جن هيٺين طبقن جي فقط پٺي ٺپيري هئي سي نئين صورتحال ڪان پريشان هجن ۽ پاڻ عملي طور تي ٻي عمل ٿي وڃن ۽ تحريڪ ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ ان کي Defuse ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. صورتحال ڪافي گنڀير لڳي رهي آهي. پر ڇئي نٿو سگهجي ته اها ڪيتري گهري آهي ڇو ته اڄڪلهه قيد سخت آهي. رابطي جا ذريعا تمام محدود آهن. اطلاعن موجب تحريڪ ڪافي اڳتي وڌيل آهي.

باوجود انهيءَ جي ته سياسي حڪمت عمليءَ موجب ليڊر ۽ ڪيڊر جيلن ۾ آهن ته به هڪ پاڻمرادي تحريڪ وانگر ويڙهه جاري آهي. اسان جي ذهنن ۾ هڪ خدشو ايري رهيو آهي ته ليڊرن ۽ ڪيڊر جي گرفتاري تحريڪ خلاف سازش آهي. شايد اهڙو فيصلو ڪرڻ جو ڪارڻ فقط اهو آهي ته هيءَ تحريڪ هڪ مقرر ڪيل حد ڪان اڳتي نه وڌي سگهي ۽ سياسي لائين جي معطليءَ ڪري تحريڪ دم ڏيئي ڇڏي. جيڪڏهن اسان جي اها سوچ صحيح ثابت ٿي ٿئي ته پوءِ اسان کي ڪافي خطرناڪ صورت سان منهن ڏيڻو پئجي ويندو. سياسي بي ايمانيءَ جو خطرو پيدا ٿيڻ، امڪاني حدن ڪان ٻاهر ڪونهي - تنهن هوندي به في الحال ڪجهه چئي نٿو سگهجي.

مختلف هنڌن تان ريل جون پٽڙيون اکيڙڻ ۽ جيل ڀڃڻ جا اطلاع پهتا آهن - ههڙي زوردار تحريڪ سنڌ ۾ ۱۹۴۲ ڪانپوءِ پهريون ڀيرو ايري آهي. سڄي

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ گهڻو ڪري سڀ نئيا نئياجيل پڳا آهن. خيرپور ۽ سکر جهڙن جيلن ۾ به ناڪام بغاوتون ٿيون آهن - پر جيلن جو پڇڻ ڪنهن به ريت 'فرار' واري نيت سان نه آهي. يقينن جيلن تنڻ مان اخلاقي ڏوهارين پورو پورو فائدو ورتو هوندو، پر گنجائش ڪان وڌيڪ قيدين جي موجودگيءَ ۾ ائين ئي ٿيندو آهي. جڏهن ذهن اُبرندا ۽ اکين مان اُلا نڪرندا آهن تڏهن آڏو ايندڙ هر شي رجي ويندي آهي - انهن سيني ڳالهين جي باوجود هر ٽنل قيدخاني مان هڪ به سياسي قيدي ٻاهرنه نڪتو آهي - اها تحريڪ ڏانهن جوابده ذهن جي نشاني آهي.

۲۰ آگسٽ کان اڳ اسان پنهنجي پنهنجي ڊويزن ۾ هڪٻئي سان ملي سگهندا هئاسون پر هاڻ پنهنجن پنهنجن واردن ۾تالا بند ٿي ويا آهيون. تنهنڪري 'گوريلا ڪارروايون' جاري ڪيون ويون آهن، يعني ڪنهن نه ڪنهن ريت رابطو بحال ڪجي ٿو. ڪڏهن حوالدار کي اعتماد ۾ وٺي، ڪڏهن ڪنهن سپاهيءَ کي يا مقدم کي اعتماد ۾ وٺي ٻين واردن ۾ پهچي ويندا آهيون. پراڪٽر هڪٻئي سان ملڻ ماڙيءَ تي ٿيندو آهي (جڏهن اتي 'ملاقات' لاءِ سڏ ٿيندو آهي).

اڄ به اهڙي 'گوريلا ڪارروائي' جي نتيجي ۾ ۱۸ نمبر وارڊ ۾ پهچي ويس جتي پروفيسر جمال نقوي،سهيل سانگي ۽ سيف الله خالد بند آهن. خيالن جي ڏي وٺ جاري هئي ته هڪ نوجوان قيدي وارد ٿيو - سندس هٿ ۾ هڪ رجسٽر ۽ هڪ ڪلڪيوليٽر هو. ڪيس مارشل لا طرفان۷ - سال سزا ملي آهي. اسانجو ڪائنس سڀ کان پهريون سوال هو ته، "ڪر خبر ڪيئن اک بچائي پهتين؟" مُرڪي چيائين، "حوالدار کي چيم ته پرفيسر جو بلڊ پريشر چيڪ ڪرڻو آهي پهرين ته اچڻ نه پئي ڏنائين پوءِ جڏهن ڪلڪيوليٽر ڏيکاري چيومانس ته هي ڏس بلڊ پريشر چيڪ ڪرڻ جو اوزار ته پوءِ هڪدم ڇڏي ڏنائين".

۱۸ - سيپٽمبر ۱۹۸۳

اڄ عيد هئي. ڇا واقعي عيد هئي؟ ياد ٿو اچيم ته گذريل سال عيد تي شطيله ۽ صابره ڪئمپن تي فلانجسٽن پنهنجي جلاد ليڊر ميجر حداد، منهام بيگن ۽ شيرون جي اشاري تي هزارها فلسطيني جوانن، ٻارڙن، عورتن، پوڙهن ۽ بيمارن جو قتل عام ڪيو هو ۽ اسان ساڻن يڪجهتي ڪندي عيد نه ملهائي هئي. دل تڏهن به رني هئي ۽ اڄ به سڏڪي رهي آهي. اڄ سنڌ جي سوين گهرن ۾ جوان لاشن مٿان پنل اکيون لڙڪن جو دان ڏيئي رهيو آهن.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

هزارين ماڻهو قيد خانن جي ديوارن ۾ پيڙجي رهيا آهن. ماڻهن جا مچريل انبوهه رستن تي سچ جي آزاديءَ لاءِ نعرا هڻي رهيا آهن ۽ پچ ڏاهه ڪري سرڪار جون وايون بتال ڪري رهيا آهن. انبوهن تي گولين جو وسڪارو آهي، لاش ڪري رهيا آهن ۽ هر ڪريل لاش جي جاءِ تي سرخ زمين ڳاڙهن گلن ۾ تبديل ٿي رهي آهي. سياسي قيدين سنڌ جي شهيدن کي خراج عقيدت ڏيڻ لاءِ عيد نه ملهائڻ ۽ ڪاريون پٽيون ٻڌڻ جو فيصلو ڪيو.

قيد جي ڪرجهن قانونن منجهه هڪڙي معمولي رعايت به خوشي ڏيندي آهي. اڄ، قيد ۾ ٿهيل ننڍڙن ننڍڙن قيدن، وارڊن ۽ کولين ۾ بند قيدين کي قيد ۾ آزاد گهمڻ جي آزادي آهي، جنهنڪري صحيح معنيٰ ۾ اڄ خبر پئجي سگهي آهي ته جمهوريت جي آزاديءَ جي هاٺوڪي جنگ ۾ ڪنهن ڪنهن انفرادي آزادي ڏيئي قيد جي پٽين ۽ تالن کي چميو آهي. هن وقت، هن جيل ۾ هڪ سؤ ڪان وڌيڪ سياسي ڪارڪن آهن. ڪيترن ئي غير سياسي قيدين کي ٻين پاسن ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي يا ڪين وقت ڪان اڳ آزاديءَ جا پروانا هٿ ۾ ڏيئي ڇڏي ڏنو ويو آهي ته جيئن سياسي قيدين لاءِ جاءِ ٺاهي سگهجي. خير، اهو ته مسلسل عمل جو هڪڙو ننڍڙو حصو آهي جنهن ۾ هرڪو پنهنجي حصي جو رول ۽ ٽيڪس ادا ڪري ٿو. ڪو آزاديءَ جو نذروانو ڏئي ٿو ته ڪو زندگيءَ جو.

صبح جوسادي ستين لڳي قيد خاني جي ننڍڙن قيدن ۽ پڃرن جا دروازا کليا ۽ وڏي قيد جي مخصوص ”عيدگاهه“ ڏانهن قيدين جا ٽولا روانا ٿيا. سخت پهرا، اپيون ۽ مضبوط ديوارون، برجين مٿان مسلح سپاهي ۽ انهن سيني جي نگاهه هر سياسي قيديءَ جي هڪ هڪ حرڪت ۾ ڪتل. انسان جو عزم ڪيڏو سگهارو هوندو آهي ۽ مخالف قوتون ڪيڏيون هيٺيون آهن، تنهن جو اندازو روز وانگر اڄ به ٿيو، پر اڄ ڪجهه وڌيڪ ئي ٿيو.

جيئن ئي عيد نماز ختم ٿي جميعت علماء اسلام جي قاري شير افضل لائوڊ اسپيڪر تي قبضو ڪري ورتو ۽ فلسطين ڪان سنڌ تائين سمورن شهيدن لاءِ دعا گهرڻ لڳو. انتظاميه ۾ ترٿلو مچي ويو. برجيءَ تي بيٺل سپاهي الرٽ ٿي ويا. قيدين جو گهيراءُ تنگ ٿيو ۽ لائوڊ اسپيڪر جون تارون ڪپجي ويون. مگر... هجوم سانت ٻيٺو ٻڌندو رهيو. تان جو قاريءَ دعا پوري ڪئي ۽ مجمعو ٽڙي پکڙجي ويو.

جلد ئي سياسي قيدي، سياسي قيدين جي هڪ وارڊ ٢٣ نمبر ۾ جمع ٿي ويا ۽ وارڊ جي گرائونڊ تي، جدوجهد ۾ امر ٿي ويل نوجوانن جي جنازي نماز

لاءِ قطارون ٻڌي ڇڏيائون. انتظاميہ ڪنهن ڪي بہ نہ ڇيڙڻ جي پاليسي ٺاهي ورتي. ڪين يقين هو تہ ٿورڙي بہ سختي حالتن کي نازڪ ڪري سگهي ٿي. جنازي نماز پوري ٿي ۽ تقريرن جو عمل شروع ٿيو. ٽي ڪلاڪ اهو سلسلو جاري رهيو. وارڊ ۾ ڪارڪن تي ڪارڪن سٽيل هو ۽ جوش جا اوڙاهہ ٻري رهيا هئا. اڄ قيد جون ديوارون بہ حيران هيون ۽ قفس جا شيخن وارا لوهي دروازا ۽ منجهن لڙڪيل تالا پشيمان هئا. ڇا هو ڪنهنجو حوصلو گهٽائي سگهيا ٿي؟ نہ ...نہ... ناممڪن آهي. اهو بلڪل ناممڪن آهي.

۱۹ - سيپٽمبر ۱۹۸۳

عيد جو ٻيو ڏينهن آهي. قيد جي اٽلڪيل اصول هيٺ عيد ۽ ان جي ٻئي ڏينهن تي سمورا قيدي قيد اندر آزاد هوندا آهن. ترت ئي سياسي قيدين ۾ خيالن جي ڏي وٺ شروع ٿي وئي. ڪارڪنن رهنمائن جو گهيراءُ ڪيو . تجويزون، پروگرام، عمل جوطريقہ ڪار ۽ حڪمت عمليون هر شئي بحث هيٺ آهي. اجايلن کي مس مس پاٽي مليو هو. سياسي خيالن جي ڏي وٺ ڪري ڪري پنهنجي پنهنجي ذهن جي اڃ لاٿائون.

عبدالمالڪ ايڊوڪيٽ گرفتاري ڏيندي تشدد ۾ زخمي ٿي پيو هو. سرڪار سندس علاج ڪان لنوائي رهي هئي. ڇو؟ مونکي هڪ اسپيشلسٽ پروفيسر جا لفظ ياد ٿا اچن جنهن چيو هو تہ ”مان تہ سيني قيدين جو مڪمل علاج ڪريان پر مونکي هوم سيڪريٽري چوي ٿو تہ اسان ماٺهن کي جيل ۾ ان ڪري وجهندا آهيون تہ جيئن هو اندر ئي اندر ۾ پڃي پون، تنهنڪري انهن جي علاج جي ضرورت ڪونهي“ . خير! اڄ عبدالمالڪ جي طبعيت وڌيڪ خراب هئي ۽ انتظاميہ محض ننڊ جون سيون لڳرائي رهي هئي. ٿورا ڏينهن اڳ هت يوسف ليس والا تشدد جي نتيجي ۾ هارٽ فيل ٿيڻ ڪري شهيد ٿي چڪو هو. ماحول گرم هو ويتر گرمي ٻوڙي وئي. قيدين جي جنرل باڊيءَ جو اجلاس ڪوٺايو ويو ۽ عبدالمالڪ کي اسپتال موڪلڻ تائين بک هڙتال جو فيصلو ٿيو.

هيءُ شايد پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون موقعو هو جڏهن هڪ سؤ کان وڌيڪ سياسي قيدي، هڪ ئي وقت، هڪ ئي هنڌ بک هڙتال تي هليا ويا هجن. شام جو ٽوٽل بند ٿيڻ کان ٿورڙو اڳ اطلاع پهتو تہ هوم سيڪريٽري بيمار کي اسپتال موڪلڻ جو حڪم نامو موڪليو آهي. جنرل باڊيَ ٻيهر فيصلو ڪري بک هڙتال ختم ڪئي. هيءُ يڪجهتيءَ جو هڪ

اتساهہ ڏينداڙ واقعو هو.

اسان سياڻي ڪان پيهر قيد جي اندر ننڍڙن قيد خانن ۾ بند ٿي ويندا سون ۽ ممڪن آهي تہ اڄوڪي بک هڙتال جي نتيجي ۾ الڳ الڳ انفرادي طور تي انتظاميہ جي جوابي حملي جو شڪار ٿيون.

۲۲ - سيپٽمبر ۱۹۸۳

امر لال حيدرآباد جيل ٽرانسفر ٿي ويو. ڇو؟ ان جو بظاهر سبب ۱۹ تاريخ واري بک هڙتال آهي. انتظاميہ کي پڪ آهي تہ اهو ڪم سواءِ امر لال جي ڪو بيو نٿو ڪرائي سگهي. ساڳئي ڏينهن تي سپرنٽنڊنٽ امر کي اها ئي ڳالهہ چئي هئي تہ اها سڄي حرڪت هن جي آهي - امر ڪلندي چيو هوس تہ، ”جيڪڏهن توهان اهو ٿا سمجهو تہ سڄي ايم آر ڊي ۽ ان جا ليڊر منهنجي چوڻ تي پيا هلن تہ پوءِ بيو مونکي ڇا گهرجي؟“ خير! امر لال تي هوئڻ بہ سرڪار خوش ڪونهي. خبر ناهي هيترو وقت ڪيئن ڪيس هن جيل ۾ برداشت ڪيو ويو. اها بہ ڳالهہ آهي تہ امر لال جتي هوندو اتي امر لال ٿي رهندو. نہ هو پنهنجن (سياسي) حرڪتن کان مڙندو ۽ نہ ئي سرڪار جي ناراضگي ختم ٿيندي. بهرحال، سرڪار رنڊڪون وجهندي رهندي آهي پر عوام پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهندو آهي. ڪيتري بہ سختي هجي، ڪيترا بہ راهن ۾ ڪاوا اپا هجن، سيني جو ڪوڏ ڪو حل آهي. سرڪار جيڪڏهن اهو سمجهندي آهي تہ قيد ٿي وڃڻ کان پوءِ سياسي ڪارڪنن جا حوصلا خطا ٿي ويندا آهن تہ اها انهن جي ڀُلَ آهي. سون ڪوري ۾ ڪندن ٿيندو آهي ۽ ڪوئلو گرمي ۽ دٻاءَ تي هيرو بڻجي ويندو آهي. عام تاثر اهو آهي تہ جيڪو ڪارڪن جيل پهچي ويو ان جو تحريڪ سان رابطو ڪٽجي ويندو آهي، پر عام حالتن ۾ ايئن ڪونهي. قيدي ڪارڪن ڪافي باخبر ۽ ٻاهر جي تحريڪ ۾ حصيدار هوندو آهي پوءِ ڪٽي هن کي اونداهين ڪوٺڙين ۾ بند ڇو نہ ڪيو وڃي. جيئن روشني جا ڪرڻا دروازن جي سيرن مان اندر گهڙي ايندا آهن تيئن ٻاهرين دنيا جون خبرون بہ انهن ڪرڻن سان اسيرن جي ذهن جي تارن کي ڇهنديون آهن.

۲۵ - سيپٽمبر ۱۹۸۳

تحريڪ کي هلندي ڪجهہ وقت لنگهي ويو آهي، پر جيلن ۾ وڏيون تبديليون اچي ويون آهن. هيءُ جيل هاڻ اهو نہ رهيو آهي جيڪو اڳ ۾ هو. مون هتي ٽن سالن جي ڊگهي ماٺ ڏٺي آهي. مونکي پنهنجين اکين تي اعتبار نٿو اچي. ههڙي رونق اسان اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

مون کي اها ڳالھ چوڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستو نظر نٿو اچي تہ جڏھن عوام جون تحريڪون شدت اختيارڪنديون آھن تڏھن جيل ڏاڍا خوبصورت ٿي پوندا آھن.

اتر، وچولي ۽ ڏکڻ سنڌ جا جيل ڀرجي اٿلي پيا تہ ڪراچيءَ ڏانھن شفٽنگ شروع ٿي آھي. سياسي قيدين جا لشڪر لٿا آھن. انتظاميہ مڇريل انبوھن کي سنڀالي نہ سگھي تہ اسانجي وارڊن جا در کلي ويا. ھڪ لحاظ کان سياسي قيدين اندروني سنڌ مان اٿل ڪائي اسان کي وارڊن مان آزاد ڪرايو آھي.

ھاڻي، ھي جيل تہ ناھي - نوجوانن جو ميلو آھي. چئني طرف ھلچل آھي. نعرا آھن، جلسا ۽ تقريرون آھن - خيالن جي ڏي وٺ آھي. حوصلا، امنگ ۽ جوش. ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ ناھي.

مونکي ڪيوبا ۾ نوجوانن جي ميلي وارو زمانو ياد پيو اچي. فرق آھي تہ صرف ھڪڙو. ڪيوبا وارو ميڙو آزاد فضائن ۾ سڄي دنيا جي نوجوانن ملھايو ھو. جڏھن تہ ھيءُ ميڙو قيد خانن ۾ جدوجھد دوران سنڌ جي مڇريل نوجوانن جو آھي. پر ڇا واقعي ھيءُ قيد خانو آھي؟

۵ - آڪٽوبر ۱۹۸۳

۲ - آڪٽوبر تي پرويز شاھ خيرپور جيل ٽرانسفر ٿي ويو. پھرين تہ شڪ ھيو تہ مچ بلوچستان ڪٽي ويا اٽس جتي ڪجھ وقت اڳ مخدوم خليق الزمان کي بہ ڪراچيءَ مان ٽرانسفر ڪيو ويو ھو. (مخدوم ڪراچي جيل ۾ ٻہ ڏينھن بہ پورا نہ رھيو(۱۵- کان ۱۷- آگسٽ. سندس آمد ۽ روانگي موجوده ميلي واري اٿل کان اڳ ٿي چڪي ھئي) پر اڄ پرويز شاھ جو ماڻھو رھجي ويل سامان کڻڻ آيو تہ پڪ ٿي تہ ھو خيرپور جيل ۾ آھي. اتي ساڻس گڏ معراج محمد خان ھوندو، خبر ناھي ٻياڪير ڪير ھوندا. ھن عيد کانپوءِ سڄي سنڌ جي جيلن ۾ وڏي پيماني تي سياسي قيدين جون بدليون ڪيون اٿائون. پرويز شاھ بہ انتظاميہ جي مٺي ۾ لاڳيتو سور ھو. سياسي قيدين جو ڪوبہ مسئلو ھجي، ان جي حل لاءِ پرويز شاھ پنھنجي ذميداري ضرور پوري ڪئي. پيپلز پارٽيءَ جي ھيڏن سارن ڪارڪن ۾ اڪيلو ليڊر ھو. قدرتي ڳالھ آھي تہ ڪارڪنن جي مسئلي کي نبيرڻ سندس ذميداري ھئي. خوشي ان ڳالھ جي آھي تہ ھن اھا ذميداري پوري ڪئي. اھا ٻي ڳالھ آھي تہ ڪيترا ڪارڪن مطمئن نہ ٿيا ھوندا - پر ڇا ڪنھن کي بہ مڪمل طور مطمئن ڪري سگھجي ٿو؟ خاص طور تي ان وقت جڏھن ڪارڪنن ۾ فقط جذبات

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

هجن ۾ منجهن سياسي تربيت جي ڪوٽ هجي. پرويز شاهه هن جيل ۾ اڍائي سال رهيو. ڪل پوڪ، بحث مباحثا، هلڪيون ڦلڪيون ناراضگيون، غلط فهميون، نبيرا، راڳ رنگ ۽ ادبي ڪچهريون - هر ڳالهه پنهنجو پنهنجو تاثر ڇڏي وئي آهي. بقول آغا اشفاق تہ، 'وقت گذري ويندو آهي - ڳالهيون رهجي وينديون آهن.' شاهه صاحب ١١- مارچ ١٩٨١ تي پوپ تي قاتلاڻي حملي، لالا اسد (بعد ۾ شهيد ٿي ويو) سان خط ڪتابت ۽ بي نظير ڀٽو جي دعوت ڪرڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ٿيو هو. ٢٣ - جولاءِ تائين ٽارچر ڪئمپن ۾ رهيو. چار ڏينهن جيل ۾ بند وارڊ رهيو.

٨ - ڊسمبر ١٩٨٣

پرفيسر جمال نقوي بنيادي طور تي ادبي دنيا جو ماڻهو آهي پر پوءِ عملي سياست ۾ وڏي سياسي دنيا ۾ وڌيڪ سرگرم ٿي ويو آهي. اسان وٽ (ادبي سنگت) ۾ ڪيتري عرصي کان هڪ بحث هلندو رهيو آهي تہ ڇا اديب جو سياسي طور سرگرم هئڻ ضروري آهي؟ بحث جي پڇاڙيءَ ۾ سدائين اهو جواب ملندو رهيو تہ "ها! انڪانسواءِ اديب جي لکڻين ۾ انسان جون تازيون سرگرميون اڇي نٿيون سگهن". پر منهنجو ذهن ان فيصلي تي سدائين اجايل رهندو آيو ڇو تہ اهو جواب مونکي هميشه اڻپورو لڳو. فيصلي جي ان حصي سان مڪمل اتفاق رکڻ بعد ذهن ۾ بار بار فقط هڪ سوال اڀرندو هو تہ ڇا اڄ جي دنيا ۾ عملي سياست کي ادبي تخليق مٿان اهميت ڏيڻ ضروري آهي؟ مان ڄاڻان ٿو تہ ادبي تخليق جو ڪارج تمام گهڻو آهي ۽ انجي اهميت کان سياستدان انڪار نٿا ڪن. پر هت جيل ۾ جڏهن عملي سياستدان اندر ڪاهي پيا آهن ۽ هتي بند اديبن جي نويڪلائيءَ کي نابود ڪري ڇڪا آهن تڏهن اتي سندن واضح اڪثريت عملي سياست کي اوليت ڏئي ٿي.

مون اهوئي سوال پروفيسر کان پڇيو هو. ڪامريڊ مرڪي چيو، "تنهنجي راءِ ڪهڙي آهي؟" مون چيو، "مان ٻنهي کي هڪ جيتري اهميت ڏيندس". ڪامريڊ کلندي چيو، " مان بہ توسان متفق آهيان پر جيڪڏهن گهرائي ۾ وڃبو تہ ڇا پوءِ عملي جدوجهد وارو پاسو بنيادي شرط نٿو بڻجي؟ مون ڪامريڊ کي شيلي جو حوالو ڏنو جنهن شاعر کي انسانذات جو تسليم نہ ٿيل قانون ساز سڏيو هو. منهنجو ضد هو تہ اها ڪائنات جيڪا شاعر جي ذهن ۾آهي ۽ هو جنهن آدرشي ڪائنات جا خوبصورت خواب اکرن ۾ پوئي انسانن کي ڏيکاري ٿو ۽ ان تائين پهچڻ جو سڏ ڏئي ٿو سو عمل وڌيڪ خوبصورت آهي. ڪامريڊ بہ گهڙين سوچي چيو، "ان ڳالهه کان انڪار جي گنجائش ئي ناهي پر شاعر جي ان خوبصورت آدرش تائين پهچڻ جو ذريعو بہ

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

تہ عملي سياسي جدوجهد آهي نہ! ٿورو سوچ تہ خوبصورت خواب ڏيکارڻ ۽ ان خوبصورت خواب جي حقيقي تعبير لاءِ ڪوشش ۾ ڪا ڳالهہ وڌيڪ اتم آهي يا نہ؟

۱۵ ـ ڊسمبر ۱۹۸۳

جتوئي صاحب ۱۲ ربيع الاول تي هڪ‍ٻئي خلاف تلخيون وسارڻ جي جيڪا اپيل ڪئي آهي تنهن جو جيل کان ٻاهر تہ خبر ناهي ڪهڙو رد عمل ٿيو پر هت تہ ٻاهہ ٻري وئي آهي. ماٺهو پڇن ٿا تہ اهڙي جنگ جو سڌ ڏيڻ مهل سندس پنيان ڪير هئا، جيڪا سندس خيال ۾ هاڻ هار ڏانهن پئي وڃي.

حقيقت تہ اها آهي تہ تحريڪ جيترو جلد اپري ۽ جيتري ان جي سگهہ هئي، سا سياستدانن جي سوچ کان تمام مٿي هئي. تحريڪ ڌماڪي وانگر اٿي تہ اتي نہ رڳو سرڪار لاءِ سخت وقت آيو پر ڊرائينگ رومي سياستدان بہ ڏڪي ويا آهن تہ ڳالهہ سندن هٿن مان نڪري وئي آهي. منهنجي خيال ۾ انهن سياستدانن لاءِ مستقبل ۾ سڀ کان وڏو مٿي جو سور هن تحريڪ جا پيدا ڪيل جانباز ڪارڪن ٿيندا. اهي مچريل ۽ سوچيندڙ نوجوان ڪارڪن پرائي مت تي هلڻ وارا تہ ڪونهن. مونکي تہ هتي ٽيرنهن چوڏهن سالن جي نوجوانن جو ذهن ۽ سياسي شعور وڏن روايتي ۽ ڳرٽنگ سياستدانن کان بہ گهڻو وڌيڪ ٿو لڳي، اها بہ ڳالهہ آهي تہ مڪاريءَ واري جوڙ توڙ جي سياست سان وڙهڻ جو ڪارڪن وٽ ڪو گهڻو تجربو ڪونهي.

جتوئيءَ جي هيءَ تازي اپيل هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي اپيل آهي. ڪارڪن جي قربانين ۽ وڏيلن جي رت جو قسم کڻڻ بدران ان جو سودو ڪرڻ جي اپيل آهي. ڪاش اپيل ڪندڙ واڍوڙڪن منهن ۾ هڪ پل لاءِ وڃي چڪيل چاڪ ۽ چچريل جذبن، انساني رشتن ۽ قدرن جي ماپ تہ ڪري ها!

۲۲ ـ ڊسمبر ۱۹۸۳

## سونهن ڇا هي؟

ڪابہ شئي ڪوجهي ٿيندي ئي ناهي، سواءِ نفرت، موت، ڏک بيماري، جهل ۽ استحصال جي. هر اها شئي سهڻي آهي جيڪا اڳتي وڌڻ جو اتساهہ ڏئي. سونهن اهڙي منزل آهي جتي انسان ذات ڪي اوس پهچڻو آهي. جنهن کي اسان 'سهڻي شئي' سمجهون ٿا، سا دراصل ان سچ ڏانهن وڌڻ جو اتساهہ ڏيندڙ ڪو ذريعو آهي، جنهن کي سونهن چئجي. سڀ سهڻيون شيون

پرينءَ جي وجود جو هڳاءُ آهن ۽ نہ پاڻ.

دنيا جي هر شئي سهڻي آهي. پٽر ڪيڏو بہ ڪارو ۽ اٺگهڙيل هجي، ان منجهان پاربتيءَ کي گهڙي سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڪل سهڻو ٿي سگهي ٿو تہ گلاب کي بچائيندڙ ڪنڊا ڪوجها ڪيئن ٿيندا؟ پرهہ ڦٽيءَ وارو هوا جو جهونٽو بہ سهڻو ٿي سگهي ٿو تہ سنگ پچائيندڙ ۽ لوسائيندڙ لڪ بہ سهڻي آهي. رات ڪاري ضرور آهي پر تنهن جي پيٽ ۾ اونداهي گلن ۾ سرهاڻ اوتيندي آهي.

ذهن بہ سهڻو ٿي سگهي ٿو، پٽر بہ ۽ محنت ڪندڙ آرٽسٽ جا هٿ بہ. ڪنهن کي گهٽ سمجهجي ۽ ڪنهن کي وڌ؟ ذهن، محنت ۽ پٽر جڏهن گڏجن ٿا تڏهن پاربتي جنم وٺي ٿي، پر سونهن جي منزل اڃا اڳاهين آهي.

تہ پوءِ سونهن ڪٿي آهي؟ سونهن اتي آهي جتي هٿ پاربتيءَ کي جنم ڏيڻ لاءِ ڪارو پٽر تڪي رهيا آهن. اتي جتي تخيل جو عمل جاري آهي. اتي، جتي ذهن هر شئي کان بي نياز هڪ ئي ڌن ۾ مگن هٿن جي مدد ڪري رهيو آهي ۽ اُتي جتي بت تراش جي جسم مان پگهر جون بوندو نڪري روشنيءَ ۾ چمڪڻ لڳن ٿيون.

***

ايم آر ڊي جي تحريڪ ڪجھ ٺڏي ٿي رهي آهي. جيل ۾ ٻہ واضح گروپ نظر پيا اچن. هڪ ڪارڪنن جو گروھ آهي جيڪو ڪنهن بہ قسم جي ٺاھ کان انڪار پيو ڪري. جڏهن تہ ٻيوگروھ جنهن کي "اسپيشل وارڊ گروھ" جو نالو ڏنو ويو آهي سو حڪومت سان ڳالھ ٻولھ واري خيال کي پکيڙڻ جي ڪوشش پيو ڪري. هن ڌر جو ٻيو نالو "جتوئي ڌر" آهي. اسپيشل وارڊ ۾ سڀ مٿئين طبقي جا قيدي آهن. انهن مان گهڻا اهي آهن جيڪي مينهن جي مند ڏسي پنهنجا ڏيارا ٻت ڌرڻ آيا آهن؛ نہ تہ سچو پوسٽ وارو زمانو ايئر ڪنڊيشنڊ ڪمرن ۾ بند هئا. ڪارڪن طبقو جيڪو ڪجھ ڏينهن اڳ تائين سندن راءِ کي ڌيان سان ٻڌندو هو، هاڻ اسپيشل وارڊ وچڻ کي سٺو نٿو سمجهي. ٿورا ڏينهن اڳ ڪجھ ڏينهن لاءِ ايم آر ڊي جا تقريباً سمورا مکيہ ليڊر گهارو ريسٽ هائوس ڏانهن منتقل ڪيا ويا هئا. بي بي سي مطابق انهن ڪنهن سان بہ ملڻ کان انڪار ڪيو هو. مگر جتوئي صاحب سڄو عرصو سينٽرل جيل جي ريسٽ هائوس ۾ رهيو آهي - جيل جي انتظاميہ ڪيئي پيرا اهڙا اطلاع ڏنا آهن تہ ڪي وڏا فوجي آفيسر اڪثر

ساٿس صلاح مشوري لاءِ ملڻ اچن ٿا. خبر ناهي تہ اها حقيقت ڪيتري درست آهي. اندر جيل ۾ انهن خبرن جيڪري ڏاڍو تاءُ آهي. ممتاز ڀٽو انهيءَ سڄي صورتحال ۾ ڪارڪن ڏر سان رابطي ۾ رهيو آهي ۽ هڪ نئون خيال ڏيئي رهيو آهي تہ مارشل لا کي روڪڻ جو فقط هڪ ئي طريقو ”ڪنفيڊريشن“ آهي. ان نعري وري بہ ڌرين پيدا ڪري وڌيون آهن. خاص طور تي پيپلز پارٽيءَ وارا هر وقت ٧٣ جي آئين ۽ ڪنفيڊريشن جي اپنار ڪندي ڪندي هڪبئي کان پري ٿي رهيا آهن. هاڻوڪي تحريڪ جتي سنڌ جي عوامي قوت جو اظهار ڪيو آهي اتي پنجاب جي بي حسيءَ واري حد تائين خاموشيءَ هن تحريڪ جي نئين دور ۾ قوم ۽ قومي مسئلن جو سوال ڏاڍي شدت سان اڀاري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن هيءَ تحريڪ هن وقت ڪن سببن جي ڪري ختم ٿي وئي تہ ايندڙ تحريڪ جيڪا يقينن وڌيڪ سگهاري هوندي؛ تنهن ۾ قومي سوال وڌيڪ سگهہ سان اپريل هوندو. شايد ڪابہ ساڄي، کابي يا مرڪز واري ڌر ان سوال کانسواءِ ڪا بہ تحريڪ هلائي نہ سگهي. جيڪڏهن ايئن نہ ٿيو تہ اها تحريڪ جان نہ وٺي سگهندي.ها! اهو نتيجو بہ ڪڍي سگهجي ٿو تہ پنجاب جي هيڏي خاموشيءَ کانپوءِ جيڪڏهن قومي سوال کي ٽڏو ڪرڻ لاءِ فقط جمهوريت جي نالي ۾ ڪا تحريڪ هلي تہ سمورين سياسي ڌرين کي پنهنجي تحريڪ پنجاب مان هلائڻي پوندي. شايد اهو ئي هڪ طريقو بچي ٿو جنهن سان بي اعتمادي واري فضا ختم ٿي سگهي ۽ پاڪستان جو وفاق برقرار رهي.

اڄڪلهہ جيل ۾ اندر جيڪي بہ جلسا، جلوس ۽ مباحثا ٿي رهيا آهن تن ۾ موجود نوجوانن جون اڪيون جذبا ۽ خيال ان کان بلڪل مختلف آهن جيڪي تحريڪ جي شروع ٿيڻ کان اڳ هئا.

هر ٻئي ٽئين ڏينهن ڪونہ ڪو عام جلسو ٿئي ٿو جيڪوڪانہ ڪا سياسي يا شاگرد تنظيم ڪري ٿي. هر جسلي جي پريزيڊيم ۾ هر ڌر جو هڪ هڪ نمائندو وهاريو وڃي ٿو ۽ هر ڌر پنهنجا خيال پيش ڪري ٿي. هر نعرو لڳي ٿو. ڀٽو زنده آباد، لالا اسد زنده آباد، نذير عباسي زنده آباد، قومي جمهوري انقلاب زنده آباد، آمريڪا مرده آباد، جيئي هاري، تنهنجو ديش منهنجو ديش. ڪهڙو نعرو آهي جيڪو نٿو لڳي؟ پر ڪير ڪنهن کي روڪي نٿو. هر جلسي کانپوءِ جلوس نڪري ٿو جنهن ۾ سڀئي ڌريون شامل ٿين ٿيون. جلوس سڄي جيل جي هر ڊويزن وٽان ڦرندو آسمان ڏاريندڙ نعرا هڻي منتشر ٿي وڃي ٿو. ”ذوالفقار علي ڀُٽو باغي هو - اسان سڀ باغي آهيون“ . نذير عباسي باغي هو اسان سڀ باغي آهيون“ - لالا اسد باغي هو - اسان سڀ باغي

آهيون". هر نعرو لڳي ٿو، هر هڪ گڏجي وراڻي ڏئي ٿو - جيل جون ديوارن ڏڪي وڃن ٿيون. ماڙيءَ جي اندرين درين مان جيلر ۽ سپرنٽنڊنٽ منديون ڪيدي ڏسن ٿا - غير سياسي قيدي مرڪندا رهن ٿا. هنن مچريل شينهن کي ڪير به نه روڪي نٿو سگهي.

• • •

جلسن ٿڪائي وڌو ته پروفيسر جمال نقويءَ نئون آئڊيا ڏنو - چيائين، "يار ڊرامو ڇو نٿا ڪيو؟" صلاح گهڻي سٺي پر عمل ڪيئن ٿئي. پلاٽ سوچجي، لکجي ڊرامائي تشڪيل اچي - اداڪار ڪٿان ايندا؟ ريهرسل ڪير ڪندو؟ اسٽيج ڪيئن ٺهندو؟-

شبير شر چيو، "ڊرامو منهنجو ڊپارٽمينٽ آهي مون کي رڳو پلاٽ ڏيو." -" تون ڪهڙي ڏينهن پنهنجا جوهر ڏيکاريندين؟" پرفيسر مونکي ڏسي چيو. مون چيو، "ڪامريڊ مسئلو جوهر جو ڪونهي، اڪيلائي ۾ سوچڻ ۽ لکڻ جو آهي، جيڪو هن ميلي ۾ ممڪن ڪونهي." پروفيسر شڪايتي نظر سان هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو ڄڻ سيني دوستن کي دانهن ڏيندو هجي.

پلاٽ تيار ٿيو. ايڪٽ طئه ٿيا. مسئلو شبير شر جي حوالي ٿيو. شبير ڊرامائي تشڪيل ڪئي - خبر ناهي ڪٿان ڪٿان سنگتي هٿ ڪري کين ڊائلاگ ياد ڪرايائين - شبير کان سواءِ هرڪو ڊرامي جي ٽيڪنڪ کان اڻ واقف هو - ڪوبه اداڪار ڪونه هو - گهٽا ته اهڙا هئا جن ڪڏهن ڊرامو ئي نه ڏٺو هو.

اداڪارن جي کوٽ سبب شبير به ڪردار پاڻ ڪنيا. ٻئي هڪبئي جي ابتڙ. ٻلوري جو فيض سوهو ميجر ٿيو. فقير اقبال هيسباڻيءَ برگيڊيئر جو ڪردار ڪنيو (سپاف جو صدر جيڪو ٢٣ مئي ١٩٨٦ تي حيدرآباد ۾ پوليس هٿان شهيد ٿيو)، امداد چانڊيو شاگرد ليڊر ٿيو، محمد خان سولنگي چغلخور جو ڪردار ڪنيو. گهڻئي پيارا ماڻهو ڪردار چوندي راتيون جاڳي ريهرسل ڪرڻ ويهي رهيا. ڊرامي جو نالو رکيو ويو، 'باهيون بيراڳين جون'. ايم آر ڊي جي هاٺوڪي هلچل ۾ هاري، مزدور ۽ شاگرد اتحاد تي ٻڌل هيءَ ڪهاڻي هڪ اهڙي گهر جي هئي جنهن ۾ سياست کي آواره گردي سمجهيو ٿي ويو - مگر هلچل دوران ٿيل فوجي تشدد سڄي ديس وانگر ان گهر ۾ به ذهني تبديلي آڻي ٿو ۽ نيٺ ننڍڙي گهراڻي جو ڪرڙو پيءُ پاڻ به جهيڙي جوڻ لاءِ تيار ٿي ٿو. (هيءُ ڊرامو منهنجي ڪهاڻي "ٻوساٽ" تي ٻڌل هو، جنهن ۾ ٻيڏڙي پيءُ بدران ماءُ جو ڪردار آهي. جيل ۾ "ماءُ" هٿ ڪرڻ ممڪن نه هو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

تنهنڪري ڪردار بدلايو ويو.)

ٿئين جيل جي بيرڪ ٢٩ ۾ هڪ چيڙي تي اسٽيج ٺهيو. ماڻهن جا هشام گڏ ٿيا - پير رکڻ جي جاءِ نہ هئي. ڇا سياسي، ڇا غير سياسي، هر هڪ موجود هو. خود اسانجي اهائي ڪوشش هئي تہ گهٽي کان گهٽا غير سياسي ماڻهو اچن؛ جيئن انهن جي ذهني تربيت ٿي سگهي. شايد پاڪستان جي سمورن جيلن جي تاريخ ۾ هيڏي وڏي پيماني تي ڪوبہ ڊرامو نہ ڪري سگهيو هوندو. انتظاميہ اڳ ئي سخت نوٽيس ڏنا هئا تہ اهڙي قسم جي ڪا حرڪت برداشت نہ ڪئي ويندي - پر اسان کي اها خبر هئي تہ هن موقعي تي انتظاميہ ڪجهہ بہ نٿي ڪري سگهي.

ڊرامو هلي پورو ٿيو. اسان تاڙين جي ٺهڪي مان اندازو لڳايو تہ اسانکي توقع کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ ڪاميابي ٿي هئي - اسان جيڪي چاهيو ٿي اهو وڏي حد تائين ٿيو - جيل ۾ هڪجهڙائيءَ کان جيڪا بيزاريت پيدا ٿي وئي هئي سا هڪ حد تائين جهڪي ٿي وئي.

پر، نوجوانن تي ان ڊرامي جا ڪي ايڏا گهرا اثر پوندا تنهن جو اسان کي اندازو نہ هو. ٿيو هيئن تہ هن ڊرامي ۾ هڪ ميجر جي عدالت جو سين هو جنهن ۾ ميجر سياسي نوجوانن کي چوي ٿو تہ جيڪڏهن هو توبنهن تائب ڪن تہ عدالت کين فيصلو ٻڌائي آزاد ڪندي - انتي هڪ نوجوان سخت ڪاوڙ ۾ رڙ ڪري چوي ٿو، "اڙي ميجر! فيصلو وري ڇاجو؟ فيصلو تہ هن ملڪ جو عوام ڪندو!" توري گهٽي تيز ڪلاميءَ ڪانپوءِ ميجر کين سال سال ٽيپ ۽ پندرهن پندرهن ڦٽڪن جي سزا ٻڌائي جيل موڪلي ڏئي ٿو.

ڊرامي کان تقريباً هفتو پوءِ نٿي مان آندل نوجوانن کي قيدي گاڏيءَ ۾ بند ڪري نٿي جي سمري ملٽري ڪورٽ ڏانهن اماڻيو ويو - کين چيو ويو تہ هو پنهنجو پنهنجو سامان کڻي وڃن ڇو تہ ميجر جي آڏو پيش ڪرڻ ڪانپوءِ کين تنبيهہ ڪري ڇڏي ڏنو ويندو.

اتفاق سان ميجر بلڪل اهي اکر کين چيا جيڪي ڊرامي ۾ ميجر جا هئا. بس! نوجوان هٿن مان نڪري ويا، "تون ڇا فيصلو ڪندين ميجر فيصلو تہ هن ملڪ جو عوام ڪندو!"

نتيجو اهو ئي نڪتو جيڪو ڊرامي ۾ ٿيو هو - هو سڀ سچ لٽي مهل جيل موٽي آيا - هر هڪ سينو تاڻي گهمي رهيو هو.

واقعي! ادب ۽ ڊرامو وڏي سگهہ آهن. جيڪڏهن نوجوان جو ذهن

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

باهه جهڙو آهي تہ ادب پيٽرول وانگر ان تي اثر ڪري ٿو.

سچي ايم آر ڊي تحريڪ دوران مون چار مولانا صاحب جيل ۾ گهمندا ۽ بحث ڪندي ڏٺا ـ قاري شير افضل، مولانا الهہ ڏنو چنہ، مولانا احترام الحق ٿانوي ۽ مولانا شبلي نعماني. نعماني ڪنهن بہ باقاعدي سياسي گروپ ۾ ناهي ـ مولانا احترام پيپلز پارٽيءَ جو اهم رڪن آهي. مولانا الهڏنو چنہ صاحب ۽ قاري شير افضل جو تعلق جمعيت علماء اسلام سان آهي. زبردست ماڻهو آهن. جمعيت علماء اسلام سان وابستہ هڪ ٻيو نوجوان مولانا صاحب آهي ـ افسوس جو مونکي ان جو نالو ياد نٿو اچي ـ ڪاش هن ملڪ ۾ اهڙا همت وارا وطن دوست ۽ سامراج دشمن انسان وڌن ۽ مذهبي محاذ تان تنگ نظر ۽ سامراجي ڪئمپن ۾ پليل ملائيت جي پاڙ پٽين. آمين.

* * *

سياست ۽ جيل جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو بہ هزارن سالن کان آهي. شايد هر دور ۾ جيل جون ديوارون سياسي قيدين کي بهتر ماحول پيدا ڪري ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيون آهن ۽ دنيا جا بهترين سياسي تجزيا، آتم ڪهاڻيون، مستقبل لاءِ ويچار ڪتائون هت ئي تيار ٿين ٿيون. نيٺ بہ هيءَ اها جاءِ آهي جتي باشعور ذهن کي پنهنجين غلطين تي نظر وجهڻ جو پورو موقعو ملي ٿو ڇاڪاڻ تہ هت وقت جي اٽاٽ ڪونهي ـ ڪوبہ ڪم پوري ڌيان سان ڪري سگهجي ٿو. جن کي پنهنجا تجربا قلمبند ڪرڻا آهن سي تجربا قلمبند ڪن ٿا. جيڪي سياسي نوجوان پنهنجي سياسي تعليم ۽ تربيت پوري ڪري نہ سگهيا آهن سي ان ڪميءَ کي پورو ڪرڻ لاءِ سياسي مباحثن ۽ اسٽڊي سرڪلن ذريعي هڪ ٻئي جي مدد ڪن ٿا.

ايم آر ڊي تحريڪ کان اڳ صرف ڪابي ڊر وارا نوجوان ان قسم جي شديد ضرورت محسوس ڪري هڪٻئي کي سياسي تعليم سان مسلح ڪندا رهندا هئا. مختلف ڪتاب پڙهڻ، مختلف پيچيده نظرين تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ ۽ ليڪچرن جو بندوبست ڪرڻ سان ڪيئي منجهيل سوال حل ڪيا وڃن ٿا. تازي تحريڪ جي خاتمي جي موقعي تي جيڪو دراصل ڪنهن ٻي وڏي تحريڪ جي ابتدا ثابت ٿيندو، هر هڪ سياسي جماعت، اسٽڊي سرڪلس جي ضرورت کي ڏاڍي شدت سان محسوس ڪيو آهي. مونکي خوشي ان ڳالهہ جي آهي تہ موجوده دور ۾ ڪميونسٽ پارٽي، عوامي تحريڪ، وطن دوست انقلابي پارٽي، قومي محاذ آزاديءَ وارن سان گڏ پيپلز پارٽيءَ وارن بہ اهڙيون ڪوششون شروع ڪري ڏنيون آهن. پرسندن سڀ کان وڏو مسئلو

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

اهو آهي تہ وٽن سياسي تعليم جي ايتري تہ سخت اڻاٺ آهي جو هو ايتري سولائيءَ سان ان مسئلي کي حل نٿا ڪري سگهن. انهيءَ جو سبب ظاهر آهي تہ فقط هڪڙو آهي: يعني اها جماعت نظرئي ڪان وڌيڪ جذبن جي بنياد تي جدوجهد ڪري رهي آهي.

• • •

جيل بہ ڪا ننڍڙي رياست آهي، جنهن جون وڏي رياست وانگر جاگرافيائي، تاريخي ۽ سياسي حدون هونديون آهن - جيئن هر رياست جو پنهنجو قانون هوندو آهي تيئن جيل جو بہ هڪ لکيل ۽ اڻ لکيل قانون هوندو آهي. جيڪو ملڪي حڪومت جي خارجہ پاليسين جي آڌار تي ٺهيل اندروني پاليسيءَ ۾ نظر ايندو آهي.

جيئن پاڪستان جو قانون هڪ مخصوص سماجي جوڙجڪ کي ذهن۾ رکي ان ۾ موجود طبقاتي نظام جي بچاءُ لاءِ ٺاهيو ويو آهي تيئن جيلن جي اندر بہ بالڪل ساڳي طبقاتي ورڇ نظر اچي ٿي. هڪ مٿيون طبقو آهي جنهن کي جيل ڪان ٻاهر جاگيردار، وڏو ڪامورو يا وڏو سرمائيدار طبقو چئبو آهي. جيل ۾ اهو ~A~ ڪلاس هوندو آهي. ٻيو طبقو اهو آهي جنهن ۾ ننڍو سرمائيدار، زميندار، وچولي درجي جو ڪامورو يا اعليٰ تعليم يافتہ پيشہ ور ايندا آهن. جيل ۾ انهن جو~ B~ ڪلاس آهي. ٽيون طبقو هيٺيون آهي جنهن ۾ مزدوري پيشہ ڪمي ڪاري، ڪلارڪ ۽ ٻي روزگار اچن ٿا: انهن جو ڪلاس~C~ آهي. انهن باقائدي ڪلاسن ڪانپوءِ هڪ لاورث ڪلاس بہ آهي جنهن کي جيل ۾ ڪراٽين ۽ چريا وارڊ جا نالا مليل آهن. هر جيل ۾ هڪ عتاب خانو بہ آهي انکي بند وارڊ جو نالو ڏنو ويو آهي. سمورا زير عتاب ماڻهو اتي عذاب هيٺ رکيا ويندا آهن.

اها تہ آهي اها ورڇ جيڪا عام معاشي حالتن جي ڪري آهي. حڪومت ۾ مزدور طبقي جي غيرموجودگيءَ جي ڪري سياسي قيدين جي نوعيت ۾ بہ فرق پئجي وڃي ٿو. اسان بہ جيڪڏهن سڄي ملڪ ۾ موجوده سياسي قيدي جو تعداد ڳڻينداسين تہ صاف نظر ايندو تہ منجهن گهٽي ڪان گهٽو تعداد انهن قيدين جو آهي جيڪي پورهيتن جي سياست ۾ يقين رکن ٿا. اهو بہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ سمورن سياسي قيدين جي پيٽ ۾ ڪين وڌيڪ ڏکين حالتن ۾ رکيو وڃي ٿو - ڪين ~C~ ڪلاس ۾ ان ڪري رکيو وڃي ٿو جو بقول چام ساقيءَ تہ ”جيلن ۾ ڪو زيڊ ڪلاس ڪونهي“. جسماني ۽ ذهني سختيون ڪابي ڏر جي لاءِ مخصوص آهن. موجوده صورتحال ۾ جيڪڏهن ٻين

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

طبقن جي پارٽين جي ڪارڪنن جي حالت پورهيت طبقي وارن جهڙي نظر اچي ته انجو سبب بيو ڪو به نه آهي سواءِ ان جي ملڪ ۾ مارشل لا ڊڪٽيٽرشپ لاڳو آهي. اهڙي حڪومت سيني ڌرين کي لڳ ڀڳ هڪ ئي نظر سان ڏسندي آهي. پر رويي جو فرق ته وري به نظر اچي ٿو. اسان تي مارشل لا جي مخالفت ۽ غداريءَ وارو ڪيس اسپيشل ملٽري ڪورٽ جي حوالي ٿيو، ارشاد راؤ جو اهڙو ئي ڪيس سمري عدالت ۾ هليو، جڏهن ته ملڪ قاسم تي لڳايل غداريءَ وارو قلم واپس ورتو ويو - جام ساقي ۽ رسول بخش پليجو آرڊ تي نٽا سگهن. مس بي نظير ڀُٽو جلاوطن ٿي سگهي ٿي. اصغر خان ملڪ اندر آزاد رهي سگهي ٿو. اهي سڀ حقيقتون ڪنهن به ڪسوٽيءَ تي پرکبيون ته سرڪار جو اهو رويو ڇٽو پٽو نظر ايندو جيڪو هن مختلف ڌرين ڏانهن رکيو آهي.

انگريز بهادر کان سياسي آزادي حاصل ڪرڻ کان اڳ هندوستاني سياسي قيدي لڳ ڀڳ اهڙين ئي حالتن ۾ رهندا هئا جهڙيون اڄ آهن. جيل خانن جا ڪجهه حصا نسبتاً چڱيرڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، اهي تنهن زماني ۾ يورپي قيدين لاءِ مخصوص هئا جيڪي ظاهر آهي ته سياسي قيدي نه هئا. هن ئي جيل ۾ موجود اسپيشل وارڊ خاص طور تي مٿئين طبقي جي سياسي قيدين لاءِ ٺاهيو ويو آهي. مون اڄ تائين انهيءَ وارڊ ۾ ڪڏهن به ڪو غير سياسي يا هيٺئين طبقي جو سياسي ڪارڪن نه ڏٺو آهي.

پرهاڻ جڏهن راڄ شاهيءَ کان معاشيءَ بدران ٺلهي ڪوڙي سياسي آزادي ملي آهي ته به قيد ۾ اندروني طور ڪا خاص ڦيرڦار نظر نٿي اچي، سواءِ انجي ته انتظاميه ملڪي ڪامورن تي بدل آهي ۽ غير ملڪي قيدي (سمگلر) خاص وارڊن بدران عام وارڊن ۾ رهن ٿا. ڪالونيءَ کان نيو ڪالوني تائين سؤ سالن جي ويڙهه ۾ بس اها ئي شي ملي آهي.

١١- فيبروري ١٩٨٣

آندروپوف به زندگيءَ جي جنگ هارائي ويو. رڳو پندرهن مهينن جي صدارت. پر آمريڪي پاليسي ٺاهيندڙن لاءِ ٺيڪ ٺاڪ چيلنج ٿي رهيو.
١٠- نومبر ١٩٨٢وانگر ڏور مغرب ۾ سامراجي دنيا وري خوش ٿي آهي. پر ڪاش هو اهو سمجهي سگهن ته پورهيتن جي راڄ ۾ هڪ صدر پنهنجي جاءِ تي سامراج مخالف ويڙهه ۾ ڪنهن به مزدور کان وڌيڪ اهم ڪونهي. پر جت مزدورن جي پارٽي، مزدورن جي سرڪار ۽ مزدور جو ڏيهه هجي اتي هڪ

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

آندروپوف يا برزنيف جي مرڻ سان سماجي سوچ يا حڪومتي سرشتي جا کهڙا پاسا ڏانوڏول ٿيندا؟

آغا اشفاق کي آندروپوف جو صرف نالو پسند آيو. باقي سندس هر ڪم کي شڪ جي نگاهہ سان ڏٺائين. هٿيارن جي ڊوڙ بند ڪرائڻ واري هر آڇ کي ڪنهن بہ آمريڪي صدر وانگر آغا صاحب هميشه اهو چئي رد ڪندو رهيو تہ، ”روس جيڏو زمين تي آهي ان کان ٽيٽو چئوٽو زمين ۾ اندر آهي. ان جي ڪنهن بہ ڳالهہ تي اعتبار ڪرڻو ناهي“ آندروپوف بہ بيمار ٿيڻ کان پوءِ يڪو علاج هيٺ هو پر روسي ايجنسين هلڪيون ڦلڪيون خبرون ڏيئي آغا کي چيڙائي وڌو. چوي، ”مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ پوف ڪهڙي خفيہ دوري تي ويو آهي؟ - سامهون ڇو نٿو اچي؟ اهي ڪي جي بي وارا وڏا استاد آهن.“ آغا پنج ڇهہ ڏينهن خاص طور تي اهو مسئلو حل ڪرائڻ لاءِ مون وٽ آيو هو، چيائين پئي، ” مونکي لڳي ٿو تہ آمريڪا ۽ روس اندر اندر ۾ ٺهن پيا“ سندس پيو خيال هو تہ، ”آندروپوف کي لاهي ڇڏيو اٿن پر پيو ڪو ماٺهو نٿو ملين؛ تنهنڪري ويٺا هيڏانهن هوڏانهن جون هٽن، تہ ڪنگهہ تي پئي اٿس ۽ زڪام اٿس؛ فلو اٿس هونهہ!“ ظاهر آهي تہ آغا صاحب جي هيڏن سگهارن خيالن جو مون وٽ ڪهڙو جواب ٿي سگهيو ٿي. مون کي منجهيل ڏسي آغا صاحب ان ڏس ۾ پنهنجو آخري ڪارائتو مشورو ڏيندي چيو. ”توهان مهرباني ڪري هنن کي چئو تہ ايڏو نہ لڪائين، صاف صاف اخبارن ۾ بيان ڏين. پيو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ توهان کي تہ ٻڌائين. هونئن مرُسن جا پٽ آهن پر ايم آر ڊي تحريڪ ۾ روس ماٺهن جي مدد نٿو ڪري - ڇو؟“

آغا منهنجا ڏند کٽا ڪري ويو آهي.

١٦- مارچ ١٩٨٣

سنڌي ادبي سنگت جيل شاخ جون ڪارروايون مستقل هلي رهيون آهن. ڪجهہ يارن هاٽوڪي ميلي ۾ ڌڙي بندي ڪئي پر پاڻ شرمندا ٿي چپ ڪري ويهي رهيا آهن. منڊ ۾ (١٩٨٢ ۾) اسانجون هفتيوار گڏجاڻيون گڏيل هونديون هيون. جنهن ۾ سنڌي ادبي سنگت جي نالي هيٺ اردو، پشتو، بلوچي، پنجابي، سرائيڪي هر ٻوليءَ کي نمائيندگي ڏيئي سنواديي ماحول تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئاسون. هاٽوڪي ميلي ۾ اڪيلي ”سنگت“ لاءِ ايڏو بار سنڀالڻ مشڪل ٿي پيو هو. انڪري عوامي ادبي انجمن جي نالي سان ٻيو يونٽ کولي ..... جي حوالي ڪري ڇڏيو اٿئون (نالو ان ڪري نٿو لکان جو نالو وٺي سنڌس برائي ڪرڻ ٺيڪ نٿو لڳيم. بعد ۾ اهو همراهہ سخت

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

نالائق، منافق، تعصبي ۽ طبيعت جو ايترو ردي نڪتو جو خود پنهنجا هڪ سڙ هڪ مخالف پيدا ڪري ورتائين) اڄڪلهه اسانجي جنرل باڊيءَ ۾، علي حسن چانڊيو، سنجر خان چانڊيو، محمد خان سولنگي، شير محمد مگريو، امداد چانڊيو، علي احمد پنهور، وزير احمد، اسماعيل اداسي، سهيل سانگي، عطا دل، شبير شر، محمد خان احمداڻي، قادر بخش جهونگائي، هيرولال، آدم چانڊيو، اڪبر چانڊيو، صوفي حضور بخش، عاشق حسين لغاري ۽ ڪوڙل شاهه شامل آهن. اسان جون آهي گڏجاڻيون ١٥ - ١٧ - ٢٨ - ٢٩ ۽ ٣٢ وارڊن ۾ ٿي رهيون آهن، ان جو سبب فقط اهو آهي ته ڪٿي ڪو ان غلط فهميءَ ۾ نه پئجي وڃي ته "سنگت" تي ڄام ساقي ڪيس ۽ ڊي ايس ايف وارن جو غلبو آهي. شايد ائين نه ٿئي ها پر ڇا ڪجي؟ سندن ان ڪرت ڪي ڏوهه ته نٿو چئي سگهجي ته هو ادب ۾ ايڏي دلچسپي ڇو ٿا وٺن؟

١-اپريل ١٩٨٣

چاچو يوسف (حوالدار) جيل جي تمام شريف پر تمام سخت حوالدار طور مشهور آهي. چرسين ۽ هيروئنين جو سخت دشمن. ڪوبه ڪم چئبس ته ڪري ايندو شرط اهو ته انساني قدرن جي خلاف نه هجي ۽ انتظاميه لاءِ مسئلو ڪڙو ڪندڙ نه هجي. سندس نالو رکيو ويو آهي "ڪمپيوٽر". مجال آهي جو ڪو به قيدي چرس جو هڪ "وزم" يا هيروئن جي ننڍڙي پڙي ان وقت ماڙيءَ مان پار ڪري وڃي جڏهن يوسف حوالدار اتي بيٺل هجي. پوءِ ڪٿي ان نشئيءَ ان پڙيءَ کي ستن تهن، نڙيءَ، وارن يا جسم جي ڪنهن بئي پور ۾ لڪائي ڇو نه رکيو هجي. خبر ناهي چاچي يوسف کي انهن ننڍڙن اسمگلرن جي ڪيئن خبر پئجي ٿي وڃي. سندس يادداشت به عجيب آهي. جنهن ڏينهن پروفيسر جمال نقوي هن جيل ٽرانسفر ٿي آيو تڏهن ڪيس ڏسي چاچي يوسف فوراً چيو "آپ ڦر آگئے؟" پروفيسر هن کان اڳ پهريون پيرون شاگرديءَ واري زماني ۾ ١٩٥٣ ۾ گرفتار ٿيو هو ۽ ٻيو ڀيرو٤٢ - ١٩٤٣ ۾: تنهن کان پوءِ هن ڀيري. يوسف جي نوڪريءَ جو تقريباً سڄو حصو( ٽيهه ايڪٽيهه سال) ڪراچي سينٽرل جيل ۾ گذريو آهي. اڄ مون چاچي يوسف کان انٽرويو ورتو.

مون پڇيومانس ته هن سڄي عرصي ۾ هن سوين ليڊر ڏٺا هوندا، تن مان اهڙو ڪو هن کي سڄهي جنهن ۾ واقعي ليڊرن وارا گڻ ۽ خلوص هجي. چاچو يوسف ٿيءَ ۾ پئجي ويو. سوچي سوچي چيائين، "ها! هوئن ته گهڻئي ڏٺم پر هڪڙو سنڌي هندو ياد ٿو اچيم ٥٧ - ٥٨ جو زمانو هو شايد، ايوب خان جي مارشل لا جو زمانو هو. هن جي پارٽي وڏي هئي. تمام شريف ۽ همٿ وارو هو. اسانکي ڪڏهن تنگ نه ڪيائين. ڏاڍي سختي هئس مٿان. هن

سان گڏ هڪ هندوستاني حيدرآبادي نوجوان بہ گرفتار ڪيو هئائون جيڪو پوءِ لاهور جي قلعي ۾ مري ويو. ان جو لاش بہ مائٽن کي نہ ڏنائون. مائٽن ڏاڍو سمجهايو هئس تہ سياست نہ ڪر پر هو پنهنجن اصولن تان نہ هٽيو جان ڏيئي ڇڏيائين ـ "

مون ڪائنس ٻنهي جا نالا پڇيا، "ڇيائين، پورا تہ ياد ڪونهن. زمانو لنگهي ويو آهي. هندوءَ جو نالو سوپو هو ۽ حيدرآباديءَ جو ناصر هو شايد هن جو سچو نالو ناصر حسين هو يا حسين ناصر، مونکي ياد نٿو اچي. ناصر تہ ٿورا ڏينهن هتي رهيو، پوءِ لاهور وٺي ويس، باقي سوپي کي سترهين نمبر وارڊ ۾ رکيو هئن."

۲ـاپريل ۱۹۸۴

گورنر صاحب صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ "جام ساقي ڪيس مرڪزي حڪومت جي حوالي آهي" مرڪزي حڪومت چئي ٿي تہ "اهو صوبائي معاملو آهي" ـ خبر ناهي تہ هو ويچارا هڪٻئي تي ڇو ٿا هٽن؟ اصل حقيقت ڪا ٻي آهي. مارچ ۱۹۸۱ ۾ جهاز اغوا ٿيڻ کان پوءِ بي بي سيءَ ٻڌايو هو تہ جام کي هڪ ٻي فوجي عدالت ڏهہ سال سزا ٻڌائي آهي. حيرت جي ڳالهہ اها هئي تہ عدالت، جام کي بي بي سي جي اعلان کان اٽڪل اٺ مهينا پوءِ ڏهہ سال سزا ٻڌائي هئي. جام جو چوڻ آهي تہ "اهو فيصلو ۱۹۸۰ ۾ آمريڪا کان پنڌ يا ڪنهن ٻئي سست ذريعي سان هلندو برطانيہ پهتو. جتان بي بي سي وارن نشر ڪيو. اٺ مهينا پوءِ جڏهن اهو پاڪستان پهتو تہ عدالت اکر بہ اکر پڙهي ٻڌايو."

* * *

ڪيس ڇا ختم ٿيو آهي، سڀئي جٽا جڙ موڙچي تان هٽڻ ڪانپوءَ ۽ خاص طور تي اير آر ڊي جي ٽڪائيندڙ جيل ميلي ڪانپوءِ بيمار ٿي پيا آهيون. پروفيسر تي اڳ ئي فالج جو حملو ٿيوهو. امر لال خيرپور ۾ آپريشن ڪرايو آهي. مونکي اڌ مٿي جو سور وڪوڙي ويو آهي. شبير جون اکيون ٺيڪ نٿيو ٿين، سهيل جو فيوز (ذهني دٻاءَ جو دورو) اڇڪلهہ ڏينهن ۾ ٻہ ٻہ ڀيرا اڏاميو وڃي ۽ ڪمال وارثيءَ جون بڪيون ڏاڍيون خراب ٿي ويو آهن، هاڻي تہ ڪيس رت اچڻ لڳو آهي.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

٦_مئي ١٩٨٣

سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ وارن منهنجي اڪين ۾ لڙڪ آڻي ڇڏيا آهن. هو ڪيڏا نه قربائتا ساٿي آهن! مونکي، منهنجي غيرموجودگيءَ ۾ ڪاروباري ڪميٽيءَ تي ڪٽي اهو احساس ڏياريو اٿائون ته مان اڃا به ڪين ياد آهيان، ڪين وسريو ناهيان. اهو ته مان به ڄاڻان ٿو ۽ هو به ڄاڻن ٿا ته مان في الحال سنگت جي ڪنهن به عملي ڪم ۾ ڪوبه ڀرو نٿو وٺي سگهان. پاڻ ڪنهن حقدار جو حق ۽ ڪنهن ڪارڪن جوڪم بيڪار ٿي ويو. پر اهو به ته ٿي سگهي ٿو ته ستار ۽ الطاف ڪين هدايو هجي ته مان اڃا به سنگت سان ايئن آهيان جيئن مارئي ملير لاءِ هئي. مون شڪست ڪائي قلم ڦٽو ته ڪونه ڪيو آهي. جيڪڏهن منهنجن ماروئڙن ياد ڪرڻ ۾ هيڏا ڏينهن لاتا آهن ته يقينن انهيءَ جو ڪو سبب هوندو. وٽ وٽان، رياستي ڏاڍ، ڌڪاءُ ۽ بقا جي ويڙهه ۾ جيڪڏهن مان ڪجهه وقت لاءِ سنڌن دل تان لهي به ويو هوس ته ڇا ٿي پيو؟ ـ ڇا واقعي هو مونکي ڪجهه وقت لاءِ وساري ويٺا هوندا؟ اهو ايترو سولو ته نه هوندو ـ مان به ته ڪين ڪڏهن دل تان لاهي نه سگهيو آهيان.

٧_مئي ١٩٨٣

سول اسپتال ۾ داخل ٿيو آهيان. ڪمرو نمبر ـ ٣٨ مليو اٿم. تنهن ڪان ته جيل جي ڪولي چڱي هئي، جت سانت ته هئي. اڄ مٺي جي سور جا حملا تمام گهٽا وڌي ويا آهن. هر حملي جو اثر ٣٨ ڪلاڪ رهي ٿو جڏهن ته ٻن حملن وچ ۾ ١٠ ـ ٨ ڪلاڪن جو وقفو مس آهي.

٩_مئي ١٩٨٣

بيماري پنهنجي جاءِ تي ـ پر عجيب ڏينهن آهن. اتساهه جي لحاظ کان ڪا ڪوٽ ڪانهي، پر تحريڪ وارن ڏينهن ۾ جيلن جو رنگ ئي ٻيو هو. جيڪي ماٺهو هلندڙ تحريڪن ۾ جيل اچن ٿا، سي دراصل جيل نٿا اچن.

ڊي ايم سيءَ ۾ به شاگردن جي تحريڪ اڪين سان ڏسي رهيو آهيان. چڱي خاصي آهي. ڪالهه پهريدار سپاهين جا ساهه سڪل هئا. اڄ ته ماڳهين مان سنڌن مٿان پهرو ڏيئي رهيو هئم. هو اندر ڪمري ۾ بند هئا. ٻت ۾ رڦٽي هئن. منٿون پئي ڪيائون، ”سائين! توهان جا شاگرد ساٿي آهن اسان کي بچاءِ!“

نوجوان ڇوڪرا پوليس وارن کي ڏسي ميجرجي ٿا پون. تنهنڪري سپاهي سادن ڪپڙن ۾ مون تي پهرو ڏيڻ ايندا آهن. پر، نوجوانن جون اکيون بہ عقابن جهڙيون آهن. پل کن ۾ صحيح ڪريو وٺن تہ ڪير ڪير آهي؟ شاگردن جو هڪ نعرو ڏاڍو وڻيو اٿم - هونئن تہ سيئي نعرا سامراج ۽ آمريت جي خلاف هئا پر جيڪو حوصلو، ”جو طلبا سي ٽڪرائيگا پاش پاش هو جائي گا“ ۾ آهي، تنهن جو جواب ناهي.

٦-جون ١٩٨٣

مان
ٽئگور نہ آهيان
مون کي پنهنجي موت لاءِ
هڪ سادي سودي تشبيهہ آهي -
جيئن پوري ڏينهن جي پٽ کوهہ کانپوءِ
هڪ بي گهر مزدور
ٽڪ ۾ چڪنا چور
رستي تي
پاسي کان سمهي پوندو آهي
۽ بوٽيل دريون ۽ دروازا
اوچن مڪانن جون
انڌيون اکيون
هن کي ڏسي نہ سگهنديون آهن

۽
هر مڪان کان اوچو
چنڊ
هن تي پنهنجي چاندوڪيءَ جو
ڪفن وجهي ڇڏيندو آهي.

---

اياز تخيل جو بادشاهہ آهي. هيءَ تشبيهہ ڪيڏي نہ جاندار آهي! ڪنهن شاعر جي جسماني موت جي لاءِ. پر مان جيڪر چاندوڪيءَ جي ڪفن بدران چاندوڪيءَ جي چادر تاڻڻ پسند ڪيان.

• • •

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

ميگرين(Migrane) ڪنهن ڪم جو نہ ڇڏيو آهي. ننڊ جو وجود دنيا مان جهڙو ڪر ختم ٿي ويو آهي. ڊاڪٽر مستقل ۽ گهٽي مقدار ۾ ننڊ ۽ سڪون جون دوائون ڏئي رهيا آهن - پر ننڊ! ۽ ان جو وجود! - سيڪجهه ڪو خواب آهي. ڊاڪٽر حضرت عليءَ ڪي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس ڪيترو نہ ساٿ ڏنو اٿائين. ان ڏينهن بہ جڏهن مان غنودگيءَ واري حالت ۾ هئس ۽ سپاهي زبردستي مونکي اسپتال مان ڊي ايم ايل اي هائوس وٺي ويا هئا، ڪيئن نہ قيدين واري گاڏيءَ جو پيڇو ڪندو اتي اچي پهتو هو! ڪيڏو تہ فوجين سان گوڙ ڪيو هئائين! چوي، ”منهنجي موڪل ڪانسواءِ توهان منهنجو مريض اسپتال مان ڪڍيو ڪيئن؟ جيڪڏهن هن ڪي وري اٽيڪ ٿئي تہ ان لاءِ جوابداري ڪير ڪڻڻ لاءِ تيار آهي؟“ فوجين کي وائڙو ڪري وڌو هئائين.

تنهن ڏينهن مان واقعي سخت غنودگيءَ ۾ هئس. پر ،مونکي ياد آهي تہ ان مهل بہ مون ڪرنل ظهير جي آڏو ادبي تقرير ڪئي هئي. مون چيو هو تہ، ”توهان فوجي بي حس آهيو. توهان جي آڏو هر بيو ماڻهو پٽ جو ٺهيل آهي - توهان انساني سوچن، احساسن ۽ رشتن بابت ڪجهہ بہ محسوس ڪري نٿا سگهو ڇو تہ اوهان جا ذهن ”برين واش“ ٿيل آهن. توهان جو تعلق پهرين بندوق سان ٿيو ۽ پوءِ ڪاغذ جي فائلن سان، توهان سان تعلق ۾ ايندڙ هئي شيون بي حس آهن. توهان ڇا ڄاڻو پيار جي ٻولي - اوهان کي هن مهل منهنجي ڳالهہ ڏکي لڳندي هوندي جو توهان فوجي ادب سکيا آهيون - مان عام شهري آهيان ۽ توهان جي ادبن ڪان واقف ناهيان! -“

خبر ناهي، تنهن جي باوجود ڪرنل مونکي ڇانهہ ڇو پياري؟ شايد هن محسوس ڪيو هوندو تہ مان حواسن ۾ ڪونہ آهيان.

٢٨-جولاءِ ١٩٨٣

سيني اخبارن ۾ فرنٽ پيج تي هڪجهڙي خبر لڳي آهي.

**”چار ساقي ڪيس ۾ ملوث ٩ - جوابدار آزاد“.** ”ڪين سنڌ حڪومت جي حڪم نامي هيٺ ٻيهر ٽن مهينن لاءِ نظر بند ڪيو ويو.“

ڪالهہ شام جو انور پيرزادو ملڻ آيو هو. هيڏو ٿلهو هار پارايو هئائين. اڄڻ سان چيائين، ”اخبارن ۾ تہ سياڻي ايندو هيءَ پڪي خبر آهي“ خير مونکي تہ اعتبار نہ آيو ۽ نہ ئي ڪو جذباتي رد عمل ٿيو.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۲۹ـجولاءِ۱۹۸۴

اهو سچ آهي تہ يارو باک ڦٽي آهي
ننڍ مان جاڳي پيا هن پکي
۽ لاتن ئي لاتن جي بهاني ڪا ڳالهہ چون ٿا نئين
چوٽ تي آهي ڌرتيءَ جي راڳ محفل -
پر اهو بي سچ آهي تہ سچ چڙهيو ناهي
توهان ايڏي محبت ٿا مونکي ڏيو
جنهن جي صفا مان قابل نہ آهيان
نہ ڄاڻي توهان جي محبت جي ڪسوٽي آ ڪهڙي
نہ ڄاڻي توهان کي ڪهڙي ڳالهہ راس آئي اسانجي
اوهان محبت وچان
گلابي گلن جا هار وجهڻ چاهيو تہ توهانجي مرضي
مگر منهنجا مٺا دوستو!
ٽڙيون نہ آهن اڃا مکڙيون
اڃايو پکيڙي ڇڏيندا اوهان -
لالاڻ مائل پنکڙيون
پيار وندي دل وندرائڻ چاهيو تہ توهانجي مرضي
گلابي گلابي پنکڙيون وکيرڻ چاهيو تہ توهانجي مرضي
پر سوجهرن کي سينگاريو تہ بهتر ٿيندو
هڪ گهڙي، نقط هڪ گهڙي دوستو
سوچي ڏسو
هڪ محبت پري ڳرانڙيءَ کان وڌيڪ
بيو ڇا آهي جو ڏيئي سگهجي!
ٻانهن جي هار کان پيارو پيارا
ڪهڙو هار آهي؟

اڄ ايڏي محبت ڏني آهي اوهان
جو نہ ڪو ڪنڌ ڪٽي ٿو سگهان
نہ اکيون ملائي سگهان ٿو
اهوسچ آهي تہ يارو باک ڦٽي آهي...

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

۲۸_آگسٽ ۱۹۸۴

ضمانت تي آزاديءَ جو پروانو مليو ـ سامان ميڙي گهر جي پاتين سان گهر پهتم.

سڀ ڪيڏو نه خوش آهن، بابا جي چهري تي ڪنهن فاتح جهڙي مُرڪ آهي، امان جي ڪيفيت بيان ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي ۽ ڀينرن جي اکين ۾ لڙڪ مُرڪي ۽ چمڪي رهيا آهن.

مونکي پنهنجو گهر تمام خوبصورت لڳي رهيو آهي.

منهنجي تصور کان گهٽو سهڻو ـ صاف سٿرو. لڳي ٿو ڪنهن ٻئي جي گهر ۾ آيو آهيان. گهڙي ڪن لاءِ گهر جي ديوارن ۾ مونکي نه سڃاتو، پر پوءِ پيار پلٽي ڇڏيائون.

خبر ناهي ڇو مونکي منهنجي آزاديءَ تي نه ته ڪو عجب لڳو ۽ نه ئي ڪا اهڙي ڪيفيت ٿي جنهن کي ايڪسائيٽمينٽ چئجي.

شايد ذهن هن ڏکي عرصي جي ڇيپٽ ۾ اڃي ڪجهه وڃائي ڇڏيو آهي.

۱۶_جنوري ۱۹۸۵

سمن جاري ڪري سينٽرل جيل گهرايائون ـ فيصلو ٻڌائڻ لاءِ. مان ته هڪ پيرو ٻيهر "ڳوٺ" لاءِ تيار ٿي ويو هوس. پر ڪرنل صاحب فيصلو ٻڌائيندي "با عزت بري ڪيو".

سڀ "باعزت بري" ٿيا آهن ـ چار جي فيصلي جو باقاعدي اعلان نه ڪيائون، پر هو به ڪيس مان "باعزت بري" آهي، سهيل به ڪجهه عرصو اڳ مون وانگر "ضمانت" تي آزاد ٿيو هو. امر لال هاڻي آزاد ٿيو.

شبير شر ۽ ڪمال وارثيءَ کي ست ست سال سخت پورهئي سان سزا ٻڌائي وئي آهي.

مون، اڄ وري ۳ ـ سيپٽمبر ۱۹۸۰ وارين اخبارن جي هڪ جهڙي ليڊ پڙهي آهي.

• • •

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

# نومبر ۱۹۸۰ کان آگسٽ ۱۹۸۳ دوران ڪراچي سينٽرل جيل ۾ آيل سياسي قيدي

## هاء جيڪنگ ڪيس

سيف الله خالد (عمر قيد) ، ايوب ملڪ (عمر قيد) ، ناصربلوچ (شهيد) (ڦاسي)، رسول بخش لاهوتي (قيد بامشقت)، عيسيٰ بلوچ (قيد بامشقت) . هي ڪيس خاص فوجي عدالت ۾ هليو.

## جامع ڪلاٿ بس ڪيس

راشد رباني، شاهد علي رعنا، احسان شير پاؤ، رفيق ميمڻ، فريد انصاري، اشفاق بلوچ، سليم انصاري، سليم مغل، محسن رضا، مسرور احسن. (خاص فوجي عدالت ۾ ڪيس هليو)

## لالا اسد ڪيس

رخسار قريشي ، روبينه قريشي ، ولي محمد سهتو، اشرف شيخ ، رمضان مغل. (خاص فوجي عدالت ۾ ڪيس هليو)

## پ پ پمفليٽ ڪيس

ارشاد راؤ، واحد بشير، سيد ضامن حسين شاهه. (سيني سمري ملٽري ڪورٽ کان سزا کاڌي)

## مسلم ليگ

خواجه خيرالدين، ملڪ قاسم. (ڪيس هلڻ کانسواءِ ڇٽي ويا)

## جمعيت علماء اسلام

قاري شير افضل، مولانا الهڏنو چنه، مولانا جاويد نعماني.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

## ڊي ايس ايف

امداد چانڊيو، محمد خان سولنگي، شير محمد مگريو، علي حسن چانڊيو، بقا محمد دراني، حميده گل.

## وڪيل

نفيس صديقي (تحريڪ استقلال)، عبدالحفيظ لاکو، اختر حسين، عاقل لوڌي، ضياءُ اعوان، فاروق نائڪ، عبدالمالڪ (اين-ڊي-پي)، بئريسٽر جميل (تحريڪ استقلال)، رشيد رضوي (قومي محاذ آزادي)، قاضي غني (پ-پ)، رانا اسلم، حنان پاشا، انور اشفاق، حسن فيروز (اين-ڊي-پي)، نسيم حيدر (پ-پ)، محفوظ يار خان (تحريڪ استقلال).

## عوامي تحريڪ

ايوب انڙ، محي الدين ڪيڙانو، محبت جت، داد خشڪ، غني پليجو، عطا دل، علي احمد جوکيو، غني جوکيو، عثمان جوکيو، اسماعيل اداسي، اسماعيل باغي، روپ جهولائي، انور سومرو، عباس گوپانگ، سندر داس، علي محمد بلوچ، محمد بلوچ، شريف پَل، محمد علي ڪاڪيپوٽو، محمد حسن لوهار، عبد الله پنهور، وشنو، صديق پارٽ، غلام مصطفيٰ ٽالپر، علي بخش ٽالپر، عبدالرزاق ٿيٻو، جعفر شورو، احمد خان جمالي، بخشو چانڊيو، رحمت الله جوکيو، غلام مصطفيٰ ٿيٻو، علي محمد پوو، محمد پوو، اقبال ساريجو، اڪبر ساريجو، زين العابدين پيرزادو.

## وطن دوست تنظيمون ۽ جيئي سنڌ پروگريسو

هيرا لال، محمد خان احمداڻي، اظهر خواجه، نادر خواجه، راڻو راڻوڙ، اڪرم پهر، غلام رسول سوهو، غلام مصطفيٰ سوهو، فيض سوهو، نصير سوهو، مشتاق ٽالپر، غلام مصطفيٰ ميمڻ، ستار سومرو، قادر جهونگاڻي، سين ڪاتيار، ذڪريا ڪاتيار، حسن ڪاتيار، ابراهيم لغاري، اشفاق عباسي، خادم شيدي، غفور شورو، غلام علي ٿيٻو، لال سنڌي، اسلم ميمڻ خيرپوري، نواز جتوئي، غني ملاح، احمد ڪنهار، احمد ملاح، زاهد خواجه.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

## پوپ پال بم ڪيس

سيد پرويز علي شاھ ( سابق مملڪتي وزير ) (لال اسد کي بہ ملوث ڪيو ويو ھو جيڪو پوءِ فوج سان مقابلي ۾ شھيد ٿي ويو. پرويز علي شاھ تي ڪيس ٻيلو ٿي ڪونہ .)

## پاڪستان پيپلز پارٽي

مس بينظير ڀٽو ، بيگم نصرت ڀٽو ، ممتاز ڀٽو ، الھبچايو لغاري ، عاشق حسين لغاري ، قاضي محمد بخش ڏامراھ ، حسين شاھ بخاري ، مولانا احترام الحق ٿانوي ، آغا غلام نبي خان پٺاڻ ، مخدوم خليق الزمان ، سيد علي نواز شاھ ( سابق وفاقي وزير ) ,مرتضيٰ ميمڻ ، فضل علي شاھ ، غفور نظاماڻي ، رفيق ايري ، پنھون ترڪ ، رزاق ڏنو سونارو ، صديق پاٽولي ، عبدالله بلوچ ، پيار علي الانا ، حمزو بلوچ ، ثمر علي شاھ ، نواز جتوئي ، سنجر خان چانڊيو ، محمد بخش لاشاري ، محمد حسين ڏنجي ، موسيٰ لاشاري ، خدا بخش لاسي ، ولي محمد لاسي ، محمد عمر ، اقبال ھيسباڻي ( شھيد ) (٣٠ - مئي ٨٦ سول اسپتال حيدرآباد) ، عارف بيگ ، پروفيسر اين ڊي خان ، بيگم اين ڊي خان ، سليمان گھانچي ، عبدالفتاح ميمڻ ، رحيم بلوچ ، رحيم بخش جمالي ، رفيع منير ، ستار راڄپر ، غلام مصطفيٰ جتوئي (ٻاھر ريسٽ ھائوس ۾ رکيو ويو ) ۽ ٻيا ڪيئي.

## سنڌي ادبي سنگت

لطف پيرزادو ، امام بخش پيرزادو .

## سنڌ ھاري ڪميٽي

صفت رند.

## قومي محاذ آزادي ۽ (NSF)

معراج محمد خان، امين احمد خان، صفدر جبار، اقبال رند، اظهر جميل، تسنيم فاروقي، اقبال حيدر، ابرار الحسن، ولي محمد نو شاد، اکبر مهر، محمد يوسف عرب، محمد مجاهد بابا، حسن جعفر، جعفرالحسن، سيد امير حسين شاهه، سيد مناظر حسين شاهه، محبوب، سيد ايوب شاهه خان.

## مختلف الزامن هيٺ ڪجهه ٻيا اسير

سميع منير (هاء جيڪرن جي مطالبي تي دمشق ويو)، رفيق صفي (١۴ سال سزا)، حسن نظامي (پ پ)، آغا اشفاق خان، (رخسار قريشي ۽ روبينہ قريشي کي پناهه)، ڊاڪٽر مولا بخش جوڻيجو، اعجاز ڊالميا (الياس صديقي کي پناهه)، جاويد اختر، الياس صديقي (پوپاليءَ جي قتل واري واقعي ۾ مارجي ويو)، اياز سمون (ڦاسي). (۽ ٻيا لاتعداد سياسي قيدي جن جا نالا جمع ڪرڻا ممڪن نہ ٿي سگهيا)

## مزدور ڪسان پارٽي

فتحياب علي خان

## پاڪستان نيشنل پارٽي

شير خان لنڊ، جبار پانولي، رسول بخش زرداري، آدم چانڊيو، حافظ محمود، جمال ناصر بلوچ، حسيب احمد، حسيب الله، شبير حيدر، وڪيل خان سواتي، صديق بلوچ، زبير الرحمٰن. (١٩٨٣ کان ١٩٨۴).



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

# سکر سيئي ڏينهن ......

جام ساقي

اديب انسان جي اندر جي انهن ڪومل ڪلين کي ڇهي سگهي ٿو جتان سياست دان جو گذر مشڪل سان ئي ٿو ٿئي :-
١٩٧٨ ڊسمبر ۾ سچي رات جي اذيت مان گذري جاڳائڻ لاءِ فوجي ڪئمپ جي ڪوليءَ ۾ پهچي اسُر جو هڪ مختصر نظم چيم

موجوده مارشل لا ۾
ٿڪن جي وٽ ورهائي ويئي
مون پاڻيو مان محروم رهيس
پر مون کي پڻ پنهنجي پتي ملي.

پر صبح ٿيڻ تي ئي ويچار آيو هئم ته شاعر ته ماڪيءَ جي مک وانگر آهي جيڪا ڪڙن گلن مان به مٺي ماکي ٺاهي. سو مارشل لا مٺائي وري مند چيو هئم - سو سائين منهنجا بدر ته بنيادي طرح اديب آهي سو "جام ساقي ڪيس" جي قيدن ۽ ڪشالن مان اجهو اها جهول ڀري آيو آهي -
ٻاهر ڪڏهن جمعي چانڊائي بدر سان ملاقات ٿيندي هئي ته آئون سندس اکين جي چمڪ ڏسي چوندو هوس بدر ، هينئر ته تو کي ماٺهو ائين ٿا سڃاڻن ته تون جمال ابڙي جو پٽ آهين پر ڪو ڏينهن اهڙو به ايندو جو ماڻهو جمال صاحب کي چوندا ته هي سائين ، بدر ابڙي جو پيءُ آهي. بدر شرمائيندو هو ۽ حجاب مان چوندو هو ڇڏ يار کهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين. پر پوءِ ڪيس هلندي جڏهن بچاءَ جي شاهدي ڏيڻ لاءِ ولي خان آيو هو تڏهن هن ، جمال صاحب کي ڏسي پڇيو هو ڪير صاحب آهي - ظاهر آهي خان صاحب کي سنڌي افساني جي شهنشاه جي پروڙ ڪيئن ٿي پئجي سگهي. مون کيس ورائيو هو ته هي بدر ابڙي جو پيءُ آهي. جو خان صاحب کي خبر هئي ته مقدمي ۾ ملزم ڪير ڪير آهن. اوڏي مهل مون مرڪي بدر ڏي ڏٺو هو. وري جڏهن بچاءَ ۾ محترمه بي نظير ڀٽو آئي هئي ۽ هن به ساڳيو سوال ڪيو هو تڏهن مون کيس ٻڌايو هو ته هي جمال صاحب آهي جيڪو بدر ابڙي جو پيءُ آهي. ان مهل بدر کي چيو هئم "ڏس سهڻا قدرت ڪيئن نه قلندرن جا قول پيئي پورا ڪري-" سو بدر هي ڊائري لکي وک اڃا به اڳتي وڌائي آهي چوندا آهن تاريخ ۾ نالن ۽ سنن کان سواءِ سڀ ڪوڙ هوندو آهي ۽ ادب ۾ رڳو نالا غلط هوندا



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

سپاهي سڏڪا ڀري روئي پيو هو، "ڇي سائين تون اسان غريبن لاءِ سر ڏيو ويٺو آهين اسين اهو ٻه نٿا ڪري سگهون" ۽ سپاهي جي روئڻ تي مان ٻه روئي پيو هوس. محبت جي مار ڪير ٿو سهي سگهي. سو ڪورٽ واري سپاهي ڪي واقعو ورجائڻ کان پوءِ چيم ته "سچڻ تنهنجي فوج جي ڪمانڊر انچيف کي سلام فنگ (سلامي) ته مليو هوندو پر ڪنهن سپاهيءَ جا محبت جا ڳوڙها مور نه مليا هوندا" همراه نه رڳو پاڻ مطمئن ٿيو پر پوءِ ڪورٽ جي سڀني فوجي سپاهين جو سلوڪ اسان سان تمام سٺو ٿي ويو هو. ڪيسن ۾ اسان جي خلاف ڀرين ته ڪو سرڪاري وڪيل (اي- پي- پي) اچڻ لاءِ تيار ڪونه هو هڪڙو آيو ته اهو سٽ ئي گذاري ويو وري زور زبردستيءَ سان مسٽر امام علي قاضيءَ کي آندو ويو ته اهو ڪجهه ئي عرصي کان پوءِ بيمار رهڻ لڳو. مون کائنس پڇيو هو قاضي صاحب ايڏو بيمار ڇو ٿا رهو ته چيائين سائين ڇا ڪيان اندر ۾ ايذاءُ ٿو محسوس ڪيان ته اوهان جي خلاف ويٺو آهيان سو دل جي بيماري ٿي پيئي اٿم. مون کيس عرض ڪيو هو سائين سٺو آهي جو اوهان آهيو. ڪو دئوس ڏکي آئي بيهاريائون ته ڏچي ۾ پئجي ويندا سين اهوئي سوچي صحت مند رهو. هڪ ڏينهن پاڻ پنهنجي ٻن ننڍڙن ٻارن کي وٺي آيو ۽ ملايائين. مون پنهنجي دستور موجب ڪڪيءَ کان پڇيو "بابا ڇا ٿيندو؟" "ڊاڪٽرياڻي." "ڀلا پوءِ غريبن جو علاج مفت ڪندو يا پئسا وٺندو" ڇاڇا مفت" "واه پٽ واه" ۽ بابلا توهان ڇا ٿيندو؟ پٽس کان پڇيم "وڪيل" "ڪهڙو وڪيل؟" سرڪاري يا...... مون ائين ئي خدا ڪارڻ پئي پڇيو پر سوال پورو ٿيڻ کان اڳي قاضي صاحب جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا هئا.

اها هئي اسان واري عدالت- ۽ ائين عوام طرفان سڌي يا اڻ سڌي طرح صداقت ۽ محبت ملندي رهي جنهن اسان کي ڳاٽ اوچو رکڻ ۾ مڙسا مڙسي مدد ڪئي.

ان عرصي ۾ (١٩٨١ع کان ١٩٨٣ع تائين) ضياالحق جو ظالمانه عبوري آئين ملڪ کي مٺي ۾ لڳي چڪو هو. ڪورٽن کي ڪَرُ قلف لڳا پيا هئا. سياسي سرگرميون صفا بند هيون نه جلسو نه جلوس نه بيان نه ڪا ٻي چرپر اصل ٻٽائي چوائي

"نه ڪتا نه ڪُوڪار، نه سي سڏ سُڪارئين
جهنگل ڪڏي پار، اُيو آهيڙين کي"

ملڪ ۾ توڙي ٻاهر اهو تاثر عام هو ته سمورا سياسي اڳواڻ نه رڳو خاموش پر پاڻ ۾ ٻه اٽڪيل آهن ان ڪري فوجي ٽولي کي ڪو لهر



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

لوڏو ٿي ڪونهي. انهن حالتن ۾ اسان فيصلو ڪيو ته ملڪ ۾ ڪو متحرڪ سياسي پليٽ فارم ناهي ته خير آهي ڪٿي ڪيس ۽ ڪورٽ کي سياسي پليٽ فارم بنائجي ۽ اهڙو سوالنامو ٺاهجي جنهن جي سمجهائي ۽ مختلف نڪتن تي زور ڪٿي هر اڳوڻ پنهنجي نموني ڏئي پر ٿلهي ليکي هڪ قومي اتفاق راءِ نظر اچي، ۽ ملڪ جو عوام توڙي جڳ جهان سمجهي ته سمورو جمهوري عوام هڪ پاسي آهي رڳو چند سري فوجي ٽولو بندوق جي زور تي بيحيائيءَ سان ويٺو آهي.

سوالن ۾ صوبائي مختياريءَ جو سوال به هو ته زرعي سڌارن بابت ڳڻ ڳوت به هئي. چوندن جو مسئلو به هو ته افغانستان ۾ مداخلت جو موضوع پڻ موجود هو. مارشل لا جي جائز هجڻ جو مامرو به هو، ڳاٽي ٽوڙ فوجي بجيٽ جو فڪر به هو ۽ ڊينشلائيزيشن (Denationalization) (قومي ملڪيت مان ذاتي ملڪيت ۾ ڏيڻ) جي مذمت پڻ هئي مطلب ته ملڪي معاملن سان متعلق مڙيئي نه ته به اڪثر مسئلن جو مذڪور هو. هڪ اتفاق راءِ ايرڻ لڳو ڪي جواب ڏاڍا مزيدار ۽ هنئين سان هنڊائڻ جهڙا هوندا هئا. مارشل لا جي جائز يا ناجائز هجڻ جي سوال جو جواب ڏيندي علامه حضرت محمد شاهه امروٽي جن فرمايو "اوهين مارشل لا جي ڳالهه ڪريو اسلام ۾ پگهاردار فوج ئي ناجائز آهي جو هر مسلمان غازي آهي". يعني يار اهو اڌوئي اڌائي ڇڏيو جنهن تي مڪ اچي ٿي ويٺي. نظريه پاڪستان بابت محترمه بينظير ڀٽو چيو ته ١٩٧٣ع واري آئين جا پهريان پنج فقرا نظريه پاڪستان آهن سائين علامه امروٽي صاحب جن فرمايو ته هر ملڪ جو آئين ان جو نظريو هوندو آهي سو ١٩٧٣ع وارو آئين ئي نظريه پاڪستان آهي ۽ ان کي نقصان ضياءَ الحق پهچايو آهي ڪامريڊن نه پهچايو آهي. مير غوث بخش بزنجي صاحب ١٩٤٠ع واري ٺهراءُ کي نظريه پاڪستان قرار ڏنو. منهاج برنا قائد اعظم محمد علي جناح جي ١١ آگسٽ ١٩٤٧ع تي آئين ساز اسيمبلي آڏو ڪيل تقرير کي نظريه پاڪستان سڏيو. ولي خان چيو ته نظريه پاڪستان ته ٺڳيءَ جو ٺاهه آهي جيڪو مخالفن کي ڦاسائڻ لاءِ ٺاهيو ويو آهي. واضح رهي ته سرڪاري شاهد، سرڪاري وڪيل توڙي فوجي ڪورٽ سڳوري نظريه پاڪستان جي وصف ٻڌائڻ ۾ ناڪام رهيا جيتوڻيڪ پوءِ به اهو ڪيس ڪُٽيندا رهيا ته اسان نظريه پاڪستان جا مخالف آهيون. مون پنهنجي بيان ۾ چيو هو ته ملڪ جي ماڻهن هر ڀيري سوشلزم کي ووٽ ڏنو آهي. سو سندن نظريو اهو آهي، هر نظريو ڪنهن نه ڪنهن طبقي جو ٿيندو آهي. سو شلزم پورهيتن جو نظريو آهي جيڪو سموري عوام قبول ڪيو آهي. نظريا عالمگير هوندا آهن، اهي جاگرافيائي طور محدود ٿا ڪري سگهجن



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



سيد پرويز علي شاهه ۽ بدر ابڙو وارڊ-١٧ جي ٤- نمبر ڪوٺي




علي حسن چانڊيو (ڊي ايس ايف)، اختر حسين (وڪيل) آدم چانڊيو (پي اين پي)، سهيل سانگي ۽ سنجر خان چانڊيو ٢-ڊسمبر ١٩٨٣، نيو جيل واري ڊويزن وٽ، جنهن ۾ پڪن قيدين جون بيرڪون آهن.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



ايم آر ڊي تحريڪ دوران گرفتار ٿي آيل وڪيل اختر حسين، رشيد رضوي ۽ ضياءُ اعوان "جام ساقي ڪيس" وارن سان صلاح مشورو. اختر ۽ رشيد "جام ساقي ڪيس" ۾ صفائيءَ جا وڪيل به هئا. ٢٩-نومبر ٨٣.



سنڌي ادبي سنگت ڪراچي جيل شاخ جي ٢٥-نومبر ١٩٨٣ واري گڏجاڻيءَ ۾ محمد خان سولنگي، سيد ڪوڙل شاهه، سهيل سانگي، امداد چانڊيو، علي حسن چانڊيو، اسماعيل "اداسي" عطا دل، شبير شر ۽ بدر ابڙو. ڪولي نمبر ٣/ ١٧.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



جام ساقي ڪيس وارا ۽ ڊي اسي ايف جا ساٿي. وارڊ- ٢١ ۾ پروفيسر جمال نقوي جي ڪوليءَ آڏو. ٣- ڊسمبر ١٩٨٣.



جيل ۾ ڪيل ڊرامي "باهيون ٻيراڳين جون" جا ڪجهه اداڪار کاٻي کان سلطان ڳاڌهي (جيئي سنڌ)، انجنيئر لال (ج-س)، نصير سوهو (پروگريسو جيئي سنڌ)، انيل ڪمار (پ ج س)، امداد چانڊيو (ڊي ايس ايف)، مصطفيٰ سوهو (پ ج س)، سندر داس (ايس ايس ٽي)، غفور شورو (ج س ا ف آ ڪ) ۽ شير محمد مڱريو (ڊي ايس ايف). وارڊ-١٥، ٢- ڊسمبر ٨٣.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



١ - مارچ ١٩٨١ ، جيل جي حدن اندر سرسري فوجي عدالت جي ڪاروائيءَ دوران ساھيءَ ۾ چوريءَ ڪڍيل يادگار تصوير . بدر ابڙو ، امر لال ، پروفيسر جمال نقوي ، ڄام ساقي ، شبير شر ، ڪمال وارثي (بيٺل) ۽ سهيل سانگي.



سياسي قيدين جو ڏال مانيءَ سان انصاف.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



ايم آر ڊي تحريڪ دوران ۽ کجھ اڳ
ڀِتَل سياستدان ۽ وڪيل اختر حسين، عبدالحفيظ
لاکو، خواجہ همايون، بي-ايم-کُٽي، فاروق نائڪ.



جام ساقي ڪيس جي "چين" جبار خٽڪ، سهيل،
امر، بدر ۽ ڪمال وارثي.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



ايم آر ڊي تحريڪ دوران اسپيشل وارڊ ۾ رکيل
قيدي سليمان گهانچي، عبدالله بلوچ، پيار علي الانه ۽
محمد حسين ڏنجي.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



۱۴ - ايم آر ڊي هلچل دوران گرفتار ٿيل پ پ
اڳوان ممتاز ڀٽو وارڊ - ۱۹ ۾، جتي هن هلچل جي
نتيجن کي ڏسي "ڪنفيڊريشن" وارو خيال پيش ڪري
ان تي بحث اٿاريو.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



محمد ساقي



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



جيون ڦيدي لالو افضلؔ سندس اڪيلائيون جيئڻ لاءِ .



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



بيرڪ -٢٨ ۾ سپاف جي جلسي ۾ ڊي اسي ايف جا ڪارڪن امداد ۽ محمد خان انقلابي گيت پيا ڳائين. مختلف سياسي ڌرين جي پاڻ ۾ قربت ۽ مفاهمت جا همڙا ڏينهن نه اڳ نظر آيا، نه پوءِ.



وارڊ ۲ جو ورانڊو ، ڪولين جا در ۽ ويراني.

www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



گندي نالي ۽ مان وهندڙ پاڻي ۽ مان ڏول ڀري سڄي جيل ۾ پوچو ڦيريو ويندو هو. اهو ڪم ڪچن قيدين کان ورتو ويندو هو. ڦاهي گهر ۽ اسپتال ويجهو وهندڙ گٽر لائين، ڊسمبر ١٩٨٣ع.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com




٢٠ - بند وارڊ جو در ، جنهن ۾ ننڍيل ننڍڙيون ننڍڙيون ڪوليون عتاب هيٺ آيل قيدين جون رڙيون ٻڌي ٻڌي ٻي حس ٿي ويون آهن.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



فوجي عدالت ۾ پيشيءَ جي تياري. وارڊ -٢١.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



عبدالصمد جيوڻ قيدي، جيڪو ٨- سالن اندر
جيل ۾ چريو ٿي ويو. "چرياڻپ" جي بنياد تي آزاد
ٿيڻ کان پوءِ آپگهات ڪري ڇڏيائين.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



وڏو در "چڪر" جو گيٽ آهي. جنهن ۾
"ڪچا قيدي" رکيا ويندا آهن ۽ ٻيو وارو ننڍو
در "ڪال ڪوٺڙين" جو آهي، جتي انسان موت جي
گهڙيءَ جو انتظار ڪندا آهن.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



وارڊ - ١٧ جا ساٿي آغا اشفاق خان، بدر ابڙو
۽ ڊاڪٽر مولا بخش جوڻيجو. ڊسمبر ١٩٨٣ع.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



ارشاد راؤ، ڪمانڊر عالم، پرويز علي شاهه ۽ بدر
ابڙو وارڊ- ۱۷، ۲۵ ڊسمبر ۱۹۸۱.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



پيشيءَ دوران مٽن ماڻهن سان ملاقات.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



مس بينظير ڀٽو بچاءَ جي شاهد طور ملٽري ڪورٽ ۾ بيان ڏيڻ لاءِ عدالت جي ڪمري طرف وڃي رهي آهي. يوسف لغاري ايڊووڪيٽ، شفيع محمد ايڊووڪيٽ، شبير شر ۽ بدر ابڙو نظر پيا اچن.



عدالت ۾ بيان رڪارڊ ڪرائڻ ڪان اڳ خان ولي
خان ۽ عابد لغاري "جوابدارن" سان.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com




آزاد ٿيڻ بعد مارشل لا دوران لکيل اخباري ڪالمن تي جمهوري دؤر ۾ بهترين ڪالم نگاريءَ واري ايوارڊ جي وصولي.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com



محترمہ بي نظير ڀٽو خاص فوجي عدالت نمبر -٥ ۾
پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائڻ کان اڳ. هيءَ تصوير عدالت
جي خواهش تي نڪتي.



www.sindhsalamat.com https://books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ

ايندڙ نسل سمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آس رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪـيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرنـدڙ ۽ پڙهـنـدڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهـنـدڙ بـہ ٿـي سـگهـن ٿـا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪـار سَـهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پـر ممڪـن آهـي تـہ ڪـي ڪـم اُجرتـي بنيـادن تـي بـہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪـنـدا ۽ غيرتجـارتـي -non commercial رهـنـدا. پَـنَ پـاران ڪـتابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بـہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گـيـتَ بہِ ڄـڻ گـوريـلا آهــن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هـو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريـتـيءَ تـي راتـاهـا ڪــن ٿـا، موتي مَنجهہِ پـهـاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄــڪــلهہ نـيـلا پـيـلا آهـن:

گـيـتَ بہِ ڄـڻ گـوريـلا آهــن........

... ... ... ...

هي بـيـتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيـڪي بہ ڪٽين، جيـڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)